ABC
CERTIFIED

جُلد - ۴۴
نمبر ۴/۱۹۹۵ع

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ



سَرن جَهليا پاند، اُتر لڳا آءُ پرين!
مون تو ڪارڻ ڪانڌ، سهسين سڪائون ڪيون
(شاهه)




سنڌ جي وزير اعليٰ سيد عبدالله شاهه سنڌي ادبي بورڊ جي ڇپيل ڪتاب ”صوفي لا ڪوفي“ جي پڌرائي ڪري رهيو آهي. ترجمو ڪندڙ جناب عبدالغفار سومرو، جناب حسين شاهه راشدي ۽ ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو ساڻس گڏ آهن.

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي ادبي ۽ تحقيقي دستاويز]

جلد ۴۴] آڪٽوبر-ڊسمبر ۱۹۹۵ع [نمبر ۴

نگران

حسين شاهہ راشدي

ايڊيٽر

نفيس احمد شيخ

سب ايڊيٽر

طارق عالم

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو سنڌ

# مهراڻ

## سنڌي ادبي بورڊ
## ڄامشورو سنڌ

**(Regd. No. NS-20)**

The "MEHRAN", Quarterly
Vol: 44, No: 4, Year: 1995
(Established in 1955)


An age old leading journal of scholarship in Sindhi language, acknowledged in all literary circles of Pakistan.
Published by SINDHI ADABI BOARD for the development and promotion of Sindhi Literature.
Contemporary Creative Literature, History, Civilization, Education, Music, Folklore, Archaeology, Numismatics, Lexicography and General Culture of Sindh are the main topics of material usually published in this periodical.
Besides translations of World literature are also presented.
Correspondence about publication be addressed to:


Editor
"Mehran" Quarterly
Sindhi Adabi Board,
Jamshoro (Post Code: 76070)
Via: Hyderabad, Sindh, Pakistan
Telephone: (0221) 771276

For Subscription please contact:
Manager Book -Stall
Sindhi Adabi Board
Tilk Incline
Hyderabad, Sindh, Pakistan.
Telephone: (0221) 615179


(سرورق فوٽوگرافي: ط. ع.)


مواد موڪلڻ لاءِ
ايڊيٽر
"مهراڻ" ٽماهي
سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، سنڌ
(پوسٽ ڪوڊ ٧٦٠٧٠)
فون نمبر: ٧٧١٢٧٦

خريداريءَ لاءِ لکپڙهه
منيجر بڪ اسٽال
سنڌي ادبي بورڊ، تلڪ چاڙهي،
حيدرآباد، سنڌ.
فون نمبر: ٦١٥١٧٩


ساليانو چندو: ١٠٠-٠٠ رپيا
في پرچو: ٣٠-٠٠ رپيا

(نوٽ: خريدارن کي ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪلڻ لاءِ ساليانو چندو چار سؤ رپيا)


Printed and Published by Murad Ali Mirza
at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, JAMSHORO Sindh.
(Composed by Aijaz Ali Jafri and printing supervised by Syed Sikander Ali Shah)



پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

**Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.**

# گذارش

## جناب عبدالله شاھ صاحب جي علمدوستي

سنڌي ادبي بورڊ کي پنھنجي جڳ مشھور مجتنا واري حيثيت تي فخر حاصل آھي. ھن اداري سنڌ جي تاريخ ۽ ادب جي ميدان ۾ نمايان خدمتون انجام ڏنيون آھن، جي ايندڙ نسلن لاءِ يقيناً رھنمائيءَ جو سبب رھنديون. پاڪستان جي سمورن علمي ادارن ۾ سنڌي ادبي بورڊ کي ھڪ منفرد ۽ ممتاز مقام حاصل آھي ۽ ڪوبہ بيو تحقيقي ادارو ان سان برميچي نٿو سگھي. اھو سمورو سلسلو سنڌ جي سُجاڻ عالمن ۽ محققن، دانشمندن ۽ ادبي خدمتگذارن، اديبن ۽ شاعرن جي مخلصانہ ۽ بي لوث خدمتن ۽ بورڊ جي جاکوڙي ڪارڪنن جي دلچسپيءَ ۽ محنتن سان عبارت آھي، جيڪو گذريل چاليھن کن سالن جي طويل عرصي تي ڦھليل آھي. بورڊ پنھنجي ماضيءَ ۾ جيڪي يادگار ۽ شاندار علمي خدمتون سرانجام ڏنيون آھن، تن ۾ اڳتي ھلي، ھڪ مرحلي تي، ڪمي ڪوتاھي انڪري پيدا ٿي، جو بنيادي طرح سان مالي مشڪلاتن سان مُنھن مقابل ٿيڻو پيو. ھر ترقيءَ ۽ واڌاري جو بنيادي نقطو مالي موجودگي ۽ فراواني سان لاڳاپيل ھوندو آھي، جنھن جي اڻھوند سبب ڪم ڪار ۾ رڪاوٽ پيدا ٿيندي آھي. خوشيءَ جي ڳالھہ آھي، جو ان ڏس ۾ تازو سَٽاءُ واءُ وريو آھي ۽ ھڪ وڏي آس پيدا ٿي آھي تہ بورڊ پنھنجي مستقبل ۾ نہ صرف پراڻين صحتمند ۽ تعميري ادبي روايتن کي وري احسن طريقي سان عمل ۾ آڻي سگھندو، پر ان سان گڏ موجوده جديد ترين ھمعصر ادبي تقاضائن کي اڳيان رکي، ان ۾ پنھنجو ڪردار خوبيءَ ۽ سرجوشيءَ سان ادا ڪري سگھندو.

ان ڏس ۾ سنڌ سرڪار جي خصوصي توجھہ ۽ تحرڪ تي اسان کي خوشي ٿي آھي، جو بورڊ جي ترقيءَ لاءِ عملي اپائن وٺڻ جي شروعات ٿي چُڪي آھي.

سنڌ جي وزير اعليٰ جناب سيد عبدالله شاھ صاحب، بورڊ لاءِ سالانہ ڏيڍ ڪروڙ رپين جي گرانٽ مقرر ڪرڻ جو اعلان ڪيو آھي.

٦-ڊسمبر ١٩٩٥ع تي بورڊ آفيس ۾ علامہ آءِ. آءِ. قاضي جي ڪتاب "صوفي لا ڪوفي" جي پڌرائيءَ واري جلسي ۾ خطاب ڪندي، جناب شاھ صاحب فرمايو تہ:

> "...... بورڊ جي مالي مشڪلاتن کي اڳيان رکي ايندڙ بجيٽ ۾ ان لاءِ سالانہ ڏيڍ ڪروڙ رپيا مستقل طور مقرر ڪيا ويندا، جيئن اداري کي ھر ھر گھُرڻ جي ضرورت نہ پوي ۽ ھي ادارو خود ڪفيل ٿي ھميشہ لاءِ پنھنجن پيرن تي بيھي سگھي....."

سنڌ جي علمدوست وزير اعليٰ، بورڊ جي مٿئين مالي امداد جو اعلان، بورڊ جي چيئرمن سينيٽر حسين شاھ راشديءَ جي انھيءَ گھُر جي وراڻيءَ ۾ ڪيو، جنھن ۾ طلب ڪئي ويئي ھئي تہ "بورڊ لاءِ سالانہ گرانٽ ٤٠ لک رپيا ناڪافي آھي. وزير اعليٰ جي ذاتي دلچسپي ۽ توجھہ سان، وڌيڪ ٦٠ لک رپين جي ائڊيشنل گرانٽ منظور ٿي آھي، جنھن سان ھن سال برابر بورڊ کي مالي مشڪلاتن ۾ جھَڪائي ٿيندي، پر اھو مسئلي جو ڪو مستقل حل ڪونہ آھي. لھذا، بورڊ لاءِ مناسب طرح مالي واڌارو ڪيو وڃي."

سنڌ جي وزير اعليٰ، بورڊ جي چيئرمن جي گهُر کي سُمٽي موٽ ڏيندي جيڪو اعلان ڪيو آهي، ان لاءِ اسان سندس بيحد ٿورائتا آهيون ۽ سندس علمدوستيءَ کي تحسين جي نظرن سان ڏسون ٿا. سنڌي ادب جي ترقيءَ جي حوالي سان، سندس اهو قدم بورڊ جي تاريخ ۾ روشن رهندو.

تقريب ۾ ادب نواز وزير اعليٰ، جناب سيد عبدالله شاهه، بورڊ جي چيئرمن جي تحرڪ تي ڪجهه ٻيا به سُٺا ۽ يادگار قدم کنيا آهن. پنهنجي خطاب ۾ وزير اعليٰ، بورڊ جي ملازمن جي رهائش لاءِ ويهن ايڪڙن جي پلاٽ جي منظوريءَ سان گڏ، ان تي رهائشي ڪالوني اڏائي ڏيڻ جو به واعدو ڪيو، جنهن جو خرچ سنڌ سرڪار طرفان ادا ڪيو ويندو. ان طرح وزير اعليٰ، مرزا قليچ بيگ جي رهيل ڪتابن کي شايع ڪرڻ لاءِ مقرره ڏهن لکن رپين جي رقم بورڊ جي حوالي ڪرڻ جو اعلان ڪيو، جيئن بورڊ اهو ڪم خوش‌اسلوبيءَ سان انجام ڏيئي سگهي. ان طرح وزير اعليٰ، سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ کي به هدايت ڪئي ته اُهي پنهنجا ڪتاب، ترجيحي بنياد تي سنڌي ادبي بورڊ پريس مان ڇپرائڻ جو انتظام ڪن، جيئن پرائيويٽ پريسن بجاءِ سنڌ جو هي قومي ادارو مالي طرح مستحڪم ٿي سگهي.

سنڌي ادبي بورڊ جي ترقي ۽ ان ۾ ڪم ڪندڙ ڪارڪنن جي فلاح لاءِ سنڌ جي ادب ذوق ۽ علم شناس وزير اعليٰ جناب سيد عبدالله شاهه صاحب جيڪي مٿيان عملي قدم کنيا آهن، سي بورڊ جي تاريخ جا روشن نشان ٿي بيهندا. جزاڪ الله!

خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو سنڌي ادبي بورڊ کي هن وقت اهڙو لائق ۽ فائق چيئرمن نصيب ٿيو آهي، جنهن صاحب کي بورڊ جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ ڏينهن رات اونو ۽ جتن آهي. محترم حسين شاهه راشدي جتي ماضيءَ جي صحتمند ۽ تعميري روايتن کي بورڊ ۾ وري موٽائڻ لاءِ ڪوشان آهي، اتي مستقبل جي پيش بنديءَ طور، ڪن خاص رٿائن کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ سرگرم پڻ آهي، جن سان بورڊ جي ڪارڪردگيءَ ۾ مثالي واڌارو ٿيندو. ان ڏس ۾ شاهه صاحب جي ڪوشش آهي ته سنڌي زبان ۾ ٻارن جي ادب تي خاص طرح سان ڌيان ڏجي، جيئن سنڌي ٻار ايڪويهين صديءَ ۾ گهربل ترقيءَ کي ماڻي سگهن. ساڳيءَ طرح راشدي صاحب جي ترجيحات ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ تي ڪتاب شايع ڪرڻ به شامل آهي. ان طرح سنڌ جي تاريخ جي رهيل جُلدن جي تياري ۽ اشاعت ۽ خاص طرح سان هڪ جامع جُلد ۾ سنڌ جي سموري تاريخ جي ترتيب، سر فهرست آهن.

ان طرح راشدي صاحب سنڌي عورتن ۾ تعليمي، ادبي ۽ سماجي جاڳرتا آڻڻ واري مقصد کان به غافل ڪونه آهي، جا اڄ سنڌ جي اهم ۽ مکيه ضرورتن مان هڪ آهي. موجوده عوامي حڪومت پڻ ان ڏس ۾ ڪافي پاڻ ملهايو آهي ۽ مثبت اپاءُ ورتا آهن. ان ڏس ۾ ١٩٩٤ع ۽ ١٩٩٥ع ۾ قاهره ۽ بيجنگ ۾ عورتن جي عالمي ڪانگريسن ۾ وزيراعظم محترمه بينظير ڀٽو جي شرڪت ۽ تاريخي خطابن کي وڏي اهميت حاصل آهي.

ان سلسلي ۾ راشدي صاحب، سنڌي عورتن جي حوالي سان عملي اپاءُ وٺندي، بورڊ پاران ٩-ڊسمبر ١٩٩٥ع تي "ايڪويهين صديءَ لاءِ سنڌي عورت جي تياري" جي عنوان هيٺ هڪ سيمينار منعقد ڪرايو، جنهن ۾ ادب ۽ ثقافت، تعليم ۽ سماجيات، صحافت ۽ سماجي ڀلائيءَ جي شعبن سان لاڳاپيل ماهر عورتن پنهنجا ويچار وندريا. ان سيمينار جون سفارشون مرتب ڪري سنڌ سرڪار کي موڪليون ويون آهن.

هت مناسب ٿيندو ته سنڌي ادبي بورڊ جي هاڻوڪي ڪارڪردگيءَ جو به اجمالي ذڪر ٿي وڃي. سنڌ جي سمورن علمي ۽ ادبي، تحقيقي ۽ ثقافتي، تعليمي ۽ صحافتي حلقن جي يڪسان پسند موجوده

چيئرمن سائين حسين شاهہ راشدي، آڪٽوبر ١٩٩٤ع ۾ جڏهن سنڌي ادبي بورڊ جي سربراهيءَ جون واڳون سنڀاليون تہ ان وقت اداري جي جيڪا ابتر حالت هئي سا سنڌ وارن کان ڳجهي ڪانہ آهي؛ ان ڪري ان بابت ڪنهن بہ تفصيل ۾ وڃڻ جي ضرورت محسوس ڪانہ ٿي ڪجي. شڪر آهي جو راشدي صاحب جهڙي سرگرم ۽ برجستہ چيئرمن جي اچڻ سان اداري ۾ ورهين جو جمود ٽُٽو ۽ عملي طرح تحرڪ جي شروعات ٿي. سڀ کان اول سُٺو ڪم اهو ٿيو، جو بورڊ جي ٽنهي رسالن جي وقتائتي اشاعت جو انتظام ٿيو، جنهن لاءِ راشدي صاحب پنهنجي توجهہ ۽ حڪمت عمليءَ سان گڏ شفقت ۽ محبت کي بہ ڪتب آندو. ان طرح ڪارڪنن جي مسئلن جي حوالي سان بيچيني تي بہ قابو پائڻ ۾ خاطرخواهہ ڪاميابي حاصل ٿي آهي ۽ سندن حوصلہ افزائيءَ ۽ قدردانيءَ ڏانهن ڌيان ڏنو ويو آهي.

بورڊ جي ڪتابن جي اشاعت طرف جوڳو ڌيان ڏيندي، راشدي صاحب ڪيئي نيون رٿائون جوڙيون آهن، جي هاڻي پنسي جي مسئلي جي حل ٿيڻ سان عملي روپ وٺنديون. راشدي صاحب جي چارج وٺڻ کان پوءِ هيل تائين چاليهارو کن ڪتاب شايع ٿي چُڪا آهن ۽ هن وقت بہ ڊزن کن ڪتاب تياريءَ جي مرحلي ۾ آهن، جي سُتت ئي پڌرا ٿيندا. جن ۾ سنڌ جي مختلف ضلعن جا گزيٽيئر بہ شامل آهن. ان طرح ڪافي مسودن کي اشاعت لائق بڻائڻ لاءِ اپاءَ ورتا پيا وڃن ۽ ڪيترن ئي محققن کي بار بار استدعائون ڪيون پيون وڃن، جيئن ڪين سونهيل ڪم جلد راس ٿي بورڊ کي ملن. جيئن جيئن بورڊ جي مالي حالت مستحڪم ٿيندي ويندي، تيئن تيئن هلندڙ ڪمن جي تڪميل سان گڏ نوان نوان پراجيڪٽ بہ شروع ٿي سگهندا.

## نجم عباسي جو لاڏاڻو

٢٥-آڪٽوبر ١٩٩٥ع تي سنڌي زبان جي برک ڪهاڻيڪار ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي رحلت جي خبر وڏي افسوس ۽ غم مان ٻُڌي ويئي.

نجم عباسي کي جديد سنڌي ادب ۾ فخر جي قابل مڃتا حاصل آهي. سنڌي ڪهاڻيءَ جي تاريخ ۾ سندس خدمتون هڪ "روشن باب" جي حيثيت رکن ٿيون. سندس ٽيهارو ڇپيل ڪتاب پڙهندڙن وٽ وڏي مقبوليت رکن ٿا، جن جو گهڻو ڀاڱو افسانن تي مشتمل آهي. ڪجهہ اڻ ڇپيل مسودا سندس دوستن ۽ عزيزن وٽ بہ موجود آهن.

سنڌي ادبي بورڊ جي سُڄاڻ چيئرمن جناب حسين شاهہ راشدي، سنڌ جي ادبي حلقن جي گهُر تي، نجم صاحب جي مهراڻ ۾ ڇپيل سمورين ڪهاڻين کي بورڊ پاران ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ ان جي ترتيب جو ڪم ناميارڙي ليکڪ يوسف سنڌيءَ جي سُپرد ڪيو ويو آهي، جو سُتت ئي راس ٿيڻ وارو آهي. سنڌ جي ممتاز ۽ مقبول ڪهاڻيڪار مرحوم نجم عباسيءَ جي ڪتاب جي ڇپجڻ هيءَ رٿا بورڊ طرفان همعصر جديد سنڌي تخليقي ادب جي اشاعت طرف هڪ وڏندڙ فرض ادائي تصور ڪئي ويندي ۽ قدآور ليکڪ کي اداري طرفان پيٽا پڻ.

مرحوم نجم عباسيءَ جو مهراڻ سان علمي سهڪار مثالي هو. سندس پهرين ڪهاڻي بہ "مهراڻ" (١٩٤٦ع) ۾ شايع ٿي هئي ۽ آخري ڪهاڻي بہ مهراڻ (هيءُ پرچو) ۾ شايع ٿي آهي، جنهن لاءِ پنهنجن پونئيرن کي خواهش ڪئي هئائين. بيماريءَ دوران مرحوم اها ڪهاڻي مڪمل ڪري ڪونہ سگهيو هو ۽ اِن "اڻ پوري ڪهاڻي" جي ليکڪ جي زندگي پُڄاڻيءَ تي پهتي......!

ادارہ "مهراڻ"، سائين نجم عباسيءَ جي لاڏاڻي تي سندس پونئيرن ۽ مداحن جي ڏک ۾ شريڪ شامل آهي.

# بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ

سنڌ اسيمبليءَ "بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ" نالي هڪ نئين تحقيقي اداري جي قيام لاءِ بل پاس ڪيو آهي، ان قدم جي اسان آجيان ڪريون ٿا.

اردو زبان جي حوالي سان مُلڪ ۾ متعدد ادبي ۽ تحقيقي ادارا ڪم ڪري رهيا آهن، جن ڪي سرڪاري سرپرستي حاصل آهي. انهن مان ڪيترائي قومي ادارا آهن ۽ ڪيترن کي صوبائي گرانٽون حاصل آهن.

سنڌي زبان ۽ سنڌ تي تحقيق جي حوالي سان مذڪور اداري جو قيام هڪ خوشي بخشيندڙ قدم آهي، جنهن کي اسان تحسين جي نظرن سان ڏسون ٿا.

سنڌ جي مختلف علمي ادارن هيل تائين جيڪو ڪم ڪيو آهي، اهو ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ مڃيل ۽ مقبول پئي رهيو آهي، پر سنڌ جي وسيع ۽ لاتعداد تاريخي ۽ ثقافتي، لساني ۽ ادبي ورثي جي پس منظر ۾ اگر ڏٺو وڃي ته محسوس ٿيندو ته اڃا اڪيچار ۽ اٿاهه موضوع اڻڇهيا پيا آهن، جن تي ڪم ڪرڻ جي وڏي ضرورت آهي. انهيءَ ضرورت جي صحيح معنيٰ ۾ پورائي تڏهن ٿي سگهندي، جڏهن ادارا وڏيڪ بہ هُجن ۽ مالي گنجائشون پڻ مؤثر هجن. "بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ" پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪندو، اها سنڌ جي وڏي خدمت ليکبي.

نئين انسٽيٽيوٽ جي قيام تي اداره مهراڻ خوشي جو اظهار ڪندي، سنڌي ادبي بورڊ پاران، سنڌ جي ادب ۽ تاريخ جي خدمت جي حوالي سان، مشترڪ مفادن ۽ گڏيل دلچسپيءَ جي نقطن تي علمي سهڪار جي آڇ ڪري ٿو ۽ ان جي ترقيءَ لاءِ خواهشمند آهي. -ن. ا. ش.



| | | |
|---|---|---|
| ۱۰. خواهشن جو موت | - ڪرم سنڌي | ۱۶۳ |
| ۱۱. ننڍي سفر جي منزل | - عزيز قاسماڻي | ۱۶۴ |
| ۱۲. ڪفن | - منشي پريمچند/سنڌيڪار: اعجاز جعفري | ۱۶۷ |


## ★ ڪالم


| | | |
|---|---|---|
| ۱. جوڳيءَ تي جڙاءُ (اشفاق قاضيءَ جي ياد ۾...) | - حميد سنڌي / خواجه سليم | ۱۷۳ / ۱۷۹ |
| ۲. سامي ڪٿي سنگ، وڃاڻي واٽ ٿيا (ڊاڪٽر مهڪريءَ جي ياد ۾) | - غلام رباني (ص ۱۸۴)؛ ولي رام ولڀ (ص ۱۹۰)؛ انعام شيخ (ص ۱۹۶)؛ خيرالنساء جعفري (ص ۱۹۸)؛ تاج جويو- اپياس (ص ۲۰۱)؛ "سنڌ ۾ ٻوليءَ جو مسئلو" - مهڪري (ص ۲۰۵) | |
| ۳. خاتون اول شاعره- الوداع (نور شاهين جي ياد ۾...) | - نصير مرزا | ۲۰۷ |
| ۴. وڏي وِٿ هئا، ٻاروچا ٻيپور ۾ (نجم عباسيءَ جي ياد ۾.......) | - يوسف سنڌي (ص ۲۱۱)؛ طارق قريشي (ص۲۱۵)؛ تاج جويو (ص۲۲۰)؛ مُراد علي مرزا ۽ خاڪي جويو(ص ۲۲۲)؛ نثار حسيني (ص ۲۲۵)؛ زيب نظاماڻي (ص۲۲۷)؛ مقصود گل ۽ الطاف جميل عباسي(ص ۲۲۸)؛ - نجم جي آخري، اڻ پوري ڪهاڻي (ص ۲۳۲) | |
| ۵. تبصرا | "صوفي لا ڪوفي" - ڊاڪٽر حبيب الله صديقي (ص۲۳۵)؛ "سنڌالاجيءَ جا نوان ڪتاب" - ڊاڪٽر محمد قاسم سومرو (ص ۲۳۷)؛ "جان جان هني جيئري" - محمد پنهل ڏهر (ص ۲۴۱)؛ "ڪينجهر-٦" - امام راشدي ( ص ۲۴۴)؛ "لفظن جو ماتم" - جاويد سوز هالائي (ص ۲۴۵)؛ "ساريان سيئي ڏينهن" - رفيق جمالي (ص ۲۴۷). | |
| ٦. ادبي خبرنامو | - "صوفي لا ڪوفي" جي پڌرائي | ۲۴۹ |
| ۷. ادبي خط | - جاموٽ حاجي خان چاچڙ سنڌي | ۲۵٦ |
| ۸. هڪ اپيل | - مرتضيٰ سيال | ۲٦۲ |

نَکي اوڏو اَک کي، نکي نَظران ڏورُ؛
وجان اِنَ وَهلُور، جِن ڏِنوني اَنَ ڏيٺَ مِر.

سَيَت پَچَرَ پِريَ جي، سَيَت هوتَ حُضُورُ؛
مُلکُ سَپ مَنصور، کُهِي کُهَبا کيترا.

ڇڏيان هِيُ جهانُ، هُو پڻ گهوري گهوريان؛
پَلک پِريان سان، جي مُون سَري جيڏيون.

ڏُونگرَ ڏُکَا لاه، اڳَ مُني آهي سَسُئي؛
آرياڻي سين آه، ذاتي سگ ضَعيفِ کي.

جَن کَسيرو قيمت، سي سوداگرُ نہ جَهلي؛
تنين لَذا لک، جي پَري کان پَري تِنا.

سامي کَنڌُ کَپَاءِ؛ کَن کپايا خَيرُ کِين؛
هي تنين جي جاءِ، جنين بَنِي جَڳَ ڇَڏيا.

خواجہ محمد زمان
(لواري شريف)

# شاعري

مان شعر و ادب جي معاملي ۾ نهايت نهٺو آهيان، پر شاعرن ۽ اديبن ۾ نهايت مغرور سمجهيو ويندو آهيان. دراصل مان مغرور نه آهيان ۽ منهنجي خوداعتماديءَ کي غرور سمجهيو ويندو آهي. سمرسيٽ مام چوندو هو ته "نهٺائي، فنڪار جي روح جو فالج ٿئي ٿي." پنهنجي پيش رو ۽ پنهنجن همعمر شاعرن جو قد ڪاٺ مان نهايت سختيءَ سان ماپيندو آهيان. جڏهن مان ڊي. جي. ڪاليج ۾ پڙهندو هوس ته سنڌي سرڪل جي هڪ ميڙ ۾ مون چيو هو ته مان شاهه لطيف کان سواءِ ٻئي ڪنهن به سنڌي شاعر کي نه ٿو مڃان، ۽ ايستائين چيو هو ته باقي شاعر کي به ٿي سٽون پڙهڻ جهڙيون ڇڏي ويا آهن ۽ ڪي ته به ٿي به نه ڇڏي سگهيا آهن. مولانا غلام محمد گراميءَ جڏهن منهنجي شاعريءَ تي "مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات" مضمون لکيو تڏهن هن مون کي ٻڌايو هو ته هن شاعري ڇڏي ڏني هئي، ڇو ته اها هن جي وس جي ڳالهه نه هئي. هن اهو به ٻڌايو هو ته جڏهن هو جمعيت الشعراءِ جو ميمبر هو، تڏهن شاعر مصرع طرح ڏسي، اردوءَ جا سارا ديوان کوليندا هئا ۽ ان ساڳئي قافيه ۽ رديف تي لکيل غزل ڏسي، پنهنجو سنڌي غزل لکندا هئا ۽ نه رڳو رسمي خيال بين جي اردو غزلن تان وٺندا هئا پر قافيه به اُنهن تان کڻندا هئا. روايت هنن جي ميرن ياراڻن هٿن ۾ اُجهاٽل موم بتيءَ وانگر هئي. مولانا گراميءَ جو خيال هو ته شاعر، جي واقعي شاعر آهي، ته هن جي شاعريءَ جي زد ۾ ساري ڪائنات آهي ۽ شاعريءَ لاءِ نهايت وسيع مطالعو ۽ مشاهدو گهرجي، جيئن پنهنجي دؤر ۾ شاهه لطيف کي هو.

- شيخ اياز

شمشيرالحيدري

# جيسين سج اڀري

انت اونده رات آهي،
سوجهري جو ڪوني ڪرڻو ڪنهن هنڌان ڏسجي نٿو.
ٿڌ ايڏي سخت، توبهه .
پهرئين ني پهر پارو پيو پوي.
سيءَ سنڌن کي سُڪائي، لڱ ڇڏي لوسائيو،
پير هٿ پٿر جيان ڄميو پون،
ساهه سان جڻ برف پيئي اوتجي ڦڦڙن اندر:
اهڙيءَ حالت ۾ ڀلا،
ڪير ٿو ٻاري ڏيئا،
۽ وري ڪنهن کي سُجهي ٿو گهر جي درين ۽ درن کي بند ڪرڻ؟

بت رڦن پيا، ڄاڙيون ڪڙڪن پيون،
ڪير ٿو ويهي ڪچهريءَ ۾ ڪلي، ڳالهيون ڪري؟
ايڏي اونده، ايڏي ٿڌ!-
اگر ته اهڙي رات ڪڏهين ڪانه آئي -
سڀ سويري ئي وڃي سوڙين اندر آهن پيا.

پارڙا سوڙين منجهان گهونگهٽ ڪيو، اکين کي مِڇڪائي، پيا گهُورين اونده جا ٿها -
جن ۾ ڪوني سج ناهي،
جن ۾ ڪوني چنڊ ناهي،
جن ۾ ڪو تارو به ٽمڪي ڪونه ٿو -
ذهن جي تاريڪ پڙدن تي فقط چمڪن پيا اونده جا ڪارا ترورا.

* * *

شهر کان ٻاهر، وڏي ميدان تي،
شاهي ڪو آڙاهه پيو پڙڪا ڪري،
جنهن جون لاٽون اُڀ تائين ٿيون پڄن:
تڙڪندڙ شعلن جي دهشتناڪ ڀاڄولن سان گڏ،
بيرحم ٽمڪن ۽ وحشتناڪ واڪن، هوڪرن سان،
ساروني ماحول ڪُڇڙي گاهه جيان لرزي پيو:
ناچ حيواني هلي پيو شام کان.

چوطرف آڙاهه جي،
پيا سوين شيطان هنبوڇيون هڻن.
ڏڙ سين جا ساڳيا ماڻهن جيها،
پر مُنڍيون تن تي مِرُن جون، مختلف،
ڪي بگهڙ ڪي ڀولڙا، ڪي رڇ ۽ سوئر پيا ڏيکارجن،
ڪي وڇون، ڪي نانگ ڪارا، ڪي گِجهن جهڙا لڳن:
پڇ لوڏي، ڏند ٽيڙي،
ڪِل ڪيچل سان، وڏا واڪا ڪري،
ٻاهه ۾ هڪ هڪ ڪري اُڇلين پيا.
سڀ اُهو سامان، جيڪو ڀاڳين جي ننڊ هوندي،
شهر جي ڪليل گهرن مان گڏ ڪري آندو اٿن.

* * *

شهر جي هڪڙيءَ پرانهينءَ ڪنڊ ۾،
جهونڙي هڪ جهوپڙيءَ اندر سنل ٻن ٻارڙن،
رلين جي هيٺان ٽڙڪندي، سس ڦس ڪئي:
- "شاهه سائينءَ جو رسالو مون رکيو آهي لڪائي،
پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي."
- "مُورتي مُهيَن جي نچڻيءَ واري آهي
مون به سوگهي ڪئي لڪائي،
پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي."
- "بس ته پوءِ مات ڪر، شيطان ٻڌندا."
- "هائو، جيسين سج اُڀري»

* * *

تاج بلوچ

# قطعا

تنهنجي سوچڻ کان ناهه فرصت دوست!
منهنجو سرمايو، تنهنجي فرقت دوست!
آءٌ تنهنجا ڪٿي گذاريان ٿو،
درد تنهنجو وڏي غنيمت دوست!

•

سڄ لهڻ سان ٿي ڪِجي ٿي بازار،
دل جي ويران لڳي ٿي بازار،
ڪڙڪو پيرن جو، مگر ڪو ناهي،
ڪيئن مٽخاني جو اُجڙيو وهنوار.

•

هيٺ گونجي ٿو درد جو احساس
جيئن افق تي ٿي ڪونج ڪُرلائي
نت نئون ڪرب آهه ڌرتيءَ جو،
عرش واري کي ڪير سمجهائي؟

•

چند جهوني جا درد بيگانا،
جوڙي جوڙي جا تلخ افسانا،
ڪيڏا آزار هن سَٺا هوندا،
جيڪي وچڙي مليا نه پروانا

•

واءُ گهلي ٿو، ٻُور ڇڻي ٿو،
ٻُور سان گڏ ڪو پُور ڇڻي ٿو،
پَن پَن سان ڪو ناتو آهي،
اُڏمو ڪو رنجور ڇڻي ٿو.

•

گهگهه اونده ۾ اجالي خاطر،
منهنجي پلڪن تان ستارا ڇونڊيو؛
ڪنڌ اونداهه جي آهي يارو،
منهنجي جذبن جا سيارا ڇونڊيو.

•

تاجل بيوس

# وائي

ڪارونجهر ۾ ڪاتَ،
اڃا ننگر ننڊ ۾!
چڙهيا آهن چوٽيون،
واڳون ڦاڙي وات،
اڃا ننگر ننڊ ۾!
راتاڪون رَتَ - ڇاڻ ۾،
ڇِتِ ٻڇي آ ڇاتہ!
اڃا ننگر ننڊ ۾!
هلي هنگامو ڪيون،
آڌيءَ ويلي آ تہ:
اڃا ننگر ننڊ ۾!

•

"محسن" ڪڪڙائي

# غزل

جلون جي جوت، پيار جي پالوٽ ٿي کپي،
او زندگي مون کي ٻہ تہ هڪ زندگي کپي.
راحت، سڪونُ، امن کپي، آشتي کپي،
زنده رهڻ جي لئہ تہ اهائي سُتي کپي.
هر ڪنهن جي منهن تي مرڪ جي ماندان کي ڏسان،
گهر گهر ۾ صلح سانت جي چانڊاڻ پي کپي.
جي مُستحق هُجان، تہ پلاين جو شڪريو،
همدردين جي ڀيک، سڄڻ، ڪانہ ٿي کپي.
مون وٽ محبتن جو تہ ڪوني شمار ناهہ،
سرڪار کي خلوص ۽ سڪ ڪيتري کپي؟
او حسن، پوڄيانءِ ٻہ ڪيڏو ۽ ڪيترو،
پُوڄا جي لئہ تہ هُونءَ ٻہ سڄي زندگي کپي.
هر وقت اعتراض جي تيرن جي زد ۾ آهہ،
زخمي خلوص کي تہ ملم ۽ پٽي کپي.
'محسن' فقير آهہ، مگر بي ضمير ناهہ،
بي غيرتيءَ جي ٻوڙَ کان ڏوڏو- لسي کپي.

آٿم ناٿن شاهي

## غزل

جنن گهٽو ڏرتي، جي ديون سان وڙهون ٿا تون ۽ مان،
تنن زياده پنهنجي لڙکن ۾ لڙهون ٿا تون ۽ مان.

توکي ڊپ پنهنجن جو ۽ مون تي سماجي بندشون،
روز رسمن جي صليبن تي چڙهون ٿا تون ۽ مان.

تون لکين ٿي مون ڏي خط ۽ مان غزل تو موڪليان،
حال هڪ ٻئي جو انهن ۾ پيا پڙهون ٿا تون ۽ مان.

پاڻ مان ۾ تو پتوڙيان، تون ٻه لوچين ٿي پئي،
هوري هوري پنهنجي سنگم ڏي رڙهون ٿا تون ۽ مان.

منهنجي ڪوتا، تنهنجا سڏڪا قيد توڙيندا ڪڏهن،
مدتن کان جن جي ڪاڙهي ۾ ڪڙهون ٿا تون ۽ مان!

*

وفا ناٿن شاهي

## غزل

جيت نچٽي آ، هار نچٽي آ،
سيج تي اڄ ڪنوار نچٽي آ.
هر بدن گُلبدن ٿي رقص ڪندو،
هر چمن ۾ بهار نچٽي آ.
هجر جي درد جي پيالن سان،
سڪ نچٽي آ، سار نچٽي آ.
نوجوانن سان حادثا ٿيندا،
نو جوانيءَ ۾ نار نچٽي آ.
رقص جو روح ٿي پئي آهي،
جيئن ساري جمار نچٽي آ.
ظالمن کي لکي ويا مظلوم،
اڄ جلادن سان دار نچٽي آ.
چند جو دف وڄي رهيو آهي،
مهوشن جي قطار نچٽي آ.

●

انيس انصاري

## غزل

ڏنو مون بندگيءَ ۾ هڪ مقام آ،
جتي حاصل خدائي ٿي رهي آ.
جبينِ شوق ۾ سجدا ٿا تڙپن،
سندس در تي رسائي ٿي رهي آ.
اڄي تو طور تي موسيٰ کي غش ڇو،
ڇا ڪنهن جي رُونمائي ٿي رهي آ.
اڄي خود خضر ٿيو آهي مسافر،
عجب اڄ رهنمائي ٿي رهي آ.
گناهن جي معافي بار ويتر،
عطائن کان ڦڪائي ٿي رهي آ.
ڏنو مون عرش کي آ زلزلي ۾،
ڪا آهن جي رسائي ٿي رهي آ.
ڏسي اعمال نامو ڏائي هٿ ۾،
گناهن کان شڪائي ٿي رهي آ.
مرڻ ئي زندگي جي ابتدا آ،
قفس مان اڄ رهائي ٿي رهي آ.
انيس آ زلزلو بام حرم ۾،
بتن جي اڄ خدائي ٿي رهي آ.

اياز گل

## وائي

تنهنجي ياد جو دل ۾
ديپ ڪو جلائڻ سان.
زندگيءَ سان پرچي ويس.

تنهنجو، پنهنجي سرتين ۾
منهنجي ئي سڏائڻ سان،
زندگيءَ سان پرچي ويس.

خوف کي وڇوڙي جي،
مَن مان لڏائڻ سان،
زندگيءَ سان پرچي ويس.

ڪنهن اجاڙ مندر جي
گهنڊ کي وڄائڻ سان
زندگيءَ سان پرچي ويس.

تنهنجي ياد جو دل ۾،
ديپ ڪو جلائڻ سان،
زندگيءَ سان پرچي ويس.

مقصود گل

## ڏوها

سمنڊ ڪناري، ڪنهن ڪي ساري، ڪوني هيرا هاري ويئو،
۽ ڪو پنهنجي ڏن ۾ پورو پنهنجو پيار وساري ويئو.
ڪنهن کي ڪنهن آ جيون ارپيو، پلپل تنهن لئه تڙپي ويئو،
۽ بيو پنهنجي پَرِ ۾ پورو تول ڏسي ٿو ٿهڪي ويئو.
ڪير ڪنهين جون ساروڻ سانڍي، من بن ۾ بازار سجائي،
۽ ڪو جڻ تاتاري ماٺهو بازارين ۾ باهه لڳائي.
ڪنهن الفت جا خواب سهيڙي، اکين ۾ آکيرا جوڙيا،
۽ ڪنهن تيلو تيلو ڪولي ورهن جا واهيرا ٽوڙيا.
ڪنهن کي ڪنهن جو پيار منو آ، ڪنهن کي آ وهنوار منو،
ڪنهن کي دولت دل کان پياري، ڪنهن کي آهي پيار منو.
ڪنهن کي سک سندرتا پياري، ڪنهن کي پياري آمرتا،
ڪنهن کي سونهن ۽ خوشبو پياري ڪنهن کي پياري جابرتا.
ڪنهن کي جوت ۽ جلوا پيارا، ڪنهن کي پياري اونداهي،
ڪنهن کي پنهنجي منزل پياري، ڪنهن کي پياري گمراهي.
هرڪو پنهنجي پنهنجي دگ سان لال لهڻ لئه سوچي ٿو،
هرڪو پنهنجي پنهنجي پر ۾ سندر سوچون سوچي ٿو.
گل ۽ خوشبو ڏار نه ٿيندا، چاهه چنبيلي سوچي ڏس،
پوڄاريءَ جو پيار پٿر سان اک اربيلي سوچي ڏس.

*

وسيم سومرو

## ڏيڏوٽا

• ڪا سار لٿي آهي،
جڻ رات جي راٿيءَ جي، هبڪار لٿي آهي.

• ڪو چنڊ ڪڙيو آهي،
جڻ منهنجي نيڻن تي، ڪو خواب تڙپيو آهي.

• وني ننڊ اُڏي منهنجي،
ٿي تارن ساڻ لهي، اڄ ياد سڪي تنهنجي.

• تو ياڪر جڻ ته ٿيان،
هي واءُ وني جو آ، جڻ تنهنجي سڏ جيان.

• سنگيت اياري ٿي،
جڻ هيرَ لهي جر تي، ڪو گيت اُياري ٿي.

• هو انب قطارون ها،
ٿيا ڪنهن جي ياڪر ۾، احساس اُڏارون ها.

• پرڀات اکيون کوليون،
ٿي گيت پکي جاڳيا، پولار ٿيو ٻوليون.

• او هٿ نه ٿيو ماندا،
آ مينديءَ ٻور جهليو، مون رنگَ اجهو آندا.

• ڪنين لوڪ- قصا ترندا،
ٿو سيارو جاڻ لهي، ڪي مَڇَ اجهو ٻرندا.

• احساس وليون ٿيندو،
۽ چنڊ ستارا ٿي، آڪاسُ وليون ٿيندو.

*

پشپا ولڀ

## نظم

دهل جي ٿاپ جو آواز
گهرو ٿيندو وڃي ٿو،
رڌ ـمي ڪپڙن ۾ قاتل جسمن جو
ناچ تيز ٿيندو وڃي ٿو.
چيندڙ روشني ۾ ڪپڙن جا لشڪارا
۽ زيورن جي نمائش جو ڪم
وڌندو وڃي ٿو.
ڪاري چهري تي نرلڄي مرداني کل،
ڇوڪرين جهڙي معصوم مسڪراهٽ
ڪيڏانهن گم ٿيندي وڃي ٿي.
پيدا ٿين ته غلاميءَ جو ٽڪو
سر تي سجائي
بدنامي جو هنن کي ڊپ ناهي
پين جي عزت وڌائڻ خاطر
نچنديون وڃن ٿيون
پوري طاقت سان.
'لونگ ڦوٽا ٿالهيءَ ۾' ڳائن
ها! اهي شيدياڻيون آهن.

## مختار گهمرو

# غزل

نينهن لڪندو ڪيترو، نروار سهڻو ٿو لڳي،
سونهن تنهنجيءَ جي ڪري سنسار سهڻو ٿو لڳي.

شهر تنهنجي ۾ اچان ٿو نيڻ ٿا منهنجا ٺرن،
پيار تنهنجي جي ڪري هي پارَ سهڻو ٿو لڳي.

چندِ سان ديدون ملايون، دور جي پيني هُجون،
سونهن جو سڪ سان هي سهڪار سهڻو ٿو لڳي.

هٿ ۾ تنهنجو هٿ هجي، برسات جون بوندون هجن،
موهه جو محبوب هر ڪردار سهڻو ٿو لڳي.

جيئن ٿو هر هر ڏسان، تون تيئن ٿو ور ور وڻين،
عڪس هر تصوير جو شهڪار سهڻو ٿو لڳي.

هوريان هاڪار ۾ ڪنڌ ذوڻ تنهنجيءَ دل ڪسي،
انّ لڪو الفت سندو اظهار سهڻو ٿو لڳي.

جو حفاظت ٿو ڪري، سو ڪيئن ٿو وسري سگهي،
گل جي پر ۾ ڪيترو هي خار ٿو سهڻو لڳي.

تو لبِ مهراڻ تي ڪجهه ياد ٿي، ڇا هو چيو؟
"ڇو الائي ايترو مختار سهڻو ٿو لڳي."

## اقبال رند

# غزل

ڪيئن هُبڪار ڪان هئي ماڻهو؟
ڪيترو روح کي ڦٽي ماڻهو؟
منهن مٽي جو وَيو زمانا ٿيا،
ڪاش! هن موڙ تان مٽي ماڻهو.
ڪيئن چئجي ته پيار هاراني،
پوءِ پي ڪوڙ ٿو ڪٽي ماڻهو!
ڪو ته آڪاش جئن به هوندو آ،
پر ته هرڪو نٿو پٽي ماڻهو.
روز ٿو انت پاڻ تي آڻي،
روز ٿو پاڻ کي لٽي ماڻهو.

⁂

## رکيل مورائي

# غزل

دَرَ ديوارون ڪڙڪيون شيشا اڻ ڇاتل
تنهنجي گهر جا سيني رستا اَڻ ڇاتل.

هر چهري ۾ تنهنجا نيڻ لڳن ٿا، هونئن
ساري ويڙهي جا سڀ چهرا اڻ ڇاتل.

جو به گهمي ٿو توسان تنهنجو آهه،
مان اڻ ڇاتل مُنهنجا جذبا اڻ ڇاتل.

مون کي منهنجا دوست اڳوٽا ڇاڻن ٿا،
مون کان منهنجا دوست اڄوڪا اڻ ڇاتل.

دهل وڄن ٿا ڄڻ ته سمو آ ميلي جو،
هڪ هنڌ ڪيڏا ماڻهو گڏ ٿيا اڻ ڇاتل،

ڪير جئي ٿو ڪير مري ٿو ڪنهن جو ڇا،
ماڻهوءَ لئه ماڻهوءَ جا رشتا اڻ ڇاتل.

## علي دوست عاجز

# غزل

ڪلِٺا ماڻهو! ڳالهه نه ڪر، هي ڳوڙها ڪير ڏني ويو ٿَني!
ڪنولن جهڙي ڪومل دل تي ٽاندا ڪير رکي ويو ٿني!

چاندوڪيءَ ۾ نهر ڪناري ويحي راتيون ڪاٽڻ وارا،
او سپنن جا سپنا ڏسندڙ، ڪهڙو روڳ وٺي ويو ٿني!

ڪڪرن سان گڏ اُڏرڻ وارا، پٽڪڻ، برسڻ، ڳائڻ وارا،
پڳ پڳ خوشيون ورڇڻ وارا، ڇا جو زهر چڙهي ويو ٿني!

ساهه منا ڪي سيڻ رُنا ٿني، يا ڌرتيءَ ڪي ويڻ ڏنا ٿني؟
من ۾ ڪهڙي چيت لڳئي جو منهن ني يار لهي ويو ٿني!

احساسن جي تاريخن ۾ تنهنجو نانءُ به ايندو عاجز،
ڇو جو ڌرتيءَ سرتيءَ جي لئه لڪندي ڏينهن لڙي ويو ٿني!

⁂

## عزيز ڪنگراڻي

## گيت

او! ســــانول هيل نہ آءِ،
ڪيـــــون پرچــــــاءِ،
مان ڪينئن جنان توريءَ!

جيءُ ۾ جهوريءَ جهات،
ڳـــــڙن تـــــا ڳـــــات،
او! مـيت مَـران توريءَ!

گهنگهر گهاريم ڏينهن،
نہ پلجـي نيـنهن،
ٿو جاني جهُران توريءَ!

جـيـئـن ڪڪن ۾ باهہ،
ٻري ڳــــــجڳاهہ،
پيـو تيـئن ٻَران توريءَ!

چـيـن نــڪـي آرام،
صُــــبح ۽ شــــام،
ٿـو روز لُچــان توريءَ!

## معصوم بخاريَ

## وائي

چــــانڊنيءَ جي رات ۾،
چت مٺان تنهنجو اچڻ وسري نٿو.

اُن جهـڙالي شـام جـو او بانوري!
ســـــانــوري برســـــات ۾،
چت مٺان تنهنجو اچڻ وسري نٿو.

گهر ڏٺين ڪي ننڊ جي ٻَڪَ ۾ چڙي،
اوچــــــتــــــو اڌ رات ۾،
چت مٺان تنهنجو اچڻ وسري نٿو.

ننڊ سـان اڌ پوريل اکـيـون کـڻي،
هــا! اچــي پــريـــات ۾،
چت مٺان تنهنجو اچڻ وسري نٿو.

## روشن گهانگهرو

## گيت

رات اچا ڏس ڪيڏي ٻني آ، ڳاءِ اچا ڪجهہ ڳاءِ!
راڳي!
ڳاءِ اچا ڪجهہ ڳاءِ!

توڪـــــان وڇــــڙي روح رڙيو پئي،
ٿانڊن ۾ جڻ سنگ ســـــڙيو پئي.
روئندن ڪي ريجهاءِ!
راڳي!
ڳاءِ اچا ڪجهہ ڳاءِ!

دنيـا چـئن گهـڙين جـو چـٽـڪـو،
ســاهن ۾ پو ڇـا جـو ســهـڪـو؟
دل کي ڏي دلجاءِ!
راڳي!
ڳاءِ اچا ڪجهہ ڳاءِ!

رڳ رڳ ۾ جـــو نينهن پلي ٿـــو،
ٻيلي ۾ جڻ شـــينهن پلي ٿـــو.
شينهن ٻکيو ٻهلاءِ!
راڳي!
ڳاءِ اچا ڪجهہ ڳاءِ!

دل جـــو دک ســـان لانئو لڌي آ،
غم جي اُس جڻ چـــانوَ ٿـــڌي آ.
جذبن کي جهوماءِ!
راڳي!
ڳاءِ اچا ڪجهہ ڳاءِ!

ســاجن ايندي عـــيـــد بہ ٿـــيندي،
گـــهـــٽـنا ويندي راحت ملندي.
لفظن کي لهراءِ!
راڳي!
ڳاءِ اچا ڪجهہ ڳاءِ!

چنڊرمـــــا جي چــــانڊوڪيءَ ۾،
مــڌ مـــاتي مَن خـامــوشيءَ ۾.
چيرين کي چمڪاءِ!
راڳي!
ڳاءِ اچا ڪجهہ ڳاءِ!

جـيـسـين جـيـون جـوت نہ جـرڪي،
ڪويل ڪوڪي، مَنُ مَنُ مُـــرڪي.
تيسين تند تپاءِ!
راڳي!
ڳاءِ اچا ڪجهہ ڳاءِ!

زاهد شيخ

## غزل

دوستن سان ملنئون،
دلبرن سان ملنئون.
عشق ۾ ٿا اچا،
آسرن سان ملنئون.
ڪي لکي موڪليو،
من خطن سان ملنئون.
جي وڃن پيار ڏي،
تن دڳن سان ملنئون.
پير سارڙي هلي،
چانورن سان ملنئون.
چاهہ چنوٽو ٿئي،
ٻن ٻڪن سان ملنئون.
هل تہ زاهد هلي،
ميڪدن سان ملنئون.

*

جاويد سوز هالائي

## غزل

آءُ دردن جي جار ۾ آهيان،
تون چوين ٿي قرار ۾ آهيان.
تون نهارين ٿي زندگي ڏئين ٿي،
مان تہ سچ پچ بهار ۾ آهيان.
زرد پنن جي مند هر پل آ،
الائي ڪهڙي ديار ۾ آهيان.
ساهہ منهنجو منجهي پيو هتڙي،
چو مان گرد و غبار ۾ آهيان .
هن ڪي ڳوليندي ڳوليندي پهتو،
ڪهڙي مان ريگزار ۾ آهيان.
قيد جو تو ڪري ڇڏيو آهي،
ڏينهن ان کان مان پيار ۾ آهيان.

علي اظهار

## هڪ ٻٽو نظم

(الف)

وقت جي هٿن مان ڪريل هر لمحو،
مان پنهنجي جسم تي
سُرندو محسوس ڪيان ٿو.
منهنجي وجود جي زنبيل ۾
ڪجهہ بہ ڪونهي
نہ روح،
نہ جسم.
مون ڪي ڪنهن جي بہ ياد جا جٿا
ڇپاڙٿا ڪونہ ٿا پون.
ڇوتہ وقت کان اڳ ني،
منهنجا ڏند ڀڄي پيا آهن
افسوس! منهنجي وارن ۾
چانديءَ جو فصل ڦٽي نہ سگهيو.

(ب)

رات پوري ڪائنات جو منهن
ڪارو ڪري وئي آهي
ڪنوار جي پيشانيءَ تي لٽڪندڙ
ٽڪو نہ پر
منهنجي پنهنجي منهن تي لڳل
ماتا جو داغ آهي.
چاندوڪي راتين ۾
وڻ سمهي نہ ندا آهن.
ءِ سندن پاڇا پرهہ ڦٽيءَ تائين جاڳندا آهن
ٻڪرا ٻڙي جا سپ آواز
منهنجي آواز ۾ ملي ويا آهن.
مان پنهنجو آواز
سڃاڻي نٿو سگهان.

## ملهار سنڌي

# غزل

نيڻن آڏو تنهنجو چهرو بيٺو آ،
سمجهان ٿو جڻ سنڌ جو نقشو بيٺو آ.
اوسيئڙي ۾ ياد جا ڏينا ٻاري ٿو،
طوفانن ۾ هڪڙو چريو بيٺو آ.
دنيا جا دستور سيني وسري ويا،
اندر ۾ بس تنهنجو الڪو بيٺو آ.
ساڀيانن جي اوسيئڙي ۾ عرصي کان،
بند اکين ۾ ڪوني سپنو بيٺو آ.
دل ۾ هڪڙي آس اڌوري رهجي وئي،
ڪنڌ جهُڪائي هر هڪ جذبو بيٺو آ.
چانڊوڪي جو ويس ڍڪي تون آيو آن،
ماڻهن سمجهيو نور خدا جو بيٺو آ.
غيرن ڏي "ملهار" ميارون ڪهڙيون جو،
دشمن ٿيڄي هر هڪ پنهنجو بيٺو آ.

*

## مور علي مجبور

# ڪافي

ڪڻ اکيون ڪل سهڻل سائين،
سورن ڪان ڏي ساهي او يار!
مشتاقن کي ماري ٿي تنهنجي
بلڪل بي پرواهي او يار!
سور سوين ڏني پور هزارين،
ڪهڙي سبب ٿو دور گذارين؟
مونجهون ڏني ٿو مفلس مارين،
واهر ٿي اڄ واهي او يار!
جيءُ جڏو ڪيو جهوريءَ جهوري،
سڏڪن سازيو ساهه کي سوري،
آءُ چڏيان جند جان مان گهوري،
شانُ آ تنهنجو شاهي او يار!
مور کي ويڙهي وني مجبوري،
گهاون گهايو آس اڌوري،
ڪر ملڻ جي تون منظوري،
رول نه بيوس راهي او يار!

## فهميده شرف بلوچ

# وائي

هر پَل توکي ڳولهڻ وارين،
دوست! نگاهن کي:
هاڻي روڪ نه تون:
هُو ڏسَ مون کي اُپّ سڏي ٿو،
ويندڙ راهن کي:
هاڻي روڪ نه تون:
گيت سمورا آهون آهن،
دل جي آهُن کي:
هاڻي روڪ نه تون:
جاڏي پي هيِ ڊوڙون پائن،
ها، پر دانهن کي:
هاڻي روڪ نه تون:
سيني مان تا سُڏڪا اُيرن،
تڙن ساهَن کي:
هاڻي روڪ نه تون:

*

## صابر هيسباڻي

# وائي

چنڊ چڙهيو آڪاش تي،
تون به ته اُيرين ها،
مون آڳنڌ تي سانوري!
عيد نه ڪجهه آئي ڪٿي، هيل به سُک الا!
مون آڳنڌ تي سانوري!
شيشي جان رشتا سيني،اڄ ٿيا پرزا،
مون آڳنڌ تي سانوري!
جوين جهڙي رُتَ ڏسي، جاڳيا ڪي جذبا،
مون آڳنڌ تي سانوري!
تو بن صابر جي ته جڻ، جيون ۾ ڏڏڪا.
مون آڳنڌ تي سانوري!

### خالد جاگيراڻي

## وائي

ڏسي پنھنجي ڏيھہ ۾،
ھيڏو ھي انياءُ،
منھنجو روح رڙي پيو.

ياءُ مٿان ڪسندو ڏسي،
پنھنجو سچو ياءُ،
منھنجو روح رڙي پيو.

ڪاڻي مرھم ڪونہ آ،
ءِ ھي ھيڏو گھاءُ،
منھنجو روح رڙي پيو.

ڪيڏي چپ چپات ۾،
پيڙا جو پڙلاءُ،
منھنجو روح رڙي پيو.

خالد ھر ھڪ شعر ۾،
سنڌڙيءَ جو سوداءُ،
منھنجو روح رڙي پيو.

*

### سرويچ گل پٽي

## ترائيل

ھرھڪ من ۾ آس پلي ٿي،
مندون شل مھڪارون ماڻن.

جذبن جي پٽي جوت جلي ٿي.
ھرھڪ من ۾ آس پلي ٿي.

خوشبونن جي ڳالھہ کُلي ٿي،
سوچون سُرھا گل ٿيون آڻن،

ھر ھڪ من ۾ آس پلي ٿي،
مندون شل مھڪارون ماڻن.

*

### نظر محمد بڙدي

## غزل

سج شفق جي پاڪرن ۾ ٿو لڪي!
چڻ تہ تنھنجي وارڙن ۾ ٿو لڪي!
چاندني پنھنجي ڪٿي ڪيئن اُپ تان،
چنڊ گھر جي آڳرن ۾ ٿو لڪي،
درد دل ۾ ٿي ھڙاپا جي مثل،
چو پُراڻ ڪنبرن ۾ ٿو لڪي.
روز ٿر تي ڪي شڪاري ٿا ڦرن،
مور ٻڙ جي ڇانورن ۾ ٿو لڪي.
زندگيءَ ۾ پوزنر وانگر بانوري،
روح تنھنجي آسرن ۾ ٿو لڪي.
اي "نظر" توکي چڱي آ مفلسي،
ھو تہ ھاٿي تاجرن ۾ ٿو لڪي.

*

### معراج احمد سولنگي

## وائي

من اگڻ آءُ ھلي،
او سڪي او سڪي!
اڄ ڏکڻ پار ڏي، ھير ٿڌڙي گھلي،
او سڪي او سڪي!
ماڪ گلڙن پئي، ءِ ٽڙي ھر ڪلي،
او سڪي او سڪي!
ھو پکي ڊيل آ، مور ڪي جڻ ملي،
او سڪي او سڪي!
پنھنجي آ پيار جي، ڳالھہ ھا جاءِ ھُلي.
او سڪي او سڪي!
مون سنواري ڇڏي، ڳوٺ جي ھر ڳلي.
او سڪي او سڪي!
محب "معراج" سان، پاءِ پاڪر ڪلي،،
او سڪي او سڪي!

## حاجن چانڊيو

# غزل

ياد تنهنجيءَ ۾ وري روني پيس،
درد دل جو ويو وڌي، روني پيس.

هن جي مرڪڻ سان ٽڙي گل ٿا پون،
ڪين جو هوءَ آ ڪلي، روني پيس!

سات مشڪل ۾ ويو سيڪو ڇڏي،
واءُ ويو اهڙو گهلي روني پيس.

ها، سري تنهنجي وٺي مون ڪان سوا،
آ نه پر منهنجي سري، روني پيس.

منهنجي مقدر ۾ نه هئي حاجن لکيل،
وٺي نظر ڪان ڏور ٿي، روني پيس!

*

## آڪاش بوزدار

# وائي

آئين تون نه اڃان،
توکي اکيون ڳولن ٿيون.

ڇا تون ايڏو پرڀرو، هُو نيري اڀ مٿان،
توکي اکيون ڳولن ٿيون.

سَر تي سونهن ڦلاريا، منهنجي گيتن جيان،
توکي اکيون ڳولن ٿيون.

ناهين ايڏو اوڏڙو، پوءِ ڀي پر وٿان،
توکي اکيون ڳولن ٿيون.

ڦلڙيون ڦلڙيون ڪيت، خوشبو خوشبو سان،
توکي اکيون ڳولن ٿيون.

آهي سج اُلهي ويو، ڳاڙهن رنگن مان.
توکي اکيون ڳولن ٿيون.

## اداس بوزدار

# ڏيڍ سٽا

• ڏس، رات پني جاڳي،
ڪو گيت پيو سرجي، ها ڏات پني جاڳي.

• اسرار سمايل آ،
هن جي ته نيڻن ۾، ڏس پيار سمايل آ.

• هوءَ يار ملي ناهين،
ٿو روز اچان آئون، هڪوار ملي ناهين.

• ٿي ياد اچي تنهنجي،
آئون ته پيو ٽڙيان، دل يار لڇي منهنجي.

• اڄ مينهن وٺو آهي،
آئون ته ڏسان ٿو پيو، گهر هن جو ڊٺو آهي.

*

## خليل عارف سومرو

# غزل

رنگ نوراني ۾ وهنتل ۽ رَتل،
من کي موهي ويا اُهي ٻني لال ڳل.

مان ڏيان تشبيهه ڪهڙي اي سڄڻ،
حسن تنهنجي جو ڪٿي ڪونهي بدل.

تنهنجي نيڻن جي نزاڪت ڇا چوان؟
خوبصورت ٿو لڳي ڪارو ڪجل.

روپ تنهنجو رنگ تنهنجو ڇا لکان؟
جڻ ته ڪينجهر منجهه جهومي ٿو ڪنول.

تو سوا ڪنهن ڏي ڏسڻ چاهي نٿي،
ديد جو هي فيصلو آهي اٽل.

سيڪو عارف کي مڃڻ شاعر لڳو،
جنهن مهل توتي لکي وينو غزل.

*

"ڪنهن هڪ خاص ٻوليءَ جو وڏيڪ سڌريل هئڻ ۽ انهيءَ ڪري ٻين ٻولين تي فوقيت رکڻ" واري گمراه ڪندڙ نظريي ڪي، واسطي بالواسطي، خاص طرح بينڪي راڄ قائم ڪندڙ حاڪمن هوا ڏني، حالانڪ اهڙو نظريو انساني ٻوليءَ جي فطري تخليق توڙي عملي تقاضائن جي سراسر خلاف آهي. حقيقت ۾ هر اها ٻولي جنهن کي ڪو ننڍو يا وڏو انساني گروه مادري زبان طور ڳالهائي ٿو سا هڪ بالغ ۽ مڪمل ٻولي آهي، ۽ جيتري قدر اها ان گروهه جون ضرورتون پوريون ڪري ٿي اوتري قدر اها بالڪل سڌريل آهي. انهيءَ لحاظ سان، وچ آفريڪا جي ڪنهن نسلي گروه جي ٻولي ۽ يورپ جي ڪنهن طاقتور قوم جي ٻولي، ٻئي برابر آهن. پاڪستان جي اتر ۾ سُوات جي ننڍڙي 'پِشِمال' وادي جي باشندن جي 'گجرو' ۽ ان کان اتر واري وڏي وسيع علائقي جي 'شِينا' ٻئي برابر آهن؛ ۽ پڻ ساڳئي لحاظ سان سنڌ ۾ 'ٿر' جي ننڍڙي علائقي 'ڍِٽ' جي 'ڍاٽڪي' توڙي سنڌو جي وسيع وادي جي 'سنڌي' ٻئي برابر آهن.

اهڙو ملڪ، جنهن ۾ هڪ کان وڌيڪ ٻوليون ڳالهائجن ٿيون، اتي جي رهاڪن لاءِ اهو ضروري آهي تہ هو پنهنجي قومي زندگيءَ ۾ يڪجهتي آڻڻ توڙي ڪامياب مستقبل ماڻڻ خاطر، انساني ٻوليءَ جي حقيقت ۽ افاديت کي صحيح طور سمجهن ۽ ڪنهن بہ هڪ ٻوليءَ جي بيجا غلبي ۽ ٻين ٻولين تي ان جي فوقيت ۽ برتري واري نظريي جو شڪار نہ ٿين. پاڪستان ڪنهن هڪ ٻوليءَ جو نہ پر گهڻين ٻولين وارو ملڪ آهي، جتي اهڙي احتياط جي سخت ضرورت آهي. هتي اهي اصول تسليم ڪرڻو پوندو تہ ٻولين جي گلستان ۾ هر گُل پنهنجي رنگ ۽ بوءِ سان پنهنجي پنهنجي جاءِ تي سهڻو آهي..."

**-ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**

# مقالا

"ٻارهين صديءَ جي پهرين اڌ تائين مغل صوبيدار سنڌ تي ايندا رهيا. ليڪن جڏهن آخري طرح سموري سنڌ ڪلهوڙن جي قبضي ۾ آئي، ان وقت صوبيدارن جو اچڻ بند ٿيو. ڪلهوڙن جي اگرچه مادري زبان سنڌي هئي ۽ سندن امير امراءَ ۽ انهن جا متعلقين سڀ سنڌي هئا. تاهم سرڪاري لکپڙهه جي زبان اڃا به فارسي هلندي ٿي آئي. هن صديءَ ۾ ٿن ملڪن مان فارسيدان اچي سنڌ ۾ پهتا هئا. صديءَ جي پهرين چوٿائيءَ ۾ مغل صوبيدارن جي توسط سان هندستان مان، وچ صديءَ ۾ نادرشاهه جي ڪري ايران مان ۽ صديءَ جي پوئين اڌ اندر احمد شاهه ابدالي وغيره پٺاڻ حڪمرانن جي توسل سبب قنڌار کان. خود سنڌين ۾ به فارسي زبان مقبول هئي. مدرسن جي سموري تعليم فارسي ۽ عربيءَ ۾ ٿيندي هئي. عطا، محسن، قانع، رجا، مداح، تسليم، سرخوش، شوقي، عزلت، عطارد، مشتاقي، مير جان الله رضوي جهڙا فارسي گو شاعر خود سنڌ جي سرزمين مان پيدا ٿيا. عبدالرؤف منشي ۽ نورالحق سيوستاني جهڙا فارسي نثر جا مشاق انشاءِ پرداز، سنڌي نژاد هئا. ڪلهوڙن حڪمرانن جو پنهنجو ذوق به فارسيءَ سان هو. نور محمد جي وصيت فارسيءَ ۾ آهي. طب دائودي ۽ صيدنامو به شاهي خاندان جي فردن جا لکيل آهن. محمدعلي عالي ۽ سرفراز خان وغيره پڻ فارسيءَ جا صاحبِ ديوان شاعر هئا. ليڪن اهي سڀُ سهوليتون اگرچه فارسيءَ لاءِ مهيا هيون، ان هوندي به سنڌي زبان هن صديءَ اندر خوب ڦلي ۽ ڦهلي...."

-سيد حسام الدين راشدي

غلام محمد لاکو

# خليفي ميان محمد ٺٽويءَ جي هڪ وڏيڪ تصنيف

ٺٽو، صدين تائين سنڌ جو تختگاهه رهيو، ان ريت هي شهر سنڌ جي تمدن، تهذيب، ادب، علم ۽ عرفان جو مرڪز رهيو. هي شهر سمن جي دور ۾ نسري نروار ٿيو ۽ ڄام نظام‌الدين جي وقت ۾ سڄي دنيا جي نگاهن جو مرڪز بنجي ويو. ارغونن جي حملي وقت ٺٽي کي تاراج ڪيو ويو ۽ هي شهر پوري هڪ هفتي لاءِ سڙندو، ٻرندو ۽ ڦرجندو رهيو. مير محمد معصوم بکري هن بابت لکي ٿو:

"و تا بيستم ماه مذکور شهر تهته را تاراج نموده خاک مذلت بر فرق ساکنانش افشاندند" (١).

سن ٩٢٧هه/١٥٢٠ع ۾ سنڌ تي ارغونن جي قبضي کان پوءِ سڄي ملڪ سميت ٺٽي جو نقشو به تبديل ٿي ويو. هني جي تهذيب ۽ تمدن جي رونداد مٽجي وئي. سنڌ جي دربار جي رونق ڦري وئي. سنڌي عالمن ۽ اميرن جي جاءِ تي مرڪزي ايشيا جا اديب ۽ قلمڪار ٻينڪون ڪرڻ لڳا. هرات، ڪابل ۽ قنڌار جا عالم ٺٽي پهتا ۽ بادشاهن جي محفلن کي سينگارڻ لڳا. ايران ۽ وچ ايشيا جي شاعرن، حاڪمن جي شان ۾ قصيدا ۽ غزل چيا ۽ خوب انعام اڪرام حاصل ڪيا (٢).

ارغونن جي دور کان فارسي ٻولي سنڌ جي باقاعده سرڪاري ٻولي بني. سوين عالمن ۽ اديبن توڙي شاعرن، هن زبان جي خوب آبياري ڪئي. ان ريت هن ٻوليءَ ۾ ڪتابن جو وڏو تعداد لکيو ويو. سوين ڪليات، ديوان ۽ مثنويون وجود ۾ آيون. فارسي زبان ۾ تحرير ۽ تخليق جو هي سلسلو ميرن جي دور تائين زور شور سان جاري رهيو. هي صورتحال سڄي سنڌ ۾ عام طرح ۽ ٺٽي ننگر ۾ خاص طرح سان ڏسڻ ۾ آئي. ان دور جي تصنيف ۽ تاليف بابت تذڪرن ۽ تاريخن ۾ گهڻو مواد موجود آهي. سنڌ جي ٻرک عالم سيد حسام‌الدين راشدي مرحوم، ٺٽي جي تصنيف ۽ تاليف بابت هڪ جامع سروي پڻ شايع ڪيو هو (٣). ان سروي جو گهڻو تعلق عربي ۽ فارسي ٻولين جي ڪتابن سان ڏسجي ٿو.

اهڙي پر آشوب دور ۾ سنڌي عالم، اديب ۽ شاعر بي يارو مددگار بنجي ويا. دربار تائين سندن پهچ ناممڪن هئي. انهن جي راهه ۾ سوين رنڊڪون وڌيون ويون. ان صورت ۾ ڪي سنڌي عالم وطن کي ڇڏي عربستان ۽ هندستان هليا ويا (٤). ڪن بزرگن سنڌ ۾ رهي ڌارين حاڪمن سان مُقاڏو اٽڪايو، انهن ۾ مخدوم بلال جو نالو وڏي اهميت رکي ٿو. ڪي سنڌي بزرگ اهڙا به هئا جن حالتن سان ناهه ڪيو ۽ بادشاهن کي ويجهو ٿي خوب فائدا ورتا. البته ڪجهه خدا جا ٻانها اهڙا به هئا، جن نهايت خاموشي، صبر ۽ سڪون سان "سنڌيت" جي تحريڪ جاري رکي، جنهن اڳتي هلي وڏو رنگ لاتو.

عربي-سنڌي رسم‌الخط جو رائج ٿيڻ ان دور جي هڪ واضح پيش رفت آهي. فارسي زبان جي ترويج ۽ سرپرستي هن ترقي ۽ واڌاري جي محرڪات ۾ شامل آهي. عزت بن سليمان سن ١٠٦٨هه/١٦٥٧ع ڌاري ٣٩ عنوانن

(١) تاريخ معصومي، مرتبه عمر بن محمد دائود پوٽه، ص ١١٤، بمبئي ١٩٣٨ع.

(٢) سلطان محمد فخري هروي: "روضة السلاطين"، مقدمه سيد حسام‌الدين راشدي، طبع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ١٩٦٨ع.

(٣) ڳالهيون ڳوٺ وٺن جون، ص ص ٧٧٧-٨٠٨، انجمن تاريخ سنڌ ڪراچي ١٩٨١ع.

(٤) هندستان ڏي ويل بزرگن جو تذڪرو سيد محمد مطيع الله راشد برهانپوريءَ تيار ڪيو ۽ سنڌي ادبي بورڊ "برهانپور کے سندهي اولياء" جي نالي سان ١٩٥٧ع ۾ شايع ڪيو. تازو بورڊ وري ان جو ٻيو ايڊيشن به نروار ڪيو آهي.

وارو هڪ سنڌي مجموعو مرتب ڪيو، جنهن ڪي هاڻي پهريون سنڌي ڪتاب سڏي سگهجي ٿو. ان جو مطلب ته مغل دور ۾ سنڌي تصنيف تاليف جا چٽا مثال موجود آهن.

سنڌيءَ ۾ چوندا آهن ته : "جتي باهه ٻري اها جاءِ جلي." ذڪر هيٺ دور ۾ ٺٽو بلاشبه فارسي مطالعي ۽ تحقيق جو وڏو مرڪز هو. ان پس منظر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اپياس جي وڏي ۾ وڏي تحريڪ خود ٺٽي مان هلي. سن ۱۱۱۱هه/۱۷۰۰ع ۾ سنڌيءَ ۾ پهريون باقاعده ڪتاب "مقدمة الصلواة" نالي سان لکيو ويو. هي ڪتاب ٺٽي جي عالم مخدوم ابوالحسن لکيو هو. ان ريت سنڌي ڪتب نويسيءَ جو پڪو پختو بنياد پنجي ويو. هن سلسلي کي مخدوم ضياءُ الدين، مخدوم محمد هاشم ۽ مخدوم عبدالخالق توڙي ڪجهه ٻين عالمن اڳتي وڌايو. هي سڀ استاد، اديب ۽ اهل قلم ٺٽي جا رهاڪو هئا. بدقسمتيءَ سان همعصر دور ۾ سنڌي علم ۽ ادب جي حوالي سان ڪوبه تذڪرو يا ڪتاب تيار نه ٿيو، جو اڄ ان ڏس ۾ اسان جي مناسب رهنمائي ڪري ۽ مواد فراهم ڪري. اهو ئي سبب آهي جو ٺٽي جا اڪثر عالم ۽ انهن جون سنڌي تصنيفون گمناميءَ جي اوڙاهه ۾ هليون ويون.

## خليفو ميان محمد ٺٽوي

اهڙن گمنام عالمن ۽ اديبن ۾ خليفو محمد ٺٽوي به هڪ آهي. سنڌ جي ادبي تذڪرن توڙي تاريخن ۾ ان جو نالو نٿو ملي. نه رڳو ايترو پر هن جا اڪثر ڪتاب به اکين کان اوجهل ٿي ويا ۽ وڃي يورپ جي ڪتبخانن کان نڪتا. خليفي محمد بابت سنڌ ۾ پهريون ڀيرو معلومات تڏهن دستياب ٿي، جڏهن مون لنڊن جي ڪتبخانن جي سنڌي قلمي ڪتابن بابت رسالي "مهراڻ" ۾ به مقالا ڇپرائي پڌرا ڪيا (۵). ان ريت خليفو محمد ۽ ڪجهه ٻيا اهل قلم سنڌ جي علمي دنيا ۾ نروار ٿيا ۽ پڻ انهن جي تحريرن بابت مناسب مواد سامهون آيو. ان طرح قديم سنڌي ادب جي مطالعي طرف هڪ وک اڳتي وڌي.

خليفو محمد ذات جو ڪير هو، ڪڏهن ڄائو ۽ ڪهڙي سال ۾ فوت ٿيو، ان بابت ڪابه مستند معلومات ميسر ڪانهي، البته هڪ ٻن ڳالهين جي تصديق شده ڄاڻ مهيا ٿي آهي. موجوده مواد جي آڌار تي هي خاطري آهي ته سندس جنم ٺٽي ۾ ٿيو هو. هن جي والد جو نالو ميان عبدالخالق هو. انڊيا آفيس لنڊن جي سنڌي قلمي ذخيري جي آڌار تي، ميان محمد جي نالي وغيره بابت ڪجهه اقتباس سامهون اچن ٿا، جي هنريت آهن-

" ڪتبه الفقير خليفه محمد بن المرحوم عبدالخالق ... بتاريخ ۲۱ شهر رمضان المبارڪ ۱۲۰۱ هه."

" خليفه ميان محمد

" ميان خليفه محمد" (۶).

خليفو عبدالخالق ٺٽي جو مشهور عالم ۽ استاد ٿي گذريو آهي. هو مخدوم محمد هاشم جو شاگرد، نائب ۽ خليفو هو. سندس هڪ سنڌي تصنيف "مطلوب المومنين" وڏي اهميت رکي ٿي. هي ڪتاب ۱۱۵۷ هه/ ۱۷۴۴ع ۾ لکيو ويو (۷). ان جو هڪ نسخو انڊيا آفيس جي ڪتبخاني ۾ آهي. ان کان علاوه ميان عبدالخالق جا به وڏيڪ ڪتاب پڻ هن ذخيري ۾ ملن ٿا، جن بابت سنڌ جا اڪثر تذڪره نگار خاموش آهن.

(۱) روز محشر بابت ڪتاب. هي تصنيف ڇهن حصن تي مشتمل آهي ۽ ان جو ماخذ ڪو عربي ڪتاب آهي. ڪتاب جي پڇاڙي هنريت ڪري ٿو-

ڏاڍو ڏيه قيامجو ڪر سُهڪو سڀاجا  
سِ شفاعت شفيع جي چوتاءِ تنڪا

---

(۵) ڏسجي رسالو "مهراڻ" ۱۹۸۶/۳ع؛ ۽ پڻ ساڳيو رسالو ۱۹۸۸/۳ع.

(۶) ڪرسٽوفر شيڪل جو انڊيا آفيس جي پنجابي ۽ سنڌي قلمي نسخن بابت ڪيٽلاگ، ص ص ۶۷-۶۸، لنڊن ۱۹۷۷ع.

(۷) محمد صديق ميمڻ: "سنڌ جي ادبي تاريخ - برٽش حڪومت کان اڳ"، ص ص ۱۹۱-۲۰۰.

جن چيو ڪلمو ڪريم اتي سچا سچہ منجا

(٢) ميت جي چوٽڪاري بابت ڪتاب. هي ڪتاب مصنف جي وفات کان پوءِ ڪنهن نامعلوم ڪاتب نقل ڪيو، ان ڪري ليکڪ کي مرحوم خليفو عبدالخالق لکيو ويو آهي. ڪتاب جي ابتدا هن ريت آهي-

سارا هجي سو ڏٺي جو جياري ۽ ماري

او رحمان ۽ رحيم ڏٺي بخشي ۽ بخشائي (٨).

خليفن بابت مٿي آيل اقتباس جي گهڻي اهميت آهي. هڪ طرف ميان محمد بابت نشاندهي ٿئي ٿي تہ ٻئي طرف سنڌس ولديت جي بہ ڄاڻ ملي ٿي. ان سان گڏ هي بہ خبر پوي ٿي تہ ميان عبدالخالق سن ١٢٠١هہ/١٧٨٧ع تائين هي جهان ڇڏي چڪو هو، ان ڪري ڪيس مرحوم لکيو ويو آهي. ان کان علاوه ذڪر هيٺ مصنف "محمد" پاڻ کي فقير سان گڏ خليفو بہ سڏيو آهي. هن بزرگ کي علمي حيثيت سبب "ميان" جو لقب بہ ڏنو ويو آهي، جو سنڌ ۾ اڪثر علمي گهراڻن يا استاد - گهرن کي هن خطاب سان پڪاريو ويندو آهي.

خليفي ميان محمد جي ڄمر بابت حتمي راءِ ڏيڻ مشڪل آهي، البتہ گمان ڪري سگهجي ٿو تہ هن جي پيدائش ميان نور محمد جي دور جي بنهہ آخر ۾ ٿي هوندي. ميان صاحب ١١٦٧هہ/١٧٥٣ع ۾ فوت ٿيو. ان بعد ڪجهہ سالن جي وٿيءَ کان پوءِ ڪلهوڙن جو آخري مضبوط حاڪم ميان غلام شاهہ برسر اقتدار آيو. اهو زمانو آهي جڏهن ميان محمد، خود پنهنجي والد کان تعليم حاصل ڪئي. ياد رهي تہ ميان عبدالخالق ان دور جو هڪ ناميارو استاد هو، جو مخدوم محمد هاشم جي مدرسي سان منسلڪ ڏسجي ٿو. ننگر ٺٽو اجا علمي ۽ تمدني لحاظ کان اهميت رکندڙ شهر هو، ليڪن انتظامي ۽ سياسي طور تي هن شهر جي افاديت تيزيءَ سان ختم ٿي رهي هئي. ميان غلام شاهہ سن ١١٨٦هہ/١٧٧٢ع ۾ وفات ڪئي. ان کان پوءِ ملڪ ۾ بادشاهہ گرديءَ شروع ٿي. آخرڪار ڪلهوڙن جو زوال ٿيو. سن ١١٩٧هہ/١٧٨٢ع ۾ سنڌ تي ٽالپورن جو راڄ شروع ٿيو. ميان محمد هن سموري تبديليءَ جو اکين ڏٺو شاهد هو. خليفي محمد عملي زندگيءَ ۾ ڇا ڪيو، ان بابت پڻ مستند معلومات ميسر ڪونهي. ان هوندي بہ خاطري آهي تہ پاڻ پنهنجي والد وانگر درس ۽ تدريس جي شعبي سان منسلڪ ٿي ويو هوندو. ان جي تصديق مٿي آيل خليفي صاحب جي لقبن مان پڻ ٿئي ٿي. ٺٽي ننگر ۾ عربي ۽ فارسيءَ جي تصنيف و تاليف سان گڏ سنڌي ڪتب نويسي بہ پنهنجي عروج تي هئي. ميان محمد سنڌ، ٺٽي ۽ خود پنهنجي گهر جي ماحول مان گهڻو ڪجهہ پرايو ۽ پاڻ بہ قلم هٿ ۾ ڪنيائين. ڪيترا ڪتاب لکيائين ان بابت گهٽي ڄاڻ ٿئي ملي. پوءِ بہ سنڌس هينين ڪتابن جو پاڻ کي پتو آهي:-

(١) افادة العينين.

(٢) مناقب مرتضوي.

(٣) تفسير سورة الملڪ. تصنيف محرم ١١٩٣هہ/جنوري ١٧٧٩ع.

(۴) تفسير آية بسم الله.

هن چوٿين تصنيف لاءِ ڊاڪٽر شيڪل لکيو هو تہ ان جو مصنف معلوم ڪونهي. البتہ ڪاتب محمد احسن ١۴-رجب ١٢٢٨هہ (جون ١٨١٣ع) تي ان کي لکي پورو ڪيو (٩). منهنجي دوست ڊاڪٽر عبدالرزاق گهانگهري وٽ مذڪوره ٻنهي تفسيرن جون فوٽو ڪاپيون موجود آهن، جي پاڻ وڏي تڪليف ۽ ڳري رقم ڀري لنڊن مان گهرايون اٿس. ڊاڪٽر صاحب تفصيلي اڀياس بعد ٻڌايو تہ "تفسير آية بسم الله" نالي هي مختصر ڪتابچو بہ خليفي محمد جو لکيل

(٨) رسالو "مهراڻ"، ص ٨٨، ص ٩١، نمبر ٣، سال ١٩٨٦ع.

(٩) رسالو "مهراڻ"، ص ٨٩، ١٩٨٦/٣ع.

- خليفي محمد ۽ ان جي ڪتابن بابت هي مقالو ڀهريون ماخذ آهي.

آهي. اگر سنڌ جو ڪو اسڪالر برٽش لئبرريءَ جي سنڌي ذخيري جو مطالعو ڪري ته خاطري آهي ته قديم سنڌي لکت جي حوالي سان اجا به ڪي نوان انڪشاف ٿي سگهن ٿا.

خليفو محمد هڪ ڪاتب جي روپ ۾ پڻ اسان جي سامهون اچي ٿو. ڊاڪٽر شيڪل انڊيا آفيس جي هڪ نسخي MSS Sind. 14 جو نمبر ۸۲ تحت تعارف ڏنو آهي. مون پنهنجي مقالي ۾ ان جو نمبر ۱۱ هيٺ "رسول پاڪ جي شان ۾ شعر" عنوان سان ذڪر ڪيو هو (۱۰). هن جلد ۾ ڪل ڇهه عدد مختصر ڪتابڙا آهن، جن مان پنجن جو مصنف معلوم ڪونهي. البت چوٿين نمبر ڪتابڙي جو تعلق مخدوم محمد هاشم جي "قوة العاشقين" سان ڏسجي ٿو. خليفي محمد هي نسخو ۲۱ رمضان ۱۲۰۱هه برابر جون۱۷۸۷ع تي لکي پورو ڪيو (۱۱). ان بابت اصل اقتباس مٿي اچي چڪو آهي. امڪان آهي ته ميان محمد سن ۱۲۲۸هه/۱۸۱۳ع تائين زنده هو. جڏهن ڪاتب محمد احسن سنڌس "تفسير بسم الله" نقل پئي ڪيو. ٻيءَ صورت ۾ محمد احسن، مصنف لاءِ حاشيي وغيره ۾ مرحوم جو لفظ ڪتب آڻي ها. ان وقت سنڌ ۾ مير ڪرم علي خان ٽالپور جو راڄ هو. گمان غالب آهي ته خليفو محمد، ميرن جي پهرين چوياري (۱۸۳۲ع تائين) جو گهڻو وقت زنده هو. مصنف جو والد ميان عبدالخالق نقشبندي- قادري مسلڪ جو پوئلڳ هو. ليڪن خود خليفي محمد جو رجحان وڌي، حد تائين قادري طريقي طرف ڏسجي ٿو (۱۲). هن بابت وڌيڪ ذڪر اڳتي ڪيو ويندو. منهنجو ذاتي خيال آهي ته ليکڪ "مناقب مرتضوي" زندگيءَ جي آخري ڏاڪي تي لکيو هوندو. سندس هي تحرير پنهنجي دور جي علمي ۽ مذهبي ماحول جي عڪاسي ڪري ٿي.

## خليفي محمد جي هڪ وڌيڪ تصنيف

لنڊن جي هڪ ٻئي ڪتبخاني "برٽش ميوزم لئبرري" ۾، هڪ مختصر سنڌي قلمي ڪتاب "تفسير آية الڪرسي" موجود آهي. مون ان بابت هڪ مطالعو شايع ڪرايو ۽ گمان ڏيکاريو ته هن جو لکندڙ مخدوم عبدالله نرئي وارو ٿي سگهي ٿو (۱۳). ان بعد مون هن ڪتاب جو عڪسي ايڊيشن به پڌرو ڪيو. علمي دنيا جو ڪوبه ڇيهه ڪونهي. تحقيق ۽ تلاش جي راهه ۾ نت نيون حقيقتون سامهون اينديون رهن ٿيون. اهڙيءَ ريت اڳيون ڪوجنائون رد ٿين ٿيون ۽ نوان علمي نقطا سامهون اچن ٿا.

سنڌ يونيورسٽيءَ جو اردو شعبو ڪجهه سالن کان "تحقيق" نالي سان هڪ رسرچ جرنل شايع ڪري ٿو. هن جرنل ۾ ڊاڪٽر نجم الاسلام صاحب جو هڪ سلسلو "جام شورو ڪے مخطوطات" هلندڙ آهي. سنڌي ادبي بورڊ جي

---

(۱۰) رسالو مهراڻ، ص ص ۸۹-۹۰، نمبر ۳، سال ۱۹۸۶ع.

(۱۱) ڊاڪٽر شيڪل ۱۲۰۱هه لاءِ ۱۷۸۰ع جو سال متعين ڪري ٿو جو غلط آهي. درست ۱۷۸۷ع ٿيندو. رسالي "مهراڻ" ۾ ڇپيل منهنجي مقالي ۾ پريس جي غلطين سبب سنگين مغالطو پيدا ٿيو آهي. صفحي ۸۹ تي ۲۱ رمضان بجاءِ ۱۲ رمضان ڇپيو آهي. صفحي ۹۰ تي ۱۲۰۱هه بجاءِ ۱۲۵۱هه ڇپيو آهي (۱۹۸۶/۳ع). ان پس منظر ۾ فاضل محقق ڊاڪٽر قريشي حامد علي خاناڻي صاحب، خليفي محمد بابت پنهنجي بهترين تحقيق ۾ لکيو آهي ته خليفو صاحب ۱۲۵۱هه/۱۸۳۵ع تائين زنده هو (مهراڻ: ۳- ۴/ ۱۹۹۴ع، ص ۵۸.) ڏسجي ٿو ته ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب، جڏهن پنهنجي ڪتاب ۾ برٽش لئبرريءَ جي ڪتابن جو وچور ڏنو آهي، تڏهن هن حوالي سان منهنجا ڇپيل ٻئي مقالا يقيناً سندن سامهون هئا، ليڪن پاڻ انهن جو ذڪر ڪرڻ مناسب نه سمجهيو اٿن. ٻيءَ صورت ۾ ساڳي ۱۲۵۱هه واري غلطي نه دهرائجي ها. ان ڪان علاوه پاڻ لکن ٿا ته هن جلد ۾ پنج منظوميا آهن جو پڻ درست ڪونهي (سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، حاشيو، ص ۴۰۷، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو سال ۱۹۹۰ع). حقيقت ۾ هن جلد ۾ ڪل ڇهه ڪتابڙا آهن، جنهن ۾ ڪل ۱۳۸ ورق آهن، جيئن مٿي ذڪر ٿيو آهي.

(۱۲) ڏسجي "افادة العينين" جي مذڪور ۾ اهڙو اشارو، مهراڻ، ۱۹۸۶/۳ع ص ۹۱.

(۱۳) رسالو "مهراڻ" نمبر ۱، سال ۱۹۹۰ع.

قلمي نسخن جي تعارف ۾ پاڻ هڪ مخطوطي جو هن ريت تعارف ڏنو اٿس:

٢٦٧_ فضائل آية الكرسي و عهد نامه.

داخلا نمبر ١١١، مجموعہ مشتملبر دو رسائل منظوم سندهي.

موضوع: دينيات_ ڪاتب اور سن ڪتابت: نامعلوم. اوراق ١٩_ بخط نسخ (١٤). مخطوطي بابت ڊاڪٽر صاحب مختصر ڄاڻ بہ درج ڪئي آهي.

هي نسخو هن وقت بہ بورڊ جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي. مون بورڊ جي اهلڪارن جي تعاون سان، هن نسخي جي فوٽو ڪاپي حاصل ڪري ان ڪي مطالعي هيٺ آندو. ڊاڪٽر صاحب جي راءِ جي پيٽ ۾ هي هڪ نهايت قيمتي نسخو آهي. محطوطي جي پهرئين ورق تي ان بابت مختصر ڄاڻ ڏنل آهي. اين. اي. نادر نالي هڪ صاحب ٢٣ جون ١٩٣٥ع تي هي نسخو غالباً ڊاڪٽر دائود پوٽي کي تحفو ڪري ڏنو. ان بابت انگريزيءَ ۾ نوٽ آهي، جو سائي مس سان لکيل آهي_

Presented to my brother with great love and regards.

ان بعد هي نسخو ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم جي مطالعي هيٺ رهيو، جنهن صاحب وري هي قيمتي نسخو ٢٢_مارچ ١٩٥٨ع تي سنڌي ادبي بورڊ کي تحفو ڪري ڏنو. محترم محمد ابراهيم جويي جي راءِ آهي تہ نيري مس سان لکيل اهڙو نوٽ خود ڊاڪٽر صاحب جي هٿن اکرن سان آهي. پاڻ بورڊ کي هي تحفو هن ريت ڏنو اٿن_

Presented to the Sindhi Adabi Board
by Shamsul Ulama Dr. Daudpota

ڊاڪٽر دائود پوٽي، پنهنجي ننڍي صحي ڪرن ڪان پوءِ، هن جلد ۾ موجود پنجن ڪتابن جا نالا هن ريت ڄاڻايا آهن_

(١) فضائل آية الكرسي، (٢) عهد نامہ، (٣) خزانة الابرار تاليف عبدالله، (۴) طوالع البروج،( ٥) فضائل عاشورا.

هن نسخي کي خوبصورت ڳاڙهي ريگزين جي جلد ۾ محفوظ ڪيو ويو آهي. مٿين لکت جي برعڪس هن ۾ ذڪر ڪيل پهريان بہ ڪتابڙا آهن، جڏهن تہ آخري ٽي نسخا غائب آهن. مخطوطي جي ڊيگهہ ٢٢س.م آهي ۽ ويڪر ١۴ س.م آهي.

فضائل آية الڪرسي نالي ڪتاب اصل ۾ "تفسير آية الڪرسي" جو ٻيو نسخو آهي، جنهن کي مون ١٩٩٠ع ۾ مطالعي هيٺ آندو هو (١٥). بورڊ واري نسخي جو ڪاغذ هلڪو، باريڪ ۽ ميرانجهڙو آهي. لکيل ورقن جو حاشيو ڦڪي پينسل سان ليڪيل آهي. ڪي سٽون ڳاڙهي مس سان انبر لائين ٿيل آهن. ڪي ڪي سنڌي اکر ۽ پڻ عربي لفظ بہ ڳاڙهي مس سان لکيل آهن. اصل ڪتابي متن ڪاري مس سان لکيل آهي. هي تہ آهي نسخي جي عام صورتحال. ان بعد اسين ان جي اندروني سٽاءَ ۽ مواد طرف اچون ٿا.

برٽش ميوزم جي نسخي ۾ ڪل ١٧ ورق (صفحا) آهن. پهرئين صفحي تي ١٢ سٽون، ٻئي صفحي کان سورهين صفحي تائين ١٣_١٣ سٽون ۽ صفحي ١٧ تي ٨ سٽون آهن. ڪل مواد ٢١٥ سٽن تي مشتمل آهي. جڏهن تہ بورڊ جي نسخي جي ڪيفيت هن ريت آهي: ڪل صفحا ٢٠ (ورق). پهرئين صفحي تي ٩ سٽون، ٻئي صفحي کان اوڻيهين صفحي تائين ١١_١١ سٽون، جڏهن تہ آخري صفحي تي اٺ سٽون آهن. ان ريت هي نسخو بہ ڪل ٢١٥ سٽن تي مشتمل آهي.

برٽش ميوزم جي نسخي وانگر هن نسخي تي بہ تحرير يا ڪتابت جو سال، مهينو، تاريخ ۽ ڏينهن وغيره لکيل

---

(١۴) تحقيق، نمبر ٦، سال ١٩٩٢ع، ص ٣٨٣، اردو شعبو، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو.

(١٥) هن هلد ۾ ٻيو نسخو "عهدنامہ" آهي. هن ۾ ڪل ١٦ ورق آهن. ڪاتب مختلف آهن. ڪاغذ جي صورتحال، تحرير جو انداز ۽ نسخي جي عمومي صورتحال ساڳي آهي.

ڪونهي. ٻنهي نسخن ۾ نه ته ڪاتب جو نالو ڄاڻايل آهي ۽ نه وري هي خبر پوي ٿي ته نسخو ڪٿي ڪتابت ٿيو. هڪ اهم سوال ڪتابت جو به آهي. ٻنهي نسخن جي ڪتابت پيٽڻ سان پتو پوي ٿو ته ڪاتب مختلف ۽ جدا جدا آهن. برٽش ميوزم جو نسخو ڪافي سهڻو، چٽو ۽ خوبصورت آهي. ان جا اکر وڏا ۽ نمايان آهن. البته بورڊ جي نسخي وارو ڪاتب به ڪو سهڻن اکرن وارو هو. هن وڏي ڪوشش ڪري پنهنجي پورهيي کي وڻندڙ، پڙهڻ ۾ ايندڙ ۽ خوبصورت بنايو آهي. اڄاتري نظر سان ڏسڻ وارو بغير ڪنهن هٻڪ جي چوندو ته ڪاتب ساڳيو آهي. ليڪن ائين ڪونهي. سرسري مطالعي مان ظاهر ٿيو ته ان ۾ ڪي جزوي اختلاف آهن ۽ ڪو وڏو فرق ڪونهي. سنڌيءَ جي هن ناياب ۽ قديم تصنيف کي معياري بنائڻ ۾ هي نسخو گهڻو مددگار ثابت ٿيندو. ان هوندي به هن نسخي جي وڏي خوبي هي آهي ته هن ذريعي مصنف جي ڳولڻ ۾ وڏي مدد ملي ٿي ۽ هڪ اهم علمي مسئلو حل ٿئي ٿو.

بورڊ جي نسخي (تفسير آية الڪرسي) جي آخري ورق تي لکندڙ جو نالو چٽيءَ طرح سان موجود آهي. هن مان خبر پوي ٿي ته هي ڪتابڙو به خليفي محمد جو لکيل آهي. مٿي ذڪر ٿي آيو ته مصنف جا چار ڪتاب انڊيا آفيس جي ڪتبخاني ۾ موجود آهن. سردست انهن جي ڪنهن ٻئي نسخي بابت ڀاڻ کي علم ڪونهي. اتفاق سان "تفسير آية الڪرسي" نالي سنڌس واحد تصنيف وڃي برٽش ميوزم لئبريريءَ ۾ محفوظ ٿي. ميان محمد پنهنجي تصنيف "تفسير سورة الملڪ" ۾ پنهنجو نالو هن ريت آندو آهي:-

سو دعا ڪري محمد ڪي ڪٿي ٻئي هٿڙا

آية بسم الله جي شرح ۾ چوي ٿو:-

محمد ڪي مهر منجها دعا سڀ ڪجاه

بورڊ واري نسخي جون ٽي سٽون هن ريت آهن:-

پڻ محمد ڪي مهر پنئي دعا گهرن ڏنيا
ته شفاعت منجها ان آيت جي ڪين ٿييس نصيبا
برڪت نبي ڪريم شفيع جي جو محمد مصطفيٰ

هنن سٽن ۾ غور طلب نقطو هي آهي ته "محمد" نالو به پيرا آيو آهي. ان ۾ پهريون اشارو مصنف ڏي آهي. جڏهن ته ٻئي (محمد) لاءِ ڪاتب حاشيي ۾ "صلي الله عليه وسلم" لکي مسئلو نبيري ڇڏيو آهي. برٽش ميوزم جي نسخي ۾ اهڙي ڪا چٽي علامت ڪانهي. چنبو ته خليفي صاحب جي هي ٽين تفسيري تحرير آهي. مجموعي طرح سان هي سنڌس پنجون ڪتاب ليکجڻ ۾ ايندو. برٽش ميوزم جي نسخي جي آڏار تي ڊاڪٽر انيمري شمل لکيو هو ته هن جو مصنف قادري طريقي جو بزرگ هو (١٦). في الحال بورڊ جي هن نسخي کي خود اداري جي پنهنجي رسالي "مهراڻ" ۾ جيئن جو تيئن شايع ڪجي ٿو.

## تازه ترين معلومات:

خليفي ميان محمد بابت مبهم يا درست ڄاڻ برٽش لئبريريءَ جي ڪيٽالاگ مهيا ڪري اسان جي رهنمائي ڪئي. هن ڏس ۾ اڃا به وڌيڪ معلومات ۽ درست مواد تڏهن سامهون آيو، جڏهن مصنف جون انڊيا آفيس ۾ موجود ٻه تصنيفون، فوٽو اسٽيٽ جي صورت ۾ اسان جي آڏو آيون. هنن سٽن لکجڻ کان پوءِ معلوم ٿيو ته ميان محمد لوڪ رومانوي داستانن تي به طبع آزمائي ڪئي هئي. سنڌس هڪ ڪتاب "قصو ليليٰ مجنون" سال ١٨٧١ع ۾ قاضي ابراهيم بمبئي شهر مان ڇپرائي پڌرو ڪيو هو (١٧). هن وقت ان بابت گهڻي ڄاڻ موجود ڪانهي. ڏسجي ٿو ته خليفو ميان محمد گهڻ پهلو ليکڪ هو. ممڪن آهي ته ايندڙ وقت ۾ سنڌس باري ۾ وڌيڪ معلومات سامهون اچي.

---

(١٦) پرلس فرام دي انڊس، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٨٦ع ص ٦٣.
(١٧) ڊاڪٽر المرڪيي ٻٽ جو مقالو، مهراڻ نمبر ١، سال ١٩٩٥ع ص ١١٦.

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

وَڏَائِيءَ تِهَ وَاحِدَ کِي جل وعلا وَڏِي جِنهِ وَصفا

ڪَنُدَوُ ڪِيرُ تِهِجِي وَاتَا وَآڪَانَا

پُڻ هوءِ صَلوٰةَ سَيجِي رَسُولَ اتي دَائِمُ مدامُ

جِنهِسي اَلهِي اِيرِي ڪَرِي شَمسُ شُعَا

هَاڻِي يَلاءِ آيَةُ الڪُرسِيءَ جِي سُهُو سُوجها

تَه قَادِرَ مُڪِي قُرآن ۾ يَلِي آيَتَ جَا

سَا آهِي آيَةُ الڪُرسِيءَ ۾ شَڪُ شُبها

مَنجهِس وَحدَتَ وَاحِدَ جِي هِي ڪَرائِي الله

اسم

اِسمُ اعظمُ ٻُنِ اِنگي لِکِنِ ٿا عُلماءَ

سو لفظ الله لا اِلٰهَ اِلّا هُوَ سُڻي ياد ڪجاءِ

۽ ڪَنِ اَلحَيُّ القيّومُ جيئن لِکيو ٻِن قولا

اي ٻئي اِسم هِن آيتم اَڳي ڏکا ٻيا

پَرَ ڪَنِ لِکيو عالِمِ هِنِ مَذڪورا

تَہ اُو آهي اِسم ٻِئَگرو نُقطو مَٿِس ناهِ

تذڪري اِسم کي هُوَ جي ٿِئي ترجما

سو آهي ڪِني مَڪانَنِ مَنجهه قرآن ڪريما

سي ٽي هزار نالا آهِنِ رَبَّ سَندا

ٽِيا هزار معلوم آهِن ملائڪن کي ۽ هزار نبيا

ٽِيو هزار سڀئي عالم آهي پڌرو ۽ پيدا

تِنَا ٿري ۾ سَا نُوَرَانِيَ ۾ ٿري سَا اِنجيلَ

ٿِرِيڪَيءَ سَا خَرْ بُوْرَمِ مَوْهِيڪَرِيْ اُوْنُو مِنجهِ وَقَا

اَڪِيْ اِسْمُ اَعْظَمُ ڪُجهُوْ ڪِهُوْ مَنجهِ پِئِي خَزَانَا

سُوْجَا نَائِيْ ڪَنِ اِنْسَانَ ڪِيْ مُقَرِّبِنْ مِنجهَا

سَڪُوْنُ

يُنْ تَفْسِيْرِ بَحْرُ الْعُلُوْمِ ۾ اِمَامِ نَسَفِيءَ جِيْ اَهِيءَ مَنْذَ

تَهْ حَضْرَتُ عَلِيءَ فَرْزَنْدُ اِمَامِ حُسَيْنَ جُوْ ڏِيْ مَرْتَبَا

اِمَامُ زَيْنُ الْعَابِدِيْنِ لَقَبُ جِهجُو اَهِي مَشْهُوْر

تِهْ ٿِيْ پِنُوْ پَهْجِيْ رَبَّ ڪَنَا سِيڪهِ نَمَازَتَا

تَه ڪَا اَعْظَمَ ڪِيْ اَنْسَانَ اُڻِيْ ڪَرِ مَعْلُوْمَ مَا

سَيْجُوْوَرَهُ رَبَّ ڪَنَا سَاپِنَائِيْ ٿِيْ دُعَا

قَادِرَ سَا قَبُوْلُ ڪَئِيْ دُعَا دُوْسَنَا

فرمايو

فَرمايو امام سون نهاري قسم ڪري الله

تہ ڪِهه ڏِينهن سُنت پڙهي صُبح جي ويتا اسِر هو

ڏَڪو اَکي پاهجي تهم سُنت ستا

تان ڏِنوس مُرس هيڪڙو اُپنو پان اَڪنا

تہ سَدُ ڪري اَسانکي چيو هي صحيا

تہ سُوال اهجو قبول ڪيو اکي مهر منجا

پڙو آءِ پڙتس هي لفظ سونها را

اَللّٰهُمَّ اِنّي اَسئَلُكَ بِاسمِكَ الله اَللّٰهُ

اَللّٰهُ اَللّٰهُ اَللّٰهُ لَا اِلٰهَ اِلَّا هُوَ رَبُّ العظيم

اَلعَرشِ العَظِيم ۰ چيو جاءِ منجا

موتي پڄتاءِ مٿکي ڪري تڪرارا

تڪ ٻرورما ان لفظن کي املي امام سڪورا

ڪري ورائي ٻرورائي آنکي وڌي ٻيهارا

تڏهه موٽي فرمايو تهڪي ٻلي اما ما

ته سنڪارو اسانکي اي لفظ ٻيلا را

تان سي وڌي سنايا اسانکي من کني تاڪيد

سي ابي ٻرندا هواش سيڪه ڪم هجي لاءِ

تان پورو سوتيڊو هو سگري اڱي جي ڏر

آهن وظيفو اسان جهجو اي ٻڌ الفاظا

سيهلو ڪر آية الڪرسي جي آهني اسما

ٻرو تهڪي ٻرتس تا سڃي صبو جبل

ترتين مطلب آهيجا سگري سي پورا

ٻن

ٻيُون ترمذيءَ جي ڪتاب ۾ لکيل حديث اِها
تجنهن کي پڙهي اِن آيت کي سڀ ڪه فرض اٿا
ته قلب تنهنجو شاڪر نس ٿئي شامل شريڪا
ٻکجيس ڏه ڦيرا صدق ٿين ۾ اعمالن پارا
ثواب سين نيت نجهو ٿينس نصيبا
ٻيُون ٻڪيري راحم ته لاءِ رحمة جا هٿڙا
مانع نه ٿيندس موذي هم ڪو جنت جي پهنا
مگر قبض ٿين روح جو هو نيس حجابا
ٿيندو داخل بهشت جو هلندو هن هنڌا
فتوح الاوراد ۾ آهي حديثا
ٻيُون فرمايو فضلس عالمن اماما

تہ جيئن آية الڪرسي ڪنا اڳي پڙهي هي الفاظ

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اُقَدِّمُ اِلَيْكَ بَيْنَ يَدَيْ كُلِّ نَفَسٍ وَّ

لَمْحَةٍ وَّلَحْظَةٍ وَّطَرْفَةٍ يَّطْرِفُ بِهَا اَهْلُ السَّمٰوٰتِ وَاَهْلُ

الْاَرْضِ وَكُلِّ شَيْئٍ هُوَ فِيْ عِلْمِكَ كَائِنٌ اَوْقَدْ كَانَ اَللّٰهُمَّ اَنِّيْ

اُقَدِّمُ اِلَيْكَ بَيْنَ يَدَيْ ذٰلِكَ كُلِّهٖ اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ تا

وَهُوَ الْعَلِيُّ الْعَظِيْمُ ۰ سيئي پڙهي ڪري پورا

اڪوانجا ٻاٻر هنيئر ٿو فرما ء

تا هيئن جو نيڪ ساعت منجهه رات ڏينهن

سيڪڙه ساعتن اجن مڻ ذوه اُجگا اعمالا

ستر هزار چنگا پنجا تان قيامت سيها ن

مشغول ٿين ملڪ ربجا قمهجي لکن سا ن

ترمذي

ترمذي عمل اليوم والليلة ۾ ڪي حديثا هـ
حضرت ابن عباس کنا آهي منقول لاءِ
جان رات ڏيه جي چنگا ڳجهو ڪنا، حسابا
تان سؤ ڪروڙ هيڪڙو جو پوڙو پدمراه
ءِ جاهت ڪروڙن اڳري جان تني منجهه عدد
ڪتاب فتوح الاوراد ۾ اي سڀ حساب لکيا
هي حديث حبيب جي منهنجو سچ منجهه
ته اڳي ڏني آهي آية الڪرسي ڪي جيڪا لان منجهه لاءِ
ڪري تي جهس ڪالي منجهه اڳي جي دڙ ڪاه
پايئي وت عرش عظيم جي آهي معلق سا
ڪي اڻ آبه وڃم ڪونه ڇجهاس

ٿي جو ۽ درگاھ ۾ رنجي ڪري ٿي عرضا

ته مٺڪي ڪنهن ڪارڻ مخلوقن ڏوهه تون موڪلي مولا

تان اڳي فرمايو آيت ڪي تا هي منهم ڪي قسما

جيڪو پوندو توکي سڀڪنهن فرض مٿا

ڪندس مڪان تنجو بهشتن ۾ بالا

هوندو خطيرة القدس ۾ ساڪن سڪونتا

ستر ڪمن تدبيرن ندرن جا ڪندس آءُ پورا

مغفرت مهجي ڪم نندو آهي ان مٿا

ٻن نظر ڪريان ان ڏوهه خاص نظر مها

سڀڪنهن ڏينهن ۾ ستر مرتبن صحيا

پناھ ڏياس دشمنن ڪنا ۽ ياري نصرتا

ابو

ابو منصور ابو نعيم اربعين ۾ آندي حديثا

پڻ ابن السني ۽ مستغفري لکيو تحقيقا

ائين پڙهائي آية الڪرسي کي ڏني ڏاپارا

پڻ حضرت انس پٽ مالڪ جو ڪري روايتا

ته فرمايو رسول نبي حضرت محمد صلي الله عليه وسلم

تجيڪو پڙهي مؤمن منجها آية الڪرسي

بخشي اهل قبور کي تنهجو ثوابا

ته آگو داخل ڪري قبر ۾ سڀڪو ميتا

توري هون مشرق ۾ توري مغربا

قدر چاليه نورن جو سڀڪو قبر منجها

زين مو ڪرائي قبرن ۾ هر اکي احسانا

ستا هان تين مينجا اجر ۽ درجا

قاري ڪارن سڀنِ نبين جو ثواب ٿئي عطا

حرف حرف منجا سيڪه ملڪ ٿئي پيدا

سو ٿو ڪري تسبيح رب کي تان قيامت سيئها

اي سڀ اجر پڙهندڙ کي ڏئي ڏا بارا

ايڏا ثواب آية الڪرسي جا سُڻهو مومناءُ

نڪو ٻجائي جيس نڪو ٻي قلما

جي ڪجي تفسير تهجو ٽجرن ڪتاب سيحا

بر ڪارڻ تسلي مومن لکيم اگرن جي معنا

تمام مومن پڙهن تهڪي پنجئي وقت پيا

ڪن حضور هين م ۽ ادب اخلاصا

الله

اَللهُ لَا اِلٰهَ اِلّا هُوَ

ٿ فرمائي تو پيغمبرَ کي اَکو اِحسانا

ٿ اَللهُ لائقُ عِبادت جو عِبادة جه جڳا

آهي ڪو معبودُ خلق جو مڪرهيڪ اَللهُ

آهي عِبادة اُن لاءِ ثابت صحيا

الحيُّ

هو هميشه حياتُ سو اڳي جيئرنا

ٻين هندو دائمُ حيات سو جو تناسب فنا

ٻرنا آهي حياتي تنهجي روح جي سببا

آهي منزهُ مَن ذي جل وعلا ياڪ روح ڪنا

القيّومُ

منجهه ذات صفتن ٻنهي قائم قيوما
ساري سانڍي حفظ ۾ رکي مخلوقا
سڀڪو تهجي سانڍ ڌڻ آهي محتاجا
نه آهي احتياج ڪنهن شيءِ جو اُن کي اصل
لا تأخذه سنة ولا نوم
نڪي اوجاڻي اُن کي نه ننڊرن جو قسما
ٿين باطل جنهن ڪري ڪم ظاهر جا
او تو خلقي ننڊر کي قادر قدرتا
آهي محتاج جنهن ڌڻ سڀڪو انسانا
له ما في السماوات وما في الأرض
آهي ڪارڻ انهم جيڪي آيتم آه

ص

يُنْ جيئن آيِنِ ۽ يُوٚ يُنِمِ سُوٚسَپِ اُنهن لاءِ

يُنْ سَتَ اَپِ يُوٚ ڻيا ۽ جيئن مُنجِنِ آهِ

نبيءُ سَپِ جهِه ڏِيهَنِمُ خالِقَ خَلْقِئا

مَنْ ذَا الَّذِيْ يَشْفَعُ عِنْـــدَهُ

ڪِيرُ آهي ڪوٚ ڪِتي مُوٚرا مَخْلُوْقَا

جُوٚ ڪَري شَفَاعَتَ نَڙْدِ رَبّجي ڪَهِمُ مَخْلُوْق لاءِ

نِنجه ڏِيهُ قِيامَتَ جي مَحْشَرَ جيْ مَــاڪا

جِتِيْ نَفْسِيْ نَفْسِيْ چُوٚندا اَنْبيا عليهم السلام

اِلاّ بِاِذْنِـهِ ط

ڪرجنڪي مُوٚڪَلَ ڏِيڊُوٚ مِنْ دَرِيِ بَاهِيِ پَارَا

نبي اِذْنُ وَتي اَللّٰهَ ڪَنا ڪَنْدا شَفاعَتا

جهڙو محمد عربي صلي الله عليه وسلم ڪِ تهنجا صحابا — رضي الله عنهم

ڪِ حضرت صديق پلو ڪِ عادل عمر شاه رضي الله عنهما

ڪِ حضرت ذوالنورين ڪان حيا جي ڪِ حيدر ڪرار — رضي الله عنهما

ڪِ حضرت بي بي فاطمه زهراء ڪِ حسنين ڪريما

ڪِ حضرت غوث الاعظم پلو ڪِ ٻيا ئين اوليا

ايڏي موڪل انکي ته اڇي چوتا ٻو اريا

اُمتي حضرت حبيب جا انکي نطا ڪيبا

۽ مريد مرڻي حضرت پير جا ٿهڪي بخشبا

وٽي ويڌا جنتم اذن سن مولي جل جلاله

يعلم ما بين ايديهم وما خلفهم

او تو جاني علم قديم ڪري سڀئي اشيا

اهين

آهن اڳين پوين ۾ جي مڙئي امورا
جيڪي ٿيڻا آهن جهان ۾ ڪي جيڪي ٿي چڪا
پُڻ مڙئي امور آخرت جا جيڪي ڪي ٿيڻا
سي آهن علم ۾ رب جي مڙئي معلوما
وَلَا يُحِيطُونَ بِشَيْءٍ مِّنْ عِلْمِهِ
احاطو نه ڪندا مخلوق سڀ ڪهڙي شيءِ ڪا
ڪنا علم رب عظيم جي هرگز هيشاه
اڳي جي علم کي ايڏي عظمت آهه
جن علم اڳين پوين جا ڪجن جي جمعا
ته علم موجب رب جي آهن نسبت سا
جن ڪر جزڪي جهڙ پري ڪه وڏي بحر منجها

الا بما شاء

مگر جيڪي ڄاڻائي پاڻ ڏني آهي پيارا

پهچي ڪن خاصن کي وحي الهاما

ته اُهي پڻ پروڙيندا اُن تي ٻي ناهن مجال ڪا

جن آهي علم رچيو اونون اپارا

وسع كرسيه السموات والارض

آهي ڪشادي ڪرسي رب عظيم جي اين ٻونڪا

ڪنهو مو ڪرو نهڪي قائم ان قدرا

جن ست آپ ست پوٽي جيڪي مڃن لڪا

جي ڪني رکجن ڪرسي تي ته ٿين وسيعا

پڻ آهي حد نه ٿئي ٻڪيو تفسيرا

توستي

نه سٽي آپ ڪرسي وٽ آهين ان قدر

جن ڪر قدر سڀ ٻر منجهو اندازي پار

جن ڪني رکجن سي ڏا لم نه ٿيي قدر قليلا

ايڏي وسعت ڪرسي کي آهي ڏني آه

آهين هيٺ عرش عظيم ڪنا ڪرسي سنها

مٿن اين ڪنا مٿهين آهيس مڪانا

تارا ته ڪرسي جا آهين سڀ جترا

سيڪارو آهي جنهن آپ سنڌوري دنيا

وَلَا يَئُودُهُ حِفْظُهُمَا

ڪري نه نڪي ساند اين ٻوين جي آهي اصلا

نڪو اهڪ آهي صاحبڪي ترجي سببا

ڏي ٿنڀ ڏيا تو ڦي سڀ آهين مضبوطا

سڀ ساري سانڍي قدرت سين پهنجا مخلوقا

وَهُوَ الْعَلِيُّ الْعَظِيْمُ

اُهي اڳو اسانجهي وهمن کنا آهي ڪنون

پڻ فڪرن ۽ فهمن کنا ڪنون وڌو آهه

ڪجي ثناءِ تنهجو تو هر دم هميشاهُ

ايڏا مخلوق جنهجا ته وڏي عظمت آهه

نڪو پرو تنهجو نه پڄاڻي ڪاءِ

مخلوق ڪندو ڪهڙو ته صاحب جو ثناءِ

لَا اُحْصِيْ ثَنَاءً عَلَيْكَ ڀي جيئو ملڪنا

پڻ ڪبير ڪريندو عين آيت جي معني ڪو اداءِ

پر

پَرَ پُورَنَ لاءِ اَنوجَنِ جي لِکئُمُ کو قَدرا
تَ کَنِ وِرُونَهَ پَلِي اَيَتَ ٻِن سَپَکَهِ فَرضَ مَتا
ٻُڌ مُحَمَّدَ کي مِهرَ بِيءَ دُعا ڪَرِنِ ڏِنيا
تَ شَفاعَتَ مُنجهان آيَتَ جي ڪِنڌ تيئيس نَصِيبا
بَرڪَتَ نَبِيءَ ڪَرِيمَ شَفِيعَ جي جو مُحَمَّدُ مُصطَفیٰ صلی اللہ علیہ وسلم
هَلي هِتا اِيما ٻِن ڪَلِمُون جِنِيءَ ڪُوڻا
لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ
صلی اللہ علیہ وسلم

ڊاڪٽر هدايت پريم

# سمن جي دور جي سرڪاري ٻولي

"مهراڻ" ١٩٩٥/٢ع ۾ نامور محقق غلام محمد لاکي جو مضمون ڇپيو آهي "سمن جي دور جي علمي ۽ سرڪاري ٻولي". مضمون تمام عمدو ۽ عرقريزيءَ سان لکيل آهي. سندس محنت داد لهڻو. لاکي صاحب جي سنڌ جي تاريخ تي ڪيل جاکوڙ کي تحسين جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو، خاص طور سمن جي دور تي سندس لکيل ڪتاب "سمن جي سلطنت" سندس تحقيقي قابليت تي شاهد آهي. سندس ڪيترن ئي مداحن مان هڪڙو مداح آءٌ بہ آهيان.

محترم غلام محمد لاکي صاحب پنهنجي مضمون ۾ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ سمن جي دور جي سرڪاري ٻولي عربي هئي ۽ نہ فارسي. مذڪوره راءِ قائم ڪرڻ لاءِ لاکي صاحب جيڪي دليل ڏنا آهن، سي مختصر طور هي آهن:-

١- سمن جي دور جي تعميرات جا ڪتبا نوي سيڪڙو عربيءَ ۾ آهن.

٢- سمن جي دور جا بہ ڪتاب دستياب ٿيا آهن جيڪي عربيءَ ۾ آهن: "الزُبدة" ۽ 'تذڪرة المراد."

٣- دهليءَ جي مرڪزي حڪومت ۽ سنڌ جي سمن جي وچ ۾ ڪڏهن بہ مفاهمت پيدا نہ ٿي، تنهنڪري ٻاهران نافذ ٿيندڙ فارسي ٻولي سمن جي آزاد حڪمرانن کي نہ ٿي آڙي.

۴- سمن جي دور جي سڪن تي عربي رسم الخط موجود آهي. (١)

هن مضمون ۾ آءٌ چئني دليلن جو قدري تفصيلي جائزو پيش ڪريان ٿو.

## ١ - ڪتبا:

سمن جي دور جا ڪتبا نوي سيڪڙو عربيءَ ۾ آهن. محترم غلام محمد لاکي جي هيءَ راءِ ڪهڙيءَ حد تائين تہ درست آهي، ۾ مڪليءَ جي شهر خموشان ۾ سمن جي ڪرايل تعميرات جي ڪتبن کي باريڪ بينيءَ سان جاچبو تہ معلوم ٿيندو تہ ڪتبن جي تحرير ۾ اڪثريت عربيءَ ۾ قرآن مجيد جون آيتون ۽ حديثون لکيل آهن. ڪلام پاڪ جون آيتون ۽ ٻيا ڪلما وغيره عربيءَ ۾ ئي لکي سگهجن ٿا. ڄام نظام الدين جي مزار ۽ دولهہ درياخان جي مزار تي لڳل ڪتبا ڏيان طلب آهن، خاص طور مڪلي نامي ۾ ڏنل تصويرون صفحو نمبر ٧٨۵ کان ٧٩٣ تائين ڏسڻ گهرجن.

سمن جي دور جي فارسي ڪتبن جو ذڪر ڪندي لاکو صاحب لکي ٿو تہ هڪ ڪتبو سيوهڻ ۾ قلندر جي درگاهہ تي لڳل آهي، ان مان ظاهر آهي تہ مذڪوره ڪتبو فيروز تغلق جي دور ۾ سندس حڪم تي لڳو هو. ٻيو فارسي ڪتبو گجي شهر جي پرسان شيخ ترابيءَ جي مزار تي لڳل هو، جو هن وقت سنڌ ميوزيم حيدرآباد ۾ رکيل آهي. هن ڪتبي جي شروع وارين سٽن ۾ فيروز تغلق جو نالو ڇپيو آهي. هنن ٻن ڪتبن کان سواءِ سيوهڻ ۾ بہ وڌيڪ فارسي ڪتبا پڻ فيروز تغلق جي دور جا يادگار آهن. انهن جي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو تہ آزاد سمن ڄامن جو هن ڏس ۾ ڪوبہ عمل دخل نہ هو. اهي ڪتبا دهليءَ جي بادشاهن جي حڪم ۽ پاليسيءَ پٽاندر لڳا هئا. (مهراڻ ٢/ ١٩٩٥ع، صفحو ٥٢- ٥٣)

سمن جي دور جو هڪ ڪتبو سرائڪيءَ ۾ پڻ مليو آهي، جيڪو سنجرپور (بهاولپور) جي هڪ کوهہ مان ڏيڊ سو ورهيہ اڳ نڪتو هو، جنهن جي پڙهتي مولانا حفيظ الرحمان "ذڪر ڪرام" ۾ هينئين ريت ڏيندي لکيو آهي تہ

منجهس جنهن سڪندر جو نالو ڄاڻايل آهي سو سنڌ جو سمو بادشاهه ڄام سڪندر هو. ڪتبي تي تحرير هيءَ آهي:

سلان سلبند ٽيپان ڦڪيا نام نصير
ڪوه ڪتايا پتر گامڻ دي انڙ نام حمير
وقت سڪندر بادشاهه، ملڪ ڏٺي پهلوان
رعيت راضي ايهه جي، جو پيدا نت جوان
هڪ لک سلان لڳ چڪيان، ٿيا ڪوهه تمام
تري سو بوٽي باغ دي، راڏي انڙ ڄام. (٢)

دهليءَ جي حاڪمن يعني تغلقن جي حڪم ۽ پاليسيءَ پٽاندر سنڌ ۾ فارسيءَ جا ڪتبا لڳايا ويا. تغلقن جي پاليسيءَ ۾ فارسي ٻولي جو نفاذ به شامل آهي. ڪتبا فارسيءَ جا لڳي سگهن ٿا ته فارسيءَ جو نفاذ به ممڪن آهي.

فارسي ڪتبا برابر تغلقن جي حڪم تي لڳا، انهن کي به سمن جي دور سان ئي منسوب ڪيو ويندو ۽ لڳائڻ وارا ڪاريگر، ڪيليگرافر/ ڪاتب ته دهليءَ مان نه آيا هوندا. يقيناً سنڌ جي ڪاريگرن ۽ ڪاتبن جي هٿان ڪتبا لڳايا ويا هوندا.

فارسي ڪتبن جو موجود هجڻ ۽ برقرار رهڻ پڻ هڪ طرح جي ثابتي آهي ته فارسي ٻوليءَ کي اينتري اهميت هئي ته ڪتبا فارسيءَ ۾ اڪرايا ويندا هئا ۽ سنڌ جا ماڻهو فارسي چڱي طرح لکي پڙهي سگهندا هئا. فارسي ڪتبن جي موجودگي ۾ اهين چئي نٿو سگهجي ته سمن جي دور جي سرڪاري ٻولي عربي هئي بلڪ فارسي ڪتبا هن ڳالهه جا غماز آهن ته فارسي ٻوليءَ کي جوڳي اهميت حاصل هئي.

مڪليءَ جي قبرستان ۾ لڳل ڪتبا عربيءَ ۾ اُنڪري آهن ته سنڌ ۾ عربي مذهبي ٻولي ۽ مقدس ٻوليءَ جو درجو رکي ٿي، ۽ سما حڪمران خدا جي فضل سان ڏاڍا نيڪ ۽ ديندار مسلمان هئا. هنن ثواب خاطر قبرن تي عربيءَ ۾ ڪتبا اڪرايا. سنڌ جي حدن اندر ئي هڪ فارسي ڪتبي جو احوال ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڏنو آهي:

اٻاوڙي تعلقي ۾ ريتي اسٽيشن کان ٽي چار ميل ڏکڻ طرف ۽ اڳوٺي ريٺي ندي جي ڦتل وهڪري کان ميل ڏيڍ اوڀر طرف "وجٺوٽ" جي ڦتل شهر جا کنڊر آهن. سن ١٨٧٣ع ۾ کوٽائيءَ دوران هڪ سر هٿ آئي، جنهن تي هيٺين عبارت اُڪريل هئي:

سلطان سڪندر بادشاهه هي شان سيف اسم بالا
سرڪار زهي سن سي باش ٣٥٥١٢
ڪاريگر را قلم عد مرشد بس ڪار ابو راطا

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي خيال ۾ اها سر سلطان سڪندر جي عهد ۾ ٺهي ويئي. ڪتبي جي پهرين سٽ سرائڪي ٻوليءَ ۾ آهي. آخري سٽ جي پڙهٽي غالباً فارسيءَ ۾ "ڪاريگر را قلم قاصر شد بس ڪار او تمام (شد)" معلوم ٿئي ٿي. (٣)

سمن جي دور جي ڪتبن لاءِ اهين چوڻ درست آهي ته قبرن ۽ مقبرن تي اڪرايل اڪثر ڪتبا عربي ٻوليءَ ۾ آهن، جڏهن ته ٻين تعميرات تي ڪتبا فارسيءَ ۾ اڪرايا ويا آهن.

گجي شهر جي پرسان شيخ ترابيءَ جي مزار تي جيڪو ڪتبو آهي ان ۾ علاؤالدين ڄام جوڻي جو نالو ۽ سن ٨٧٢هه اڪريل آهي. ڪتبي جون پهريون ٻه سٽون هي آهن:

بعهد شهر يار دهر سلطان داور [كذا]
شهہ فيروز منصور و مظفر در صفِ شاهان

پير حسام الدين راشدي مڪلي نامي ۾ لکي ٿو:
اهو ڪتبو تعليق ۾ آهي. ٣ صفر ٨٧٢هہ ۾ فيروز تغلق جي دور ۾ ڄام علاؤالدين جي حڪم تي موسيٰ بن شاهجهان اهو مقبرو ٺهرايو (٤)

غلام محمد لاکي صاحب جي خيال ۾ سمن جي شروعاتي دور جي فارسي ڪتبن لڳائڻ ۾ آزاد سنڌ جي سمن جو ڪوبہ عمل دخل نہ آهي. دراصل ڳالهہ تہ پڌري پٽ آهي تہ ڪي سما حاڪم دهلي حڪومت جا ڏن ڀرو بہ هئا تہ ڪي آزاد بہ هئا. سمن جي سموري دور کي نظر ۾ رکڻو پوندو. دهليءَ جي حاڪمن بہ يا ٿي پيرا سمن کي پنهنجي اثر هيٺ آندو. ائين ڪيئن ٿي سگهي ٿو تہ دهليءَ جي اثر واري عرصي ۾ فارسي رائج هجي ۽ جڏهن آزادي نصيب ٿي تہ فارسيءَ کي نيڪالي ڏئي عربيءَ کي نافذ ڪيو ويو هجي، ۽ وري جڏهن دهليءَ جو دٻاءُ هجي" فارسي قائم ڪئي وڃي. آزاد سنڌ گهڻي ۾ گهڻو عرصو ۽ سونهري دور ڄام نظام الدين عرف ڄام ننڊي جي زماني ۾ ڏٺو، يعني تہ ڄام ننڊي پوريا ٤٨ سال حڪومت ڪئي، جيڪو پاڻ فارسيءَ جو شاعر بہ هو. سندس هڪ رباعي هن وقت تائين محفوظ رهي سگهي آهي:

اي آنکه ترا نظام الدين مــيــخــوانند
تو مــفــتــخــري مــرا چنين مــيــخــوانند
گــــر در ره دين از تو خطائي افــتــد
شک نيــسـت کــه کــافــر لعين مــيــخــوانند. (٥)

جيئن تہ قبرن تي ڪتبن جو عربيءَ ۾ هجڻ جو اهڙو ڪو ٺوس ثبوت نٿو ڇئي سگهجي، جنهن جي بناءَ تي چئجي تہ سمن جي دور جي سرڪاري زبان عربي هئي. ٻئي طرف هن دور جي مقبرن ۽ عام تعميرات تي فارسيءَ ۾ اڪريل ڪتبن جي موجودگي سبب خاطرخواهہ نموني چئي نٿو سگهجي تہ سمن جي سموري دور ۾ آزاد توڙي دهليءَ جي تسلط هيٺ آيل سنڌ ۾ فارسي ئي سرڪاري ٻولي هئي.

## ٢ - ڪتاب:

محترم غلام محمد لاکي جي راءِ موجب سمن جي دور ۾ تحرير ڪيل بہ ڪتاب ـ هڪ "الزُبدة" ۽ ٻيو "تذکرة المراد" ـ موجود آهن، تنهن مان اندازو لڳايو ويو آهي نہ عربي ٻولي سمن جي سرڪاري ٻولي هئي.

ڪتاب "الزبدة" جي باري ۾ احوال لکندي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجا خيال هن طرح پيش ڪيا آهن:

"سمن حاڪمن ذاتي طور تي درسي ڪتابن لکائڻ جي ڪوشش ورتي، جنهن جو ثبوت ان دور ۾ منطق بابت لکايل هڪ درسي ڪتاب مان ملي ٿو، جو اتفاقاً زماني جي دستبرد کان بچي ويو آهي ۽ اڄ تائين قلمي صورت ۾ موجود آهي. منطق جي درسي ڪتاب "شمه في الميزان" جي مطالعي کي وڌيڪ آسان بنائڻ خاطر ڄام انڙ عرف محمد سڪندر شاهہ ثاني سن ٨٥٧/٥٨ (١٣٥٦ع) ڌاري منگلور (ڪاٺياواڙ) جي استاد ۽ عالم مولانا علاؤالدين کي استدعا ڪئي تہ هو ٺئين سر سمجهاڻي (شرح) سان اهو ڪتاب مرتب ڪري، جنهن تي مولانا علاؤالدين "الزُبدة" نالي "شمه في الميزان" جي شرح لکي." (٦)

ٻيو ڪتاب، جنهن جو ذڪر لاکي صاحب ڪيو آهي، سو آهي "تذکرة المراد". هي ڪتاب سمن جي دور ۾ حاجي محمد حسين صفائي لکيو. هن ڪتاب جي باري ۾ سيد حسام الدين راشدي صاحب لکي ٿو:

شيخ محمد حسين صفانيءَ جي والده سيد محمد حسين المعروف بہ پير مراد شيرازي جي گھر ۾ ڄم ورتو. هي ٺٽي ۾ فوت ٿيا. شاهہ حسن ارغون ٻہ دفعا شيخ جي زيارت ڪرڻ جي خواهش ڪئي، ليڪن کيس اجازت ڪانہ ڏنائين. پنهنجي پير جي سوانح ۾ "تذڪرة المراد" (عربي) تاليف ڪيائين. سن ۹۳۱ هہ ۾ فوت ٿيو. (۷)

"تذڪرة المراد" جو هڪ نسخو سيد احمد (پير مراد شيرازي جو والد) جي اولاد مان سيد محمد نورالدين حسين وٽ بهروچ ۾ موجود هو. هي ڪتاب پير حسام الدين صاحب مڪلي نامہ جي حاشين جي ماخذ طور بہ ڄاڻايو آهي. (۸)

پير مراد شيرازي، جنهن جي سوانح هن ڪتاب "تذڪرة المراد" ۾ ڏني وئي آهي، سو سنڌ جو هڪ ڪامل بزرگ ۽ ولي الله هو. تحفة الڪرام ۾ آيو آهي تہ شيخ صدرالدين حضرت ذڪريا ملتاني جو ڏوهٽو جڏهن ٺٽي آيو ۽ اچي ساڻس مليو، تہ هن کيس چيائين تہ "مراد مشائخاني و از تو مرادها حاصل شوند". پير مراد شيرازيءَ جو ڏاڏو ۽ والد صاحب سن ۰ ۷هہ ۾ شيراز مان هلي سنڌ ۾ آيا. شيراز جو خاندان ٺٽي ۾ علم و دانش جو هڪ مينار هو. شيرازي عالمن جي پنهنجي مادري زبان فارسي هئي.

سمن جي دور ۾ تصنيفات عربي توڙي فارسيءَ ۾ ٿيون، جي هن دور جون علمي ۽ ادبي زبانون هيون. غلام محمد لاکو صاحب پنهنجي ڪتاب "سمن جي سلطنت" ۾ لکي ٿو:

"دريا خان جي شهادت کان پوءِ سنڌ جو تختگاهہ ٺٽو ڏهن ڏينهن تائين آگ ۽ خون ۾ سڙندو رهيو. ڏهن ڏينهن ۾ هن تباهيءَ شهر جي رونق ۽ ڇهچٽو ختم ڪري ڇڏيو. سوين گھر اجڙيا ۽ هزارين ماڻهو شهيد ٿيا. ان تباهہ ڪن حالات ۾ نہ شريف جي عزت محفوظ رهي ۽ نہ وري عالم جو علم ۽ ڪتاب بچي سگھيا." (۹)

## ۲- ٻولي:

لاکو صاحب پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿو تہ "سنڌي حاڪمن مڪمل آزادي وڃڻ کان پوءِ غلامي ۽ محڪومي جي هر نشان کي ختم ڪيو هوندو. فارسي ٻولي بدستور سرڪاري ٻولي رهندي اچي ها تہ (علاؤالدين ڄام جوڻي کان پوءِ) سمن جي خاتمي تائين سنڌ ۾ هن ٻوليءَ ۾ تصنيف ۽ تاليف جا انبار لڳي وڃن ها." (صفحو ۵۴) فرض ڪجي تہ سمن جي دور ۾ عربي سرڪاري ٻولي هئي تہ پوءِ عربي ٻوليءَ ۾ تصنيف ڪيل ڪتابن جا انبار ڪٿي آهن؟ صرف ٻہ ڪتاب دستياب آهن، تن مان هڪ جو مصنف مولانا علاؤالدين منگلوري ڪانياواڙ جو رهاڪو هو. ڇا سمن جي دور ۾ سنڌ ۾ عربيءَ جو ڪوبہ اهڙو عالم ڪونہ هو جيڪو عربي ڪتاب "شمه في الميزان" جي آسان شرح لکي سگھي ها! اها ڪهڙي مجبوري هئي جنهن سبب ڪتاب "الزبدة" لکڻ لاءِ ڪانياواڙ جي عالم کي چيو ويو. سمن جي دور ۾ عربي سرڪاري ٻولي هجي ها تہ سنڌن دربار عربيءَ جي عالمن سان ڀريل هجي ها، پر ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ سمن حاڪمن مان بہ حاڪم پاڻ فارسيءَ جا شاعر هئا ۽ سنڌن شان ۾ قصيدا بہ فارسيءَ ۾ ملن ٿا. سمن جي دور ۾ ايران، هرات ۽ وچ ايشيا جي اهڙن علائقن مان عالمن، فاضلن ۽ استادن جو هڪ وڏو انگ دعوت ڏئي سنڌ ۾ گھرايو ويو، جنهن جي علمي ۽ عام ٻولي فارسي هئي. سمن جي سرڪاري زبان عربي هجي ها تہ عرب علائقن مان عالم گھرايا وڃن ها. سمن جي دور سان تعلق رکندڙ فارسيءَ جي ڪن عالمن جا نالا ڊاڪٽر الانا صاحب ڏنا آهن: ڄام ننڊو، قاضي قاضن، شيخ عيسيٰ لنگوٽي، مخدوم بلال، قاضي شيخ محمد اُچي، مولانا ضياءُ الدين راهوٽي، مولانا مصلح الدين لاڙي، سيد مراد شاهہ شيرازي ۽ سيد علي شيرازي (۱۰). فارسي شاعر، جن جو تعلق سمن جي دور سان آهي، تن مان ڪي نالا غلام محمد لاکي صاحب پاڻ زير نظر مضمون ۾ ڏنا آهن: اثيرالدين ابهري، انوار، مخدوم بلال، شيخ حماد، عبدالعزيز ابهري، عيسيٰ برهانپوري ۽ ڄام ننڊو. (صفحو ۵۱)

مٿي ڄاڻايل سمورين حقيقتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سمن جي دور ۾ ٻني ٻولين عربي توڙي فارسي، علمي ۽ ادبي حيثيت ۾ موجود هيون. تصنيف و تاليف جو سلسلو ٻنهي ٻولين ۾ جاري هو. مدرسن ۾ جتي عربيءَ ۾ تعليم ڏني ويندي هئي، اُتي فارسي پڻ پڙهائي ويندي هئي. جيئن تہ ارغونن جي شروع ۾ ئي ٺٽي شهر کي تلف و تاراج ڪيو ويو، تہ ڪتاب پڻ صفحہ هستيءَ تان ميسارجي ويا؛ اتفاقاً ہ ڪتاب عربيءَ جا بچي ويا آهن. صرف ٻن ڪتابن جي آثار تي ائين چوڻ تہ سمن جي دور جي سرڪاري ٻولي عربي هئي، سراسر نامڪمل ثبوت آهي.

بقول محترم غلام محمد لاکي صاحب جي سمن جي دور ۾ دهلي جي حڪمرانن سان ڪڏهن بہ مفاهمت پيدا ڪانہ ٿي تنهنڪري ٻاهران نافذ ٿيندڙ فارسي ٻولي سمن جي آزاد حڪمرانن کي نہ ٿي آئڙي، تنهنڪري فارسيءَ زبان کي هنن سرڪاري زبان جو درجو نہ ڏنو هوندو. هن ڏس ۾ سنڌ ۾ فارسي ٻوليءَ جي خاص طور سمن جي دور ۾، اهميت ۽ حيثيت متعين ڪرڻ لاءِ چند گذارشون پيش ڪجن ٿيون.

سمن جي دور ۾ فارسي جي سرڪاري حيثيت هئڻ بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو:

"بحيثيت سرڪاري زبان جي غالباً سمن جي دور جي شروعات کان وٺي فارسيءَ جو دخل شروع ٿيو. ان جو مکيہ سبب اهو هو جو ان کان اڳ تقريباً ٻن سون ورهين کان وٺي فارسي دهليءَ جي مرڪزي حڪومت جي دفتري ۽ سرڪاري ٻولي جي حيثيت ۾ اهميت حاصل ڪري چڪي هئي ۽ پڻ صوبائي گورنرن جي دفتري زبان جي حيثيت ۾ هندستان جي گهڻي ڀاڱي ۾ اها عام ڪاروباري زبان جي صورت ۾ رائج ٿي چڪي هئي. سمن جي طاقت جي اسرڻ وقت سنڌ جا پاڙيسري پرڳڻا گجرات توڙي ملتان سڌو سنئون دهليءَ جي ماتحت هئا." (١١)

هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر بلوچ اڳتي لکي ٿو:

"ملتان جي گورنر عين الملڪ جي خط وڪتابت فارسيءَ ۾ آهي ۽ يقيني طور جام ٻانڀڻيي ۽ سنڌ جي ٻين سربراهن طرفان لکيڙهہ پڻ فارسيءَ ۾ ٿي هوندي. اها آڳاٽي ۾ آڳاٽي فارسي خط و ڪتابت آهي جيڪا دهلي جي مرڪزي حڪومت جي گورنر ۽ سنڌ جي سمن حاڪمن ۽ ٻين سربراهن جي وچ ۾ ٿي ۽ جنهن جو پڪو پختو تاريخي حوالو موجود آهي. ان بناءَ تي چئي سگهجي ٿو تہ سمن جي طاقت جي شروعات کان وٺي فارسي سياسي معاهدن ۽ مراسلن جي زبان تسليم ٿيڻ لڳي." (١٢)

پير حسام الدين راشدي صاحب گورنر عين الملڪ جا سنڌ جي سمن حاڪمن ۽ ٻين اميرن ڏانهن لکيل خط سنڌي ترجمي سميت مڪلي نامي ۾ ڏنا آهن.

لاکو صاحب سمن جي دور ۾ عربي ٻوليءَ جي اهميت کي واضح ڪندي لکي ٿو تہ ٻن صدين کان هندستان ۽ سنڌ ۾ ڪڏهن بہ مفاهمت پيدا نہ ٿي سگهي. سنڌ جي سمن ۽ گجرات جي بادشاهن ۾ بهترين لاڳاپا قائم هئا. گجرات ۾ عربي زبان کي اعليٰ مقام مليل هو، ان ريت سنڌ جي حاڪمن بہ هن زبان کي اهميت ڏني جا سنڌن خاتمي تائين جاري رهي. (صفحو ٥٤)

سنڌ ۽ گجرات جا لاڳاپا سمن ۽ گجرات جي بادشاهن جي وچ ۾ سڳابندي ٿيڻ سبب تمام سٺا هئا. گجرات ۾ عربي کي اهميت ڪيتري بہ هئي پر سرڪاري ٻوليءَ جي حيثيت اُتي بہ ان کي ڪونہ هئي. گجرات مان هن زماني جو هڪ ڪتبو احمدآباد جي ويجهو مليو آهي. هن ڏس ۾ ايدلجي ڏوساڀائي لکي ٿو:

"احمدآباد گجرات کان هڪ ميل جي فاصلي تي هڪ کوهہ سلطان محمود بيگڙي جي گهر واري راڻي ٻائي هريءَ کوٽايو هو، جنهن ۾ ڪيترين بالڪنيون ۽ ڏاڪڻيون وغيره پڻ هيون. هڪ بالڪني تي سنسڪرت ۾ اڪريل ڪتبو هو، جنهن تي کوهہ جي تعمير جي تاريخ سومر ١٣ مهينو سنبت ١٥٥٦، يعني تہ ١٥٠٠ - ١٤٩٩ عيسوي سال لکيل آهي. کوهہ تي اٽڪل ٽي لک ٽنڪا خرچ آيو." (١٣)

سمن جي دور ۾ موجوده سنڌ جي حدن اندر يعني ننگرپارڪر لڳ ڀوڏيسر ۾ گجرات جي حاڪم محمود

بيگڙي هڪ مسجد تعمير ڪرائي هئي، جنهن جي ڍيگهه ۽ ويڪر ٽيهه فوٽ آهي. اڏاوت جو نمونو بهترين آهي. اندر فارسيءَ ۾ اکر لکيل آهن: "محمود شاهه بن مظفر شاهه بن غياث الدين سن ۱۵۰۵ع." هيٺ گجراتيءَ ۾ سن لکيل آهي "سنبت ۱۵۶۲" ۽ فارسيءَ ۾ لکيل آهي "جيڪڏهن مسجد زخمي ٿي پوي ته وقت جي حاڪم تي اهو فرض عائد ٿئي ٿو ته ان کي درست ڪرائي." (۱۴)

پوڏيسر جي مسجد ۾ هيءُ ڪتبو اجا به موجود آهي. ۱۹۹۲ع ۾ تر سيمينار مِني جي موقعي تي هيءُ ڪتبو مون پاڻ ته ڏٺو هو، پر محترم غلام محمد لاکي صاحب به ڏٺو هو.

گجرات جي حاڪمن جا به ڪتبا هڪ سنسڪرت ۾ ۽ ٻيو فارسيءَ ۾ ثابت ڪن ٿا ته گجرات ۾ عربي سرڪاري ٻولي نه هئي، ۽ فارسيءَ کي نه صرف گهڻو مان مرتبو هو پر سرڪاري ٻولي به فارسي هئي.

سمن جي دور ۾ سنڌ جي چوطرف فارسيءَ جو اثر رسوخ تمام گهڻو هو. سنڌ ۾ فارسي سمن کان اڳ ئي پهچي چڪي هئي. ڪن عالمن جي راءِ موجب سنڌ ۾ فارسيءَ جي شروعات عربن جي اچڻ سان ٿي. محمد بن قاسم جي لشڪر ۾ ڪيترائي جتا فارسي ڳالهائڻ وارا موجود هئا. هن ڏس ۾ ڊاڪٽر اياز قادري لکي ٿو:

"جيڪڏهن عربن سان گڏ ايران وارن به سنڌ ۾ قدم رکيو ته ان مان اهو انومان ڪڍي سگهبو ته پارسي زبان عربي زبان سان گڏ سنڌ جي ڌرتيءَ تي وک وڌائي هئي. قاضي احمد ميان اختر جهونا ڳڙهي پنهنجي مضمون "سنده کا فارسي ادب" ۾ ٻڻ اهڙي خيال جو اظهار ڪيو آهي. انهن ۾ ڪيترائي شيرازي به هوندا جن جي مادري زبان پارسي هئي. ان ڪري قياس ڪري سگهجي ٿو ته فارسي زبان ايرانين بدولت پهتي هوندي، جيڪي محمد بن قاسم جي فوج ۾ شريڪ هئا." (۱۵)

مولائي شيدائي لکي ٿو:

"عرب جاگرافيدانن ۽ سياحن جي بيانن مان معلوم ٿئي ٿو ته عرب دور کان وٺي سنڌ ۾ عربيءَ سان گڏ فارسي به ماڻهن ۾ مقبول هئي. بشاري مقدسي سنڌ ۾ ۹۸۵ع ۾ آيو هو. هو لکي ٿو ته فارسي زبان سنڌ وارا سمجهن ٿا." (۱۶)

سمن جي دور ۾ فارسي ٻوليءَ جي حيثيت ۽ اهميت جي باري ۾ مختلف عالمن ۽ اسڪالرن جا بيان تفصيل ۽ وضاحت سان ملن ٿا. هت صرف به حوالا پيش خدمت آهن:

سومرن جي ڏينهن ۾ ئي فارسي سرڪاري زبان بڻجي چڪي هئي. سمن جي ڏينهن ۾ فارسي زبان جو رواج اجا به وڌيو ۽ فارسيءَ ۾ تصنيف ۽ تاليف جو آغاز ٿيو. ان دور جي ڪن فارسي شاعرن جا نالا به ملن ٿا. (۱۷) هي بيان ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو آهي.

ٻيو حوالو جناب ايم. ايچ. پنهور صاحب جي "ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ" مان ڏجي ٿو. جناب پنهور صاحب لکي ٿو:

"Arabic probably continued to be used as official language by Soomras, but with the advent of Sammas, Persian was adopted as official language." (18)

سمن حڪمرانن کي ڌارين جي ٻولي فارسيءَ سان ذرو به نفرت هجي ها ته ردعمل طور محبت پنهنجي ٻولي سنڌيءَ سان ڪن ها، پر ائين نه ٿيو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي ڪابه همت افزائي سمن جي دور ۾ سرڪاري سطح تي ڪانه ٿي آهي. لاکو صاحب به تسليم ڪري ٿو. پاڻ مضمون ۾ لکي ٿو ته ويچار صرف ان ڳالهه جو آهي ته سمن جامن، جيڪي نج نبار سنڌي نسل جا هئا، انهن پڻ پنهنجي مادري ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌاري ۾ ڪابه دلچسپي نه ورتي (صفحو ۵۳) پوءِ به سمن جي دور ۾ سنڌي ادب ۾ گهڻو واڌارو آيو. ڇاڪاڻ ته هن دور ۾ ڪافي تعداد ۾ شاعرن جو ڪلام ملي ٿو، جن مان مخدوم احمد ڀٽي، حماد جمالي، نوح هوٿياڻي، اسحاق آهنگر ۽ شيخ پراڻ ته

نهايت نامور شاعر ٿي گذريا آهن. هن دور ۾ ڪلام جو جيڪو وڏي ۾ وڏو ذخيرو مليو آهي سو آهي قاضي قادن جو، جنهن کي لاکو صاحب سمن جي دور جو نه پر ارغون دور جو شاعر سڏي ٿو. قاضي قادن جي جنم ۽ وفات جا سن نامور محقق هيري ٺڪر مطابق هي آهن: جنم ١٤٦٣ع ۽ وفات ١٥٥١ع. سمن جي سلطنت جي خاتمي جو سن آهي ١٥٢٠ع. يعني ته ١٥٢٠ع ۾ قاضي قادن ٥٧ سالن جو هو. قاضي قادن پنهنجي زندگيءَ جا ٥٧ سال سمن جي دور ۾ گذاريا ۽ آخري ايڪٽيهه سال ارغون دور حڪومت ۾ گذاريا. ڇا قاضي قادن ٥٧ سالن جي عمر کان پوءِ شعر چوڻ شروع ڪيو؟ ائين به نه هوندو ته قاضي قادن ٥٧ سالن جي عمر کان پوءِ شعر چوڻ ني ڇڏي ڏنو هوندو تنهنڪري قاضي قادن کي سمن جي آخري دور ۽ ارغونن جي شروع واري دور جو شاعر تصور ڪرڻ درست آهي. بهرحال سنڌي ٻوليءَ ۾ معياري شعر سرجڻ واري دور ۾ سمن جامن سنڌي ٻوليءَ جي ڪاٻه پذيرائي ڪانه ڪئي.

## سنڌ ۾ فارسي شاعري:

سنڌ ۾ فارسي شاعري سمن جي حڪومت کان به اڳ شروع ٿي چڪي هئي. ڊاڪٽر سدارنگاڻي لکي ٿو:

علي بن حامد ڪوفي ڪتاب "منهاج الدين و ملڪ" جو فارسي ترجمو ڪيو، جيڪو چچنامي جي نالي سان عام مشهور آهي. هن ڪتاب ۾ پنهنجا فارسي شعر به ڏنائين، جيڪي ناصرالدين قباچه (وفات ١٢٢٨ع) جي تعريف ۾ چيل آهن. هڪ شعر هي آهي:

خسروا ملڪ پر تو خرم باد
کل گيتي ترا مسلم باد

سدارنگاڻيءَ جي خيال ۾ علي ڪوفي فارسيءَ جو پختو شاعر هو ۽ سنڌ ۾ فارسي شاعريءَ جو پايو وجهندڙ هو. (١٩)

سمن جي دور ۾ فارسيءَ ۾ شاعري ڪندڙن حضرت عثمان مروندي کان علاوه شيخ حماد جمالي، شيخ عيسيٰ برهانپوري، جام نظام الدين، مخدوم بلال، جام جوڻو وغيره لاءِ سدارنگاڻي لکي ٿو:

"It is hard to believe that the people to whom Persion was an alien tongue could have at once begun with such a sure mastery of the rules of Persion prosody, as the above pieces reveal. However, in the absence of any clear data we regard these as the earliest known specimens of Persian poetry written in Sindh, and assume that they mark the first stage in the periodic development of Persion poetry in Sindh. ( 20).

جام جوڻو، جيڪو سمن جي شروعاتي دور جو حڪمران هو، تاريخ فيروزشاهيءَ ۾ سندس فارسي شعر جي هڪ سٽ ڏنل آهي، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته هن فيروزشاهه تغلق جي دربار ۾ معافي گهرندي چئي هئي. سٽ هن طرح آهي:

شاهه بخشنده توئي، بندهء شرمنده منم.

سمن جي دور جو شاعر شيخ حماد جمالي، سمن جي پهرين تخت گاهه ساموئيءَ جو رهاڪو هو. هو هڪ وڏو عالم ۽ درويش هو. هن فارسيءَ ۾ شاعري ڪئي. هرومل سدارنگاڻيءَ مقالات الشعراء جي حوالي سان سندس هڪ رباعي ڏني آهي:

دو گزک بوريا و پوستکي دلکي پرز درد دوستکي
اينقدر بس بود جمالي را عاشق رند ولاابالي را

مقالات الشعراء ۾ شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي پڻ هڪ رباعي ڏنل آهي:

قيد باشد حکيم! در ره دوست دوگزک بوريا و پوستکي.

گـر تو آزادهء بس است ترا دلکي پرز درد دوسـتکي.

سمن جي دور جي فارسي شاعريءَ کي بيحد پکي پختي شاعري ڪري مڃيو وڃي ٿو. سدارنگاڻي لکي ٿو: سمن جي دور جي فارسي شعر جي مذکوره حصن کي غور سان مطالعو ڪرڻ سان پتو پوي ٿو ته جام جوڻي جي سٽ بحر رمل مخبون ۽ شيخ حماد ۽ شيخ عيسيٰ جا بند بحر خفيف ۾ چيل آهن. جڏهن ته جام ننڍي ۽ مخدوم بلال جو ڪلام رباعين تي مشتمل آهي. (٢١).

مولانا اثيرالدين ابهري جو والد مخدوم عبدالعزيز ابهري هروي سمن جي دور ۾ ٩١٨هه ۾ سنڌ ۾ آيو هو. اثير الدين فارسيءَ جو پختو شاعر نظر اچي ٿو. هن جو هڪ فارسي قصيدو جام فيروز جي شان ۾ چيل تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ آهي. هن قصيدي جي باري ۾ جناب غلام محمد لاکو لکي ٿو: جام فيروز ۽ جام صلاح الدين جي وچ ۾ لڳل جنگ ۾ حالانڪ صلاح الدين سوڀارو ٿيو، ليڪن اٽڪل ۽ حرفت سان درياخان ناڪاميءَ کي فتح ۾ تبديل ڪيو. ان ريت صلاح الدين ٺٽي مان نڪري گجرات هليو ويو. دريا خان شهر تي قبضو ڪيو ۽ جام فيروز عيد ڏينهن فاتحانه انداز ۾ ٺٽي ۾ داخل ٿيو. ٺن ڪاميابي ۽ حاصلات جي خوشيءَ ۾ هڪ جشن ملهايو ويو. ان نسبت سان اثير الدين ابهري جام فيروز جي شان ۾ هڪ قصيدو چيو:

از آن آسـمـانست فـيـروزه رنگ
کـه نقش نگين تو داده بچنگ
شب و روز گـردد بغـيـر وزيت
تو فـيـروز شـاهي و بهـروزيت
همي خـواهد از کـردگـار جليل
کـه باشي تو اندر جـهـان بيـعـدل. (٢٢)

سمن جي زماني ۾ فارسي شاعريءَ جي باري ۾ مٿيون احوال ناقابل ترديد ثبوت آهي ته سمن جي دربار ۾ فارسي شاعريءَ کي رسائي حاصل هئي. فارسيءَ ۾ قصيدا به پڙهيا ويندا هئا. ٻاهرين حاڪمن سان لکپڙه جو رڪارڊ به فارسيءَ ۾ رکيو ويندو هو، جنهن جي آثار تي بنا ڪنهن شڪ شبهي جي چٽي سگهجي ٿو ته سمن جي دور حڪومت ۾ فارسي کي سرڪاري حيثيت حاصل هئي.

## ٤- سڪا:

غلام محمد لاکي صاحب عربي ٻوليءَ جو سرڪاري ٻولي هجڻ لاءِ هڪ دليل هيءُ به ڏنو آهي ته سمن جي جاري ڪيل سڪن تي عربي رسم الخط تحرير ڪيل آهي. (صفحو ٥٠) هن دليل لاءِ عبدالله ورياهه صاحب جي مقالي "سنڌ ۾ سمن جي دور جي سڪا" مان حوالو ڏنو ويو آهي.

سمن جي دور سان واسطو رکندڙ اٽڪل ٽيهارو سڪن جو تفصيلي اڀياس جناب عبدالله ورياهه پنهنجي مقالي ۾ ڏنو آهي. ٽيهن سڪن مان صرف ٽي سڪا ٽامي جا اهڙا آهن جيڪي جام ننڍي ۽ جام فيروز جي زماني ۾ جاري ٿيا. مذکوره ٽن سڪن تي ڄامن حاڪمن جا صرف نالا عربي رسم الخط ۾ آهن. سڪن تي نه سن لکيل آهي ۽ نه ضربخاني جي شهر جو نالو لکيل آهي. هڪ سڪي تي اکر به ابتا لکيل آهن. عبدالله ورياهه صاحب جي راءِ ۾ سمن حاڪمن کي سڪو رائج ڪرڻ ۾ ڪا به دلچسپي ڪانه هئي. مذکوره ٽامي جا ٽي سڪا به ڪنهن امير سمن جي پاران جاري ڪيا ٿا ڏسجن. سمن جي دور جي ٢٧ ڪن ٻين سڪن جي باري ۾ عبدالله ورياهه صاحب ٻڌائي ٿو ته سمن جي دور ۾ دهلي، گولڪنڊي ۽ گجرات جا تيموري سڪا رائج هئا، جن ۾ اڪثر سڪن تي عربي ۽ فارسيءَ ۾ بادشاهن جا نالا سن سال وغيره لکيل آهن. هي سڪا سون، چاندي ۽ ٽامي جا ٺهيل آهن ۽ ساري سنڌ ۾ رائج هئا. (٢٣)

فقط ٽن سڪن تي عربي رسم الخط ۾ حاڪمن جا رڳو نالا ئي ملن ٿا. ننڍي ڪند ۾ هڪ وڏي عرصي کان

عربي توڙي فارسي جا رسم الخط. نسخ توڙي نستعليق نهايت ني مقبول رهيا آهن. صرف عربي رسم الخط وارا چند سڪا ملڻ هڪ اهڙو اٿيورو ۽ اڏورو ثبوت آهي، جنهن جي آڌار تي لاڪو صاحب عربي ٻوليءَ کي سمن جي سرڪاري ٻولي قرار ڏني ٿو، ٻئي طرف سون چاندي ۽ ٽامي جي اڪيچار سڪن کي نظرانداز ڪيو وڃي ٿو جن تي فارسيءَ ۾ عبارتون تحرير ٿيل آهن ۽ اهڙا سڪا سنڌ ۾ عام جام رائج هئا.

سمن جي دور ۾ جتي فارسي هڪ اهم ٻولي ۽ سرڪاري زبان هئي، اُتي عربي ٻوليءَ کي مذهبي ٻولي طور وڏي اهميت ۽ حيثيت حاصل هئي. مدرسن ۾ عربي پڙهائي ويندي هئي. ان اهميت جي پيش نظر عربيءَ ۾ تصنيف و تاليف ۽ قبرن ۽ مقبرن تي عربيءَ جو وجود نظر اچي ٿو. عربي ٻولي ساڳي ريت سمن کان پوءِ بہ هر دور ۾ ويندي اڄ تائين بہ، سنڌ ۾ سنڌ واسين جي حياتيءَ ۾ بيحد اهم ڪردار ادا ڪري ٿي، پر تنهن هوندي بہ سمن جي دور کان وٺي اڄ تائين ڪنهن دورحڪومت ۾ عربي ٻولي سرڪاري، درباري ۽ دفتري ٻوليءَ جي حيثيت ۾ نہ رهي آهي.

## حوالا


١ـ غلام محمد لاڪو: (مضمون) "سمن جي دور جي علمي ۽ سرڪاري ٻولي." مهراڻ ٢/ ١٩٩٥ع. ص ٥۴

٢ـ مير علي شير قانع/ حسام الدين راشدي: "مڪلي نامہ" ١٩٦٧ع. ص ١٧٦

٣ـ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" ٽيون ايڊيشن ١٩٩٠ع. ص ١٦٦ـ ١٦٧

۴ـ مير علي شير قانع/ حسام الدين راشدي: "مڪلي نامہ" ١٩٦٧ع. ص ١٠٧

٥ـ Sadarangani, H.I: "Persian Poets of Sindh"1987 p12.

٦ـ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" ١٩٩٠ع ص ١٧٢

٧ـ پير حسام الدين راشدي: "مڪلي نامہ" ١٩٦٧ع. ص ٥٢

٨ـ پير حسام الدين راشدي "مڪلي نامہ" ١٩٦٧ع. ص ٨٠

٩ـ غلام محمد لاڪو، "سمن جي سلطنت" ١٩٨٧ع ص ٥

١٠ـ ڊاڪٽر غلام علي الانا: "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس" ١٩٨٧ع ص ٣٣٢ـ ٣٣٣

١١ـ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" ١٩٩٠ع س ١٧٢ـ ١٧٣

١٢ـ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ ١٩٩٠ع ص ١٧۴

١٣ـ Edalji Dosabhai: "A History of Gujrat "1986 p 95

١۴ـ منگھارام اوجھا: "پراڻو پارڪر" ١٩٦٦ع. ص ٧٠

١٥ـ ڊاڪٽر اياز قادري: "سنڌي غزل جي اوسر" ، ٻاگو پهريون ١٩٨٣ع، ص ٢٩ـ ٣٠

١٦ـ مولائي شيدائي: "جنت السنڌ" ، ١٩٥٨ع ص ٢١١

١٧ـ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو" ، ٻيو ڇاپو ١٩٧۴ع. ص ٣١ـ ٣٢.

١٨ـ M.H Panhwar. "Chronological Dictionary of Sind" 1983 p 358

١٩ـ Sadarangani. H. I: " Persian Poets of Sindh" 1987. p 6.

٢٠ـ Sadarangani. H. I Ibid Pxii

٢١ـ Sadarangani H. I. Ibid p13

٢٢ـ غلام محمد لاڪو: "سمن جي سلطنت" ، ١٩٨٧، ص ٣٨

٢٣ـ عبدالله ورياهہ: (مضمون) "سنڌ ۾ سمن جي دور جا سڪا ۽ انهن جي تاريخي اهميت" ، "سنڌي ادب" ١٩٨٠ع ص ـ ١٨٧ـ٢٠٠

**محمد پنهل ڏهر**

# سچل سرمست لئبرري خيرپور ۾ موجود قلمي نسخن جو تعارف

سنڌ ڌرتي علم ۽ ادب جي ميدان ۾ صدين کان سرسبز ۽ شاداب پئي رهي آهي، جنهنڪري هر دؤر اندر سنڌ ۾ ذاتي ڪتبخانا سون جي تعداد ۾ موجود پئي رهيا آهن. سنڌ ۾ تقريباً هر ديني مدرسي کي پنهنجو ذاتي ڪتبخانو هوندو هو، جنهن ۾ ڇپيل ڪتابن کان سواءِ اڻڇپيل يعني قلمي نسخن جو ججهو تعداد پڻ موجود هوندو هو.

اهڙيءَ طرح هن دؤر ۾ سنڌ اندر ذاتي ڪتبخانن کان سواءِ ڪيترائي بيا سرڪاري توڙي نيم سرڪاري ادبي ادارا ۽ لئبرريون موجود آهن، جن ۾ بڻ ڇپيل ڪتابن کان سواءِ ناياب ۽ قيمتي قلمي نسخا بہ موجود آهن. ليڪن افسوس سان چئجي ٿو تہ علمي حلقا اڄ تائين سنڌ جي انهن ڪتبخانن ۽ ديني مدرسن جي نالن ۽ انهن ۾ موجود ڪتابن کان اڻواقف آهن، ڇاڪاڻ تہ انهن ڪتبخانن جو تعارف ۽ انهن ۾ موجود ڪتابن متعلق ڪوبہ ڪئٽلاگ يا فهرست ڇپيل نہ آهي، تنهنڪري اسان جي انهن ڪتبخانن ۾ موجود قلمي نسخن جي قيمت ۽ افاديت ايستائين ڪٿي نٿي سگهجي، جيستائين انهن جي باري ۾ صحيح معلومات حاصل نٿي ٿئي. جيستائين انهن ڪتبخانن ۾ موجود ڪتابن جو تشريحي ڪئٽلاگ تيار ٿي ميدان ۾ نٿو اچي، تيستائين اسان جي عالمن، فاضلن، اديبن ۽ شاعرن جي علمي ۽ ادبي حيثيت ۽ اهميت صندوقن ۽ المارين ۾ بند ٿيل سمجهڻ گهرجي. ڪوبہ محقق ۽ مؤرخ انهن قيمتي نسخن تائين تيستائين نٿو پهچي سگهي ۽ انهن مان فائدو حاصل نٿو ڪري سگهي، جيستائين انهن جي سامهون ڪتبخاني ۾ موجود ڪتابن جو ڪئٽلاگ يا فهرست موجود نہ هوندي.

سنڌ ۾ "سچل سرمست سنڌ گورنمينٽ لئبرري خيرپور" جو شمار بہ اهڙين لئبررين ۾ ٿئي ٿو، جنهن ۾ هزارين ڇپيل ڪتابن کان سواءِ ڪيترائي اڻلڀ ۽ قيمتي قلمي نسخا بہ هزارن جي تعداد ۾ موجود آهن.

## لئبرريءَ جو قيام ۽ تعارف:

علمي ۽ ادبي لحاظ کان ڪلهوڙا دؤر کان پوءِ ٽالپرن جي دؤر کي وڏي اهميت حاصل آهي. ٽالپر حڪمران پاڻ بہ بلند پايي جا اديب ۽ شاعر هئا، جنهنڪري عالمن، اديبن ۽ شاعرن جا قدردان بہ هئا. سندن دربار عالمن، اديبن ۽ شاعرن سان هميشه ڀريل رهندي هئي. ٽالپرن جي دربار ۾ مقامي عالمن، اديبن ۽ شاعرن کان سواءِ ٻاهر جا بہ ڪيترائي اديب، شاعر ۽ عالم موجود رهندا هئا، جن پنهنجي علمي شهپارن سان سنڌ جي ادبي شهرت کي ٻاهرين ملڪن تائين روشناس ڪرايو.

رياست خيرپور جا والي مير صاحبان بہ علم ۽ ادب جا شوقين ۽ قدردان هئا. "سچل سرمست سنڌ گورنمينٽ لئبرري خيرپور" ۾ موجود علمي ذخيرو سندن علمي ۽ ادبي ذوق جو جيئرو جاڳندو ثبوت آهي. هي لئبرري هز هائنيس مير فيض محمد خان ٽالپر (واليءِ رياست خيرپور) ١٩٠٣ع ۾ "فيض محل لئبرريءَ" جي نالي سان قائم ڪئي. ون يونٽ قائم ٿيڻ ڪري رياست خيرپور جو وجود بہ ختم ڪيو ويو ۽ هن لئبرريءَ کي بہ مرڪزي سرڪار جي تحويل ۾ ڏنو ويو. هن لئبرريءَ جي موجوده نئين عمارت جو سنگ بنياد هز هائنيس مير علي مراد خان ٽالپر ٢٦ جولاءِ ١٩٦٢ع تي "ميونسپل پبلڪ لئبرري خيرپور" جي نالي سان رکيو. ١٤ مارچ ١٩٦٥ع تي ان وقت جي وزير خارجہ جناب ذوالفقار علي ڀٽي هن لئبرريءَ جو "ڊويزنل پبلڪ لئبرري خيرپور" جي نالي سان افتتاح ڪيو. ون يونٽ ختم ٿيڻ کان پوءِ هي لئبرري سنڌ حڪومت جي حوالي ڪئي وئي. سنڌ جي ڏهوڪي وزير اعليٰ رٽائرڊ جسٽس

سيد غوث علي شاهہ هن لئبريءَ جو موجوده نالو "سچل سرمست سنڌ گورنمينٽ لائبريري" رکيو.

هن لئبريريءَ جي عظيم الشان عمارت، مال روڊ تي سابق خيرپور رياست جي ٽالپر حڪمرانن جي خوبصورت يادگار "فيض محل" جي پرسان آهي. لئبريريءَ جي عمارت ٻن منزلن تي مشتمل آهي. پهرين منزل هڪ وڏي هال تي مشتمل آهي، جنهن انگريزي ڪتابن سان ڀريل ڪٻٽ ديوارن جي پرسان جوڙاري موجود آهن. هال جي وچ تي وڏيون وڏيون ميزون ۽ انهن جي چوڌاري ڪرسيون رکيل آهن، جتي روزانو سَون جي تعداد ۾ مقامي ۽ ٻاهريان ماڻهو، نڪرندڙ سنڌي، اردو ۽ انگريزي اخبارون ۽ رسالا ويهي پڙهندا آهن. ديوارن تي رياست خيرپور جي ٽالپر حڪمرانن جون خوبصورت ۽ قيمتي تصويرون لڳل آهن. ٻيءَ منزل تي پهچڻ لاءِ وچ تي ڏاڪڻ ٺهيل آهي. ٻي منزل به هڪ وڏي هال جي صورت ۾ آهي، جتي پڻ ڪتابن سان ڀريل وڏا وڏا ڪٻٽ ديوارن سان جوڙاري موجود آهن، جن ۾ هر زبان ۽ هر مضمون تي هزارن جي تعداد ۾ ڪتاب موجود آهن. هتي به هال جي آخر ۾ مطالعي ڪندڙن لاءِ خاص انتظام ٿيل آهي، جتي پڻ ميزون ۽ ڪرسيون رکيل آهن. هر ماڻهو پنهنجي پسنديده مضمون جو ڪتاب انچارج کان حاصل ڪري پڙهي سگهي ٿو.

هن لئبريريءَ ۾ روزانو سون جي تعداد ۾ عام ماڻهو ۽ تحقيق ڪندڙ مطالعي لاءِ اچن ٿا. تحقيق ڪندڙن لاءِ فوٽو ڪاپي ڪرائڻ جي به اجازت آهي. مطلب ته لئبريريءَ جو عملو اسڪالرن ۽ ٻين پڙهندڙن سان پورو پورو تعاون ڪري ٿو.

هن لئبريريءَ ۾ ٻيءَ منزل تي هڪ " قلمي قرآن پاڪ" فارسي ترجمي سان شيشي جي هڪ ننڍڙي ۽ خوبصورت ڪٻٽ ۾ بند ٿيل آهي. متس نقش نگاري سون جي پاڻي سان ٿيل آهي. مير رستم خان والي رياست خيرپور، پنهنجي ننڍي ڀاءُ مير علي مراد خان ٽالپر جي حق ۾ تخت و تاج ۽ رياست جي حدن بابت ١٢٥٨هہ ۾ جيڪو عهدنامو ڪيو هو، سو پڻ هن قرآن پاڪ جي آخر ۾ ٻن خالي صفحن تي تحرير ٿيل آهي.

لئبريريءَ ۾ موجود عربي، فارسي ۽ اردو جي قلمي نسخن جو تفصيلي ڪئٽلاگ شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي هڪ ليڪچرار جناب محمد يوسف خشڪ وڏيءَ محنت ۽ جاکوڙ سان تيار ڪيو آهي، جيڪو اڃا ڇپيو نه آهي. محمد يوسف خشڪ جي ڳڻپ مطابق هن لئبريريءَ ۾ ١٤٠٦ (چوڏهن سؤ ڇهہ) قلمي نسخا موجود آهن، جن مان گهڻو تعداد فارسي ۽ عربي نسخن جو آهي ۽ ڪجهہ اردو نسخا به آهن. سنڌيءَ ۾ لکيل قلمي نسخا تمام ٿوري تعداد ۾ آهن.

لئبريريءَ ۾ موجود سنڌيءَ ۾ لکيل قلمي نسخن جي تشريحي فهرست راقم الحروف تيار ڪئي آهي. هن فهرست جي تياريءَ ۾ لئبريري انتظاميہ مان جناب محمد يوسف بلوچ ۽ حافظ محمد اسماعيل بروهي تمام گهڻو تعاون ڪيو، جنهن لاءِ راقم سندن گهڻوشڪر گذار آهي.لئبريريءَ ۾ موجود سنڌي قلمي نسخن جي تشريحي فهرست هيٺ ڏجي ٿي:

**(١) نورنامو:**

هن ڪتاب جو مصنف سيد نور محمد آهي ۽ ڪاتب به پاڻ مصنف آهي.

ڪتابت جي تاريخ پهرئين محرم ١٣٤٠ هہ ڄاڻايل آهي. سائيز ١٠ X ١٧ س. م اٽس. پهرئين صفحي تي هيٺي ۽ ڳاڙهي مس سان سنئو ۽ ويڪرو باردر نڪتل آهي. باردر ۾ وري ڳاڙهي ۽ ڪاري مس سان نقش نگار ٿيل آهي. باردر جي چوڌاري سونهن لاءِ ڪاري مس سان ننڍيون ننڍيون لڪيرون ڏنل آهن. پهرئين صفحي تي ڪاري مس سان صرف چند عربي لفظ لکيل آهن ۽ ان کان پوءِ لکندڙ يعني سيد نور محمد جي سنڌي ۾ صحي ٿيل آهي ۽ ان جي هيٺان سن ڪتابت ڄاڻايل آهي.

ڪتاب منظوم آهي ۽ حضور اڪرم ﷺ جي نور مبارڪ متعلق آهي. ڪتاب جو متن صفحي به کان شروع

ٿئي ٿو. شروع وارا لفظ هن طرح اٿس:

"ساراهيا سو دين جو آگو عليما جل شانه"

هي نسخو ۴۸ صفحن تي آهي. هرهڪ صفحي تي يارهن سٽون آهن. خط سنو آهي. نسخو آخر ۾ ناقص آهي. آخري صفحي تي آخري سٽ هن طرح اٿس:

"جيڪ ڪُري سُو ڪري مُو لُو مختارا اي پاني اهي"

سمورو نسخو ڪاري مس سان لکيل آهي، البت ڪٿي ڪٿي ڪي خاص لفظ ڳاڙهي مس سان بہ لکيل آهن. هي نسخو لئبرري جي رجسٽر ۾ ۴۱۱ــ ۸۹۱ نمبر تي درج ٿيل آهي.

## (۲) قصيده صديقيہ:

هي ڪتاب اصل عربيءَ ۾ لکيل آهي. هن جي مصنف جي خبر نہ پئجي سگهي آهي. ڪنهن نامعلوم شخص هن جو سنڌي نثر ۾ ترجمو ڪيو آهي.

ڪتاب جو مضمون دُعائيہ آهي. هن نسخي جو ڪاتب سعد الله انصاري آهي. ڪتابت جو سن ۽ هنڌ بہ ڄاڻايل نہ آهي. نسخي ۾ ۱۵ x ۱۹ س. م جا ۲۸ صفحا آهن. هرهڪ صفحي تي ۱۴ سٽون لکيل آهن. نسخي جا شروع وارا ڪجھ ورق خالي آهن ۽ وچ مان بہ ڪي صفحا خالي آهن. جهڙوڪ صفحو ۱۸، ۱۹ ۽ ۲۰. صفحي ۲۱ کي ڳاڙهي مس سان ڪاٽيو ويو آهي. مس ڪاري ۽ ڳاڙهي استعمال ٿيل آهي، اکر صاف ۽ سنا آهن. هرهڪ صفحي تي عربي عبارت پهريائين مٿئين سِٽ تي ڪاري مس سان لکيل آهي ۽ هيٺيان وري بي سٽ تي ڳاڙهي مس سان. سنڌي لفظي ترجمو هاٺوڪي سنڌي صورتخطيءَ ۾ لکيو ويو آهي.

ڪتاب جو متن صفحي ۲ کان شروع ٿئي ٿو ۽ صفحي ۲۰ تي ختم ٿئي ٿو. ان کان پوءِ صفحي ۲۱ کان ۲۵ تي عربي ۾ هڪ دعا لکيل آهي ۽ صفحي ۱۵ کان ۲۵ تي فارسي جون ڇھ (٦) رباعيون لکيل آهن ۽ انهن جي هيٺان ڪاتب جو نالو لکيل آهي.

انهن صفحن کان پوءِ ۲۲ صفحن جو هڪ ٻيو عربي ڪتاب "آيات حفظ سانرده" ساڳئي ڪاتب جي هٿ اکرين لکيل آهي. انهي ڪتاب کان پوءِ مذڪوره نسخي جي آخر ۾ بہ ڪافي ورق خالي ڇڏيل آهن. مذڪوره نسخي جو سنڌي ۾ ترجمو ڪندڙ شخص هڪ ٻئي عربي ڪتاب جو بہ شايد سنڌي ترجمو ڏيڻ چاهيو پئي، ليڪن ڪنهن مجبوري سبب لکي نہ سگهيو آهي. (ڇاڪاڻ تہ عربي عبارت جي هرهڪ مٽ هيٺان هڪ سٽ خالي ڇڏيندو ويو آهي.)

قصيده صديقيہ جي هن نسخي جي پهرئين عربي سٽ ۽ ان جو سنڌي ترجمو هن طرح آهي.

عربي عبارت: جد بِلطفڪ يا الهي من له زاد قليل

(ترجمو: امداد ڪر پنهنجي لطف سان خداوند: انهيءَ تي جنهن جو ٿمر ٿورو آهي.)

لئبرريءَ جي قلمي نسخن واري رجسٽر ۾ هن نسخي جو نمبر ڄاڻايل نہ آهي.

## (۳) مجموعو:

هن نسخي ۾ ٻہ ڪتاب آهن. ٻنهي ڪتابن ۾ ٻہ سي حرفيون ڏنل آهن. هيٺ هرهڪ جو علحده تعارف ڏجي ٿو.

**(الف) سہ حرفي:** لئبرريءَ ۾ موجود قلمي نسخن واري رجسٽر ۾ هن مجموعي جو نالو "ثنائي" لکيل آهي، جيڪو غلط آهي. اهو نالو انهي ڪري لکيو ويو آهي جو هن مجموعي ۾ موجود ٻي سي حرفي (ٻيھ اکري) "ثنائي" تخلص واري ڪنهن شاعر جي چيل آهي. هي پهرئين سہ حرفي احمد فقير نالي شاعر جي چيل آهي، جيڪا موجوده سنڌي صورتخطي ۾ لکيل آهي. ڪاتب جو نالو "دين محمد ولد ملان صفر وينل الور تعلقو روهڙي ضلعو شڪارپور" (اروڙ

نزد روهڙي، تعلقو روهڙي ضلعو سکر) جاثايل آهي. ڪتابت جو سنہ ڪونہ لکيل آهي. هي سہ حرفي ٣٦ صفحن تي آهي. هرهڪ صفحو ١۴ x ١٩ س. م سائيز جو آهي. هرهڪ صفحي ۾ ڏهہ سٽون آهن. خط سنڌو آهي ۽ مس ڪاري استعمال ٿيل آهي. سہ حرفي جا شروع وارا لفظ هي آهن:

"الف اول اي سچا لهہ سار سونهارا سگهو تون سيدا."

آخري سٽون هن طرح آهن:

"يا رسول الله عرض منهنجو اهوئي دمدم،
ٻن جهانن ۾ خدا ڪارڻ رکو منهنجي شرم."

هن سہ حرفي جي ختم ٿيڻ کان پوءِ آخر ۾ ڪاتب جو نالو لکيل آهي.

**(ب) سہ حرفي ثنائي:** هي سہ حرفي "ثنائي" تخلص واري ڪنهن شاعر جي چيل آهي. هن سہ حرفي جو ڪاتب دين محمد چنہ آهي، جيڪو اروڙ جو وينل آهي. ڪتابت جو سنہ جاثايل ڪونہ آهي. هي سہ حرفي ٢٠ صفحن تي آهي. هرهڪ صفحي ۾ ٻارهن سٽون آهن. خط سنڌو آهي ۽ مس ڪاري استعمال ٿيل آهي. سہ حرفي شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ هڪ ورق خالي ڇڏيل آهي. هي سہ حرفي هن سِٽ سان شروع ٿئي ٿي:

"اول ڪر صفت ساره سچي سبحان جي."

۽ ختم هن سِٽ تي ٿئي ٿي:

"ماڙ ڪر مسڪين جي يا شافعي يوم الحشر."

سہ حرفي ختم ٿيڻ کان پوءِ ڪلمو شريف ۽ ان جي هيٺان ڪاتب جو نالو لکيل آهي.

هن مجموعي جي آخر ۾ پنج ورق خالي آهن ۽ اُنهن خالي ورقن کان پوءِ چند ورقن تي دوائن جا نسخا، تعويذات ۽ مختلف فارسي شاعرن جا ڪجهہ غزل لکيل آهن، جن مان هڪ غزل شمس تبريزيءَ جو بہ آهي. آخر ۾ "راقم الحروف فقير عبدالرحمان" لکيل آهي.

## (۴) قصيده غوثيہ:

هي قصيدو مشهور عربي قصيدي "قصيده بانتِ سعاد" جو سنڌي ترجمو آهي. هن قصيدي ۾ حضور اڪرم ﷺ جو منهن مبارڪ بيان ٿيل آهي. ترجمو لفظي آهي ۽ نثر ۾ آهي. ترجمو ڪندڙ شايد "ابوالمحمود جمالي" نالي ڪو شخص آهي، جيڪو انهيءَ نسخي جو ڪاتب پڻ آهي. ڪتابت جو سن ١٩١٣ع لکيل آهي ۽ ڪتابت جو هنڌ ڪونہ جاثايل آهي. هي نسخو ٧٨ صفحن ١۵x٢٠ س. م سائيز ۾ آهي. هرهڪ صفحي ۾ يارهن سٽون آهن. خط سنڌو آهي ۽ ڪاري مس استعمال ٿيل آهي.

قصيدي جا شروعاتي لفظ هي آهن، " ڪر تون ساڻ رحمت، پنهنجي اي زور" ۽ آخر ۾ هنن لفظن تي ختم ٿئي ٿو، "رحم ڪندڙ ٻاجهہ ڪندڙن جا."

## (۵) تعبير خواب:

هن ڪتاب جو لکندڙ شايد "احمد فقير" نالي ڪو ماڻهو آهي. هي نسخو منظوم آهي ۽ الف اشباع واري قافيہ ۾ آهي. نسخو ۴٢ صفحن تي ١٠x ٢٠ س. م سائيز جو آهي. هرهڪ صفحي ۾ ١٣ سٽون آهن. ڪاري ۽ ڳاڙهي مس استعمال ٿيل آهي. نسخي جو پهريون صفحو خالي آهي. متن صفحي بہ کان شروع ٿئي ٿو. هر صفحي جي چوڌاري ڳاڙهي ۽ ڪاري مس سان باردر نڪتل آهي. سن ڪتابت ۽ ڪاتب جو نالو نامعلوم آهي، ليڪن آڳاٽو لکيل معلوم ٿئي ٿو. شروعاتي سٽ هي اٿس:

"سار هجي سو دهني جو ساهہ سباجو ساهہ"

۽ آخر واري سٽ هن ريت اٿس:

"ويندا سي ايمان سين جي ڪلمو چون مها."
لئبرري رجسٽر ۾ هي نسخو ٥٧ _٢٩٧ نمبر تي درج ٿيل آهي.

### (٦) ڪربلا جي واقعي متعلق:

هن ڪتاب جو اصل نالو معلوم نہ ٿي سگهيو آهي. منجهس ڪربلا جي واقعي متعلق منظوم احوال آهي، تنهنڪري احوال جي مناسبت سان اهو نالو لکيو ويو آهي. هن ڪتاب جي لکندڙ جو نالو بہ معلوم نہ ٿي سگهيو، ڇاڪاڻ تہ نسخو اول ۽ آخر کان ناقص آهي. وچ مان بہ شايد ڪي صفحا نڪتل اٿس. جلد تمام زبون حالت ۾ اٿس، جنهنڪري ڪيترائي اندريان صفحا بہ جُلد واري ڏاڳي مان نڪري چڪا آهن. هي نسخو آڳاٽي سنڌي صورتخطيءَ ۾ منظوم الف اشباع واري قافيہ ۾ لکيل آهي. ڪاتب جو نالو ۽ ڪتابت جو سن معلوم نہ ٿي سگهيو آهي، البتہ آڳاٽو لکيل معلوم ٿئي ٿو. نسخو ٣٠٨ صفحن تي١٤ X٢٠س. م سائيز ۾ آهي. هرهڪ صفحي ۾ تقريباً ١٥ سٽون آهن، ڪاري ۽ ڳاڙهي مس استعمال ٿيل آهي. سڀ لفظ ڪاري مس سان لکيل آهن. ڳاڙهي مس سان صرف ڪٿي ڪٿي ڪن لفظن جي هيٺان لڪير ڏني ويئي آهي. نسخي تي صفحا ڪونہ لڳل آهن، جنهنڪري نسخي جي صفحن جي ترتيب بہ هيٺ مٿي ٿيل هئي. هي نسخو لئبرريءَ جي رجسٽر ۾ داخل بہ ڪونہ ٿيل آهي.

### (٧) شرح قصيده برده:

"قصيده برده" عربيءَ جو مشهور دعائيہ قصيدو آهي. ڪلهوڙا دؤر جي مشهور عالم مخدوم غلام محمد بگائي هن قصيدي جي اها منظوم شرح لکي آهي. هن نسخي جو ڪاتب مولانا ثناءُ الله جمالي (وفات ١٩٨٣ع) تخلص "بدر" آهي. ڪتابت جو سن ١٩١٢ع ڄاڻايل آهي ۽ ڪتابت جو هنڌ نواب شاهہ جي پرسان ڄاڻايل آهي. هي نسخو ٢٥١ صفحن تي مشتمل آهي. هرهڪ صفحي ۾ ١٣ (تيرهن) سٽون آهن. اڪر وڏا ۽ سنا موجوده صورتخطي ۾ لکيل آهن. مس ڪاري استعمال ٿيل آهي.

هي ڪتاب ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ايڊٽ ڪيو آهي. اهو ڪتاب پهريون ڀيرو ١٩٩٠ع ۾ سنڌي ادبي اڪيڊمي لاڙڪاڻو پاران ڇپيو آهي. مذڪوره ڪتاب ايڊٽ ڪرڻ وقت ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي جي سامهون بہ زياده تر هي نسخو رهيو آهي. هي نسخو لئبرريءَ جي رجسٽر ۾ تہ درج ٿيل آهي، ليڪن لئبرريءَ ۾ موجود نہ آهي، شايد ڪنهن ادبي چور جي ور چڙهي ويو آهي، تنهنڪري مٿيون احوال ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جي ڇپيل ڪتاب جي صفحي ٣٦ ـ ٣٧ تان ورتو ويو آهي. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد جي انهيءَ ڇپيل ڪتاب مان معلوم ٿيو تہ انهيءَ ڪتاب جو هڪ ٻيو قلمي نسخو بہ سيوهڻ ۾ ڪنهن ادبي گهراڻي جي ذاتي ڪتبخاني ۾ موجود آهي.

### (٨) سچل سرمست ۽ ان جي همعصر شاعرن جي ڪلام جو بياض:

هن بياض جو مرتب ڪندڙ "فقير امير بخش ميتلو صوفي القادري" آهي. ڪاتب بہ مرتب پاڻ آهي. ڪتابت جو سن لکيل نہ آهي، البتہ معلوم ٿئي ٿو تہ اهو بياض ويجهڙائيءَ واري دؤر جو لکيل آهي. بياض جو مرتب خيرپور جي ڀر پاسي جو معلوم ٿئي ٿو. هن بياض ۾ مختلف شاعرن جو سنڌي، سرائڪي، فارسي ۽ اردو ڪلام اردو صورتخطي ۾ لکيل آهي. هي نسخو ٢٥٦ صفحن تي آهي ۽ سائيز ١٥ X ٢١س. م اٿس. مس ڪاري ۽ ڳاڙهي استعمال ٿيل آهي. ڳاڙهي مس سان صرف ڪافي جو نمبر ۽ سُر لکيو ويو آهي.

بياض جي وچ وارن ڪجهہ صفحن جو هيٺيون حصو ڦاٽل آهي، جنهنڪري انهيءَ هنڌان ڪلام جو ڪجهہ حصو ضايع بہ ٿي ويو آهي. هن نسخي جي شروع ۾ هي عبارت لکيل آهي: "هي بي بها ۽ ناياب قلمي نسخو مون پنهنجي والد صاحب فقير امير بخش الصوفي القادري کان حاصل ڪري ڊويزنل پبلڪ لائبرري خيرپور ۾ سرمست سائين جي عاشقن ۽ علم ادب سان ذوق رکندڙن جي پڙهڻ لاءِ رکڻ واسطي جناب مشتاق احمد گاد لئبررين کي پيش ڪيو. اميد اٿم تہ پڙهندڙ منهنجي لاءِ ۽ منهنجي والد صاحب لاءِ الاهي ذوق شوق جي دعا گهرندا رهندا.

خادم الفقراء
علي سائين ڏنو ميتلو سول جج ڪراچي
تاريخ ١٩٨٠-٦-٢٢

نسخو اول ۽ آخر کان ناقص آهي. چند ورق ڦاٽل اٿس. نسخي جي شروع ۾ سُر بروه مان هڪ سرائڪي ڪافي لکيل آهي، جنهن جو ٽلهه هن طرح آهي: "جاني جواب نہ ڏيندا عرض اساڏي دا سائين."

آخري صفحي تي هڪ ريختہ ڪلام جي آخري سٽ هن ريت آهي:

"آب تو بن تمسن ڪي سجن رن ڪا سامان."

هن نسخي ۾ زياده تر سچل سرمست جو سنڌي، سرائڪي، هندي ريختہ ۽ اردو ڪلام آهي، جيڪو تقريباً ٣٤٨ ڪافين تي مشتمل آهي. انهي کان علاوه ڪيترن ٻين شاعرن جو بہ سنڌي، اردو، سرائڪي ۽ فارسي ڪلام منجهس موجود آهي، جنهن جو وچور هن طرح آهي.

(١) گهرام فقير ٢٥ ڪافيون، (٢) ٻلا شاهہ ١٣ ڪافيون، (٣) گل محمد ١٣ ڪافيون، (٤) قلندر شاهہ ٣ ڪافيون (٥) خير شاهہ ٣ ڪافيون، (٦) شاهہ حسين هڪ ڪافي، (٧) نبي بخش هڪ ڪافي، (٨) محڪم الدين سيلاني هڪ ڪافي، (٩) ابوبڪر ٢ ڪافيون، (١٠) مراد فقير هڪ ڪافي، (١١) روحل فقير ٢ ڪافيون، (١٢) حافظ عبدالله ٩ ڪافيون، (١٣) جمع فقير هڪ ڪافي، (١٤) عظيم الدين هڪ اردو ڪلام، (١٥)هندو فقير شهيد هڪ ڪافي، (١٦) صالح درويش هڪ ڪافي، (١٧) شاهو فقير هڪ ڪافي، (١٨) نامعلوم شاعر جو هڪ سنڌي مرثيو امام حسين عليه السلام متعلق، (١٩) نانڪ يوسف هڪ سنڌي ۽ هڪ فارسي ڪلام، (٢٠) سچل سرمست هڪ سرائڪي سہ حرفي (٢١) شاهہ عبداللطيف بہ ڪافيون، (٢٢) شاهہ شرف هڪ اردو ڪلام.

## (٩) مخزن الانوار:

هي ڪتاب فارسي ۾ منظوم آهي. هن جو لکندڙ شيخ صفي الله آهي. فارسي عبارت جي هيٺان سنڌي نثر ۾ ڪنهن نامعلوم شخص هن جو ترجمو ڪيو آهي. ڪاتب "صاحبڏنہ فقير بن عبدالواحد" آهي. ڪتابت جي تاريخ ٣- جمادي الثاني ١٣١٤هہ لکيل آهي. نسخي ۾ ١٠٤ صفحا آهن. سائيز ٢٥x١٧ س. م اٿس. پهرئين سٽ يعني مٿئين سٽ تي اصل فارسي عبارت ڏنل آهي ۽ ان جي هيٺان ٻي سٽ تي سنڌي ۾ نثري ترجمو لکيو ويو آهي. شروعات ۾ فارسي عبارت ڪاري مس سان ۽ ترجمو ڳاڙهي مس سان لکيل آهي، ليڪن صفحي ٢٦ کان ٧٦ تائين ترجمو نيري مس سان لکيو ويو آهي ۽ ان کانپوءِ وري ترجمو ڳاڙهي مس سان لکيو ويو آهي.

نسخي جي پهرئين صفحي تي ڪتاب جو نالو ڳاڙهي مس سان لکيل آهي ۽ انهي صفحي جي چوڌاري ڀڙ ڳاڙهي مس سان باردر ڪڍيو ويو آهي ۽ ڪاري مس سان چند ٻيا اکر بہ لکيا ويا آهن. نسخي جو متن شروعاتي ٻن ورقن کان پوءِ شروع ٿئي ٿو. نسخي جي شروعات ۾ نامڪمل فهرست ڏني ويئي آهي. نسخي جي آخري ڪجهہ صفحن تي بہ چوڌاري ڳاڙهي مس سان باردر نڪتل آهي. نسخي جي آخر ۾ فارسي جو هڪ نظم ڏنل آهي ۽ ان بعد ڪتاب جي مصنف ۽ ڪاتب جو نالو ۽ ڪتابت جو سن لکيل آهي. هي نسخو لئبرريءَ جي قلمي نسخن واري رجسٽر ۾ ٥- ٢٩٧ نمبرتي درج ٿيل آهي.

فارسي عبارت ۽ ان جي سنڌي ترجمي جو نمونو هن طرح آهي:

"تاڪند جان اندران حالت نثار هر دل افسرده را نحشند بهار."

(ترجمو) تا ڪري ساهہ مع ان حالت صدقو سيڪ دل ... نماز ڪي ڏيئي بهار.

## (١٠) بياض طب:

هي نسخو طِب تي سنڌي نثر ۾ لکيل آهي. مصنف جو نالو ڪونهي لکيل. ڪاتب جو نالو "محمد شريف"

لکيل آهي ۽ ڪتابت جي تاريخ ٢٠ ذوالحج ١٣٣٦ هه لکيل آهي. ڪتابت جو هنڌ "مڏ نزديڪ امير پير" لکيل آهي. هن نسخي ۾ متن جا ٣٦٢ صفحا آهن ۽ سائيز ١٥ X ٢٠ س. م آهي. هرهڪ صفحي ۾ تقريباً ٩ سٽون آهن. خط سنڌو آهي ۽ مس ڪاري استعمال ٿيل آهي. نسخي جي متن شروع ٿيڻ کان پهريائين به تقريباً ٥٦ صفحن تي دوائن جا ڪيترائي نسخا لکيا ويا آهن. ڪجھه نسخا ڪاري مس سان ۽ ڪجھه پينسل سان لکيل آهن. ان کان پوءِ ١٨صفحا خالي آهن ۽ پوءِ مذڪوره ڪتاب جو متن شروع ٿئي ٿو. هر صفحي جي چوڌاري ڪاري مس سان ٻن لڪيرن جو باردر نڪتل آهي. نسخي جي اندر ڪيترن ئي صفحن جي حاشين تي چوڌاري ڪاتب کان علاوه ڪو ٻيو شخص به بعد ۾ دوائن جا نسخا لکندو رهيو آهي. نسخو پهرئين صفحي يعني متن شروع ٿيڻ کان صفحي ٢٦٠ تائين سنڌيءَ ۾ لکيل آهي. البته ڪنهن ڪنهن صفحي تي فارسيءَ ۾ به چند سٽون لکيل آهن. صفحي ٢٦٠ جي اڌ کان وٺي صفحي ٣٥٩ تائين زياده تر فارسيءَ ۾ لکيو ويو آهي، ليڪن ڪنهن ڪنهن صفحي تي چند سٽون سنڌيءَ ۾ به لکيل آهن.

متن جي آخر ۾ ڪاتب جو نالو ۽ هنڌ لکيل آهي. مذڪوره نسخي جي متن ختم ٿيڻ کان پوءِ به ٧٠ صفحن تي دوائن جا نسخا لکيا ويا آهن ۽ ان کان پوءِ ڏهه صفحا خالي ڇڏيل آهن ۽ آخر وارن ٻن صفحن تي به دوائن جا ڪي ٻيا نسخا لکيا ويا آهن. متن کان پوءِ وارا واڌارا ڪنهن ٻئي شخص جا لکيل معلوم ٿين ٿا.



"نور نامي" جي پهرئين صفحي جو عڪس



"مخزن الاسرار" جي سرورق واري صفحي جو عڪس

**نظامالدين ڪوسو**

# نئين نُسل جا پراڻا ڳُالهيون

## دليل پور ۽ ڀرپاسي جو احوال

هن سلسلي جو پهريون ڀاڱو انڙ واهه ريلوي اسٽيشن ۽ ريلوي لائين جي باري ۾ هو، جو "مهراڻ" (١/١٩٩٥ع) ۾ ڇپجي چڪو آهي. هيٺئر هي سلسلو انڙ واهه کان ڏکڻ طرف لاءِ شروع ڪجي ٿو.

انڙ واهه ريلوي اسٽيشن کان ڏکڻ طرف انڙواهه ڪئنال وهندو هو، جيڪو درياءَ کان ٽوڙي بنگلي وٽان نڪرندو هو. انڙ واهه جو منهن سنئون سڌو درياءَ کان هو. ڪنهن ڦاٽ يا ڍنڍ مان ڪونه هو، ٽوڙي بند ذريعي درياءَ جو پاڻي انڙ واهه جي منهن تائين هو. اُن تي نهايت مضبوط ريگيوليٽر ١٩٠١ع جو ٺهيل هو. آبڪلاٽي جي چاڙهه ۾ ٽوڙي بنگلي وٽان درياءَ سنڌ جي ڇولين جو نظارو نهايت خوش منظر هوندو هو. اُن وقت جي قدآور ماڻهو جهارو ڀيو جو نشان به بنگلي تي اجا لڳل آهي. جُون ٿا ته عالم ڇنا ڪان به ڊگهو هو. انڙ واهه ڪئنال جي ٢۴ ميل تي انڙ واهه ريلوي اسٽيشن هئي. اُن جي ڀرسان هڪ عاليشان پڪسرو انسپيڪشن بنگلو ٺهيل هو، جيڪو ڪلاس مطابق سيڪنڊ ڪلاس هو. ان ۾ جدا اصطبل ۽ سرونٽ ڪوارٽر به ٺهيل هئا. نهايت هوادار ۽ مٽي ٿلهي تي ٺهيل هو. چوڌاري پڪي چوديواري هيس. اندر نلڪو ۽ گلن جا ٻوٽا ۽ گهاٽا وڻ به هوندا هئس. مون جنهن زماني ۾ انهيءَ بنگلي کي ڏٺو ته اُن وقت نهايت عاليشان ۽ آباد سرڪاري بنگلو ڏسبو هو. حضرت امين الملت جڏهن علي ڳڙهه مان ايندو هو ته ڪنهن شام جو ٽانگي تي چڙهي انهيءَ پاسي بنگلي وٽان رستي سان وڃبو هو. اسان جي هڪ عزيز حاجي ايوب خان جو ڳوٺ انهيءَ بنگلي واري ديهه ۾ هو، سو ايندي ويندي بنگلي جو نظارو ٿيندو هو. بنگلي جي اڳيان گُلن جو چمن هوندو هو ۽ پاسي سان گهاٽا ڊگها وڻ هوندا هُئس. ڪڏهن ڪڏهن موسم آهر اتي وَهيا به اچي ويهندا هئا ته اسان به شڪار خاطر بندوق جي هڪ ڪارتوس سان ويهارو وهيا ماري وجهندا هئاسون. بنگلي لاءِ خاص چوڪيدار رکيل هو يا نه سا خبر ڪانهي، باقي اسان کي ڪڏهن بنگلي اندر يا ٻاهر ماڻهو ڪونه نظر ايندو هو. بنگلي جي ڀرسان ڪئنال جي ٻئي پاسي ڀرچونڊي شريف جي جماعت وارن فقيرن جا گهر هوندا هئا. پير صاحب جي آمد تي هزارين فقير اچي اتي گڏ ٿيندا هئا. پر مجال آهي جو ڪنهن فقير انهيءَ بنگلي سان ڪُونس ڪئي هجي. فقيرن لاءِ ته اهو ٽڪرو ڄڻ ممنوعه علائقي وانگر هو. انهيءَ جماعت جا فقير ڏاڍا ارڏا هوندا آهن پر انهن ڪڏهن به ڪئنال يا بنگلي جي ڪنهن وڻ تان ڪو ڏنڊڻ به پٽيو هجي. ڪئنال سان ٻنهي جا گهاٽا ۽ ڊگها وڻ هوندا هئا. انگريزن جو دؤر هو، باقاعده انهيءَ جي شجر شماري ٿيندي هئي. ڪنهن ڪمي بيشيءَ تي بيلدارن جي پگهار ڪٽبي هئي. داروغا، اوورسيئر، اسسٽنٽ انجنيئر باقاعده مهيني ۾ هڪ اڌ ڀيرو ڪئنال جي انسپيڪشن ڪندا هئا. ڪئنال تي ٺهيل انسپيڪشن پاٽ جي ايڏي ته حفاظت هوندي هئي جو باقاعده ٻُماريل هوندي هئي ۽ ڪنهن کي به اُن تي پير گهمائڻ جي اجازت ڪانه هئي. هميشه لوڙهي سان بند هوندي هئي. جڏهن ڪو عملدار انسپيڪشن لاءِ اچڻو هوندو هو ته ٢۴ ڪلاڪ اڳ ۾ ڪئنال وائر ذريعي اطلاع ٿيندو هو، پوءِ اهي لوڙها ڪولي ٻهارو ڏبو هو. سڄي حد جا بيلدار پنهنجي 'ڪوڏر' ۽ 'ڀانوڙي' سان حد اندر حاضر رهندا هئا. موٽرن جو زمانو ڪونه هو.. عموماً عملدار "مَهريءَ" تي سواري ڪندا هئا. اهي اٺ نهايت تيز رفتار ۽ ڏاڍا سهنجو هلڻ وارا هوندا هئا. اهي اُٺ سرڪاري هوندا هئا. انهن جي واڳ هلائڻ وارا شتر سوار به سرڪاري طرح هميشه جي پگهار تي مقرر هوندا هئا، جيڪي عموماً جت قوم جا ڀرتي ٿيندا هئا، جن کي "گل

ڦان" سڏبو هو.

ڪئنال جي ڪڙ ۽ ڪڙين جي وڏي حفاظت هوندي هئي. موريءَ جي مقرره ماپ کان رکڻ ڏوهه هو. باقاعده ڏنڊ جا فارم ڇپربا هئا. اهو ڏنڊ ڍل وانگر زوري وصول ٿيندو هو. انگريزن پنهنجي ملازمن جي حفاظت لاءِ "نوڪري اٽڪاءُ" جهڙو قانون بہ ناهيو هو. تنهنڪري ملازمن کي نوڪري ڪندي ٻئي ڪنهن پبلڪ جي مداخلت جو خطرو ڪونہ هوندو هو: سو ڪئنال جا ڪڙ، ڪڙيا، وٿڪار ۽ اهلڪار سڀ پبلڪ جي ڪڙنس کان محفوظ هئا. انهيءَ قانوني سختي جي ڪري ڪئنال مان پاڻي جي تقسيم بہ منهن کان پڇڙيءَ تائين يڪسان ۽ مُسلسل ۽ آبڪلاٽيءَ جي موسم ۾ مڪمل ٿيندي هئي. هر ڪنهن کي ايراضي آهر پاڻي ميسر رهندو هو. انڙ واهه جي ٢٥ ميل ريگيوليٽر تي هميشہ فل سپلاءِ گيج تي اٺ فوٽ پاڻي هوندو هو. ڪئنال سان گشت ڪندڙ عملدار بلا خوف رات جو بہ سفر ڪندا هئا. ڇاڪاڻ تہ اونهاري جي موسم رات جو معتدل هئڻ ڪري ڏينهن کان وڌيڪ گهمڻ لاءِ موزون سمجهبو هو. انڙ واهه جي خاص ڪري مذڪوره ٽڪري تي ٻن ٽن ميلن تي رات جو وسندڙ سمان رهندو هو. بنگلو بہ اتي هو تہ وري فقيرن جا گهر بہ ميلن جي ڊيگهہ ۾ نهيل هئا. مغرب کان عشاءَ تائين ذڪر جو آواز پيو ڪڙ کان ٻڌبو هو، ۽ خاص ڪري اُسر مهل تہ گهر گهر جا سڀيئي ڀاتي اُتي ذڪر ۾ مشغول ٿيندا هئا. الله تعاليٰ جو مٺو نالو پيو ڪنين پوندو هو. پرچونڊي شريف جا فقير ذڪر جي پابندي اُن زماني ۾ ضروري ڪندا هئا. ذڪر الاهي جي 'پڙلاءُ' سبب انسپيڪشن بنگلو هميشہ محفوظ رهيو. ڪنهن بہ فقير يا ڪنهن بہ ڪاموري ان ڏانهن غير نگاهہ نہ وڌي. بنگلي واري سڄي ديهہ برڪت پري هوندي هئي. "پرچونڊي شريف جي پلارن" جي آمد سبب هر طرح محفوظ ۽ آباد هئي. آزاديءَ جي اچڻ تائين اها برڪت پرني حالت سلامت رهي، پوءِ فرض شناس آفيسرن جي وڃڻ کان بعد انڙ واهه ڪئنال جي حالت تمام خستہ ٿيندي وئي. جتي ٨ فوٽ فل سپلاءِ گيج هوندي هئي اُتي هاڻ اڌ فوٽ بہ پاڻي نٿو اچي. وڻن جي پاڙ پٽجي وئي. بنگلي کي ڪنهن سب ڊويزنل آفيسر صاحب جيڪو "لڪڙ هضم پٿر هضم" قسم جو ماڻهو هو، تنهن 'پاڙون پٽائي' ڇڏيو. آئرن جون سرون بہ وڪڻي ڇڏيائين ۽ هاڻي ان بنگلي واري جاءِ تي "حُر مجاهدن" جو ڳوٺ آهي. هوڏانهن وري ٻئي پَر پرچونڊي شريف جي فقيرن جا ڳوٺ آهن، باقي انڙ واهہ ڪئنال جو نشان آهي نہ انڙ واهہ انسپيڪشن بنگلي جو ڪو نشان – رڳو يادون وڃي رهيون آهن. بنگلي ۾ منزل انداز ٿيندڙ آفيسر جو دٻدٻو، ڪامورن، بيلدارن جي ڪار گذاري بہ ڪنهن ڪنهن ڪُراڙي ماڻهو کي ياد هُجي تہ هجي نہ تہ نئين نسل جي ماڻهن کي خبرني ڪانهي تہ انهيءَ ٽڪري ۾ بہ ڪڏهن ڪو حڪومتي رُعب رهيو هوندو. انڙ واهہ ڪئنال ۽ انڙ واهہ بنگلي جي ياد ۾ ٿڌا شوڪارا ڀريندي انهيءَ ساڳي ديهہ جي ڪن ماڳن جو ذڪر ڪجي. ديهہ ڍبلي ۾ سؤ سال اڳ ڏکڻ طرف حاجي دليل خان بنگلاٽي پنهنجي ڏاڏاڻي ڳوٺ مان لڏي هتي اچي ڳوٺ ٻڌو. هڪ وڏو ڪوٽ ڪڍائي اندر لانديون جوڙائي ڳوٺ کي آباد ڪيائين. هي اهو دؤر هو جنهن ۾ سنڌ اندر انگريزن زمينن جي نئين سروي ڪرائي هئي. سروي نمبر ماپ موجب ناهي ديهن جا نقشا تيار ڪيا هئائون. جن زمينن تي اڳ ۾ ني ماڻهن جو قبضو هو تنهن "والار" کي قبول ڪري لٺبڊ رجسٽر نمبر ڀيرين ۾ انهيءَ ايراضي جي سروي نمبرن کي انهيءَ "قبضہ دار" جي نالي پڪي طرح ڪاتو داخل ڪيائون. انڙ واهہ ڪئنال جي اُترئين طرف اسان جي ڏاڏي امين خان کي بہ زمين ملي جيڪو ان وقت پوليس علمدار هو. ڏاڏي مرحوم اها زمين انگريزن کان قسطن تي حق مالڪاڻہ سان خريد ڪئي هئي. ڏاڏو ايماندار آفيسر هو. هُن پوليس جهڙي کاتي ۾ نوڪري ڪندي بہ پنهنجي دامن کي حرام جي ڪمائي کان بچائي رکيو. هو هتي ١٨٨٠ع ۾ اچي رهيو. ڳوٺ ۾ بہ رهندو هو تہ ٽاٽي نل تي بہ رهندو هو. سروي ١٨٨٤ع ۾ ٿي. ڏاڏو سروي کان بہ اڳ هتي آيو. انگريزن ڪيس انعام ۾ ديهہ سعدو ڪوٽ ۾ بہ اڻ سروي ٿيل زمين بہ ڏني هئي (جيڪا پوءِ خان بهادر کهڙي جي ليگي حڪومت ضبط ڪئي.)

انهيءَ آڳاٽي دؤر گذرڻ کان پوءِ فرنگي فريبي اچي پهتا. انهن جي دؤر اچڻ سان طوائف‌الملوڪي ختم ٿي، امن امان جو بندوبست ٿيو.

۱۸۸۰ع کان پوءِ حاجي دليل خان بنگلاڻي به اچي انڙ واهه جي پرسان ڪوٽ اڏيو. چون ٿا ته پنهنجي ڏاڏاڻي ڏيهه مان خزاني جون ديڳون کڻي آيو هو. انڙ واهه جي "ڪاٽڪو ماڻهن" ۾ هُل مچي ويو. سانباها ڪرڻ لڳا ته ڪيئن به ڪري اهي ديڳون 'تڳايون' . ڪن "تمام آڙاهه چورن" ، 'رُنبا' ، 'رسا' ۽ ٻيو سامان کڻي هڪ رات ڪوٽ کي اچي پاسو ڏنو. زمانو امن جو هو سو پهري وغيره رکڻ جو دستور به ڪونه هو: چورن ڪوٽ کي ڪاٽ هڻڻ جون تياريون ڪيون ته ڏسن ته حاجي دليل خان بنگلاڻي ڪوٽ جي ڪنڌ ۾ بيٺو آهي. چور اهو ڏسي لڪي ويا. وري ڪنهن ٻي رات تياريون ڪري آيا ته وري به "ساڳيو لقاءُ" نظر پين. پوءِ اچي ڊنا ته هتي ڪو غيبي پهرو آهي سو هن ڪم کان باز اچجي. چورن انهيءَ لقاءُ جو ڪن ٻين سان به ذڪر ڪيو هوندو سو ماڻهن جي وات چڙهي ويو ته "حاجي دليل خان ڪرامت دا مالڪ هے" . ماڻهن ۾ انهيءَ عام هُل دليل پور ڳوٺ کي وڏو تحفظ رساڻي ڇڏيو. ڪيترن ٻين قومن جا ماڻهو لڏي اچي هن ڳوٺ ۾ وينا. اُن زماني ۾ رڳو مينگهواڙن جا پنجاهه جهوپڙا نهي ڇُڪا هئا. اوري پري جا مينگهواڙ لڏو کڻي اچي دليل پور ۾ ديرو ڪري وينا. اتي انهن پنهنجي مذهبي 'مڙهي' به جوڙي، ته پنهنجو باڻو به مقرر ڪيائون. انهيءَ ٿي باڻي لاءِ مشهور هو ته هو جادو جو ڄاڻو آهيءِ ناڪام عاشقن جي دلي 'مراد' پڄائيندو آهي. ڪيترا 'عاشق جينڙا' مسلمان سڳورا به انهيءَ باڻي وٽ سوالي بڻيا بيٺا هوندا هئا. باڻو ڪين ڪي جادوئي ڪاغذ ليکي ڏيندو هو. انهيءَ ۾ هڪ اهو به ڪم هوندو هو ته 'عشق جي راهه' ۾ "رڪاوٽ وجهندڙ" ڪي جادو جي زور تي 'موچڙا' هڻائيندو هو. منهنجي پنهنجي ڄاڻ موجب به هڪ واقعو معلوم ٿيو جو هڪ اهڙي 'رنڊڪ وجهندڙ' کي اَز غيبي جوتن جي مار ملي جو وري سڄي عمر ڪوُنس ڪانه ڪيائين. اهو هو هڪ مينگهواڙ هٿان ٿيندڙ هڪ 'ڪلمه گو' سان ڪلور. اسان وٽ اسان جي واهن جون ڪاٺيون توڪرين ذريعي اهي مينگهواڙ ڪندا هئا. انهن جو جمعدار هوندو هو مينگهلو مارواڙي، انهيءَ باوي جو پٽ، سو اُهو مزي سان ان قسم جون خبرون ڪندو هو.

انهن مينگهواڙن مان هڪ ڪراڙو وري سرود قسم جو ساز وڄائيندو هو، جنهن جو آواز ڏاڍو 'لڳ ڪانداريندڙ' هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن اسان جي ڳوٺ به گدا ڪرڻ ايندو هو . ساڻس هڪ ڇوڪرو به هوندو هو، جنهن جا وار 'ڀاٽوان' تيل هوندا هئا. پٽڪو ٻڌل هوندو هوس، نازڪ بدن هوندو هو ۽ ڏاڍو جاذب نظر پئي. اهو ڪراڙو ساز وڄائي وجد ۾ وجهي ڇڏيندو هو ۽ ڇوڪرو وري جُهمر هڻندو هو. ڪراڙو ۽ ڇوڪرو ڪُجهه ڳائيندا به هئا. ڪو زمانو ٿي ويو. مون کي هينئر اهي ياد ڪونه آهن. تنهن زماني ۾ انهيءَ فقير کان ٻڌي ٻڌي کي بند ياد ٿي ويا هئا. اڄ به اکين اڳيان اهو نظارو پيو ڦري ۽ ڪنن ۾ آواز پيو گونجي ته:

"پوري ري پوري، تنون کون مارے رے"

انهن ڏيڍن کان علاوه دليل پور ۾ ڪي ٻيا به شيڊول ڪاسٽ جا ماڻهو اچي وينا هئا. اوڏ، باگڙي، جوڳي وغيره وغيره به پنهنجي گذران لاءِ انهيءَ ڳوٺ ۾ وينا . اصلي سبب ته حاجي دليل خان جي 'غيبي ڪرشمي' جي ڪري وسڻ ٿي. ٻيو وري ڳوٺ جي ٻاهران تمام گهڻي ايراضي غير آباد هئي جنهن ڪري ٻهراڙي وارن ماڻهن کي "جهنگ جي اُٿي وينې" جي وڏي سهوليت هئي، سو ڳوٺ ويو وڌندو.

سنه ۱۹۳۰ع ڌاري ڳوٺ ۾ هڪ عاليشان مسجد ڪاشيءَ سان سينگاريل تيار ٿي. اُن سنڌ جي مشهور بزرگ مولانا نبي بخش صاحب شڪارپوري جو هڪ فرزند مولانا عبدالعلي صاحب سومرو انهيءَ مسجد شريف جو پيش امام ٿي آيو ۽ هڪ وڏو مدرسو "شمس العلوم" جي نالي سان جاري ڪيائين. انهيءَ عالم سڳوري جي صُحبت ۾

رهي حاجي دليل خان جا ٽيئي پٽ نهايت نيڪ ۽ دينددار بڻيا. مولوي صاحب وڏو عالم ۽ بُزرگ انسان هو. کيس حضور عليہالصلوات والسلام جن جي خواب ۾ زيارت نصيب ٿي هئي. هن عاجز کي پهريون سبق بہ انهيءَ عالم سڳوري اچي پڙهايو. منهنجي والد صاحب انهيءَ ڪم لاءِ خاص طرح عزيز آباد کيس گهرايو هو. انهيءَ اهل الله جي ڏنل سبق جي طفيل مون کي پڙهڻ لکڻ اچي ويو. اهو مولوي صاحب مون تي ڏاڍو مهربان هوندو هو. وٽس ڪڏهن ڪڏهن دليل پور ويندو هوس. منهنجي والد بزرگوار جي جنازي نماز بہ هن بزرگ پڙهائي هئي. والد صاحب جي وفات بعد هي اسان جي چاچي وٽ ايندو هو. منهنجي چاچي کيس صلاح ڏني تہ ديني تعليم جي خدمت سان گڏ هو طبي خدمت بہ ادا ڪري، ڏکي بيمار ماڻهن جي دوا درمل ڪرڻ سان وڏو اجر ٿيندو آهي. مولوي صاحب پوءِ هڪ گهوڙي خريد ڪري، درس تدريس کان واندي ٿيڻ بعد پسگردائي ۾ نڪري پوندو هو. جتي ڪو بيمار ٻُڌندو هو تہ اُن جي گهر ويندو هو. اُن جي دوا درمل ڪندو هو. خدا تعاليٰ سندس هٿ ۾ شفا جو اثر رکيو هو، سو ڳوٺاڻا سندس ٿوري توجه سان چڱا ڀلا ٿي کيس دعائون ڪندا هئا. مولوي صاحب انهيءَ سلسلي ۾ في وغيره ڪونہ وٺندو هو، سڄو ڪم في سبيل الله ڪندو هو.

دليل پور ۾ مولوي صاحب جي ڪري دين اسلام جو وڏو غلغلو پيدا ٿيو. ڳوٺ جي مالڪ حاجي دليل خان جا ٽيئي پُٽ حاجي تہ بڻيا پر ايڏا نيڪ نمازي ٿيا جو صلوٰت تسبيح روزانہ عشاءَ جي وقت ادا ڪندا هئا. مولوي صاحب جو تعلق حضرت امروٽي رحمت الله عليہ جي جماعت سان هو ۽ حضرت امروٽي رح پاڻ حضرت حافظ الملت حافظ صاحب پرچوندي شريف وارن جو خليفو هو.

اهو زمانو سُکر سٽاوي جو هو. سم سيڪ ڪلر ڪونہ پيدا ٿيل هو. خشڪ پوکي جو دؤر هو. اگهہ بہ هروڀرو ڪريل ڪونہ هئا. ماڻهن ۾ آسودگيءَ سان گڏ دين ايمان جي سڄاڻ هئي. زميندار خواه هاري آسوده حال هئا. حاجي دليل خان بنگلاڻي جي وفات بعد سندس قبر سنگ مرمر سان ٺهرائي وئي هئي. مسجد کي حجره ۽ اڳيان مقبره بہ ٺهرايل هئا. ڪاشي جي سرن سان سينگاريل مسجد جو نظارو ڏاڍو وڻندڙ هوندو هو.

حاجي دليل خان کان پوءِ سندس وڏي پٽ حاجي محمد نواز خان بنيءَ جو سلسلو شروع ڪيو. ان جي لاءِ اٽي پيهڻ واسطي اُٺ جي جانده ٺهرايائين. تہ پاسي جو ماڻهو سندس لنگر تان ماني وٺندو هو.

انهيءَ دؤر ۾ هندن بہ واپار مان چڱو ڪمايو هو، هر هندو آسودو هو. "ڪانگريس" جهڙي معتدل سياسي جماعت سان سڀيئي هندو واسطيدار بڻيا. ڪي هندو "مهاسڀا" جهڙي ڪٽر ۽ تعصبي ٽولي سان بہ وڃي ڳنڍيا. اُنهيءَ ڪن هندن جو 'مٺو ڦيري' چڙيو هو. غالباً ١٩٣٧ع ۾ ميرپور برڙي ڳوٺ جي ڪن شرير هندن 'قبيح حرڪت' ڪري وڌي. ڪنهن مسجد شريف ۾ رات جو وڃي ڪي قرآن ڪريم 'شهيد' ڪيائون. سندن اهڙي حرڪت سبب اوسي پاسي جي مسلمانن ۾ ديني غيرت جو جوش اُڀريو، سو ڏينهن منجهند جو نل ميرپور سڙڪ تي نل کان ايندڙ ٽانگن ۾ سوار ٿيل پنجن هندن کي ٽانگن مان زوري لاهي کين ڪهاڙين سان ڪٽو ويو. اهو ڪم تہ ڪنهن جوشيلي جماعت جي جوانن ڪيو، پر انگريزن کي ڪاوڙ آئي تہ سندن حڪومت ۾ همڙو دليري جو ڪم ڪنهن طاقت واري ماڻهو کان سواءِ ٻيو ڪير ڪندو هوندو، سو ميرپور برڙي جي سردار گنج بخش خان برڙي ۽ دليل پور جي حاجي محمد نواز خان بنگلاڻي کي ڪٺي زور بار هيٺ آندائون.

حاجي محمد نواز خان نهايت شريف النفس، ڪَس مَ آزار ۽ نيڪ انسان هو. سندس ملاڪن کي بہ انهن خونن جي خبر ڪانہ هئي، پر 'ڦلنگي فيل مست' کي هندو ڪٽر مهاسڀائين جي ليڊرن مڃرائي چڙيو تہ اهڙا ڪم تہ اهڙن ئي مذهبي ماڻهن هٿان ٿيا آهن.

حاجي محمد نواز خان منهنجي والد صاحب جو پاڙيسري دوست هو. هُو وٽس ڪهي آيو ته هن "ناگهاني آفت" کان سندس جان خلاصي ڪرائڻ لاءِ ڪو 'بلو' ڪري. منهنجي والد صاحب ڪيس وٺي وڃي سکر ۾ سردار بهادر عبدالرحيم خان ڪوسي ۽ سردار بهادر قيصر خان بوزدار جي حوالي ڪيو. ٻنهي سردارن جو انگريزن تي اثر هو ۽ انگريزن جو به مٿن اعتماد هو. سو ٻنهي صاحبن گڏجي حڪومت کي خاطري ڏني ته حاجي محمد نواز خان بي قصور آهي. هُو اهڙي قسم جو ماڻهو ئي نه آهي. تڏهين مس مس وڃي حاجي صاحب جي جان ڇُٽي. حاجي صاحب اُن وقت کان جو صلوات تسبيح پڙهڻ شروع ڪئي ته وري ڪڏهن به اُن ۾ ناغو نه ڪيائين. هوڏانهن وري سردار بُرڙي لاءِ نواب محراب خان بگٽي ۽ نواب امام بخش خان مزاري انگريزي حڪومت کي يقين ڏياريو ته سردار گنج بخش خان بي قصور آهي. هُو مذهبي جنون کان آزاد آهي سو اهڙو مولاڻي ماڻهو ڪٿي ٿو اهڙيو 'خونام' ڪرائي. سردار گنج بخش خان جي به مس مس جان آزاد ٿي.

هيڏانهن وري اسان جي ڳوٺ جي مُلان پيرل بروهي جي مال چارينڊڙ 'حافظ پُٽ' ٻڌو ته ميرپور ۾ ڪي واڻيا ڪُسجي ويا آهن سو هي اچي آڪڙ ۾ پيو. چي اهي واڻيا ته مون ماريا آهن. پيو ڪنهن کي ڪهڙي طاقت هئي. جهنگ جهر ۾ وتي چوندو ته "من جت بخالا ڪلهاڙي بخالا ڪُت ٿين". يعنيٰ مون هنئي ڪِراڙ کي ڪهاڙي ته ڪراڙ کان ٽٽ نڪري ويو. سو اهي ڳالهيون جهنگ مان نڪري وڃي اُپ ڦاڙ ٿيون. ڪنهن وڃي حڪومت کي خبر رسائي ته عزيز آباد جو مُلان هيئن پيو ٻڌاڪون هڻي. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته هڪڙي صبح جو پوليس جا ٿي جوان آيا. مُلان کي مسيت مان سڏي چيائون ته پُٽ قادربخش کي پيش ڪري. ميان جي ويچارو گهران پٽ کي سڏي آيو. پوليس وارن ٿيلهي مان هٿ ڪڙيون ڪڍي قادر بخش کي هنيون. ملان پيرو گهران هڪ حمائل شريف چمڙي جي ٿيلهي ۾ وجهي آڻي پٽ جي ڳچي ۾ وڌو. اهو ڏينهن ۽ اجوڪو ڏينهن وري ڪنهن انهيءَ قادر بخش جي شڪل هتي نه ڏٺي.

قادر بخش کي ڊپٽي ڪمشنر وٽ پيش ڪيائون. تنهن بنا دريافت ڪيس ٽي سال سنڌ فرنٽيئر ريگيوليشن هيٺ سزا ڏيئي ڇڏي ۽ سندس سيني گهر وارن لاءِ گرفتاريءَ جا وارنٽ جاري ڪيا. پنيان وارن کي به پتو پئجي چڪو، راتواهه ڪري عزيز آباد ڇڏي هليا ويا. سندن گهر اسان جي ڪوٺ جي پرسان هئا. مجال جو سندن ڪو آواز ٻڌو ويو. ڍورن به آواز بند ڪري رکيا هئا. رات جو چپ چاپ ۾ تيز ڪنيون هليا ويا. سالن پڄاڻان پتو پيو ته ڪين انهيءَ نموني نڪري وڃڻ ۾ جماعت پرچوندي شريف جي فقيرن مدد ڪئي. ڪي ٽولا راتو رات پهچي هنن کي آرام سان تيز ڪڻ ۾ مدد ڪري کين سنڌ جي سرحد کان پار ٽپائي ڇڏيائون. هي هتان نڪري سنڌو بلوچستان جي اوسنڌ محمد تحصيل جي جبل جي پاسي وڃي لڪي ويناءِ اهڙيءَ طرح گرفتار ٿيڻ کان بچي ويا، ۽ قادر بخش به ٽي سال ڪاٽي وڃي انهن سان اتي مليو. هي پوءِ خليج جي رياستن جا پنڌ ڪرڻ سڪيا. اُتان لڪ چوري جو مال آڻي وڏا مالدار ٿيا ۽ اوسنتي محمد جي پرسان زمينون وٺي ڏاڍا آسودا ٿي ويا. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هڪ دفعي حافظ قادر بخش جو وڏو پاءُ حافظ سبز علي آيو هو. 'وڏي لٺ'، 'وڏي پڳ' سان ڏگها لنا پايون پير ٻڌجي هن وطن ۾ گهمڻ ڦرڻ آيو هو.

واڻين ناحق ٿي بي گناهه ماڻهو زير بار آندا. تنهنڪري اصلي قاتل ظاهر ڪونه ٿي سگهيا. سندن خون ائين ئي لڙهي ويا. مون کي به گذريل سال ڪنهن ميرپور برڙي جي هڪ دوست ٻڌايو ته اهي پنج واڻيا فقط هڪڙي ماڻهو ڪهاڙي سان ڪنا هئا. قاتل فقط هڪ هو. جيڪو ماڻهو هُن ٻڌايو اهو منهنجو واقف هو. "راڪاس" قسم جو ماڻهو هو. هينئر هو وفات ڪري ويو. خدا جون رحمتون هجنس، جو قرآن ڪريم جي حرمت لاءِ غيرت ڪيائين.

هندو تنهن زماني ۾ ڏاڍو زور وٺي ويا هئا. ميرپور واري واقعي کان به ٽي سال اڳ جيڪب آباد ۾ به هڪ عالم سڳوري جي بي حرمتي ڪري وڌائون. اُن تان به ڪي هندو مارجي ويا هئا. اُن وقت به هندن ناحق تي حڪيم قائم

الدين صاحب کي ۽ خان بهادر دلمراد خان کوسي کي ڪيس ۾ قابو ڪرايو هو. حڪيم صاحب ته اوائلي جانچ ۾ جان ڇڏائي ورتي پر خان بهادر ڪبس هيٺ اچي ويو. تنهن زماني ۾ جيڪب آباد جا ڪيس بہ سکر سيشن ڪورٽ ۾ هلندا هئا. خان بهادر ان وقت جي مشهور وڪيل سر شفيع کي لاهور مان پنهنجي ڪيس جي لاءِ آندو هو. سر شفيع ان زماني ۾ روزانه هڪ هزار روپيه في وٺندو هو. ڪيس ڪيترو وقت هليو. خان بهادر جو بچاءُ مضبوط هو. انگريزن ۾ بہ انصاف هو، سو مس مس وڃي انهيءَ آزار مان آزاد ٿيو. خان بهادر ويچاري کي مالي طرح وڏي تڪليف اچي ويئي هئي.

ميرپور واري واقعي کان سال بہ پوءِ وري سکر جي هندن، حضرت پير صاحب پرچونڊي شريف جي وڏي فرزند کي سخت زخمي ڪيو. ان تي وري مسلمانن پڳت ڪنوررام جهڙي مسڪين الله لوڪ کي ماري رکيو.

هندن جي انهيءَ ارهه زورائيءَ واري زماني ۾ چڱا ڀلا مذهبي خيال رکندڙ مسلمان آزار هيٺ هوندا هئا. پر اسان جو مولانا عبدالعلي صاحب شڪارپور جهڙي هندو ڳڙهه جو باشندو هوندي بہ الله تعاليٰ جي حفظ ۽ امان ۾ رهيو.

مولوي صاحب کي 'ڪشف قبور' جي علم تي بہ دست رسي حاصل هئي. دليل پور جي گرد نواح ۾ هڪ مسلمان اوچتو غير طبعي موت مري ويو. سندس وارث مولوي صاحب وٽ آيا تہ صاحب قبر کان ڪين معلوم ڪري ڏي تہ سندس موت ڪهڙي سبب سان ٿيو آهي. مولوي صاحب هڪ بہ واقعا اڳ بہ اهڙا معلوم ڪري ڏنا هئا. انهيءَ فوني جي قاتلن کي پتو پيو تہ مولوي صاحب ذريعي اهو لڪ ظاهر ٿيندوءِ ڪين ڏوهي بڻايو ويندو سو وحهه وٺي رات جو مولوي صاحب جي ڪاڏي ۾ ڪجهه ملائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. مولوي صاحب ننڊ ۾ ئي واصل حق ٿي ويو. شڪارپور جي وڏي قبرستان ۾ هن سومره علماءَ خاندان جو جدا قبرستان آهي سو صبح جو دليل پور مان مولوي صاحب جو جسد خاڪي کڻي وڃي شڪارپور ۾ دفن ڪيائون.

حضور عليه الصوات والسلام فرمايو آهي تہ علماء اسلام باران رحمت وانگر آهن سندن فيض کان علائقي جا مسلمان پنهنجي ايمان کي سبزه تازه ڪندا آهن. مولوي صاحب بہ هن علائقي ۾ ڏاڍو فيض رسايو هو. پاڻ حضرت امروٽي رحه جي مسلڪ جو هو.

دليل پور ۾ برڪتون هيون سو ڪيترائي ماڻهو انهيءَ ڳوٺ ۾ اچي رهيا. ڪابلي پناڻ بہ سياري جي موسم ۾ نيلامي ڪوٽ کڻي هتي وڪڻندا هئا. ١٩٣٧ع واري ڏڪار سبب رياست جوڌپور، جيسلمير ۽ بيڪانير مان مسلمان مهر قوم جا ماڻهو بہ هتي آيا هئا. پاڪستان قائم ٿيڻ تائين هتي وينا رهيا. هي ڪاٺي جو ڪم ڪندا هئا. چوندا هئا تہ رياست باگڙيان جا باگڙي بہ اول هتي هن ڳوٺ ۾ آيا هئا. انهيءَ قوم جو لٺ سردار گجر فقير هوندو هو. سندس پاءُ قالو فقير خان بهادر سيد خان رند آنرري منجسٽريٽ جو ٽپالي هوندو هو. سندس ڳوٺ حضور آباد، چاليهه ميل جيڪب آباد کان پري هو. قالو فقير روزانو ٽپال کڻي ڏينهن جيڪب آباد ٽپال رسائي وري اُتان ٽپال کڻي سنجهي مهل جعفر آباد پهچي ٽپال خان بهادر جي حوالي ڪندو هو. خان بهادر جي وفات کان پوءِ اهي باگڙي هن تر ۾ آيا. جڏهن ١٩٣٨ع جي ضمني چونڊ ۾ حضرت امين الملت محمد امين خان کوسو سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو تڏهن ڪانگريس جو وڏو نالو نڪتو هو ۽ ڪامياب ٿيندڙ نوجوان جي لاءِ هتان جي ماڻهن ۾ وڏي محبت پيدا ٿي. باگڙين جو لٺ سردار گُجر فقير پنهنجي پاءُ قالو فقير سان گڏ عزيز آباد اچي پهتو. ابي مرحوم کي اچي واڌايون ڏنائين. چيائين تہ تنهنجو پٽ 'راجا وير' آهي، اسان هاڻي هتي جهُڳا اڏي ويهنداسون. گجر فقير ابي مرحوم جي ڪوٽ کي رات جو پهرو ڏيڻ لڳو، ۽ قالو فقير وري چاچي مرحوم وٽ سندس اوطاق تي وڃي روز حاضري ڀريندو هو. ڏاڍو "جهان گشت" هو. تمام گهمي چاڻ هئس. سندس ڳالهيون عجيب و غريب هونديون هيون، سو چاچو سائين ڪيس منجهند تائين ويهاريون وينو هوندو هو. سندس ڳالهيون ٻڌندو هو. قالو فقير چوندو هو تہ "وڏيري صاحب جي مرضي

آهي تہ 'کانو پينو آپنا اور رهو همارے ساٿ' ". پر اسان گداگر فقير سڄو ڏينهن ويهي ويهي ڇاڙيون مُفت جون هٿي گهر سڪٽا وڃون تہ کائون ڇا؟" انهيءَ تي چاچي مرحوم کيس اَن مقرر ڪري ڏنو هو، هفتي جيترو راشن چاچي کان وٺي ويندو هو.

اُهي باگڙي "واڙي" پوکڻ جا بہ ڪاريگر هوندا هئا. زميندارن کان زمين وٺي اُن ۾ گدرا، هنداڻا، ونگيون، ميها وغيره پوکي وڏي اُپت ڪڍندا هئا. مون کي ياد آهي تہ هتي تہ اُپت جو اڌ ايمانداريءَ سان زميندارن کي پهچائيندا هئا. اسان وٽ بہ واڙي ڪندا هئا. اسان وٽ سڄو سال انهيءَ واڙي مان اُپت ٿيل رقم ۾ آيل آڏيون پانليون پيون هلنديون هيون. گجر فقير "نانگ جي ڏنگ" لاءِ 'ماندو' بہ هو. نانگ ڏنگيل مريض کي نوڙيءَ جون 'سُپيون' ٻڌي وڏي آواز سان ڪي منتر پڙهندو هو. هفتہ اندر اهو مريض انهيءَ زهر کان آجو ٿي چاق چڱو ڀلو ٿي پوندو هو. باگڙين کان علاوه دليل پور ۾ جوڳين بہ اچي جُوءِ ڪئي. وڏا ڪن ڦاڙ والا وڏل جوڳي ڪاريهر نانگ ڪنيون گهمندا هئا. مُرلين جا لهرا وڄائي نانگن کي ڦڻ ڪڍائي لهر ڪرائيندا هئا. انهيءَ راندگيريءَ سان گڏ ڪاريگري بہ ڪندا هئا. پُراڻن جستي پيتين کي ڦاٽل جاين تي چتيون هڻي ڏيندا هئا. غريب ماڻهن جي ٽنگر ٽٽل جستي وٽن، ديڳڙن ۽ لوٽن کي بہ چتيون هڻي درست ڪري ڏيندا هئا. انهيءَ کان علاوه جوڳين جو اهم ڪم هوندو هو 'دارو هڻڻ'. ڳوٺن جي 'ابوجهہ' ۽ 'توهم پرست' اياڻين عورتن کي داري ذريعي ڪشمڪش ۾ وجهي ڇڏيندا هئا. ڪانئن سندن مطلب پوري ٿيڻ لاءِ اٽي لپ ڪجهہ سرس ڪري وٺندا هئا. جوڳين جو مطالبو ڪو روپين لاءِ ڪونہ هوندو هو. فقط لپ اٽي جي يا ان جي پٽڪي اڌ وڏيڪ وٺڻ جي تمنا هوندي هئي. "مائي! تنهنجو لوڻ ڪڏٺو آهي، توسان ڪا مائي پني ڪوَنسي. پٽي توسان ڪُرڪي، سو تون ڪجهہ دان ڪر تہ اسان تنهنجي دشمن جي دل تي منگَ ڏريون. ڏنو ٻنو ٿيندو آهي مائي! آڻ پٽڪي ان جي تہ کيون ڪُجهہ داري کي منت." سو دارو سندن ڳچيءَ ۾ پيل عاج جو هڪ نقش ٿيل ٽڪرو هوندو هو. اُن وٺڻ بعد داري کي ڦيراني گهيراني چپن ۾ پڙ پڙ ڪري پوءِ چوندا تہ "مائي هاڻ دارو سِڌو ٿي پيو آهي ۽ ٻولي ٿو تہ اها مائي هاڻ دشمن جي دنگ کان ٻاهر نڪتي بيٺي آهي." اهڙي نموني جون کي خوش ڪندڙ ڳالهيون ٻڌائي ٻهراڙيءَ جي عورتن کان ڪجهہ سرس خيرات ڪڍندا هئا. جوڳي نانگ جي ڏنگ لاءِ بہ 'تير بهدف' معالج هوندا هئا. 'جماڙ ڦوڪ' کان علاوه مريض کي گيهہ سان گڏ بصر ڪاراني سندن جان مان رت کان زهر چوسي ڪڍڻ جا بہ ماهر هوندا هئا. 'زهر' واري جاءِ تي اهڙيءَ طرح چپ رکي چوس ڏيندا جو سڄو زهر رت مان ڇٽي نڪري انهيءَ زخمي جاءِ تي ايندو هو ۽ جوڳي اُن کي چار پنج گهمرا چوسي ڪڍي ٿوڪاري ڦٽي ڪندا هئا. ان کان علاوه ڪن ڪن جوڳين وٽ 'زهر مهره' وارو مٽڪو بہ هوندو هو، جنهن ۾ زهر ڇڪي آڻڻ وارو اثر هوندو هو. انهيءَ مٽڪي کي ڏنگ واريءَ جاءِ کي ٽُڪو ڏيئي گوشت اندر رکندا هئا. ڏهاڪو منٽ ڪن رکي وٺي ٻاهر ڪڍي کير ۾ وجهندا هئا تہ کير سڄو پيلو ٿي پوندو هو. اهڙيءَ طرح ڪيترا دفعا ڪندا رهندا هئا. جڏهن 'مٽڪي' وجهڻ سان کير جو رنگ نہ ڦٽندو هو تڏهن سمجهندا هئا تہ زهر سڄو نڪري چڪو آهي. بروقت اهڙن تدبيرن پهچڻ سبب نانگ ڏنگيل ماڻهو بچي ويندا هئا. جوڳين جي انهيءَ منڊ ۽ جماڙ جو اثر فقط "متي ميري" ماڻهو تي نہ ٿيندو هو.

گداگرن جي ٽولي ۾ فقط مسلمانن مان هوت بلوچ فقير بہ دليل پور ۾ سياري جي منڊ ۾ تنبو هڻي ويهندا هئا. مرد پولاءِ رڃ گهماني خيرات وٺندا هئا. گهوڙن تي چڙهي دليل پور کان تمام پري وڃي در در صدا هڻندا هئا تہ هي واڻيو مسلمان ٿيو آهي. امروٽ واري بزرگ کيس مسلمان ڪيو آهي. هندن کيس برادريءَ مان ڪڍي ڇڏيو آهي سو هاڻي مسلمين ڀائرن وٽ چندي لاءِ نڪتو آهيان. اهڙيءَ طرح مسلمان کيس خيرات چڱي ڏيندا تہ هو خوش ٿي دعائون ڪندو وڃي. حقيقت ۾ فقراءَ جي ٽولن ۾ فقط هوت بلوچ رڃ پولن وارا خستہ حال هوندا هئا. کين "مائي سسئي" جي 'پيٽ' جو اثر هو.

دليل پور گداگرن لاءِ هڪ وڏو آماجگاهہ هو. سياري جي موسم ۾ اتي ڪٽڪ اچي گڏ ٿيندا هئا. عزيزآباد جو

ڳوٺ دليل پور جي نڪ سامهون ٻن ميلن پنڌ تي اُتر طرف آهي، سو هر صبح جو ائهي. گداگرن جو يلغار ڳوٺ عزيز آباد تي هوندو هو. هر در تي "آهي الله" جي صدا پئي لڳندي هئي. برڪت پيو دڙو هو. گهر جي در تي هر فجر جو "آهي الله" جو نعرو برڪتون وجهي ڇڏيندو هو. هر گهر مان روز الله جي نالي پنج ڪٽي پئي نڪرندي هئي، سو ان پلين ۾ يا گُنديءَ ۾ پريو ئي رهندو هو. ڪڏهن به ڪنهن جي پلي يا گُندي خالي نه رهي. خيرات گهڻو ڪري ان جو ڏيو هو، روپين ڏيڻ يا گهرڻ جو دستور ڪونه پيدا ٿيو هو. گداگرن مان ڊيڊ، اعوان فقير، هوت بلوچ، باگڙي، ڪلهوڙا هر روز سياري جي مند ۾ پيا ايندا هئا. هرڪو پنهنجي نصيب مطابق خيراتون حاصل ڪيون ويندو هو.

دليل پور جي تر ۾ دستور هو ته اگر ڪو غريب مهمان آيو ته ڪيس جونر جي ماني ۽ لسيءَ جو وٽو ملندو. جي ڪو چنن گهرن جو ڪو رئيس ايندو ته "ٻُسري" ملندي. ڪو پڙهيل ماڻهو آيو ته ڪيس سڳداسي چانور مُستي ٻُرڪيل ملندا. ڪو زميندار دوست آيو ته اُن لاءِ "ڪڪڙ ڪهڻ" جو رواج اصل ڪونه هو. ان لاءِ هڪدم هڪ "هلواڻ ليلو" هٿ ڪري ونبو. اهو ڪُسجي ويندو. اُن جو ٻوڙ ٿيندو. هڪ اڌ ران يا ڪنڌي وارو حصو ۽ جيرا بڪين سميت سيخ ٿيندو. پُلاءُ پچندو، ڪيرٿي نهندي، ماني مڪجي ايندي. اهڙي قسم جو طعام هميشه جو دستور هو، هر چڱي آبرو مند مهمان کي پيش ڪرڻ جو. تنهن زماني ۾ ڪنهن به مهمان کي دال کارائڻ معيوب سمجهبو هو.

دليل پور کي ٻَراجن جي نڪرڻ سبب وڏو نقصان رسيو. پهرين سکر براج نڪرڻ کان پوءِ ڳوٺ جا جت هاري ڳڙهي ياسين طرف هليا ويا، جيڪي ڳوٺ جي اڌ وسنو ختم ڪيون ويا. وري گُدو براج نڪرڻ کان پوءِ اَنڙ واهه کي اڌ مان ڪپي صيفل وٽان موسيٰ الله آباد نئين شاخ ڪڍيائون. اُنڙ واهه جيڪو دليل پور جي زمينن کي پاڻي پهچائيندو هو سو ننڍڙو واهه ٿي پاڻي پهچائي نه سگهيو، زمينون غيرآباد ٿيڻ لڳيون، موسيٰ الله آباد دليل پور کان ميل اڌ تي نڪتو، جيڪو سڄو "ٻوڦي" تي نڪتل هو، جنهن سم ڪري وڌو.

دليل پور جنهن جاءِ تي ٻڌل آهي اهو ڪنهن زماني ۾ سنڌونديءَ جو وهڪرو هو. هن وقت به اُن جا آثار آهن، سو ان جي ڊوري وارن حصن ۾ سڄو سال پاڻي بيٺو هوندو آهي ۽ ڪٿي وري دڙا آهن. هينئر به 'چوڪ جا دڙا' ۽ 'جمعي ڊکڻ جو دڙو' موجود آهن.

زمينن جي غير آباد ٿيڻ سان ڳوٺ جي وسنديءَ تي به وڏو اثر پيو. هن وقت فقط هڪ اڌ گهر ڊيڊن جو. مولوي صاحب ڏٺي بخش خان جو ڪوٽ، مسجد شريف ۽ حاجي محمد نواز خان جو نهرايل اناس بنگلو خسته حالت ۾ موجود آهن. مسجد شريف جي مرمت لاءِ ٻن لکن کان به وڌ خرچ ايندو. سڄي ڪاشي، ڪلر جي سيڪ سبب ڪاڇي وني آهي. اسان جي علائقي جي ڳوٺن مان دليل پور جيڪو مُنو سؤ سال اڳ ڏسڻ وٽان هو سو بلڪل ويران ٿي ويو آهي. درياءَ لاءِ چوٽي آهي ته "ٻوڙي يا سُڪاني" سو پُراڻي وهڪري واريءَ جاءِ کي به صدين بعد سُڪاني ڇڏيائين.

دليل پور جي وسنوَ ختم ٿيڻ سان هن علائقي ۾ اڄ ڪلهه "آهي الله" سڻن هڻڻ واروني ڪونه رهيو آهي. هن جوءِ ۾ امن نه هئڻ ڪري فقيرن وڃي وڏن شهرن جو پاسو ورتو. فقيرن جي نه اچڻ سبب 'پنج ڪٽي' ڪڍڻ به بند ٿي وئي ته برڪتن به پويون پير ڪيو آهي. هينئر ڪنهن وٽ به 'اَن پلي' يا 'اَن گندي' سڄو سال ان سان ڀريل نه رهندي آهي. پلا جنهن گهر مان مهيني ۾ به هڪ ڏينهن الله جي نالي ان نه نڪري ته پوءِ برڪت ڪٿان اڏامي ايندي. 'پنج ڪٽي' ٿي ڪٽي' مهر گهٽي' وارو معاملو ختم ٿي چڪو.

برڪتن جي ڳالهه آهي ته اڳي ماڻهو هٿي هر ڪاهڻ لاءِ 'اسر ويل' ٻني ۾ ايندا هئا، جيڪا برڪت ڀريل مهل آهي. بسم الله ڪري الله توهار چئي ڏاندن کي وهائڻ شروع ڪندا هئا. هر وراٽي تي 'بسم الله' 'الله توهار' چوندا هئا. پنيان وري مايون گهرن ۾ اسر ويل اُٺي جنڊ تي اٽو پيهڻ ويهنديون هيون. ان پيهڻ جي ڪم سان گڏ ذڪر الاهي به ڪنديون هيون.

هتي هن زماني ۾ ڏاندن رکڻ جو دستور نڪري چڪو آهي. 'ٻيل گاڏي' جي جاءِ تي "لاسي گڏهه" گاڏن جو رواج پڪڙي ويو. افغان لاسي گڏهن جي هينگ سان رحمت جا فرشتا ڳوٺ مان اُڏامي ويندا آهن. قرآن ڪريم ۾ "صوت الحمير" کي منحوس ٺهرايو آهي.

انهن گڏهن جي هينگن کان وڌيڪ وري ٽريڪٽرن تي فٽ ٿيل تيز آواز وارا لائوڊ سجي رات ننڊ آرام حرام ڪندا آهن. اڳي بسم الله سان هر هلندو هو ته هينئر جلال چانڊيو ۽ روبينه حيدري جي مُهاڏن وارن ڪچن اکرن جي ڪيسٽن سان ٽيپ پيو هلندو ۽ هر پيو ڪاهبو. ٽريڪٽرن تي وري 'ننڍا ڇورا' ڊرائيوري سکڻ جا آتا اچي اسٽيرنگ تي ويهندا، جيڪي 'حيا' ۽ 'حجاب' جا سڀ ليڪا لتاڙيل هوندا، ۽ سندن غسل به لٿل ڪونه هوندو. انهن اپاڄن جي هر ڪاهيل ٻنيءَ جي پوک کي "اسٽيم بورر" نه لڳندو ته پيو ڇا ٿيندو. ساريون پوک ته انهيءَ کي 'اسٽيم بورر' ، ڪڻڪ پوک ته ان کي تڏ، ڇٽا پوک ته ان کي وري 'سانو ٻُوجرو ڪينئون' لڳندو، مطلب ته بي برڪتي جا سڀ سامان موجود هوندا ئي هوندا. زميندار ۽ هاري وري وياجن تي 'ورنوَ' وٺي پيا گذارو ڪندا.

دليل پور جي مولوي صاحب هن جُوءِ ۾ الله تبارڪ تعاليٰ، رسول ﷺ جي ثناءُ سان گڏ اصحاب سڳورن رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين جي به سڃاڻ پيدا ڪئي هئي. ماڻهن کي اصحابن جي لاءِ حُب ۽ ادب سيکاريو هئائين. مولوي صاحب ڪوشش ڪري هن تر جي سيني ڳوٺن جي مسجدن اڳيان 'پڪيون کوهيون' کٽايون هيون جن تي چرخي ذريعي خاص ڏول سان پاڪائي سان وضو لاءِ پاڻي ڪڍڻ وارا هاشمي ڪوزرا رکايائين، جن ۾ مقرره مقدار جيترو پاڻي وضو لاءِ ماپندو هو. سياري جي مند ۾ ڪوهي پرسان پڪين سرن سان بخاريون ٺهرائي انهن مٿان وڏا مٽ ليپائڻ جو دستور ناهيائين. مٽن ۾ پاڻي وجهي مٿن ڳرا ڪاٺ جا ڍڪڻ رکڻ جو قانون سيکاريائين. رات جو انهيءَ 'بخاري' کي پاڻ سان پري باهه ڏيئي ڇڏبو هو ته جيئن صبح جو نماز لاءِ وضو ڪرڻ واسطي گرم پاڻي موجود هجي. مٽن مان پاڻي ڪڍي ڪوزرن ۾ وجهڻ لاءِ زنجير سان ٻڌل ڏولڻا هوندا هئا. ان ذريعي پاڪ پاڻي ڪڍي ڪوزري ۾ وجهي وضو ڪبو هو. مسجدن اڳيان پڪا 'غسل خانه' به ٺهيل هوندا هئا ته جيئن جمع جي رات ملهائڻ وارا مسلمان ساجهر اچي غسل ڪري نماز لاءِ تيار ٿي سگهن.

رمضان شريف ۾ تراويحن ۾ قرآن ڪريم ٻڌائڻ جو دستور پرچوندي شريف کان هن تر ۾ اُتان جي فارغ ٿيل حافظ سڳورن آندو. "في سبيل الله" سڄو مهينو رهي قرآن ڪريم سُڻائيندا هئا. پرچوندي شريف ۾ قرآن ڪريم پڙهڻ جي خاص طرز آهي، جيڪا پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

مرڪزيت جي سم زده ٿيڻ سبب هينئر تر جي ڳوٺن ۾ گرم پاڻي وارا مٽ ڪونه پريل ڏسبا. هينئر 'هئنڊ پمپ' جو رواج نڪتو آهي. ڪوزرن کي ڪوبه استعمال نه ٿو ڪري، سڌو سنئون نل گيڙي وضو ڪن ٿا، جيڪو طريقو اڻ وڻندڙ آهي ۽ ناپاڪ ڇنڊن پوڻ جو به انديشو رهندو آهي.

حافظ سڳورا وري اهڙا اچي ساماڻا آهن جو ذري گهٽ 'قوالي' پيا ڪن ۽ "في سبيل الله ختم القرآن" جو به ڪو نمونو ئي نه رهيو آهي. اول ٻولي ٻَڌي ٿيندي ته مسجد جي جماعت ڪيتري آهي؟ انهن وٽان ٢٧ تاريخ ڪيتري رقم ملڻ جي اُميد ٿيندي؟ جانچي پرکي پوءِ حافظ سڳورو 'من پسند مسيت' ۾ اچي تراويحون پڙهائيندو.

وقت وقت جي ڳالهه آهي. اڳي عالم سڳورا قرآن جي تعليم في سبيل الله ڏيندا هئا. ان لاءِ ڪو ٽڪو پيسو ڪونه وٺندا هئا. پنهنجو گذر سفر طب تي ڪندا هئا. قرآن پڄائڻ تي طالب العلم کي اجان پنهنجي کيسي مان روپيو ڏيڍ ڏيئي ڇڏيندا هئا. ماڻهن کي وعظ ذريعي جمع جي نماز وقت گناهن جي سزا کان آگاهه ڪندا هئا. ڪاٿي ڪهي وڃي ڏوڪڙ وٺي وعظ وغيره ڪونه ڪندا هئا. مسجد شريف ۽ مدرسي جي احاطي کان ٻاهر ڪونه نڪرندا هئا.

سندن تبليغ جو وقت فقط جمعي جو خطبو هوندو هو. پاڻ پرهيزگار هوندا هئا. سندن ظاهر باطن صاف سٿرو هوندو هو. سندن زبان مان نڪتل اکرن ۾ اثر هوندو هو. عام ماڻهو ڪٿي سيٽي نيڪ نمازي ۽ مسجدن ۾ ڪونه ايندا هئا، پر منجهن خدا جي شناس ۽ سندس خوف گهڻو هوندو هو. عام طرح هرڪو ايماندار هوندو هو. انهن الله لوڪ عالمن جي گذري وڃڻ کان پوءِ وقت بہ ڦيرو ڪاڌو. ٽڪين تي گذران ڪندڙن ۽ ڏيٺي جي لاٽ تي تڏن مٿان پڙهندڙن جو تعداد ختم ٿي چڪو. هينئر انگريزي گٽ مٽ ڪندڙ ماڻهو مولوي ٿو بڻجي تہ منجهس انگلش جو اي A (آڪڙ) اثر ڪري وڃي ٿو، سو عربيءَ وارو ع (عاجزي) سندس روح سان ميلو نٿو ڪائي.

ٿي وي ۽ ڊش انٽينا تہ ماڻهن مان روح اسلام ڪڍي رکيو آهي. اسلام تہ پنهنجيءَ جاءِ تي پر انسانيت جو اکر بہ ماڻهو مان مٽايو ويو آهي. اهو سچو ڪيل ادب، احترام، شناس ۽ انسانيت جي منافي آهي. ان ذريعي حيلہ سازي، ڪوڙ، بي حيائي، ارڏائي ۽ ڌوکي بازي اڄي جاءِ والاري آهي.

هندو مسلم نفرت ۽ احساس جدائي تہ انگريزن جي وقت شروع ٿيو پر اُن وقت انصاف هو. تقسيم کان پوءِ انتخابي عذاب اڄي نازل ٿيا. مسلمان جو مسلمان سان نفاق پيدا ٿيو. نور بشر جي جهڳڙي تہ نفرتون پيدا ڪري وڌيون. مسلمان مسلمان کي علي الاعلان، اسٽيج تي بيهي لائوڊ اسپيڪرن جي آواز تي ڪافر سڏڻ شروع ڪيو. تازو انڙ واهہ تي اهڙا مظاهرا ٿيا آهن. مذهبي تعصب کان علاوه سياسي 'نا اتفاقي' بہ عروج تي پهتي آهي.

هن وقت جي جماعتن اليڪشن ۾ حصا وٺي عام ماڻهن جي ذهن ۾ 'زهر' پيري ڇڏيو آهي. هتان جي ڳوٺن ۾ عجيب عجيب رنگ جا جهنڊا لڳندا آهن. پيءُ پٽ کان عليحده، زال مڙس کان زور ۽ پٽ پيءُ کان پري جدا جهنڊو ڪنيون نعروهڻندو. مطلب تہ ١٩٣٧ع کان اڳ جنهن علائقي ۾ امن هو، سُک هو ۽ ايڪو هو، برادريءَ جو "مرٰم" هو، پاڙي جو لحاظ هو، وڏي جو ادب هو، ننڍي لاءِ 'پيار' هو، عالمن لاءِ 'عزت' هئي، مُلان مسيت جو احترام' هو، قران ڪريم جو 'شناس' هو، پنهنجي پرائي جو 'تميز' هو، خير خيرائن ڪرڻ جو خيال هو، هر طرف 'چڱائي ۽ ڇهچٽو هو، سو سمورو سلسلو انهن تفرقن جي سيلابن ۾ لڙهي ويو. هاڻي ڪنهن کي بہ اها پڪ ڪانهي تہ سندس پٽ سندس مرضي سان هلندو الائي نہ. سندس پٽ کي وري اهو انديشو هوندو تہ ابو الائي اوباش سنگت سان گڏ هلڻ سهندو الائي نہ. مالڪ کي اها پڪ ڪانهي تہ ڪو ملازم سندس ڊيڪاريل ڪمن جي پورائي ڪندو الائي نہ. مطلب تہ سڄي ماحول ۾ بي يقيني اڄي واسو ڪيو آهي. اهڙي حالت هن علائقي ۾ بہ اچي وئي آهي! مون ١٩٣٧ع ۽ جنوري ١٩٤٦ع واريون انتخابي مهمون ڏٺيون. اهي انگريزن هٿان ٿيون. ان زماني ۾ نڪو ڪنهن ووٽر کي قرآن شريف مٿي تي رکايو ويو، نڪي اميدوار کان ڪنهن ووٽر ووٽ لاءِ روڪ رقم وٺي قسم کنيو هجي. باقي ڊسمبر ١٩٤٦ع جي پڇاڙيءَ ۾ جيڪا اليڪشن ٿي تنهن سڀ ايمان جا بند پچي ڇڏيا. بس اُتان کان وٺي اهو عذاب نازل ٿيو جيڪو اڄ تائين پيو هلي. تنهن زماني ۾ وڏ ۾ وڏ پنجن روپين تي پئي ووٽ وڪاميو، هينئر تہ ڪروڙن ۾ پيو وڪامجي. 'وڪاٺل گهوڙي' جو اکر بہ هاڻي لغت ۾ آيو آهي! مان جنهن علائقي جو آهيان، ان ۾ ١٩٤٠ع تائين سُڪار ئي سڪار هو. برڪت پريا ڳوٺ، برڪت پريا ماڻهو ۽ "برڪت پري فضا" هئي. اهو دؤر ياد ٿو پوي تہ اڄ ڪلهہ جي حال ڏسڻ سان اکين مان پاڻي وهي ٿو وڃي! اکيون انهيءَ دؤر جي ڏسڻ لاءِ آتيون آهن، پر اهو دؤر وري نہ اچڻو آهي. چوندا آهن تہ هڪ صدي گذرڻ بعد ماحول ۾ تبديلي ايندي آهي ۽ پنج صديون گذرڻ بعد جاگرافي حالت ڦري ويندي آهي. جتي آبادي هوندي اُتي رڻ پٽ هوندو، جتي رڻ هوندو اتي بيلا ٿي ويندا، جتي دريا هوندا اُتي واري جا دڙا ٿيندا. هاڻي بہ اُهڃاڻ تہ ائين ئي آهن. ڪنهن دؤر ۾ دليل پور وٽ درياءُ وهندو هو، اڄ اتي صدين کان پوءِ سم جا درياءَ آهن، مڇين جا تلاءَ آهن، پوک جي پچار ڪانهي.

## جمعو ڏکڻ، عبدالغني شاهه، چوڪ ۽ جونگل جو احوال

ٽُل تعلقي جي حدن اندر اهڙا آثار اجا بہ آهن جن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هتي ڪي صديون اڳ سنڌو درياءَ جو وهڪرو هو يا ڪا وڏي اُٿل آيل هوندي. ڇاڪاڻ تہ ڪٿي "ترايون" آهن، ڪٿي "واريءَ جا وڏا ذخيرا" آهن ۽ ڪٿي وري "لٽ پڪي مٽيءَ" وارا وڏا دڙا آهن. جمعو ڏکڻ ڳوٺ بہ هڪ وڏي دڙي تي انگريزن جي اچڻ کان اڳ جو ٻڌل آهي. اهو واحد ڳوٺ آهي جيڪو ڪنهن زميندار جي نالي تي ناهي ۽ منجهس فقط هڪ قوم جا ماڻهو رهائش پذير آهن. ١٩٢٥ع ۾ بہ هي وڏو ڳوٺ هو. تنهن زماني ۾ بہ هتي پرائمري اسڪول هو ۽ ڇوڪريون بہ ان ۾ پڙهنديون هيون. هن ڳوٺ جو باني رئيس جمعو خان سومرو هو جيڪو ڏکڻڪو ڪم ڪندو هو. ڳوٺ جا گهڻو ڪري سڀيئي ماڻهو ڏکاڻڪو هنر ڄاڻندا هئا. ان زماني ۾ سر ۽ ڪلر جو نانءُ ۽ نشان بہ ڪونہ هو. " "ڪڙين جي ڪنارن" ۽ ڳوٺن جي اندر ۽ ٻنين جي ٻنن سان ٻيرن جا وڻ جام هوندا هئا. "موهن جي دڙي" واري ڏڳي گاڏي ناهڻ جا سٺا ڪاريگر هتان جا سومرا هوندا هئا. اها ٻيل گاڏي اهڙي ساخت جي هوندي آهي جو سال ڏيڍ ڪان پوءِ پراڻي ٿي بيڪار رهندي آهي، سو هارين کي هر ٻئي سال نئين ڏڳي گاڏي جي ضرورت ٿيندي هئي. سڀي تر جوءِ ۾ ڏڳي گاڏين ناهڻ جا ڪاريگر جمعو ڏکڻ ڳوٺ ۾ هوندا هئا. سڄو سال وٽن ڪم هوندو ئي هوندو هو، سو اهي ماڻهو مڇي ماني ۾ 'پاڻ پرا' هوندا هئا. مهانگائي ڪانہ هئي، خرچ بہ ايڏا ڪونہ هئا. ڏڌ، مکڻ ۽ کير پنهنجو هوندو هو. گذر سفر لسي ۽ کير کان سواءِ ٻئي ڪنهن خرچ تي ڪونہ هو، ڀر ڪاڏي واسطي ڀر پاسي سردار ڪرم خان بجاراڻي (ڪرم پور واري) جي ٻنيءَ ۾ هارپ ڪري ان اپائيندا هئا. پنهنجي زمين نہ هوندي بہ وڏا معتبر هئا. ١٩٠١ع جي آدمشماري مطابق تعلقي ٽل جي ڳوٺن کان هي وڏو ڳوٺ هو. هينئر ١٩٩٥ع ۾ ڏهوٽو وڌيل آهي. منجهس ٽي وڏيون پڪيون مسجدون نميل آهن، جيڪي عشاء ۽ فجر جي نمازن تي بلڪل ڀريل هونديون آهن. ڳوٺ جا مرد ماڻهو سڀ گهڻو ڪري "روز مزدوري" جي ڪم تي هوندا آهن. هينئر ڪاٺ جي ڪاريگري جو ڪم يا اوساري وغيره جو ڪم بہ روز مزوري تي ڪندا آهن. سٺ سٺر سال اڳ ڏڳي گاڏيءَ جي نمراڻي ويهہ رپيا هوندي هئي، هينئر تہ ڏڳي گاڏي وجي هزارن جي قيمت تي پهتي آهي. جمعي ڏکڻ ڳوٺ کي 'ڳاڙهو ڳوٺ' بہ سڏيندا آهن، جو سؤ سال اڳ بروچ قوم جي عورتن کي سفيد ڪپڙو پارانبو هو. ان جو 'قشق' اڇو هوندو هو. ان جا دامن ڪليل نہ هوندا هئا. 'قشق' تي چٽن والن کان بہ وڌيڪ ڪپڙو لڳندو هو. انهيءَ جي برعڪس ڄاموٽن جي عورتن کي ڳاڙهي ڪلر تي ڪپڙو هوندو هو. "ٿيني پيس" (قميص، شلوار، پوتي) ڳاڙهي رنگ جا هوندا هئا. جمعي ڏکڻ ڳوٺ کي 'مِني پاڻي' جي سهوليت ڪانہ هئي، پري پنڌ تي 'ڏاڪوين کوهيون' کٽي پاڻي ڀريندا هئا، سو ڳوٺ جون مايون ٽولا ڪري پاڻي ڀرڻ نڪرنديون هيون تہ پري کان ڳاڙهاڻ نظر ايندي هئي. سو انهيءَ ڳاڙهاڻ سبب ڳوٺ تي نالو "ڳاڙهو ڳوٺ" بہ پيو.

منهنجو ڏاڏو امين خان ٽل تعلقي تي پوليس آفيسر ٿي آيو تہ انهيءَ ڳوٺ جي رئيس يوسف خان سومري سان سندس واقفيت ٿي. رئيس ڏاڍو سمجهدار ۽ معتبر ماڻهو هو. ڏاڏي مرحوم جي ساڻس دوستي ٿي ويئي. اها دوستي پوين ۾ بہ هلندي اچي. اسان جي خاندان سان جمعي ڏکڻ جي سمورن سومرن جي دوستي ۽ واسطيداري هلندي اچي ٿي. جمعي ڏکڻ جا سومرا اصل کان شريف ۽ معتبر هئا، هينئر بہ سڄو ڳوٺ ديندار آهي. مسجدون آباد آهن، ڳوٺ جي هڪ ڪاريگر صوفي حاجي گلاب الدين کي حضرت امين الملت (محمد امين خان کوسو) خاص طرح گهرائيندو هو. ڪم جي بهاني ڪيس مهينن جا مهينا پاڻ وٽ جهليون ويٺو هوندو هو. ڪيس چوندو هو تہ مون کي ڪم جي تہ ضرورت ڪانهي پر تنهنجو گذر سفر جو سبب هوندو تہ تون هتي رهي منهنجي مسجد شريف آباد رکندين.

جمعي ڏکڻ ڳوٺ کان اتر طرف چوڪ جو ڳوٺ آهي، جيڪو جمعي ڏکڻ وانگر واريءَ جي وڏن دڙن تي ٻڌل آهي.

ابتدا ۾ اهو ڳوٺ ڪنهن ٻڌو تنهن جي خبر ڪانهي، پر هتي ڳوٺ جا سڀ ماڻهو جت قوم سان تعلق رکندا آهن. "چوڪ جتن واري" ٻـ ڳوٺ تي نالو آهي. هتان جا جت درگاهه پرچونڊي شريف جا فقير هوندا هئا. حضرت حافظ الملت پرچونڊي شريف وارن جي خليفي دلمراد کوسي هتي هڪ وڏي عاليشان مسجد جوڙائي جيڪا غالباً ۱۸۹۹ع ۾ جڙي راس ٿي. ڳوٺ جي فقيرن سرون ذڪر الاهي سان قالب ۾ وجهي ناهيون. ڪوري مان بہ ذڪر الاهي سان ڪيڏي مسجد شريف جي جاءِ تي آنديون ۽ ذڪر الاهي سان مسجد شريف جي اوساري ٿيندي رهي. مطلب تہ مسجد شريف جي جوڙاڻ جو سڄو ڪم في سبيل الله ۽ ذڪر الاهي سان ٿيو. ڪاريگر بہ الله لوڪ قسم جا فقيرتن ماڻهو هئا. اها مسجد شريف هڪ سؤ سال گذرڻ بعد بہ اڃا بهترين حالت ۾ ڪر ڪنيون بيٺي آهي.

عام دستور موجب مسجد جي پرسان اول منهنجي والد بزرگوار الحاج عبدالعزيز خان مرحوم و مغفور جي مرقد ٺهي، جنهن ۱۹۳۹ع ۾ وفات ڪئي. اول اول پهرين قبر منهنجي والد مرحوم جي انهيءَ مسجد شريف جي پاڇي ۾ ٿي. منهنجو والد پرچونڊي شريف جو فقير هو. پاڻ انتقال کان ٿورو اڳ پنهنجي فرزند (امين الملت رحہ) کي سڏي چيائون تہ تون اها "گانڌي ٽوپي" لاهي پٽڪو ٻڌي اڄ جو پير سائين بادشاهہ آيو آهي. پوءِ پاڻ وڏي آواز سان افضل الذڪر پڙهڻ لڳا. الله الله ڪندي سندن روح پرواز ڪري ويو.

حضرت امروٽي رحمت الله عليه، حضرت حافظ الملت رحہ باني پرچونڊي شريف وارن جا وڏا خليفا هئا. امروٽي خليفو صاحب هن مسجد شريف ۾ گهڻو ايندو ويندو هو. هڪ ڀيرو غالباً ۱۹۲۵ع ڌاري پاڻ سان هڪ پناڻ ورتيون آيو، جنهن کي هن مسجد شريف ۾ رهڻ جو حڪم فرمايائون. اهو فقير افغانستان جي طرف جو هو. سندس نالو عمر جان فقير هو. هو غالباً سؤ سال حياتي ڪري هن مسجد ۾ ئي وفات ڪري ويو ۽ اتي ئي مدفون آهي. هي هتي سٺ سال کن رهيو پر حضرت امروٽي صاحب جي حڪم مطابق مسجد شريف کان ٻاهر ڪونہ ويو. فرلانگ پنڌ تي ريلوي لائين آهي، ان تائين بہ ڪڏهن ريل ڏسڻ ڪونہ ويو. چوندو هو تہ ڪو لک رپيا ڏئي تہ بہ مسجد شريف کان ٻاهر ڪونہ وڃان. عجيب انسان هو! ايڏو تہ بي پرواهہ جو دنيا جهان جي ڪنهن بہ معاملي جي خبر ڪانہ رکندو هو. قدرت وري اهڙو تہ بندوبست رکيو هو جو هن متوڪل علي الله انسان وٽ دنيا جهان جي هر بهترين چيز موجود هوندي هئي. بهترين چانهہ تمام اعليٰ ڪوپن ۾ پيئندو هو. بظاهر ڪنهن کان بہ نذرانو وغيره ڪونہ قبوليندو هو، البتہ امين الملت رحہ جي هر پيش ڪيل چيز بلا حجت قبوليندو هو. چوندو هو تہ "تون منهنجي پير جو موڪليل آهين."

ابتدائي دؤر ۾ ڳوٺ جا جت فقير ڏاڍا ذاڪر ۽ عابد هوندا هئا. سندن گذارو 'پيش' جي تڏن ناهڻ ۽ وڪڻڻ تي هوندو هو. 'پيش' جو ٻوٽو ديره بگٽي جي جبلن ۾ پيدا ٿيندو وڌندو آهي. بگٽي قوم جا ماڻهو انهيءَ کي پنهنجو فصل سمجهندا آهن، سو مفت ۾ ڪنهن کي بہ ڪپڻ نہ ڇڏيندا آهن. هڪ ڀيري حضرت حافظ الملت رحہ باني پرچونڊي شريف جي زماني ۾ چوڪ جو هڪ فقير بگٽي علائقي جي ٽڪرن تي "پيش" وڍڻ ويو تہ اتان جي هڪ محافظ ڪيس نشان ڪري پٿر هنيو، جيڪو هن کي ڪونہ لڳو. اهڙيءَ طرح هن تي گهمرا پٿر اڇلايا، پر هن فقير کي اهي ڪونہ لڳا. انهيءَ ڪرشمي سبب اهو بگٽي هن وٽ آيو ۽ چيائين تہ "تون ڪنهن ڪامل مرشد جو مريد آهين يا پاڻ 'صاحب ڪرامت' آهين، جو منهنجي زندگيءَ ۾ اڇليل پٿر ڪڏهن بہ نشاني کان ڪونہ گُٿو آهي، پر توکي ٽيئي پٿر ڪونہ لڳا. هاڻي توکي ڇڏي ٿو ڏيان پر ٻيهر منهنجي هن جوءِ ۾ 'پيش' وڍڻ نہ اچجانءِ". اهو جت فقير سلامت موٽي آيو. هفتي کان پوءِ پرچونڊي شريف مرشد سان ملڻ لاءِ ويو تہ حافظ الملت رحمت الله عليه کيس اچڻ سان چيو تہ "فقير! خطرناڪ جاين تي نہ ويندو ڪر!" جت ڏٺو تہ حضرت صاحب جن جي تري مبارڪ هٿ تي هڪ وڏو ڏڪ جو نشان بيٺل هو.

ڳوٺ چوڪ ۾ پير سائين حضرت شيخ عبدالرحمان صاحب رحمة الله عليه ۱۹۳۳ع ۾ هڪ عالم سڳوري جي اچي دستار بندي ڪئي. اهو مولوي عبدالوهاب صاحب به صاحب استغنا هو. غريبي هوندي به هن وڏن ماڻهن جون مهمانيون ڪيون. وڏا ماڻهو وٽس سندس علمي شهرت ۽ سندس ڪتبخاني ڪي ڏسڻ ايندا هئا. تنهن زماني ۾ هن مولوي صاحب وٽ مصري ڇاپي وارا عربي ڪتاب تمام گهڻا گڏ ڪيل هئا. سندس ڪتبخانو هينئر به محفوظ آهي.

حضرت علامه مولانا غلام مصطفيٰ صاحب قاسمي هتي امين الملت رحه جي مرقد تي ختمو چوڻ آيو ته مسجد شريف ڏسي چيائين ته هي مسجد شريف هتي هن ڳوٺڙيءَ ۾ انهيءَ ڪري نهي جو حضرت امين الملت کي هتي آخري "آرام گاهه" ڪرڻو هو. حضرت حافظ الملت رحه کي "ڪشف" ذريعي معلوم ٿيو هوندو ته سندس "خانقاهه" جو هڪ "خادم" هتي دفن ٿيڻو آهي، سو ان لاءِ هتي مسجد سڳوري ناهڻ جو حڪم خاص خليفي دلمراد فقير کي ڏنائون. مسجد شريف تي ڪتبو به اهڙيءَ طرح جو لڳل آهي. غالباً منو سؤ سال گذرڻ بعد اهو مطلب پورو ٿيو. مسجد شريف ۱۸۹۳ع کان ٺهڻ شروع ٿي ۽ ۱۸۹۹ع ۾ مڪمل ٿي. حضرت امين الملت رحه ۱۹۷۳ع ۾ وفات ڪئي. ٦ ڊسمبر ۱۹۷۳ع جي بعد از نماز مغرب لحد اندر داخل ٿيو. حافظ خير محمد صاحب اوحدي تاريخ وفات هن ريت ڪئي.

"يا رب بخشجانءِ محمد امين کي."

انهيءَ مسجد شريف کي هڪ سؤ سال ٿي چڪا آهن، مگر اڃان بلڪل سٺي حالت ۾ بيٺل آهي ۽ وسندڙ آهي. هن مسجد شريف جي اها به هڪ ڪرامت آهي جو هڪ سو سال ۾ ڳوٺ اندر ڪوبه وڏيرو "اوطاقي" ٿي ڪونه رهيو. سندس تصرف ڪان ڳوٺ هميشه آزاد رهندو اچي ٿو. وڏيرن جا "ٽپڙ هميشه ٽيشن تي" رهيا آهن. علامه دائود پوٽو صاحب به هتي هڪ رات رهيو هو، ۽ خانبهادر آدم خان به هتي مهمان وانگر رهيو هوندو.

جڏهن منهنجي ڏاڏي جي ڀاءُ حاجي عظيم خان، خان بهادر آدم خان کان هتان جي ٻني خريد ڪئي ته هڪ سروي نمبر مسجد شريف جي نالي وقف ڪري ڇڏيائين. اڄ به انهيءَ نمبر جي پيدائش مان اينري "اپت" ٿئي ٿي جو مسجد شريف جي سنڀار جو سڄو خرچ ان مان پورو ٿيندو رهي ٿو.

چوڪ ڳوٺ کي فقيرن جون دعائون آهن. موجوده دؤر جون سڀ سهوليتون 'خود بخود' هتي اچي ويون. سب هيلٿ سينٽر، اسڪول، بجلي، پي. سي. او وغيره وغيره سڀ ڪجهه خدا تعاليٰ جي طرفان منظور ٿيندا رهيا. ڪنهن وڏيري ۽ ڪنهن ميمبر صاحب جي ڪا مهرباني ڪانهي.

چوڪ کان ڏکڻ طرف جمع ڊکڻ جي ويجهو سيد عبدالغني شاهه جو ڳوٺ آهي. اهو ڳوٺ به قديمي آهي. انگريزن درياءَ تي بند ٻڌا ته شاهن جو اڳيون ڳوٺ ڪچي وارو بندن جي سبب ڦٽي ويو ته هنن شاهن هتي اچي ڳوٺ ٻڌو. هتي به سندن زمين هئي. سيد عبدالغني شاهه وڏي همت وارو ۽ نانءُ ناموس وارو سيد هو. بجاراڻي سردارن جو "مرشد" هو، ۽ هي ڪڏهن به عام پيرن وانگر گهوڙن تي سنج رکي چار پنج خليفا ساڻ ڪري "چاليهو" اڳاڙڻ لاءِ ڪنهن مريد جي در ڪونه ويو. پنهنجو گذر سفر پنهنجي ٻنيءَ جي اپت مان ڪيائين. مون کي سائين جي. ايم. سيد صاحب ٻڌايو ته هو سال ۱۹۴۲ع ۾ سيد عبدالغني شاهه جي ڳوٺ آيو هو. انهيءَ زماني ۾ سڄي سنڌ جي سيدن ۾ يڪجهتي لاءِ سيد اعظم ڪوششون ڪري رهيو هو. سيد عبدالغني شاهه وٽ به انهيءَ سلسلي لاءِ آيو هو.

هڪ دفعي هڪ پرديسي سيد عبدالغني شاهه جي شهرت ٻڌي وٽس رات جو "اوبلو" اچي مهمان ٿيو. شاهه صاحب ڪيس ماني ٻوڙ سان موڪلي ۽ ان پرديسي ماني ڪانه کاڌي ۽ چيائين ته مون سڄي حياتي تتر جي ٻوڙ سان ماني کاڌي آهي، سو اڄ وري انهيءَ ٻوڙ کان سواءِ ماني ڪيئن کائيندس. عبدالغني شاهه پاڻ گهران نڪري اوطاق ۾

آيو. مھمان کي ڏاڍيون منٿون ڪيائين تہ بابا ھينئر رات جو اويلو تتر ڪٿان ھٿ اچي. سو تون ھي ڪاٺ صبح ساجھر "چڙھاڪو تتر" ماراني بہ توڪي سوير سان تتر جي ٻوڙ سان نيرن ڪرائيندس. پر مسافر ڪونہ مڙيو ۽ بکئي پيٽ سمھي پيو. شاھہ بہ لاچار ٿي گھر موٽي ويو. عشاء جي نماز کان پوءِ حاجي محمد نواز خان کان شاھہ صاحب لاءِ ماني آئي. حاجي صاحب وارا شڪار تي ويا ھئا. تتر جام ماري آيا ھئا، سو ماني رڌائي شاھہ صاحب ڏانھن بہ موڪليائون. شاھہ صاحب کي "خومچو" اچي مليو. کولي ڏٺائين تہ "مکيل مانيون"، "تتر جو ٻوڙ" ۽ "سيخ ٽيل بہ ٿي تتر" ان اندر موجود آھن. شاھہ صاحب ان محل ئي ماني کڻي اچي ننڊ ۾ ستل مسافر کي اٿاري چيو تہ "اٿي! الله سائين تنھنجي روزي جو بندوبست ڪيو آھي. ھاڻ تتر کائي 'ڊوُ' ڪر ۽ اوگرايون ڏي."

عبدالغني شاھہ پنھنجي وقت جو وڏو برجستو سيد ٿي گذريو آھي. سخاوت تہ ھر سيد جي صفت ۾ آھي. ھي بہ وڏو سخي ھو. اوڙي پاڙي جي زميندارن سان تہ سُٺا تعلقات ھيس، پر تر جي غريبن جو بہ ھر وقت ھمدرد ھو. تنھن زماني ۾ ڪنھن کي ڪنھن تي رنج ٿيڻ جا سبب ڪونہ ھوندا ھئا. اليڪشني عذاب بہ ١٩٣٧ع کان پوءِ آيا، جنھن ۾ عوام کان ووٽ ونٺا پوندا ھئا. ١٩٣٧ع کان اڳ بمبئي ڪائونسل يا سينٽرل اسيمبليءَ لاءِ چونڊون ٿينديون ھيون، جنھن ۾ عوام ووٽر نہ ھو. جيڪي ڪاتيدار ٧٠ روپيہ ڍل ڀريندڙ ھئا، تن کي ووٽ ڏيڻ جو حق ھو. سو انھن جي ووٽن ونڻ لاءِ ڪا گھٽي 'چڪ تاڻ' ڪانہ ٿيندي ھئي. گھٽو ڪري خط ذريعي عرض ڪبو ھو ۽ تَر جي ڪنھن 'اثرائتي امير' وٽ ڪمي وجبو ھو ۽ بس. اميدوار بہ تمام وڏا زميندار ۽ شاھوڪار قسم جا ماڻھو ٻڌا ھئا. جيپن ۽ موٽرن جو زمانو ڪونہ ھو، سو وھٽن تي چڙھي ھر ڪاتيدار ووٽر وٽ پھچڻ اميدوار کان ڪانہ ٿيندي ھئي. انھيءَ زماني ۾ 'اليڪشن ورڪ' فقط خطن ذريعي ۽ ڪنھن وڏي اثرائتي ماڻھو جي 'رسوخ' سان ھلندو ھو. انھيءَ مخصوص طبقي کان سواءِ ٻي ڪا مخلوق انھيءَ عذاب ۾ ڪانہ آيل ھوندي ھئي، سو 'دوستيون'، 'محبتون'، 'عزتون' ۽ 'احترام جون ڳالھيون' زوال پذير ڪونہ ٿينديون ھيون. دنيا جھان جو ڪاروبار انصاف سان ھلندو ھو. مھانگائي اصل ڪانہ ھئي. سنڌ اجا بمبئيءَ سان ڳنڍيل ھئي. سڄي سنڌ ۾ سيدن جو وڏو مان ھو. مسلمانن ۾ انھيءَ ذات لاءِ احترام ھو. سيد عبدالغني شاھہ صاحب بہ اھڙي عزت ۽ احترام جي لائق ھو. منھنجن وڏن سان سندس تعلقات 'دوستاڻا' ھوندا ھئا. انھيءَ واسطيداري سبب تہ ١٩٧٠ع واري ھنگامہ خيز اليڪشن ۾ حضرت امين الملت رح گھوڙي تي چڙھي پولنگ تي پھچي پنھنجو ووٽ سيّد عبدالغني شاھہ جي پوٽي احمد شاھہ کي ڏنو ھو. حالانڪ ھن ڪڏھين پنھنجي اليڪشنن ۾ بہ پنھنجو ووٽ استعمال ڪونہ ڪيو ھو.

سيد احمد شاھہ جھڙي مولوي صفت درويش جو ھن دؤر جي چونڊن ۾ ڪامياب ٿيڻ مشڪل ھوندو آھي پر تہ بہ ھر اليڪشن ۾ سندس پيپر ضرور ڀربو آھي. احمد شاھہ صاحب کي اليڪشن ۾ اٿڻ جو شوق آھي ۽ سندس وڏي پاءُ سائين علي شاھہ کي وري ڪنھن زماني آپريشن ڪرڻ جو شوق ھوندو ھو. مريضن جو نہ ۾ مشينن جو. نئين جيپ وٺندو ھو يا موٽر وٺندو ھو يا تنھن زماني گاسليٽ تي ھلندڙ جنريٽر بہ وٺس ھو تن سڀني کي کولي پُرزا پُرزا ڪري ڏسندو ھو. موٽرون تہ وري بہ ھلڻ جھڙيون ٿينديون ھيون پر جنريٽر وري نھڻ کان جواب ڏيئي ويٺو. ھاڻي پوئين زماني ۾ آخري شوق اھو ڪيائين تہ سڄي ٻني وڪڻي پيسا وڃي بئنڪ حوالي ڪيائين. سيد عبدالغني شاھہ جي وقت کان وٺي اڄ تائين سندس خاندان نامور رھندو اچي ٿو.

سيدن جي ڳوٺ کان ڏکڻ طرف بنگلاڻين جو ڳوٺ آھي، جيڪو بہ ڏيڍ سؤ سال اڳ جو آھي. اتي جان محمد خان بنگلاڻي ۽ سندس پٽ ارسلا خان بنگلاڻي وڏي ھمت سان رھيا. سندن ڳوٺ ۾ ھينئر بہ پُراڻيون نشانيون آھن: 'انبن جو باغ' ۽ ان ۾ ديال جي ڪاٺ سان ٺھيل 'وڏو چوُنئرو' ۽ ڪرڙ جي ڀٽين سان ٺھيل تمام 'وڏي لانڍي'، ھن

وقت بہ سؤ سالن جا نشان خستہ حالت ۾ نہ پر مناسب حال ۾ موجود آهن.

هي علائقو خاص ڪري مراد پور سرڪل بروچڪو علائقو آهي. هنئي سؤ سال اڳ تہ ڏاڍو امن هوندو هو، ڇاڪاڻ تہ هر سرنديءَ واري زميندار وٽ پنهنجي بچاءَ جا اسباب موجود رهندا هئا. انهيءَ خود حفاظتي انتظام لاءِ ڳوٺ مان ڪي 'برجُستا ماڻهو' رات جو پهري تي مقرر هئا ۽ انهن کي معيني سر پگهار ڏيڻ جو دستور ڪونہ هو. البتہ هر فصل جي ديري وقت انهن کي مقرر ان ڏبو هو. انهيءَ کي 'بنات' سڏبو هو. انهيءَ کان علاوه هتي هن علائقي ۾ ۱۹۵۰ع تائين صدين کان اهو بہ بندوبست هو تہ تر ۾ 'پيرن ڪڻ' ۽ 'پيرن پرکڻ' وارن ماڻهن کي سرنديءَ وارن وٽ وڏي عزت هئي. تر جا زميندار اهڙين 'پاڳين' کي ديرن جي وقت هر سال ڪجهہ ان وغيره ڏيندا هئا، انڪري سندن سار سنڀال چڱي ٿيندي هئي. انهن ماڻهن جي 'مجوتي' چورن ۾ هئي. جيڪڏهن ڪا چوري ٿيندي هئي تہ اهي 'پيراڏو' پيرا کڻي وڃي چورن جي 'ٿَمَ' ۾ هڻندا هئا يا چورن جا پيرا سُڄاڻي وٺندا هئا. اهڙيءَ طرح چوري ٿيل مال موٽندو هو. چوري جو سلسلو آرين ۽ اڻ آرين جي زماني کان ئي شروع آهي. اڻ آرين تي آرين اچي قبضو ڪيو ۽ اڻ آرين نفرت سبب آرين کي مالي نقصان خاطر سندن چوريون شروع ڪيون. هينئر تہ اها "نفرت" وڃي "عادت" تي رسي آهي.

مرادپور سرڪل ۾ ٻن صدين کان بروچن اچي ملڪ وسايو. بيگاري واه ڪلهوڙا دؤر ۾ ئي وهندو هو، پر آباديون ڪرڻ لاءِ پاڻي جام ڪونہ وهندو هو. بروچ گهڻو ڪري 'مالوند' هئا، سو سندن گُذر جو دارومدار مال تي هوندو هو. هن علائقي ۾ گهڻو ڪري طوائف الملوڪي رهي. ڪو عرصو تہ قلات جي خان جي حڪومت بہ هن علائقي ۾ هئي. چون ٿا تہ انگريزن ۽ قلات جي درميان بيگاري واهہ تي مبارڪپور جي سامهون ڪا جنگ بہ ٿي هئي. قلات جي حڪومت تمام گهڻو عرصو رهي هئي، پر اُن زماني ۾ بروهين هن علائقي کي 'مفتوحہ علائقو' سمجهي اچي سياري جي موسم ۾ پنهنجي "فاتحانہ" ۽ "حاڪمانہ" 'رعونت' ڏيکارڻ شروع ڪئي هئي. زماني جو دستور رهيو آهي تہ "فاتحن" هميشه 'مفتوحن' کي 'پائمال' ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، سو قلات جا بروهي بہ پنهنجو مال سياري ۾ هتي ڪاهي آڻيندا هئا. جتي بہ ڪو فصل وغيره بيٺل ڏسندا هئا ان ۾ ڇڏي ڏيندا هئا. فصلن جا مالڪ دانهون ڪندا مال کي پوک مان ڪڍڻ جي ڪندا هئا تہ بروهي ساٽن وڙهڻ ايندا هئا. چوندا هئا تہ "اسيڏا ٻڪري رڌ، ٻِنَ ٻُوتڙي چَرسي، تسيڏا سنگ سَتي اُتيهي" (يعني اسان جو مال تہ هيٺ پيو چري سنگن کي تہ ڪو نقصان نٿو رسي.) بهرحال ڏاڍي جي لٺ کي بہ مڃنا هوندا آهن. قلات پنهنجي انتظام لاءِ هتي 'ليويز' نمونو بہ رکيو هو. ان جي پوليس واري کي 'جان شين' سڏيندا هئا. اهڙا 'جان شين' ڪيترين جاين تي ڪچا ڪونا ناهي اچي ٿاڻو ٻڌائي ويٺا. ڳالهہ ڪندا آهن تہ اهي جان شين ايڏا تہ ظالم هئا جو شل نہ منهن پون. اهڙو هڪڙو 'جان شين' هڪ ڏينهن گهوڙي چڙهيو وڃي پيو تہ ڏٺائين تہ پريان هڪ ماڻهو منڊڪائيندو پيو وڃي. هي گهوڙو هڪلي وڃي پهتس. پڇيائين تہ "اڙي تيڪون ڪيا ٿيا هي. اسان اڄ دريافت تي نڪتا هي، اسان ڪون اڄ تيرڇها ڏينهن هي. اسان لنگهڻ اسيڏا گهوڙا لنگهڻ، اسان تسيڏا دريافت ڪريسي." واٽهڙو ورائيس تہ مان ڪنهن گهير مان لنگهيو آهيان اتي گپ هئي سو جوتا لاٿم تہ ڪو ڪانئي جو ٽڪر پير کي لڳو هوندو ان ڪري پير جي سور کان منڊو ٿيو پيو هلان. 'جان شين' فرمايو تہ "چل، اها جاهہ ڏکال. اسان دريافت ڪيتي نڪتاهي. اسان لنگهڻ، اساڏا گهوڙا لنگهڻ." انهيءَ غريب کي بہ لڪڻ هئي اڳ ۾ ڪري انهيءَ گهير تي اچي چيائين تہ "هُڻ اوهو ڪانئي ڪوٽ ڪيد". واٽهڙو ويچاري لوڏي لوڏي اهو ڪاٺ جو ٽڪرو گپ مان ڇڪي ڪڍيو. هن حڪم ڪيس تہ "هُڻ ايهو چا چل"، تائي تي پهچي ان ماڻهوءَ کي چيائين تہ "اسان تيڏا دريافت ڪيتاهي هُڻ ڏون دري جوار دي ڏي. اسان لنگهڻ، ساڏا گهوڙا لنگهڻ. اڄ تريجها ڏينهن ٿي ڳيا



ضلع لوڪلبورڊ جيڪب آباد، ١٩٢٧ع

ويٺل (ساڄي کان) (١) مير عبدالعزيز خان کوسو، (٢)............، (٣) سردار دوست محمد خان جکراڻي، (۴) سردار رستم خان جمالي، (۵) مير زين الدين خان سُندراڻي، (٦) خانبهادر سعيد خان رند، وائيس پريزيڊنٽ، (٧) ان وقت جو ڊپٽي ڪمشنر ڊي. مشڪلاچان (٨) سردار عبدالرحيم خان کوسو (پريزيڊنٽ)، (٩) ڊپٽي ڪليڪٽر ڪنڊ ڪوٽ، (١٠) سردار جعفر خان بُليدي، (١١).............، (١٢) خانبهادر شير محمد خان بجاراڻي، (١٣) خانصاحب فتح محمد خان بجاراڻي، (١۴) حاجي نهال خان باجڪاڻي.

(بيٺل) (١)........... (٢)..............، (٣) ..................، (۴) خانبهادر چاڪر خان سُهرياڻي، (۵) ارسلا خان بنگلاڻي، (٦) مير بلوچ خان ڊومبڪي، (٧) دين محمد خان ڊومبڪي.

هي.“ اهڙيءَ طرح ان کي ڪاٺ ۾ وجهي چڙهائين. ان زماني ۾ اڄ ڪلهه جي ٿاڻن وانگر حوالات نه هوندا هئا. ڪاٺ جي ڳرن بندن ۾ سوراخ نڪتل هوندا هئا. ان جي ٻُڙن کي کولي ماڻهوءَ جا پير يا هٿ لنگهائي، بعضي ته ڳچي به لنگهائي تختا ملائي ڪلي هڻي چڙهيندا هئا. قلات جي حڪم کي هلندي هتي ڇڳو وقت ٿيو هو. غالباً ڪلهوڙن ۽ ٽالپر دؤر ۾ به هتي جا حاڪم قلات جا خان رهيا. انهن قلات جي والين کي ترڪ اسلامي حڪومتن جي خليفن وٽان ”بيگلربيگي“ جو خطاب مليل هو. خان نصير خان نوري هڪ درويش صفت حاڪم ٿي گذريو آهي. احمد شاهه ابدالي سان پاڻي پت جي جنگ ۾ ساڻ هو. اتان مرهٽن کي غلام بڻائي وٺي آيو هو. هينئر جيڪي به مرهٽا بگٽي علائقي جا آهن سي سڀ انهن مرهٽن جي اولاد مان آهن جيڪي شيواجي جا فوجي هئا. خان ڳڙهه کان اتر ۾ نصيرآباد علائقو انهيءَ خان جي نالي سان سڏبو آهي. قلات جو خان خداداد خان جنهن انگريزن سان جيڪب آباد ۾ عهدنامو ڪيو هو، اهو ڏاڍو جابر حاڪم هو. ان ڪري انگريزن کيس معزول ڪيو هو.

منهنجي ڏاڏي محمد امين خان جو وڏيڻ مير حيات خان سندس ”مصاحب“ هو. اسان جو پڙ ڏاڏو وليو خان قلات جي حڪومت ۾ وڏو ماڻهو هو. جهٽ پٽ پرسان مهل ۾ سندس ڳوٺ هو. خان خداداد خان جي معزوليءَ کان پوءِ مير حيات خان ٺل تعلقي ۾ اچي پنهنجو ڳوٺ ٻڌو، مگر سندس زمينون ساڳيءَ طرح بلوچستان ۾ هيون. جاماڻين جي وڏي جامڪ خان جي قبر به بلوچستان ۾ آهي ۽ سردار رحيم خان کوسي اول جي قبر به ڇُڪڙا ريلوي اسٽيشن ڀرسان آهي. اهو دؤر ڪلهوڙن جو هو. ڪلهوڙن اتي خان کان ڪڇهه علائقو فتح ڪري اتي ’مراد ڪهيري‘ کي پنهنجو ’ناظم‘ مقرر ڪيو هو. انهيءَ مراد ڪهيري ناظم صاحب، سردار رحيم خان کوسي اول کي عزت ڏيئي کيس ’سرڪاري پڳ‘ عطا ڪئي هئي. انهيءَ طوائف الملوڪي واري دؤر ۾ ني اسان جي وڏن جون آخري قيام گاهون اچي تعلقي ٺل ۾ ٿيون، جن ۾ اڄ تائين سيني جا ڳوٺ اِتي آهن.

مذڪوره علائقي جي ديهه توج ۾ ارسلا خان بنگلاڻي جو ڳوٺ آهي ۽ ڀرسان ديهه سيدو ڪوٽ آهي. اتي ايامن جو ٺهيل هڪ وڏو ۽ ويڪرو ڪوٽ هو. هيو ته ’ڪچو‘ پر ايامن گذرڻ بعد به ان جا نشان جون ۱۹۵۰ع ۾ به ڏٺا هئا. هينئر به اجا ان جي ٿُلن جا ڪي نشان باقي آهن. انهيءَ ڪوٽ جي نمرانيندڙ جو پتو ڪونهي پر اهڃاڻ اهڙا آهن ته هتي ايامن ۾ ڪنهن ’امير ڪبير‘ جي رهائش رهي هوندي. انهيءَ ديهه ۾ سروي کان اڳ ڪافي غير آباد زمين اڻ سروي ٿيل هئي. انگريزن منهنجي ڏاڏي صوبيدار امين خان کي ايمانداري ۽ فرض شناسي سان ڪم ڪرڻ سبب هتي چار هزار جريب زمين ’انعام‘ طور ڏني هئي. ڏاڏي مرحوم جي زندگي ۾ فقط چار سؤ جريب سروي ٿي سگهي، جيڪا منهنجي والد ۽ چاچي جي نالي لئنڊ رجسٽرڊ ڀهرين ۾ درج ٿي. ڏاڏي جي شهادت (۱۸۹۹ع) کان پوءِ باقي زمين سروي ڪانه ٿي سگهي. اها چار سؤ جريب زمين به پاڪستان ٺهڻ شرط مسلم ليگ حڪومت جي وڏي وزير خان بهادر کهڙي جي حڪم سان ضبط ٿي.

انهيءَ علائقي جو مک ماڻهو جان محمد خان بنگلاڻي ۱۹۲۷ع ۾ منهنجي والد سان گڏ ضلعي بورڊ جو ميمبر ٿيو هو. سندس فرزند ارسلا خان منهنجي چاچي جو دوست هو. موجوده دؤر جي هڪ اليڪشن ۾ ارسلا خان جو پوٽو سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبري لاءِ اميدوار بڻيو هو.

انهيءَ علائقي جون زمينون نهايت ’زرخيز‘ آهن. سم ۽ ڪلر ڪونهي. تمام چڱي حالت آهي. صدين بعد به هي علائقو آباد آهي. اڳي هتي خشڪ پوک ٿيندي هئي، گڏبو بئراج کان پوءِ ساريال ٿي آهي.

ٺل تعلقي جي ڏاکڻين حد سان بيگاري واهه آهي، جنهن جي ڀرسان اتر ۾ جونگل جو ڳوٺ آهي، جتي هن وقت ’پهوڙ‘ رهن ٿا. اتي ڪنهن زماني ۾ غالباً ۱۹۰۰ع کان پوءِ ميان دين شاهه نالي سيد رهندو هو. هو سنڌ جي مشهور

صحافي مولوي صدرالدين شاهہ جو ڏاڏو هو. انهيءَ مولوي صاحب جي تصوير "الوحيد" (سنڌ آزاد اسپيشل نمبر ١٩٣٦ع) ۾ ڇپيل آهي ۽ سندس ذڪر پير صاحب حسام الدين شاهہ راشدي پنهنجي ڪتاب "هو ڏوتي هو ڏينهن" ۾ بہ لکيو آهي. ميان دين شاهہ سڳورو چون ٿا تہ ڏاڍو نيڪ، صالح ۽ زبان ۾ تاثير رکندڙ 'اهل بيت' هو. اتر سنڌ جي مشهور 'حاذق حڪيم' مولوي سراج الدين ڪوسي جون سچيون اکيون هن سيد جي پاراتي سان انڌيون ٿيون هيون. ميان دين شاهہ جي فرزند ميان شرف الدين شاهہ کي مون گهڻو ڏٺو. هو اسان وٽ گهڻو ايندو ويندو هو ۽ ڪي ڏينهن رهي پوندو هو. نيڪ نمازي ماڻهو هو. گهوڙي تي ايندو هو. ڪلام الله شريف هميشہ بغل ۾ هوندو هوس. منهنجي سؤٽ ڪيس خوبصورت ڇپائي وارو 'حمائل شريف' هڪ خوبصورت چمڙي جي ٿيلهي ۾ وجهي ڏنو هو، جيڪو هن کي باقي حياتي تائين ساڻ هوندو هو. هتي هي ايندو هو تہ ان زماني ۾ آءٌ تمام ننڍو هوس، پر اها سمجهہ هئي تہ شاهہ صاحب گهڻو وقت ڏينهن رات جو قرآن ڪريم جي تلاوت ۾ مشغول هوندو هو. ڀانيان ٿو تہ ڏهہ سيپارا روز پڙهندو هو. نماز مسجد شريف ۾ پڙهي ايندو هو، باقي 'تلاوت' اوطاق ۾ اچي ڪندو هو. ڪڏهن کٽ تي پڙهندو هو. البتہ سياري جي موسم ۾ تڏي تي ويهي پڙهندو هو. سفيد ريش، حليم طبع، ڪفايت شعار، ٿوري تي بہ خوش ٿيڻ وارو سيد هو. سندس دعا قبول پوندي هئي. پاراتو هن ڪڏهن بہ ڪنهن کي ڪونہ ڏنو. سندس فرزند مولوي صدرالدين شاهہ صاحب سياسي ورڪر هو. ڪجهہ وقت پرچونڊي شريف جماعت طرفان جاري ڪيل اخبار 'الجماعت' جو ايڊيٽر بہ رهيو. اها اخبار شڪارپور مان ڇپجي نڪرندي هئي. صدرالدين شاهہ کي مون بہ چڱيءَ طرح ڏٺو. سندس ڀاءُ محڪم الدين شاهہ آبپاشي کاتي جو داروغو هو، جيڪو بہ رٽائر ٿيڻ بعد صحافي بڻيو. ٽيون ڀاءُ نور محمد شاهہ بہ صحافي هو، پر نشي جي عادت سبب هي سيد سڳورو هميشہ 'استغراق' ۾ رهي 'عالم بالا' جي سفرن ۾ هوندو هو. هي بخاري سيد هئا. انهن سيدن کان علاوه جونگل جا پهوڙ بہ سڀ نيڪ نمازي هئا. ملان ۽ مدرسن سان واسطو رکندا هئا. هنن جو حاجي مير محمد پهوڙ ١٩٥٢ع واري اليڪشن ۾ صوباني ٽڪ ٽل اوپر ۾ 'جمعيت العلماءِ اسلام' طرفان اميدوار بيٺو هو مگر 'مسلم ليگ' جي اميدوار جي مددگارن سندس ووٽرن کي هر پولنگ تي ڏنڊا هٿي ڏڪاني ڇڏيو. ڏنڊن هڻائڻ ۾ همراهن سان همدردي ۽ همت افزائي پوليس عملدارن جي بہ هئي.

سنڌ اندر انگريزن جي دؤر ۾ ٽي اليڪشنون ٿيون. پهرين سنڌ آزاد ٿيڻ وقت ١٩٣٧ع ۾. ٻي جنوري ١٩٤٦ع ۾ ۽ ٽين ڊسمبر ١٩٤٦ع ۾، ۽ هڪ ضمني چونڊ ١٩٣٨ع ۾ ١٩٣٧ع ۽ جنوري ١٩٤٦ع ۽ ضمني چونڊ ١٩٣٨ع واريون سڀ 'غير جانبدارانہ' ، 'آزادانہ' ۽ "شفاف" نموني ٿيون. ١٩٣٨ع واري ضمني چونڊ ۾ ڪانگريسي اميدوار جي مخالفت تہ انگريز ڊپٽي ڪمشنر ڪٺي پر ووٽر کي ووٽ ڏيڻ لاءِ آزاد رکيائون. ڪوڙا ووٽ نہ ڏياريائون. بوگس بيلٽ پيپرن تي 'منڊيٽڙا' هٿي نتيجو خراب نہ ڪيائون. ايمانداريءَ سان پيٽين جي حفاظت ڪري ڳڻپ ڪيائون. نتيجي نڪرڻ تي هڪدم مخالف ڪانگريسي اميدوار جي ڪاميابي جو اعلان ڪري ڇڏيائون. جڏهن سنڌ جي مسلم ليگ حڪومت جي نگراني ۾ ڊسمبر ١٩٤٦ع جي آخرين اليڪشن ٿي تہ سڀ ليڪا لنگهائي ڇڏيائون. خود 'قرارداد پاڪستان' پاس ڪرائيندڙ سيد اعظم جي. ايم. سيد صاحب کي بہ هٿرادو نتيجو ڏيکاري شڪست ڏياريائون. بعد ۾ اليڪشن ٽربيونل ۾ اهو معاملو آيو تہ وقتي وزير اعليٰ پير الاهي بخش صاحب سوڌو ڪامياب ڏيکاريل ميمبر قاضي محمد اڪبر صاحب ڇهن سالن لاءِ نااهل قرار ڏنا ويا. ١٩٤٦ع جي آخري اليڪشن فيصلہ ڪن ثابت ٿي. ١٩٤٧ع ۾ پاڪستان قائم ٿي ويو. حقيقت ۾ اها حڪمت عملي مسلم ليگ حڪومت جي نہ هئي. حضرت شيخ المشائخ پير عبدالرحمان صاحب پرچونڊي شريف وارن جي دعائن ۽ ڪوشش سان حڪومت ٺهي، جنهن ذريعي سنڌ پاڪستان سان الحاق جو اعلان ڪيو. واضح هجي تہ حضرت صاحب جي پنجن ميمبرن جي حمايت سان حڪومت مسلم ليگ

جي نعي هئي.

سنڌ جي انهيءَ اسيمبليءَ "انتقال ايراضي" بل پاس ڪيو هو. جيڪو سنڌ جي انگريز گورنر جي صحيءَ لاءِ ويو ته پاڪستان قائم ٿي ويو. بل تي گورنر صحي نه ڪئي هئي. انهيءَ بل بحال ٿيڻ سان سنڌ جون زرعي زمينون جيڪي قرضن ۽ وياجن جي ڪري ڏگرين ذريعي هندن جي ڪاتي ٿي ويون هيون، سي ڦري اصلي مالڪن جي نالي ٿيڻيون هيون. اهو وڏو نقصان سنڌ جي آبادگار طبقي کي رسيو. هيڏانهن وري ڪن مسلمانن کي فائدو رسيو. مٿن قرض ختم ٿي ويا جو قرض خواهه هندو هليا ويا ۽ هندن جون ڪي ملڪيتون جعلي دستاويزن ذريعي ڪين ڦٻي ويون.

۱۹۴۶ع ڊسمبر ۾ جيڪا اليڪشني 'هير ڦير' ٿي، تنهن ۾ سڄي سنڌ مان فقط نئل مان هڪ غير مسلم ليگي ميمبر خان صاحب سردار خان کوسو ۱۶ ووٽن تان خان صاحب سهراب خان سرڪي مسلم ليگي اميدوار کي شڪست ڏيئي ڪامياب ٿيو. انهيءَ ۾ به انتظاميه تي خان صاحب سردار خان کوسي جو رسوخ اثرانداز ٿيو. جنهن هيراڦيري سان ۱۶ ووٽ وڌائي ڏيکاريا.

نئل - جونگل روڊ سان عودي جو ڳوٺ تمام قديمي آهي، جنهن ۾ به سؤ سال کان اڳ جي ٺهيل مسجد آهي. مسجد شريف اندر جيڪي اکر لکيل آهن سي نهايت خوش خطي ۾ آهن. غالباً نيري رنگ ۾ آهن. اهو رنگ اڄ به تازو نظر اچي ٿو. مسجد شريف تي اهي اکر تمام پوءِ جا لکيل آهن. مولانا نبي بخش صاحب سومري جي زماني جا آهن. عودي جو هي پيش امام وڏو عالم ۽ 'خدا رسيده' هو. حضرت مولانا تاج المحمود امروٽي صاحب جو 'مجاز خليفو' هو. مولوي صاحب پاڻ ته وڏو عالم هو پر سندس سڀئي پٽ به وڏا عالم ٿيا ۽ دين اسلام جي علم کي تعلقي نئل ۾ عام ڪيائون.

تعلقي نئل ۾ سرڪي تمام وڏا زميندار آهن. سندن سڀيئي زمينون نئل شهر جي چئني طرف ويجهو آهن. عودي جو شهر ڏکڻ طرف آهي. عودي جا سرڪي زميندار هنڻ سان گڏ نيڪ نمازي ۽ سياسي سمجهه وارا به هئا. تحريڪ خلافت جي دؤر ۾ (۱۹۱۵ع کان ۱۹۲۲ع) وڏيري عبدالرحمان خان سرڪي جو نالو به رڪارڊ تي آهي. ۱۹۵۲ع واري اليڪشن ۾ نئل اوپر تڪ مان مسلم ليگ جو اميدوار محمد بخش خان سرڪي ميمبر ٿيو هو.

ڪنهن زماني ۾ ڪنهن درويش جي زبان مان نڪتل هي گفتا ڏاڍي چوپول ۾ هوندا هئا:

ميرپور مندي

چانڊاڻ چندي

نئل ڏنو نڪاءُ

ته عودي ويني سنجن سوڏي

خبر ناهي ته درويش ائين چو چيو هو. انهن گفتن جو اثر ڪنهن وقت تائين انهن ڳوٺن تي ڏاڍو رهيو. هينئر مس مس وڃي انهن ڳوٺن ساهه پٽي آهي ۽ اڳتي قدم وڌائڻ شروع ڪيو آهي. پراڻو نئل ويلوي اسٽيشن جي پرسان ڏکڻ طرف هو. اسان جي سمجهه واري دؤر ۾ به انهيءَ شهر جا ڪنبر موجود هئا. هينئر ته اتي چانورن جا ڪارخانا لڳي ويا آهن. نئين نئل جو شهر به سرڪين جو هو. اتي سندن وڏن جون قبرون هاڻي به خسته حالت ۾ آهن. نئل غالباً ٽالپرن جي دؤر جو آهي.

رتي ديري تعلقي ۾ جيلاني سيدن جو ڳوٺ "نبي شاهه وڳڻ" هو. اتان جو هڪ سيد دامن شاهه جيلاني پنهنجن عزيزن کان ڌار ٿي هتي نئل ۾ اچي درگاهه ناهي وينو. سرڪي وڏيرا پيرن فقيرن جا معتقد هئا، تن اتي شاهه صاحب کي ڪجهه زمين به ڏني، جيڪا اڄ تائين دامن شاهه جيلاني بادشاهه جي پوين وٽ موجود آهي. پيرن وٽ مال



ضلع لوڪلبورڊ جيڪب آباد، ١٩٢٧ع

ويٺل (ساجي ڪان) (١) مير عبدالعزيز خان کوسو، (٢)............، (٣) سردار دوست محمد خان جڪراڻي، (٤) سردار رستم خان جمالي، (٥) مير زين الدين خان سُندراڻي، (٦) خانبهادر سعيد خان رند، وائيس پريزيڊنٽ، (٧) ان وقت جو ڊپٽي ڪمشنر ڊي. مئڪلاچان (٨) سردار عبدالرحيم خان کوسو (پريزيڊنٽ)، (٩) ڊپٽي ڪليڪٽر ڪنڌڪوٽ، (١٠) سردار جعفر خان بُليدي، (١١)............، (١٢) خانبهادر شير محمد خان بجاراڻي، (١٣) خانصاحب فتح محمد خان بجاراڻي، (١٤) حاجي نهال خان ٻاجڪاڻي.

(ٻيٺل) (١)............ (٢)............، (٣) ............، (٤) خانبهادر چاڪر خان سُهرياڻي، (٥) ارسلا خان بنگلاڻي، (٦) مير بلوچ خان ڊومبڪي، (٧) دين محمد خان ڊومبڪي.

مڏي جام گڏ ٿيندو آهي. فقيرن وٽ ڪجھ ڪونہ هوندو آهي. سيد دامن شاھ هتي درگاھ جوڙي پيري مريدي جو سلسلو شروع ڪيو. چون ٿا تہ انهيءَ 'خانقاھ' جي هڪ پير سيد غلام رسول وٽ سون جون سرون هونديون هيون. شاھ صاحب ڪاني ڪرامت جو مالڪ هو. چون ٿا تہ هڪ دفعي هڪ پٽ تي چڙهي ان کي گهوڙي وانگر هلايو هئائين. اهو مست سيد بي اولاد وفات ڪري ويو. خبر ناهي تہ سندس سونيون سرون ڪنهن کي هٿ چڙهيون.

ٺل شهر مون جڏهن پهرين ڏٺو، تڏهن تمام ننڍڙو شهر هو. سون واه جي اوڀر ۾ سٺ ستر دڪان ڊڪ بازار جي نالي سان هئا. اندر اناج منڊي جي چوگرد واپارين جا گدام هئا. ڪن وڏيرن جا اوطاق بہ هئا. سون واھ جي اولھ ۾ پيرين جا باغ هئا، جن جا 'حاجي پير' مشهور هئا.

تعلقي آفيس ۽ ٿاڻو اولھ طرف شهر ڪان تمام پري هئا. لوڪلبورڊ جي تعلقي اسپتال بہ شهر ڪان ٻاهر هئي. ٺل انڙ واھ جي ڪچي سڙڪ جي ڪناري اسپتال ڪان تمام پري قبرستان جي ويجهو "پيٽ ڦاڙ" جي ڄارين سان 'ڇپري' هئي، جتي مهيني ۾ ڪم از ڪم هڪ اڌ "پوسٽ مارٽم" ضرور ٿيندا هئا. جيڪي اڪثر "ڪارو ڪاري" سلسلي ۾ قتل ٿيل هوندا هئا. هڪ اڌ ڪو انتقامي بلوچي وير سبب بہ قتل ٿيل هوندو هو. اهڙو لاشو ضرور مالڪ ڪٿي وڃي گهر رسائيندا هئا، ورنہ "سياه ڪاري" ۾ قتل ٿيل لاشن کي اتي ان قبرستان ۾ ني دفن ڪندا هئا. بروچ اهڙن لاشن کي گهر ڪونہ آڻيندا هئا. هينئر اهو سلسلو ڪونهي. هر ڪو "جنازي" کي ڪٿي اچي ان جي مان شان سان 'تجهيز و تڪفين' ڪندا آهن. اڳي اهڙن قضين جو تڏو بہ ڪونہ رکبو هو، هينئر اهو 'جوش' جذبو نہ رهيو آهي. ڇاڪاڻ تہ اڳي اهڙا واقعا حقيقت تي هوندا هئا، هينئر ڪجھ ٻي طرح جو معاملو بہ ٿي پوندو آهي. سو عام طرح 'ناحق ماريل' جو اڪر وڃ ۾ اچي ويندو آهي. اڳي اهڙن دستورن جي ڇنڊڇاڻ ۽ حق ڪرڻ لاءِ 'جرڳا' ٿيندا هئا، جنهن ذريعي سچ ۽ ڪوڙ صاف ٿي پوندو هو. ان زماني ۾ 'شاهي جرڳي' جا ميمبر قومي سردار هوندا هئا. جيڪب آباد جي شاهي جرڳي ۾ سردار بهادر عبدالرحيم خان کوسو مشهور "حق شناس"، "حق گو" ۽ "حق تي عامل" ميمبر هوندو هو. سندس شموليت سان ڪڏهن بہ جيڪب آباد جي شاهي جرڳي ۾ ناحق فيصلو ڪونہ ٿيو. جيڪب آباد ۾ گهوڙن جي سالياني ميلي تي 'جائنٽ شاهي جرڳو' بہ ٿيندو هو. سنڌ بلوچستان جا سردار گڏجي بين الصوباني معاملا نبيريندا هئا. ٺل ۾ بہ 'لوڪل جرڳو' ٿيندو هو، جنهن ۾ قومن جا مقدم ميمبر ٿيندا هئا.

ون يونٽ جي زماني ڪان پوءِ جرڳا سسٽم ختم ٿيا. وچ ۾ وري اهو سسٽم جاري ڪيائون جنهن ۾ سرڪار ميمبر پنهنجي مرضي سان نامزد ڪيا، سو مقدمن، معتبرن ۽ قومي سردارن جي نہ هئڻ ڪري فيصلا نہ نبري سگهيا، سو اهو سلسلو وري بند ڪري ڇڏيائون.

حقيقت ۾ 'پراڻين رسمن' ۽ 'قدرن' کي 'سياسي فضائن' پائمال ڪري رکيو، نہ تہ قبائلي علائقن ۾ 'قبائلي رواج' سبب بدامني کي وڌو پنجو آيل هو. سياسي ماڻهن پنهنجي مطلب لاءِ ماڻهن کي عجيب عجيب نعرا ڏنا، جن ماڻهن کي 'چڙ واڳ' ڪري ڇڏيو.

ڪانگريس تہ ڪنهن زماني ڪان 'متعارف' هئي، پر مسلم ليگ هتي ٺل ۾ ۴۲- ۱۹۴۳ع ۾ پير پاتو، سو بہ سائين جي. ايم. سيد جي ذريعي. سائين ۱۹۴۲ع ۾ ٺل ۽ عبدالغني شاھ ڳوٺ بہ انهيءَ سلسلي ۾ آيو هو. ٺل مان سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر تنهن زماني ۾ خان صاحب سهراب خان سرڪي هو، جنهن جي ڪانگريس سان تہ ڪا همدردي ڪانہ هئي، پر مسلم ليگ ڪان ڪاوڙيل ڪونہ هو. ان زماني ۾ ٺل جو مسلم ليگ تعلقي پريزيڊنٽ هڪ نانوائي هوٽل وارو مولا بخش ٻٽيو. هڪ دفعي ٺل جي مختيارڪار وٽ موجوده سيد دامن شاھ جو والد بزرگوار سيد عبدالستار شاھ ويٺو هو تہ 'نانڪ' اچي ٻڌايو تہ ديوان صاحب! تعلقي جو مسلم ليگي پريزيڊنٽ اوهان جي ملاقات

لاءِ آيو آهي. ان زماني ۾ نانڪ مزار خان مير بحر هو، جيڪو 'رعب' ۽ 'ڏيڪاءَ' ۾ ڪنهن "پوليس حوالدار" کان گهٽ ڪونه هو. سندس اجازت کان سواءِ ڇڳو پلو زميندار ۽ معتبر ماڻهو به مختيارڪار وٽ ڪونه پهچي سگهندو هو. نانڪ جي رپورٽ تي ديوان جا ڪن ڪڙا ٿي ويا. هڪ "سياسي جماعت جو عهديدار" سندس ملاقات لاءِ آيو آهي، سو نانڪ کي چيائين ته عزت سان اندر وٺي اچينس. هي مولا بخش نانوائي اندر آيو ته مختيارڪار کيس ڪرسيءَ تي ويهاريو. مولابخش جو ڪرسيءَ تي ويهڻ ۽ سيد عبدالستار شاهه ٽپ ڏيئي اٿي ديوان کي چوڻ لڳو ته عبدالستار شاهه جو اڄوڻ اڄ کان پوءِ ڪونه ٿيندو. هيڙا ماڻهو به اڄي عبدالستار شاهه سان ڪڏهن ڪرسي تي گڏ ويهڻ جا حقدار ٿيا آهن ته بس هاڻي اسان اشرافن جو دور ختم ٿيو. سيد عبدالستار شاهه صاحب جيستائين حيات رهيو اوستائين وري ڪنهن ڪاموري جي آفيس ۾ ڪونه ويو. سندس وڏو پٽ سيد دامن شاهه به جڏهن ضياءالحق حڪومت ۾ مجلس شوريٰ جو ميمبر ٿيو، تڏهن ڪجهه عرصو ڏسڻ ۾ ايندو هو. هينئر اهو به تمام گهٽ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. آءٌ به گوشه نشين آهيان ته ڪيئن ۽ ڪاٿون سندس زيارت نصيب ٿيندي.

نل جا 'جيلاني سيد' اڄ به پنهنجن پيرن تي بيٺل آهن. هر ڪنهن جي جدا اوطاق آهي. هر ڪو بنگلا سينگاريون وينو آهي. باقي سائين دامن شاهه اول جي درگاهه وارو مسافرخانو ويران آهي. نه ڪي مريد، نه ڪي عقيدت مند، نه دعا نه ڏاڳو، نه لنگر، گهٽ ۾ گهٽ آءٌ ته هميشه ائين ڏسندو رهان ٿو. سائين عين شاهه صاحب ۽ سندس فرزند سيد شبير شاهه صاحب سان نيازمندي آهي، سو ڪڏهن ڪڏهن سندن آستاني تي حاضري ڀرڻ ويندو آهيان. پاڻ ٻئي (پيءُ، پٽ) منهنجي ڏاڍي عزت ڪندا آهن. قدرت جي طرفان مون کي هر سال عمره تي وڃڻ نصيب ٿيندو آهي ته واپسي واري ڀيرين ڏينهن هي صاحب قرب ڪري سڀ کان اڳ ۾ مون تي نوازشون ڪرڻ ايندا آهن.

نل جي شهر جي آبادي ڪنهن زماني "سنيٽري ڪاميٽي" جيتري به ڪانه هئي، هينئر ايترو ته وڌيو آهي جو عنقريب ميونسپالٽي ٿيو. هن دؤر ۾ هن شهر اندر چانورن جا ڪارخانا چاليهن کان گهٽ ڪونه ٿيندا. موجوده شهر ۾ اڄا جاموٽن جي اڪثريت آهي. دايا ۽ سومرا ٿانون جا ميمبر گهٽا آهن. بروچن به ڀراڙيون چڙهي هتي اچي جايون ناهيون آهن. دڪان ورتا آهن پر اڪثريت اڄا به جاموٽن جي آهي. نل تعلقي ۾ سياسي طرح هينئر به تڪ آهن، اوڀر تڪ جاموٽن جي اڪثريت سبب سنڌ اسيمبليءَ ۾ پنجون دفعو ميمبر جاموٽ ٿئي ٿو ۽ اولهه تڪ مان بروچن سان جاموٽ مقابلا ڪندا آهن. فقط هڪ دفعي جاموٽ ميمبر ٿي ويو هو. تعلقو نل جيڪب آباد ضلعي جو وچون تعلقو آهي، سو سڄو سياسي زور انهيءَ تي هوندو آهي. سياسي آڪاڙو نل آهي سو انهيءَ ڪشمڪش ڪري تعلقي ۾ ترقياتي ڪم به ٿيندا رهن ٿا. تعلقو هاڻي ترقي پذير آهي. گهڻو ڪري سڀني ڳوٺن ۾ ٽيليفون جي سهوليت آهي. سب هيلٿ سينٽر آهن، بجلي آهي، پڪا روڊ آهن، هاءِ اسڪول، مڊل اسڪول جام آهن. پرائمري گرلز اسڪول جو ته شمار ئي ڪونهي. هر ڪنهن چرندڙ ماڻهو کي گرلز اسڪول مليل آهي. جيڪو تعليم جي نه پر سندس تصرف ۾ هوندو آهي.

نل شهر جي چوڌاري جاموٽن جون زمينون هيون. اوڀر طرف ٻن ميلن بعد ديهه ڪوسا آهي. سروي کان اڳ به انهيءَ ديهه ۾ ڪوسن جو قبضو هو. ديهه ڪوسا ۾ سروي کان اڳ بهادر خان ڪوسي جي زمين هئي جيڪا هينئر سندن پوٽن جي ملڪيت آهي. سروي کان اڳ به هتي ٻنگل ڪوسي جي نالي سان ڳوٺ هو. اها زمين خان صاحب بهادر خان ڪوسي جي ملڪيت ٿي ته سندس وفات کان بعد ورثي ۾ سندس فرزند مير حسن خان جي حصي ۾ اهو علائقو آيو. مير حسن خان عام روايتي زميندارن جي برعڪس هڪ درويش طبع زميندار هو. 'لوڙها لتاڙ' ، 'ٻوڙا لڪڻ' زميندار ڪونه هو. شريف النفس زميندار هو. حضرت مولانا عبدالغفور صاحب رحمت الله عليه همايوني جو معتقد هو، ان

ڪري هن پنهنجي ڳوٺ جو نالو 'دين پور' رکيو. هڪ ڳوٺ جو نالو "رسول آباد" رکيو ۽ هڪ ڳوٺ جو نالو "پير شاخ" رکيو. منهنجو سوٽ مرحوم محمد ابراهيم خان ڳالهه ڪندو هو ته مير حسن خان جي گهر روزانو اڪيچار طعام پچندا هئا. وٽس هميشه هنداڻن جو وڏو ذخيرو هوندو هو. روزانو هنداڻن جو واهپو گهڻو هوندو هو. منهنجي سوٽ جي مير حسن خان جي وڏي فرزند مير دريا خان سان ننڍي لاڪون دوستي هئي. ٻه ٽي دفعا سندس ڳوٺ ويو هو. تڏهن اهو مشاهدو ڪيو هئائين. مير دريا خان کي انهيءَ زماني ۾ "آغا فيض" ڪري سڏبو هو.

مير حسن خان جي نيڪ نفسي سبب سندس اولاد ٻه نالي سان ٿيو. مير درياخان پاڪستان اسيمبلي جو ناميارو ۽ ايماندار ميمبر ٿي گذريو. مير صبح صادق خان عالمن جي صحبت ۾ رهي وڏو مخير ۽ صالح انسان بڻيو. ڪنهن زماني ۾ ضياءالحق حڪومت ۾ مرڪزي وزير به ٿيو. مير شاهڏنو خان مرحوم دنيا جهان جي سياسي ڦندن کان بيزار رهيو. ڪامياب ڪاشتڪار ٿي عزت آبرو واري حياتي گذاري ويو. موجوده مير حسن خان ڪوسو ٻه هڪ دشمن داغ انسان آهي. سياسي دنيا ۾ آيو ته جبري غلط سمت طرف هلڻ سبب سياسي ماحول مان نڪري چڪو آهي. وقت ڪيس وارو ڏنو ته وري ساڳي سياسي ماڳ تي رسي سگهندو.

خان صاحب بهادر خان ڪوسي جو فرزند خان صاحب شاهل خان ڪوسو نل ڪان اوڀر ۾ ڪريم آباد ۾ هڪ عاليشان بنگلو ناهي وڏي شاندار زندگي گذاري ويو. انگريزي دؤر ۾ انگريز ڊپٽي ڪمشنر وٽس ڪهي ايندا هئا. سنڌ اسيمبلي جو ميمبر ٿيو. ون يونٽ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو. سندس شاندار شخصيت متاثر ڪندڙ هئي. هو پنجاب جي چوڌرين وانگر "ڪُلاهه" "طره دار پٽڪو" ٻڌندو هو. سردار بهادر عبدالرحيم خان ڪوسي جي لاولد وفات ڪرڻ سبب قادرپور ۾ سرداري پڳ کي قائم رکڻ ۾ هن حضرت امين الملت رحه سان ڀرپور ساٿ ڏنو. خان صاحب شاهل خان ڪوسو 'ڪوسڪي شان' جو نشان هو. خدا جي قدرت جو اهڙي "املهه انسان" جي اولاد وٽ سندس "شاندار شان مان" جو ڪو حصو باقي نه رهيو. ڪريم آباد ۾ هڪ جريب زمين به وٽن ڪانه باقي رهي. ڪريم آباد جو بنگلو اڄ به ڀري ڪان 'نشان بر' ۽ 'ماتم ڪنان' آهي. بنگلي تي نظر پوندي آهي ته اکين مان ڳوڙها وهي ويندا آهن. اهو اجا ڪو وقت بيٺو رهندو ۽ مڙسن جون ڳالهيون ياد ڏياريندو رهندو.

ڀڄ مٿي ڀيرون، ڀڙنديون ڀاروچن جون.



**ڊاڪٽر الهرڪيو ٻُٽ** (قسط ۴)

# ١٨١٩ع کان وٺي ڇپيل سنڌي ڪتابن جو جائزو

## (ادب جي معروف صنفن ۽ متفرقہ مضمونن جا ڪتاب)

سنڌي ادب جا محقق ۽ تاريخنويس چون ٿا تہ جديد سنڌي ادب اهو ثمر شيرين آهي، جنهن جو سَلو انگريزن لڳايو. اها حقيقت آهي تہ انگريز سرڪار سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب کي جديد بنائڻ ۾ گرانقدر ۽ ساراهہ جوڳا قدم کنيا هئا. سنڌن ٻانهن ٻيلي چرچ مشنري سوسائٽيءَ جي ڪارڪنن ۽ سنڌي عالمن ۽ اديبن بہ ڪيرون لهڻيون، جن هن ڏس ۾ پاڻ موکيو. اهڙن آڳاٽن سنڌي ليکڪن جي اڪثريت انگريزي خواندن سنڌي نوجوانن جي هئي. انهن تي انگريزي پڙهيل هندستانين ۽ خود انگريز باشندن جي فڪر، فهم ۽ تجربي جي ڇاپ هئي. انهن انگريزي ادب جا شاهڪار پڙهيا هئا جن سنڌن سوچ جو دائرو نهايت وسيع ڪيو، اينتري قدر جو آڳاٽن سنڌي اديبن ۽ عالمن، جن ۾ سرفهرست ميران محمد شاهہ (اول)، اُڌارام ٿانورداس، ڪوڙومل چندنمل ڪلٽاڻي، ديوان ڏيارام گدومل، نولراءِ شوقيرام آڏواڻي، ساڌو هيرانند، تاراچند شوقيرام آڏواڻي، ليلارام وطنمل لعلواڻي، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، شمس الدين "بلبل"، مولوي الله بخش "اٻوجهو" وغيره هئا، تن جديد سنڌي ادب جي عظيمالشان عمارت جي پيڙهہ جو پٿر رکيو. انهن شروعاتي ڏينهن ۾ سنڌي شاعريءَ جا شاهڪار جهڙوڪ شاهہ، سچل، بلڙي ۽ سامي جا رسالا ۽ گل، قاسم، فاضل، خاڪي ۽ دلپت جا ديولن بہ ڇپجي سنڌي شائقينن جي هٿن تائين پهتا. ٻاهرينءَ دنيا جو ادب بہ چڱيءَ تعداد ۾ ترجمو ٿي ڇپائيءَ جي زيور سان سينگارجي سنڌي ادب کي مالا مال ڪرڻ لڳو.

سون تي سهاڳو سن ١٨٨٥ع ۾ نمودار ٿيو. ان سال ڪراچي مشن جي مهندار جي. جي. بئمبرج جي اڳواڻيءَ ۽ سرپرستيءَ هيٺ هڪ ساهتيہ سوسائٽي ڪراچيءَ ۾ برپا ٿي. هن سوسائٽيءَ جي ميمبرن ۽ ڪمٽگهرن ۾ يورپي ۽ هندستاني باشندا شامل هئا، مگر منجهانئس وڏ ۾ وڏ لاڀ سنڌي نوجوانن پرايو. سال ١٨٨٦ع ۾ هن سوسائٽيءَ جا جملي ٢٨١ ميمبر هئا، جن مان ٧۴ يورپي باشندا هئا، جڏهن تہ ٢٠٧ هندستاني ميمبرن مان اڪثريت سنڌين جي هئي. هر اربعا شام جو منڪس ڊينسو هال بندر روڊ ڪراچيءَ ۾ هن سوسائٽيءَ جي وهڪ ٿيندي هئي، جنهن ۾ يورپي ۽ ڏيهي عالم ۽ اڪابر تقريرون ڪندا هئا، ليڪچر ڏيندا هئا ۽ پيپر پڙهندا هئا. جديد ادب، سياست ۽ سائنس تي بحث ۽ مباحثا ۽ خود بئمبرج جا تقابل اديان تي ڏنل ليڪچر نوجوان سنڌين جي دل ۽ دماغ تي ڏاڍو اثر انداز ٿيا ۽ سنڌن ذهني بيداريءَ جو باعث بڻيا. ان قسم جي تحريڪ پنهنجو رنگ لاتو ۽ نتيجي ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب کي نهايت اورچ ۽ مخلص ڪارڪن پلئہ پيا، جن گذريل صديءَ ۾ سنڌي ادب جو پڪو ۽ پختو بنياد وڌو. ڏسندي ئي ڏسندي سنڌي ادب جي معروف صنفن ڪهاڻي ناول، ناٽڪ، شاعري ۽ انشاء سان گڏوگڏ جديد سياست، اقتصاديات، فلسفي، نفسيات، قانون، جديد سائنس، زراعت، طب ۽ سوانح وغيره تي سوين ڪتاب لکي ڌرتيءَ جو قرض لاٿو ويو. اهڙن مضمونن تي سال ١٩٠٠ع تائين راقم کي جن ڇپيل ڪتابن جي معلومات حاصل ٿي سگهي آهي، تن جو تعداد ١٩٧ آهي، جيڪي ايندڙ صفحن تي درج ڪجن ٿا. ممڪن آهي تہ ٻيا گهڻا ڪتاب هت درج ٿيڻ کان رهجي ويا هجن، تن جو پورائو ڪرڻ هر سنڌي پڙهيل لکيل جو فرض آهي.

## آکاٹيون

| ڪتاب جو نالو | ليکڪ | جاءِ، ناشر ۽ سن | تعداد | قسم | صفحا | قيمت ۽ پريس |
|---|---|---|---|---|---|---|
| سڏاتورو ڪڏاتورو | ميران محمد شاھ: (مترجم) | ڪراچي: تعليم کاتو، ١٨٥٥ع | ٢٠٠ | لٿو | ٢٨ | ہ آنا ١١ پايون. ؟ |
| | ٻيو ڇاپو | ١٨٥٥ع | ٢٠٠ | | | |
| | ٽيون ڇاپو | ١٨٥٥ع | ٤٠٠ | | | |
| | چوٿون ڇاپو | ١٨٥٦ع | ٢٠٠ | | | |
| ڪتاب سوڪڙي ڳالھين جي | ڪيولرام | حيدرآباد: ليکڪ، ١٨٦٥ع | ١٠٨ | ؟ | ؟ | ؟ |
| ملا دو پيازو | هريسنگ ڊنگومل | سکر: هريسنگ، ١٨٨٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٣٢ | هڪ آنو ٦ پايون، اسلاميہ پريس لاهور. |
| ماءُ ۽ ڌيءَ (ديوناگري) | ڏيارام گدومل | حيدرآباد: سرسوتي پريس، ١٨٩١ع | ٥٠٠ | لٿو | ١١٢ | ہ آنا. |
| حڪايات عجيب | ڏيئومل ڊنگومل | سکر: ليکڪ، ١٨٩٦ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٣٥ | هڪ آنو، وڪٽوريہ پريس سکر. |
| سنگ جو پرسنگ | ڪوڙومل چندنمل ڪلڻاڻي | حيدرآباد: قيصريہ پريس، ١٨٩٩ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ١٦ | ٩ پايون. |
| بهرام گور | مرزا قليچ بيگ | شڪارپور: پوڪرداس، ١٩٠٠ع | ٥٠٠ | لٿو | ٥٢ | ہ آنا، اسلاميہ پريس لاهور. |

## ناول

| ڪتاب جو نالو | ليکڪ | جاءِ، ناشر ۽ سن | تعداد | قسم | صفحا | قيمت ۽ پريس |
|---|---|---|---|---|---|---|
| راسيلاس | نولراءِ شوقيرام آڏواڻي ۽ اڏارام ٿانورداس | ڪراچي: وديا ونود پريس، ١٨٨١ع | ٦٠٠ | لٿو | ٢١٠ | هڪ رپيو ٤ آنا. |
| عشق تماچا يا گلزار عشق | غلام نبي: مترجم | لاهور: ليکڪ، ١٨٨٨ع | ٧٥٠ | لٿو | ٢٤ | هڪ آنو ٦ پايون، وڪٽوريہ پريس لاهور. |
| عشق تماچا | هريسنگ ڊنگومل | سکر: هريسنگ، ١٨٨٩ع | ٥٠٠ | لٿو | ٢٤ | هڪ آنو ٦ پايون، اسلاميہ پريس لاهور. |
| هدايت النسوان | مرزا قليچ بيگ | ڪراچي: سنڌ مدرسہ بورڊ، ١٨٨٩ع | ٥٠٠ | لٿو | ٣٨ | ٣ آنا، سنڌ مدرسہ پريس ڪراچي. |
| عجيب الغنچہ حصہ اول يعني عبرتن جو ڪتاب | ڪيولرام | لاهور: مجتبائي پريس، ١٨٩٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٦ | ٩ پايون. |
| نينهن نباهڻ يا سچي سڪ | احمد خان | ڪراچي: محمد يوسف ڪتب فروش، ١٨٩١ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٩٢ | ١٢ آنا، اسلاميہ پريس لاهور. |
| گل خندان | آخوند لطف الله: مترجم | ڪراچي: تعليم کاتو، ١٨٩٢ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٢٠٧ | ١٠ آنا، سنڌ گزيٽ ۽ ڪمرشل پريس ڪراچي. |

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| عجيب پيتا | --- | حيدرآباد: قيصريه پريس، ١٨٩٣ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ١١٨ | اٺ آنا. |
| عشق مجازي (ديوناگري) | روچيرام موهن داس | لاهور: ليڪ، ١٨٩٣ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٢ | هڪ آنو، وڪٽوريه پريس لاهور. |
| راسيلاس | ڪشورا ٻاپو جنپال ۽ وسٽل جيرامداس منسڪاڻي: مترجم | ڪراچي: سنڌ پرنٽنگ پريس، ١٨٩٤ع | ٥٠٠ | لٿو. | ٢٠٤ | هڪ رپيو. |
| زينت | مرزا قليچ بيگ | حيدرآباد: قيصريه پريس، ١٨٩٤ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٢٠٠ | ١٤ آنا. ٻه آنا ٧ پايون، |
| عجيب داستان دل جي وندر | چيتانند ڪاليداس | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٤ع. | ٧٥٠ | لٿو | ٦٠ | اسلاميه پريس لاهور ٥ آنا، اسلاميه پريس |
| مفيد النساءِ ٻيو ڇاپو | ميان عبداللطيف | لاهور : ١٨٩٥ع | ٧٥٠ | لٿو | ٦٥ | لاهور. |
| واندڪاڻي جي وندر | بولچند ڪوڏو مل | حيدرآباد: سرسوتي پريس ١٨٩٥ع | ٥٠٠ | لٿو | ١١٢ | ٦ آنا ٩ پايون. |
| ناول سچي محبت | ڪيمچند نارائڻ | ڪراچي: تعليم کاتو، ١٨٩٦ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٨٩ | هڪ رپيو، وشن پريس ڪراچي. |
| فسانهٔ عجيب | ليڪومل: مترجم، | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٨ع | ٥٠٠ | لٿو | ٦٠ | ٤ آنا، پوڪر پريس شڪارپور. |
| صحت النساء | مرزا قليچ بيگ | سکر: هريسنگ، ١٨٩٩ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ١٢٦ | ١٤ آنا، وڪٽوريه پريس سکر. |
| عجيب غريب نئون ناول | مرزا قليچ بيگ | شڪارپور: پوڪرداس، ١٩٠٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٨٧ | ١٢ آنا، اسلاميه پريس لاهور. |

## ناٽڪ

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ليليٰ مجنون ٻيو دفعو ١٨٨٩ع | مرزا قليچ بيگ | لاهور: ليڪ، ١٨٨٠ع | ٥٠٠ | لٿو | ٤٠ | ٻه آنا، اسلاميه پريس لاهور. |
| انڌيري نگري | چيتانند، مترجم | لاهور: ليڪ، ١٨٨٨ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٢ | هڪ آنو. |
| ٻيو ڇاپو | | ١٨٨٨ع | | | ٨ | ٦ پايون، محبتاڻي پريس لاهور. |
| ٽيون ڇاپو | | ١٨٩١ع | | | | |
| انڌر سڀا | هريسنگ ڏنگومل | سکر: هريسنگ، ١٨٩٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ٤٨ | هڪ آنو، اسلاميه پريس، لاهور. |
| خدا دوست | هريسنگ ڏنگومل | سکر: هريسنگ، ١٨٩٠ع | ٥٠٠ | لٿو | ١١٢ | ٥ آنا ٦ پايون، قيصريه پريس حيدرآباد. |

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| انگرازي آفيسر | مرزا قليچ بيگ | ڪراچي: تعليم کاتو، ۱۸۹۱ع | ۱۰۰۰ | ٽائيپ | ۱۰۴ | ۵ آنا ۶ پايون، قيصريہ پريس حيدرآباد. |
| خورشيد | مرزا قليچ بيگ | ڪراچي: تعليم کاتو، ۱۸۹۱ع | ۱۰۰۰ | ٽائيپ | ۲۲۶ | ۱۲ آنا، سنڌ گزيٽ ۽ ڪمرشل پريس ڪراچي. |
| رستم | مرزا قليچ بيگ | ڪراچي: تعليم کاتو، ۱۸۹۱ع | ۱۰۰۰ | ٽائيپ | ۸۸ | ۱۰ آنا، سنڌ گزيٽ ۽ ڪمرشل پريس ڪراچي. |
| اندر سڀا (باتصوير) | ------ | ڪراچي: محمد يوسف ڪتب فروش، ۱۸۹۳ع | ۵۰۰ | لٿو | ۴۲ | ۲ آنا، اسلاميہ پريس لاهور |
| گلاب ۽ چنبيلي (ناٽڪ) | مولچند | لاهور: ليڪ، ۱۸۹۳ع | ۷۵۰ | لٿو | ۲۰ | ۲ آنا، اسلاميہ پريس لاهور. |
| بلبل بيمار (ناٽڪ) | پيرو مل | لاهور: ليڪ، ۱۸۹۴ع | ۷۵۰ | لٿو | ۳۲ | ۳ آنا، مصطفائي پريس لاهور. |
| گوپيچند (ناٽڪ) | پيرو مل | لاهور: ليڪ، ۱۸۹۴ع | ۷۵۰ | لٿو | ۳۲ | ۱ آنو ۶ پايون، مصطفائي پريس لاهور. |
| علي بابا ۽ چاليهہ چور | پيرو مل | لاهور: ليڪ، ۱۸۹۴ع | ۷۵۰ | لٿو | ۶۸ | ۳ آنا، مصطفائي پريس لاهور. |
| لعل و گوهر (ناٽڪ) | مولچند | لاهور: ليڪ، ۱۸۹۴ع | ۷۵۰ | لٿو | ۶۰ | ۳ آنا، مصطفائي پريس لاهور. |
| ڪنا راجا هرشچندر | ليلارام وطڻ مل لعلواڻي | ڪراچي: ڊي جي سنڌ ڪاليج سوسائٽي، ۱۸۹۴ع | ۱۰۰۰ | ٽائيپ | ۷۰ | ۶ آنا، قيصريہ پريس حيدرآباد. |
| | (ٻيو ڇاپو) | ۱۹۰۰ع | | | ۱۱۷ | ۷ آنا. |
| موهن ۽ تارڪا | ليلارام وطڻ مل لعلواڻي | ڪراچي: ڊي جي سنڌ ڪاليج سوسائٽي، ۱۸۹۵ع | ۱۰۰۰ | ٽائيپ | ۱۰۴ | ۸ آنا، آرين پريس ڪراچي. |
| لوڀي ۽ نوڳي | مرزا قليچ بيگ | حيدرآباد: قيصريہ پريس، ۱۸۹۵ع | ۱۰۰۰ | ٽائيپ | ۳۰ | ۹ پايون. |
| سورجان راڻا | ليلا رام وطڻ مل لعلواڻي | ڪراچي: ڊي جي سنڌ ڪاليج سوسائٽي، ۱۸۹۶ع | ۵۰۰ | ٽائيپ | ۱۱۰ | ۹ آنا، آرين پريس ڪراچي. |
| ستي سهاڳڻ (ناٽڪ) | جيٺانند | لاهور: ليڪ، ۱۸۹۶ع | ۷۵۰ | لٿو | ۳۲ | ۳ آنا، اسلاميہ پريس |

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | پريس لاهور. |
| نيم حڪيم خطره جان | مرزا قليچ بيگ | ڪراچي: ڊي. جي. سنڌ ڪاليج سوسائٽي، ١٨٩٦ع | ٥٠٠ | ٽائيپ | ٣٨ | ٩ آنا ٣ پايون، آرين پريس ڪراچي. |
| حسنا ۽ دلدار | مرزا قليچ بيگ | ڪراچي: ڊي. جي. سنڌ ڪاليج سوسائٽي، ١٨٩٧ع | ٥٠٠ | ٽائيپ | ١٢٨ | ١٠ آنا، قيصريه پريس حيدرآباد. |
| رام بنواس | ڏيٺو مل ڳاگن مل ٿڌاڻي | حيدرآباد: رامچند مورجمل، ١٨٩٧ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ١١٢ | ١٠ آنا، قيصريه پريس حيدرآباد. |
| شاهه عادل خان | ليلارام وطنمل لعلواڻي | ڪراچي : ڊي. جي. سنڌ ڪاليج سوسائٽي، ١٨٩٨ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٢٤ | ١ آنو، قيصريه پريس حيدرآباد. |
| شڪنتلا د شينست | ڳاگنسنگ آتماسنگ آڏواڻي | شڪارپور: ڌرم اپاڪر اميچونر ڊرنميٽڪ سوسائٽي، ١٨٩٨ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٦٦ | ٦ آنا، البرٽ پريس، سکر. |
| رامائڻ | ليلارام وطڻ مل لعلواڻي | ڪراچي: ڊي. جي. سنڌ ڪاليج سوسائٽي، ١٨٩٩ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٢٩٤ | هڪ رپيو، قيصريه پريس حيدرآباد. |
| شيخ چلي ۽ اگڻ مسخرو | مرزا قليچ بيگ | شڪارپور: پوڪرداس، ١٩٠٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ٤٤ | ٢ آنا، مصطفائي پريس لاهور. |
| نادر شاهه | مرزا قليچ بيگ | شڪارپور: پوڪرداس، ١٩٠٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٢٤ | ١٠ آنا، اسلاميه پريس لاهور. |
| نورجهان ۽ جهانگير | مرزا قليچ بيگ | شڪارپور: پوڪرداس، ١٩٠٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ١١٠ | ١٠ آنا، اسلاميه پريس لاهور. |

## شاعري

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ديوان گل | خليفو گل محمد | بمبئي: ليڪ، ١٨٥٨ع | | | | |
| ديوان شاهه | ارنيسٽ ٽرمپ | ليپزگ: هندستان حڪومت، ١٨٦٦ع | -- | ٽائيپ | ١٢ | |
| عبداللطيف معروف شاهه جورسالو | احمد قاضي | ڪراچي: تعليم کاتو، ١٨٧٤ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٦٠ | ٩ آنا، تعليم کاتي جو ڇاپخانو ڪراچي. |
| (ٽائيٽل انگريزيءَ ۾) | | | ٧٥٠ | لٿو | | |
| رسالو حضرت شاهه عبداللطيف قدس سره جو | ------ | بمبئي: مطبع حيدري،، ١٨٦٧ع | ٥٠٤ | لٿو | --- ---- | ----- |

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| رسالو شاه عبداللطيف | ---- | بمبئي: نورالدين جيوا خان، ١٨٧٦ع. | ٧٥٠ | لٿو | ٥١٢ | ٢ روپيه چار آنا حيدري پريس بمبئي. |
| بيت پنچيسي | گرداسمل ٽانورداس ڪرپلاڻي | ڪراچي: وديا ونود پريس، ١٨٧٦ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٥٦ | ١٢ آنا. |
| ڪتاب ديوان قاسم | محمد قاسم | ڪراچي: ليڪ، ١٨٧٨ع | ٣٠٠٠<br>٥٠٠ | ٽائيپ<br>لٿو | ٨٧ | ٨ آنا، وديا ونود پريس ڪراچي. |
| شاه جي رسالي جو منتخب | قاضي احمد | ڪراچي: تعليم ڪاتو، ١٨٨٣ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٤٣ | ٧ آنا، ڪمشنر جو ڇاپخانو ڪراچي. |
| | ٻيو ڇاپو | ١٨٩٤ع | ٣٠٠ | لٿو | | ٩ آنا. |
| ميزان شعر | سيد فاضل شاه | ڪراچي: ليڪ، ١٨٨٣ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٤٣<br>١١٤ | ٨ آنا، وديا ونود پريس ڪراچي. |
| ساميءَ جا سلوڪ (پاڱو پهريون) | ڪوڙو مل چندنمل | ڪراچي: تعليم ڪاتو،١٨٨٥ع | ٥٠٠<br>٧٥٠ | لٿو<br>لٿو | ٠١ | ٥ آنا، ڪمشنر جو ڇاپخانو ڪراچي. |
| | ٻيو ڇاپو | ١٨٨٧ع | ٥٠٠ | لٿو | ١١٤ | ٦ آنا. |
| | ٽيون ڇاپو | ١٨٩٠ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٩٩ | سنڌ پرنٽنگ پريس ڪراچي. |
| | چوٿون ڇاپو | ١٨٩٣ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٠٢ | |
| رسالو حيدري سنڌي | غلام حيدر | لاهور: ليڪ، ١٨٩٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ٢٢٤ | ٨ آنا، مصطفائي پريس لاهور. |
| گلستان بي خزان | ---- | لاهور: اسلاميه پريس، ١٨٩٢ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٣٠ | ٥ آنا. |
| ديوان خاڪي | ليلا رام وطڻ مل لعلواڻي | ڪراچي: ليڪ، ١٨٩٣ع | ٥٠٠ | لٿو | ٤٨ | ٥ آنا، سنڌ پرنٽنگ پريس ڪراچي. |
| ديوان دلپت صوفي | ميٺارام ڪشورداس | سکر: ليڪ، ١٨٩٣ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٣٢ | هڪ آنو ٣ پايون، وڪٽوريه پريس لاهور. |
| ديوان عنايت | ميان عنايت الله | لاهور: ليڪ، ١٨٩٣ع | ٧٥٠ | لٿو | ٧٢ | ٣ آنا، اسلاميه پريس لاهور. |
| ڪريما سنڌي | سيد عباس شاه | لاهور: ليڪ، ١٨٩٣ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٠ | هڪ آنو، اسلاميه پريس لاهور. |
| مسدس ابوجهو | مولوي الله بخش ابوجهو | ڪراچي: سنڌ مدرسه، ١٨٩٤ع | ٥٠٠ | ٽائيپ | ١٠٠ | ٨ آنا ٩ پايون. |
| ديوان بچل | محمد بچل | لاهور: ليڪ، ١٨٩٥ع | ٥٠٠ | لٿو | ٢٤ | ٢آنا، اسلاميه پريس لاهور. |

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| منور نجڪ مالا | مهراج ڪرشن | ڪراچي: وشن پريس، ١٨٩٦ع | ٥٠٠ | ٽائيپ | ٧٢ | ٤ آنا. |
| نسخہ گلگل مسمہ بہ ديوان بلبل | شمس الدين بلبل | لاهور: ليڪ، ١٨٩٦ع | ٧٥٠ | لٿو | ٥٠ | ٥ آنا، اسلاميہ پريس لاهور. |
| پليگ مثنوي | ٿهلرام سهنجرام رگهاڻي | ڪراچي: ليڪ، ١٨٩٧ع | ٥٠٠ ١٠٠٠ | لٿو | ٢٠ | هڪ آنو، اسلاميہ پريس لاهور. |
| سلوڪ سوامي رامڻ | ڪوڙو مل چند نمل | شڪارپور: پوڪر داس، ١٨٩٨ع | ٧٥٠ | لٿو | ٣٢ | هڪ آنو ٦ پايون، پوڪر پريس شڪارپور. |
| ڪبير صاحب جا سلوڪ | روچيرام گجو مل ڪرپالاڻي | حيدرآباد: هيرانند، ١٨٩٨ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٨٨ | ٨ آنا، قيصريہ پريس حيدرآباد. |
| رسالہ غمنار (ڀاڱو ١) (ديوناگري) | ---- | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٨ع | ٧٥٠ | لٿو | ٤٠ | ٢ آنا، قيصريہ پريس حيدرآباد. |
| بردو سنڌي (گرمکي) | گنيش داس | لاهور: ليڪ، ١٩٠٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٢ | ٩ پايون، اسلاميہ پريس لاهور. |
| سوداڻي خام ( پارسي - سنڌي - اردو ) | مرزا قليچ بيگ | شڪارپور: پوڪرداس، ١٩٠٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٠٤ | ١٢ آنا، اسلاميہ پريس لاهور. |
| شاهہ جو رسالو | ---- | ڪراچي: گورنمينٽ بوڪ ڊپو، ١٩٠٠ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٦٥٥ | ٣ رپيا، قيصريہ پريس حيدرآباد. |
| مجموعہ گلشن راڳ | امير علي شاهہ | لاهور: ليڪ، ١٩٠٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ٨٤ | ٤ آنا، مصطفائي پريس لاهور. |

## انشا يا خط

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| خطن جو ڪتاب ( ڀاڱو ٢ ) | هريسنگ ڏنگو مل | سکر: هريسنگ، ١٨٩٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ٣٢ | هڪ آنو ٦ پايون، مجتبائي پريس لاهور. |
| سنڌي انشا | هريسنگ ڏنگو مل | سکر: هريسنگ، ١٨٩٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ٤٠ | ٣ آنا، اسلاميہ پريس لاهور. |
| | ٻيو ڇاپو | ١٨٩١ع | | | | ٤ آنا. |
| انشا سنڌي | شيخ صاحبداد | لاهور: ليڪ، ١٨٩٣ع | ٧٥٠ | لٿو | ٦٤ | ٤ آنا، اسلاميہ پريس لاهور. |
| | ٻيو ڇاپو | ١٨٩٤ع | | | | |
| | ٽيون ڇاپو | ١٨٩٥ع | | | | |
| | چوٿون ڇاپو | ١٨٩٧ع | | | | |

# اخلاقيات/اخلاقي ڪماڻيون

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| زينت مجلس پيو ڇاپو | هاسارام هيرانند | ڪراچي: ليڪ، ١٨٧٨ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٢٣ | ٢ آنا. وديا ونود پريس ڪراچي. |
| نصيحت نامو | ---- | ڪراچي: پنجاب رليجس بڪ سوسائٽي، ١٨٨٥ع | ٢٠٠٠ | ٽائيپ | ١۴ | ٣ پايون، ڪمشنر جو ڇاپخانو ڪراچي. |
| نصيحت نمبر ١ | ---- | حيدرآباد: بئنڊ آف هوپ، ١٨٨٦ع | ٥٠٠٠ | ٽائيپ | ١۴٠ | ۴ آنا ٦ پايون، ڪمشنر جو ڇاپخانو ڪراچي. |
| نصيحت نمبر ٢ | ---- | حيدرآباد: بئنڊ آف هوپ، ١٨٨٦ع | ٥٠٠٠ | ٽائيپ | ١۴ | هڪ آنو ٦ پايون، ڪمشنر جو ڇاپخانو ڪراچي. |
| نصيحت نمبر ٣ | ---- | حيدرآباد: بئنڊ آف هوپ، ١٨٨٦ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ١۴ | هڪ آنو ٦ پايون، ڪمشنر ڇاپخانو ڪراچي. |
| نصيحت نمبر ١/ ٢ | ---- | حيدرآباد: بئنڊ آف هوپ، ١٨٨٦ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ۴٦ | ٢ آنا، ڪمشنر جو ڇاپخانو ڪراچي |
| نصيحت نامو | کوبچند وشنداس ڪرپالاڻي | ڪراچي: سنڌ پرنٽنگ پريس، ١٨٨٨ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٣٦ | هڪ آنو ٦ پايون، ڪمشنر جو ڇاپخانو ڪراچي. |
| نصيحت نامو | پوچراج. | لاهور: ليڪ، ١٨٨٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٣٢ | هڪ آنو مصطفائي، پريس لاهور. |
| تت پربوڌ | آلو مل | لاهور: ليڪ، ١٨٨٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ۴٠ | هڪ آنو ٦ پايون، اسلاميہ پريس لاهور. |
| نصيحت نامو (ديوناگري) | بولچند آڏواڻي | ڪراچي: سنڌ پرنٽنگ پريس، ١٨٩٠ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٢٦ | هڪ آنو ٦ پايون. |
| امرت ساگر | گدو مل سنتداس منسکاڻي | ڪراچي: سنڌ پرنٽنگ پريس، ١٨٩١ع | ٥٠٠ | لٿو | ٣١٢ | هڪ رپيو ٦ آنا. |
| پال سکيا | ويرچند هيمومل | ڪراچي: سنڌ پرنٽنگ پريس، ١٨٩۴ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٦ | هڪ آنو ٦ پايون. |
| عجيب خصلت | روچيرام هيمنداس | حيدرآباد: سرسوتي پريس، ١٨٩٥ع | ٨٠٠ | لٿو | ٣٢ | ۴ آنا. |
| راڌا سوامي مت | ---- | ڪراچي: سنڌ پرنٽنگ پريس، ١٨٩٥ع | ٥٠٠ | لٿو | ٦٦ | ٥ آنا. |

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| سچو سماچار | محب علي حسن علي | حيدرآباد: قيصريہ پريس، ١٨٩٦ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٢٠ | ؟ |
| استاد جي پنهنجي شاگردن کي مت | ---- | حيدرآباد: چرچ مشنري سوسائٽي، ١٨٩٦ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٢٢ | مفت، قيصريہ پريس حيدرآباد. |
| پندنامو سنڌي | قاضي محمد عارف | لاهور: ليٿڪ، ١٨٩٦ | ٧٥٠ | لٿو | ٤٤ | ۴ آنا اسلاميہ پريس لاهور. |
| استرين جا نيامي ڪم | ---- | حيدرآباد: قيصريہ پريس، ١٨٩٧ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٩٦ | ۴ آنا |
| بنا پنسي مچي | ---- | حيدرآباد: تلسيداس جهانگي مل، ١٨٩٧ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٣٢ | مفت، قيصريہ پريس حيدرآباد. |
| وشن وهنوارڪ اپديش | وشنداس نهالچند | ڪراچي: وشن پريس، ١٨٩٧ع | ٥٢٠ | لٿو | ٢٩٢ | مفت، ؟ |
| سنگ تاري ڪسنگ بوڙي (ديوناگري) | موٽو مل چنراءِ | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٨ع | ٧٥٠ | لٿو | ٣٢ | ٦ پايون، پوڪر پريس شڪارپور. |
| سچي انسانيت | غلام حسين عبدالڪريم مرزا | شڪارپور: ڊائمنڊ جوبلي، ١٨٩٨ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ١٦ | ٢ آنا البرٽ پريس سکر. |
| نيتا ڪرم (ديوناگري) | چيتو مل | شڪارپور: وديارٿي منڊل، ١٨٩٨ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٦ | هڪ آنو، پوڪر پريس شڪارپور. |
| نصيحت الف -- ب | ---- | حيدرآباد: ڪيمچند شيوڪيرام، ١٨٩٨ع | ٢٠٠٠ | ٽائيپ | ١٦ | ٦ پايون، قيصريہ پريس حيدرآباد. |
| هل بوٽ ڪاري | ڪندن مل منگهر سنگ | حيدرآباد: قيصريہ پريس، ١٨٩٨ع | ٦٠٠ | ٽائيپ | ١٦ | ؟ ؟ |
| سنگ جو پرسنگ | ڪوڙو مل چندن مل ڪلڪاٽي | حيدرآباد: قيصريہ پريس، ١٨٩٨ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ١٦ | ٩ پايون. |
| اتم پت (ديوناگري) | پوڪرداس ٿانورداس | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ؟ | ٦ پايون، پوڪر پريس شڪارپور. |
| پريچا (ديوناگري) | پوڪرداس ٿانورداس | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٢۴ | ٦ پايون، پوڪر پريس شڪارپور. |
| حڪايات سعدي | وسڻ مل ڪشنچند ملڪاڻي | حيدرآباد: قيصريہ پريس، ١٩٠٠ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٣٠ | ٣ آنا ٦ پايون. |
| متيا چرخو چور ڪت ڪت يار | پرمانند ميوارام ملڪاڻي | حيدرآباد: ليٿڪ، ١٩٠٠ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٣٢ | هڪ آنو، قيصريہ پريس حيدرآباد. |

## فلڪيات، علم نجوم ۽ تعويزات

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| فالنامو | ---- | لاهور: مصطفائي پريس، ١٨٩١ع | ٧٥٠ | لٿو | ٤٠ | ٢ آنا. |
| پارهن ماهه | پيرومل مهرچند آڏواڻي | ڪراچي: ديش سڌار پريس، ١٨٩٤ع | ١٠٠٠ | لٿو | ؟ | ٨ آنا ٦ پايون. |
| اڪسير الاحمر | مولوي محمد عثمان | ڪراچي: ليکڪ، ١٨٩٦ع | ٥٠٠ | لٿو | ١١٢ | ٧ آنا، وشن پريس ڪراچي. |
| اڪسير الاحمر (حصه دوئم) | مولوي محمد عثمان | ڪراچي: ليکڪ، ١٨٩٦ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٢٠ | ٩ آنا، وشن پريس ڪراچي. |
| پارهن مهينا | چنديرام ڏيارام منسڪاڻي | حيدرآباد: ليکڪ، ١٨٩٦ع | ٥٠٠ | ٽائيپ | ١٢ | هڪ آنو ٦ پايون، قيصريه پريس حيدرآباد. |
| فالنامو | آخوند احمد | ڪراچي: دين محمد ڪتب فروش، ١٨٩٩ع | ٥٠٠ | لٿو | ٥٤ | ٤ آنا، اسلاميه پريس لاهور. |

## سماجيات

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| پنچائتي بندي (ديوناگري) | شانڪيسنگ پريداس ملڪاڻي | حيدرآباد: سرسوتي پريس، ١٨٩٤ع | ٥٠٠ | لٿو | ٩ | ٩ پايون. |
| پائيبندن جي پنچائتي ڏيتي ليتي | ---- | حيدرآباد: پائيبند پنچائت، ١٨٩٧ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٦٠ | ٢ آنا، قيصريه پريس حيدرآباد |
| شاديءَ جي خرچ بابت نيم (بيو ڇاپو) | ---- | حيدرآباد: قيصريه پريس، ١٨٩٨ع | ؟ | ٽائيپ | ٥٠ | ٢ آنا. |
| چنچر استوتر (گرمکي) | پوڪرداس ٺانورداس | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٨ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٦ | ٦ پايون، پوڪر پريس شڪارپور. |
| چنچر استوتر (ديوناگري) | پوڪرداس ٺانورداس | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٨ع | ٧٥٠ | لٿو | ٨ | ٣ پايون، پوڪر پريس شڪارپور. |

## سياسيات

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| انڊين نيشنل ڪانگريس | ---- | ڪراچي: سنڌ سڀا، ١٨٨٨ع | -- | لٿو | ؟ | مفت، سنڌ پرنٽنگ پريس ڪراچي. |

# اقتصاديات

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| اصول علم دستور المعاش | مرزا قليچ بيگ (مترجم) | ڪراچي: تعليم کاتو، ١٨٩١ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٥٥٠ | ٢ رپيا، ڪمشنر جو ڇاپخانو ڪراچي. |
| پئسي قرض بابت بيت | ---- | حيدرآباد: عدن مل گنيمل پارواڻي، ١٨٩٨ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٢٠ | ٦ پايون، سنڌ پرنٽنگ پريس ڪراچي. |
| پئسي نامو | هوتچند سنگومل | سکر: هريسنگ، ١٩٠٠ع | ؟ | ؟ | ؟ | اسلاميه پريس لاهور. |

# اسڪول انتظام

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| سرڪيولر آرڊرس بڪ فار دي گائيڊنس آف ورنيڪيولر ماسٽرس ان سنڌ (ٽائيٽل انگريزيءَ ۾) | اي. ايم. ايچ. فلٽن | ڪراچي: تعليم کاتو، ١٨٧٥ع | ٣٠٠ | لٿو | ٨٥ | هڪ رپيو اڻ آنا، تعليم کاتي جو ڇاپخانو ڪراچي. |
| انتظام ۽ تعليم | فتح چند وسڻ مل | ڪراچي: تعليم کاتو، ١٨٩٣ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٣٥٦ | هڪ رپيو ٻه آنا، ڪمشنر جو ڇاپخانو ڪراچي. |

# پبلڪ ائڊمنسٽريشن

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| پٽر نامو | ننديرام | ڪراچي: تعليم کاتو، ١٨٦٠ع | ؟ | ؟ | ١٦.١٩ | ؟ تعليم کاتي جو ڇاپخانو ڪراچي. |
| لوڪل سيلف گورنمينٽ | گورڌنداس ڏموڌرداس | ڪراچي: سنڌ سڀا، ١٨٨٤ع | ٢٠٠ | ٽائيپ | ٢١ | مفت، مفرح القلوب پريس ڪراچي. |
| انگريزي حڪومت جي انتظام جو مختصر بيان | تاراچند شوقيرام آڏواڻي | ڪراچي: وديا ونود پريس، ١٨٨٥ع | ٣٠٠ | لٿو | ١٢ | ٩ پايون. |
| هندستان ۾ هاڻوڪي حڪومت جي جوڙجڪ | مولچند اتمچند | حيدرآباد: ليڪ، ١٨٩٤ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ١٤ | هڪ آنو، قيصريه پريس حيدرآباد. |
| هندستان جو شهري | تاراچند شوقيرام | حيدرآباد: منڪميلن، | ٣٠٠٠ | ٽائيپ | ٣٧٧ | ١٢ آنا، قيصريه |

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | آڏواڻي ۽ ڪوڙومل چندن مل ڪلڪاڻي (مترجم) | ۱۹۰۰ع | | | | پريس حيدرآباد |

## قانون

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| چوڏهون قاعدو | ---- | ڪراچي: تعليم کاتو، ۱۸۵۷ع | ؟ | لٿو | ؟ | ۸ آنا، ڪراچي ايڊورٽائيزر پريس ڪراچي. |
| سنڌي سوال ۽ جواب | نولراء شوقيرام آڏواڻي | ڪراچي: وديا ونود پريس، ۱۸٦۷ع | ۵۰۰ | لٿو | ۸۴ | ۱۲ آنا. |
| جديشل سرڪيولر آرڊرس نمبر ۱ | نولراء شوقيرام آڏواڻي | ڪراچي: وديا ونود پريس، ۱۸٦۷ع | ۵۰۰ | لٿو | ۹۸ | ۲ رپيا، ۸ آنا. |
| جديشل سرڪيولر آرڊرس نمبر ۲ | نولراء شوقيرام آڏواڻي | ڪراچي:وديا ونود پريس، ۱۸٦۸ع | ۲۰۰ | لٿو | ۱۸ | ٦ آنا. |
| سنڌي انڊيڪس ٽو انڪٽس | نولراء شوقيرام آڏواڻي | ڪراچي: وديا ونود پريس، ۱۸٦۸ع | ۵۰۰ | لٿو | ۳۴ | ۸ آنا. |
| فوجداري قانون هلائڻ جو قائدو | نولراء شوقيرام آڏواڻي | ڪراچي: وديا ونود پريس، ۱۸٦۸ع | ۵۰۰ | لٿو | ۱٦ | ۴ آنا. بحار الجواهر پريس بمبئي. |

## علم طبعي (فزڪس)

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| اصول علم طبعي | ڪوڙو مل چندن مل ڪلڪاڻي | ڪراچي: تعليم کاتو، ۱۸٦۸ع | ۵۰۰ | لٿو | ۳۰۱ | ؟ وديا ونود پريس ڪراچي. |
| پٽرتا سڪيا | ڪوڙو مل چندن مل ڪلڪاڻي | حيدرآباد: قيصريه پريس، ۱۹۰۰ع | ۱۰۰۰ | ٽائيپ | ۴۸ | ٦ آنا. |

## علم ڪيميا (ڪيمسٽري)

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| علم ڪيميا | ڪوڙو مل چندن مل ڪلڪاڻي | ڪراچي: تعليم کاتو، ۱۸۹۲ع | ۲۰۰۰ | ٽائيپ | ۲۲۷ | ۹ آنا، مرڪنٽائيل پريس ڪراچي. |

## نباتات (باٽني)

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| آغاز علم نباتات | مرزاصادق علي فريدون بيگ | ڪراچي: تعليم کاتو، ۱۸۹۴ع | ۲۰۰۰ | ٽائيپ | ۱٦۸ | ۹ آنا، مرڪنٽائيل پريس ڪراچي. |

# علمرحيات (زولاجي)

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| علم حيات | ----- | ڪراچي: تعليم کاتو، ١٨٩٢ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ١١٩ | ٨ آنا، ڪمشنر پريس ڪراچي. |
| نانگ وغيره ۽ ساهوارا | مرزا قليچ بيگ | سکر: ليکڪ، ١٨٩٧ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٩٢ | ٤ آنا، وڪٽوريہ پريس سکر. |
| پکي | مرزا قليچ بيگ | ڪراچي: تعليم کاتو، ١٨٩٨ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ١٢٥ | ٧ آنا ٦ پايون، سنڌ گزيٽ ۽ ڪمرشل پريس ڪراچي. |

# زراعت

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| رسالہ زراعت | ----- | ڪراچي: تعليم کاتو، ١٨٩٤ع | ٢٠٠ | ٽائيپ | ١٣٨ | هڪ رپيو ٢ آنا، قيصريہ پريس حيدرآباد. |
| وهٽن جي سنڀال | آسودومل بگومل عيدناڻي | حيدرآباد: قيصريہ پريس، ١٨٩٨ع | ٥٠٠ | ٽائيپ | ٨٦ | ٨ آنا. |
| زمين پوکڻ جو هنر | مرزا قليچ بيگ | ڪراچي: گورنمينٽ بڪ ڊپو، ١٨٩٩ع | ٢٠٠٠ | ٽائيپ | ٣١٦ | ٤ آنا، قيصريہ پريس حيدرآباد |
| باغ ۽ باغباني | مرزا قليچ بيگ | ڪراچي: گورنمينٽ بڪ ڊپو، ١٩٠٠ع | ٢٠٠٠ | ٽائيپ | ٣١٦ | ١٤ آنا، قيصريہ پريس حيدرآباد. |

# ڪاڌ خوراڪ

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ماس پڪڻ نسيد | شيواسنگ هرسنگ اجواڻي | حيدرآباد: ويجيٽيرين سوسائٽي، ١٨٩٨ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٤٠ | هڪ آنو، قيصريہ پريس حيدرآباد. |
| مڇي ماس واتراڻ بابت گفتگو | پرمانند ميوارام ملڪاڻي | حيدرآباد: ليکڪ، ١٨٩٨ع | ٥٠٠ | ٽائيپ | ١٦ | ٣ آنا، قيصريہ پريس حيدرآباد. |

# طب

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| تحفة المجربات | محمود ڪڇي | بمبئي: قاضي ابراهيم، ١٨٧٦ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٢٢٤ | ١٠ آنا، هريبا لنگوس پريس بمبئي. |
| گلدستہ ڪمت يا علاج | قاضي محمد بچل | سکر: هريسنگ، | ٢٠٠٠ | ٽائيپ | ١٦٤ | ١٠ آنا، ويلس پريس |

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| مسکين سنڌي طب | | ١٨٨٦ع | | | | سکر. |
| | ٻيو ڇاپو | ١٨٩٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ١١٨ | ١٢ آنا، مصطفائي پريس لاهور. |
| ميزان طب آنلرامي | آيل رام | لاهور: ليڪڪ، ١٨٨٨ع | ١٥٠٠ | لٿو | ٣٠٦ | ۴ رپيا، ۴ آنا، قمر الهند پريس لاهور. |
| | ٻيو ڇاپو | ١٨٩٣ع | ٧٥٠ | | ٢٧٢ | هڪ رپيو، هريسنگ اسلاميہ پريس لاهور پر ڇپيو. |
| | ٽيون ڇاپو | ١٩٠٠ | | | | |
| گلشن حڪمت طب سنڌي | محمد اسلم | سکر: هريسنگ، ١٨٩١ع | ٧٥٠ | لٿو | ٢۴٠ | هڪ رپيو، اسلاميہ پريس لاهور |
| | ٻيو ڇاپو | ١٨٩٣ع | | | | |
| رسالہ غرا | چيتانند | لاهور: ليڪڪ، ١٨٩١ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٢ | هڪ آنو، اسلاميہ پريس لاهور. |
| تعليم حڪمت ياڳو پهريون يا زالن جوويم | مرزا قليچ بيگ | سکر:هريسنگ، ١٨٩١ع | ٧٥٠ | لٿو | ٣٧ | ......مفيد عام پريس لاهور. |
| تعليم حڪمت ياڳو ٻيو يا ٻارن جي پرورش | مرزا قليچ بيگ | سکر: هريسنگ،١٨٩١ع | ٧٥٠ | لٿو | ١۴۴ | ١٠ آنہ، مفيد عام پريس لاهور. |
| طب سنڌي آب حيات بمع مخزن الادويات | محمد اسلم | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٣ع | ٧٥٠ | لٿو | ٣١۴ | هڪ رپيو ۴ آنا، اسلاميہ پريس لاهور |
| طب سنڌي تحفتہ العاشقين | محمد اسلم | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٣ع | ٧٥٠ | لٿو | ١١٦ | ١٠ آنا، اسلاميہ پريس لاهور. |
| آب حيات نڪات . الادويات سنڌي دوائن جي ڊڪشنري سميت | غلام محمد | لاهور: ليڪڪ، ١٨٩٣ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٧٢ | هڪ رپيو، ٨ آنا، مصطفائي پريس لاهور. |
| طب سنڌي مجرب المعالجات | علي محمد ولد محمد رمضان | ڪراچي: محمد يوسف ڪتب فروش، ١٨٩٣ع | ---- | لٿو | ١۴٦ | هڪ روپيو، اسلاميہ پريس لاهور. |
| عجيب طب | ---- | ڪراچي: محمد يوسف ڪتب فروش، ١٨٩۴ع | ٥٠٠ | لٿو | ٨٨ | ٨ آنا، اسلاميہ پريس لاهور. |
| قرابادين علوي | محمد اسلم | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٥ع | ٧٥٠ | لٿو | ۴٠٦ | ٢ رپيا، اسلاميہ پريس لاهور. |
| طب سنڌي، رسالو قوة باه مراد العاشقين | ٽيڪي رام | لاهور: ليڪڪ، ١٨٩٥ع | ٥٠٠ | لٿو | ٨۴ | ٦ آنا، اسلاميہ پريس لاهور. |
| رسالہ باد فرنگ | قاضي محمد بچل | لاهور: ليڪڪ، ١٨٩٥ع | ٧٥٠ | لٿو | ٣٢ | ٢ آنا، اسلاميہ پريس |

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | | لاهور. |
| تحفتہ الادويات | ميان محمد | ڪراچي: ليڪ، ١٨٩٦ع | ١٠٥٠ | لٿو | ٣٥ | | ٢ آنا، وشن پريس ڪراچي. |
| طب سڪندري عرف اڪبري | حڪيم سڪندر علي | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٧ع | ٥٠٠ | لٿو | ٢٥٥ | | هڪ رپيو ۴ آنا، اسلاميہ پريس لاهور. |
| رسالہ طاعون | ڪشنچند مولا رام | ڪراچي: خير خواہ پريس، ١٨٩٨ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٢۴ | | ٦ آنا. |
| عشرت التوليد | قاضي هادي | لاهور: ليڪ، ١٨٩٩ع | ٧٥٠ | | ۴٨ | | ٦ آنا، مصطفائي پريس لاهور. |
| جواني جو حڪمتي دوست | بولچند پرسرام پنجواڻي | حيدرآباد: قيصريہ پريس، ١٩٠٠ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٠۴ | | ١٠ آنا. |
| سيپارہ وبا (ديوناگري) | بولچند پرسرام پنجواڻي | حيدرآباد: قيصريہ پريس، ١٩٠٠ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٢٩ | | ۴ آنا. |

## فوٽوگرافي

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| فوٽوگرافي جو هنر | ٽيڪم داس ايسر داس جوهري | ڪراچي: تعليم کاتو، ١٨٨٧ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٧٠ | هڪ رپيو، ڪمشنر جو ڇاپخانو ڪراچي. |

## سوانح حيات

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| سنڌين جو سچو دوست | جهمتراءِ منگهو مل گلراجاڻي | ڪراچي: وديا ونود پريس، ١٨٨٣ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٧٢ | ۴ آنا. |
| شيخ مصلح الدين سعدي جو ذڪر | تاراچند شوقيرام آڏواڻي | ڪراچي: تعليم کاتو، ١٨٨٥ع | ٣٠٠ | لٿو | ١٩ | هڪ آنو ٣ پايون، وديا ونود پريس ڪراچي. |
| | بيو ڇاپو | ١٨٨٥ع | -- | ٽائيپ | ٢٠ | ڪمشنر جو ڇاپخانو ڪراچي. |
| خواجہ شمس الدين محمد جو ذڪر | تاراچند شوقيرام آڏواڻي | ڪراچي: تعليم کاتو، ١٨٨٦ع | ٥٠٠ | ٽائيپ | ٢٧ | ٻہ آنا ٦ پايون، ڪمشنر جو ڇاپخانو ڪراچي. |
| جنم ساکي آڏيرو لال | سخاوت راءِ نڪر | ڪراچي: سنڌ پرنٽنگ پريس، ١٨٩١ع | ٥٠٠ | لٿو | ٥٨ | مفت. |
| چتور چرتر | چوهڙ مل | لاهور: ليڪ، ١٨٩۴ع | ٧٥٠ | لٿو | ٦٠ | ٢ آنا ٦ پايون، |

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | مصطفائي پريس لاهور |
| وڪٽوريه چرتر | جهمٽراءِ منگهو مل | ڪراچي: وديا ونود پريس، ١٨٩٤ع | ٧٥٠ | لٿو | ٤٤ | ٢ آنا. |
| گرو جن جون ليليون ڪرامتون ۽ اپديش | ڏيارام تلوڪ چند | ڪراچي: ليڪ، ١٨٩٧ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٧٦ | هڪ آنو ٦ پايون، وڪٽوريه پريس ڪراچي. |
| مها پرک باني (گرمکي) | رامانند ماڌو داس | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٨ع | ٣٠٠ | لٿو | ٥٥ | ٥ آنا. پوڪر پريس شڪارپور. |
| جنم ساکي مهاراڻي وڪٽوريه قيصر هند | پريداس نارائڻ داس واڌواڻي | ڪراچي: ليڪ، ١٩٠٠ع | ١٥٠٠ | ٽائيپ | ١٠٣ | ١٤ آنا. سنڌ گزيٽ ۽ ڪمرشل پريس ڪراچي. |
| ميران باني | ڪوڙومل چندن مل کلناڻي | حيدرآباد: قيصريه پريس ١٩٠٠ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ١٨ | هڪ آنو. |



خديج انصاري

# عالمي معياري ڪتاب نمبر ۽ سنڌي اشاعتي ادارا

## تعارف:-

وڌندڙ آبادي، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي ايجاد، شايع ٿيندڙ مواد جي پرمار، سماج جي ترقيءَ جهڙين ڳالهين تي نظر رکندي قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي جلد از جلد سڃاڻپ ۽ انگ اکر حاصل ڪرڻ لاءِ اهڙا طريقا استعمال ڪيا وڃن ٿا ته جيئن مختصر ۾ مختصر معلومات مان مڪمل شناخت يا سڃاڻپ ملي سگهي. ماڻهو جي سڃاڻپ لاءِ شناختي ڪارڊ نمبر مان جلد از جلد اها معلومات ملي ٿي ته هي فرد ڪهڙي ڳوٺ، ضلعي ۽ صوبي سان تعلق رکندڙ آهي ۽ ڪيتري عمر اٿس وغيره.

ڪتابي دنيا به هڪ وسيع دنيا آهي. اڄ ڪلهه هزارين اشاعتي ادارا پوري دنيا ۾ قائم ٿيل آهن. اهي هر سال سوين بولين ۾ لکن جي تعداد ۾ ڪتاب ڇاپي پڌرا ڪن ٿا. انهن ڪتابن جي سڃاڻپ لاءِ قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي هڪ نظام رائج آهي. انهيءَ نظام تحت هر ڪتاب کي الڳ "عالمي معياري ڪتاب نمبر" مخصوص ڪيو ويندو آهي. هي عربي نمبرن تي مشتمل هڪ بين الاقوامي طريقه ڪار آهي جنهن جي ذريعي ڪنهن به جاءِ، زبان ، شايع ڪندڙ ۽ ان جي ايڊيشن کي مخصوص نمبر سان سڃاڻپ ڪئي ويندي آهي ۽ ا ن نمبرسان ان ڪتاب جي سڃاڻپ جلد ۽ آسانيءَ سان ٿي سگهندي آهي. هن سرشتي کي International Standard Book Number چئبو آهي، جنهن جو مخفف I S B N آهي. هن نمبر جي ذريعي ڪتاب جي باري ۾، ڪتاب جي ليکڪ، ڪتاب شايع ڪندڙ فرد، جماعت يا گروپ، مُلڪ جنهن مان ڪتاب شايع ٿيو آهي، ۽ ڪتاب شايع ٿيڻ جي سال جي ڄاڻ مخصوص ٿيل I S B N نمبر جي ذريعي حاصل ٿئي ٿي. I S B N نمبر شايع ڪندڙ (پبلشر) کي الاٽ ڪيو ويندو آهي نه ڪي پرنٽر کي.

## تاريخي پس منظر:-

حقيقت ۾ هن سرشتي کي سال ١٩٦٠ع ۾ متعارف ڪيو ويو، جنهن وقت يورپ جي ڪتبخانن ۾ ڪتابي تجارت ۾ ڪمپيوٽر جو استعمال عام ٿيڻ لڳو. ان وقت پبلشرن، ڪتاب فروشن ۽ لئبررين ان ڳالهه تي زور ڏنو ته هڪ عالمي معياري ڪتاب نمبر هئڻ گهرجي، جيئن ڪتاب ۽ ان جي مخصوص ايڊيشن، ملڪ، زبان، عنوان ۽ شايع ڪندڙ جي آساني سان سڃاڻپ ٿي سگهي. ١٩٦٦ع ۾ برلن ۾ ڪتابن جي ڳڻپ لاءِ هڪ بين الاقوامي نظام تي غور فڪر ڪرڻ لاءِ هڪ ڪانفرنس منعقد ڪئي ويئي. ١٩٦٧ع ۾ برطانيه جي انٽرنيشنل آرگنائيزيشن فار اسٽنڊرڊ ان ڏسيل نظام کي بين الاقوامي طور تي استعمال ڪرڻ جي امڪان جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ ورڪنگ گروپ ناهيو، جنهن جي سيڪريٽرٽ برٽش اسٽيڊرڊ انسيٽيوٽ ۾ قائم ڪئي ويئي. سال ١٩٦٧ع ۾ برطانيه هن عالمي معياري ڪتابي نمبر کان دنيا کي متعارف ڪرايو.

## ميمبر ملڪ:-

١٩٧٢ع ۾ برلن (وفاقي جرمني) هن نظام جي بين الاقوامي عالمي ايجنسي قائم ڪئي ۽ هر ميمبر ملڪ ۾ به هن جي ايجنسي موجود هوندي آهي. هي نظام دنيا جي ٩٧ ملڪن تائين ڦهليل چڪو آهي ۽ اٽڪل به لک اشاعتي

ادارا هن نظام ۾ شموليت اختيار ڪري چڪا آهن. هن نظام جي وڏي ۾ وڏي خوبي هي آهي تہ هن جي ايجنسي ٿيڻ لاءِ ڪنهن بہ قسم جي في يا چندو نٿو ورتو وڃي.

## عالمي ايجنسي جا مول مقصد:-

هن نظام پٽاندڙ عالمي ايجنسي هيٺان اهم ڪم سرانجام ڏئي ٿي.

(١) هر ملڪ ۾ انهيءَ نظام جي عمل جي نگراني ڪرڻ.

(٢) پبلشرن جي گروپ جي شناخت جي منظوري ڏيڻ.

(٣) پبلشرن جي گروپ ڪي شناختي نمبر جاري ڪرڻ.

(۴) گروپ ايجنسين کي سندن حدن ۾ اينڌڙ پبلشرن کي شناختي نمبر جاري ڪرڻ ۾ رهنمائي ڪرڻ.

(۵) عالمي سطح تي هن نظام کي عام ڪرڻ لاءِ جوڳا قدم کڻڻ

(٦) تمام پبلشرن ۽ اشاعتي ادارن جي ڊائريڪٽري شايع ڪرڻ.

## دائره ڪار:-

"عالمي معياري ڪتاب نمبر" گهڻو ڪري هيٺين قسم جي پڙهڻ واري مواد (Reading Material) تي لڳايو ويندو آهي.

(ا) ڇپيل ڪتاب

(ب) مائيڪرو فلمون، جن جو تعلق تعليم سان هجي.

(ت) مائڪرو ڪمپيوٽر جا سافٽ ويئر. مشين ايڊايبل پرنٽ آئوٽ (MARC) يعني مشين جي مدد کان سواءِ پڙهي نہ سگهجن.

(ث) ڪتابن جون ڪيسٽون.

(ج) نابينائن جا ڪتاب

(ح) تعليمي فلمون ۽ منور تصويرون (Transparencies)

(خ) ساليانہ ڪتاب، سلسلہ وار مونو گرافس ۽ ببليو گرافيز. پر هي نمبر ايفيمرل (Ephemeral) مواد تي نہ ڏنو ويندو آهي، يعني جنهن جو مدو ٿوري وقت لاءِ هوندو آهي. انهي مواد ۾ گهڻو ڪري ڊائريون، ڪئلينڊر، اشتهاري مواد، آواز وارو مواد (Sound Recording)، تمثيلي ادب، اهي تصويرون جن جو تعلق تشبيہ سان هجي يا اهي تصويرون جيڪي بغير ٽائيٽل ۽ مضمون (Text) اچي وڃي ٿو.

## عالمي معياري ڪتاب نمبر (I S B N) جي جوڙ جڪ:

هن عالمي نمبر جي ڪوڊ نمبر جو هر هڪ انگ مقصد ۽ مفهوم رکي ٿو. هي نمبر ڪل ڏهن انگن تي مشتمل هوندو آهي، اهي ڏهہ انگ وري چئن حصن ۾ ورهايل هوندا آهن ۽ انهن چئني حصن جي انگن جي وچ ۾ ٿوري وڇوٽي هوندي آهي. هن نمبر جو پهريون حصو ڪنهن بہ ملڪ يا گروپ جي سڃاڻپ لاءِ هوندو آهي. ٻيو حصو پبلشرن لاءِ ٽيون حصو عنوان لاءِ، ۽ چوٿون حصو چيڪ عدد (Checkdigit) لاءِ هوندو آهي.

پهريون حصو، جيڪو مُلڪ يا گروپ لاءِ هوندو آهي اهو بين الاقوامي ايجنسي، جيڪا جرمني ۾ آهي ان جي طرفان ملڪ لاءِ جاري ڪيو ويندو آهي. اهي گروپ قومي، جاگرافيائي ۽ ٻولي جي تحت ورهايل هوندا آهن. ان کانسواءِ انهي نمبر جي انگن جو تعداد ان ملڪ مان شايع ٿيندڙ مواد جي تعداد مطابق ڏنو ويندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن بہ ملڪ مان ڪتاب گهڻا شايع ٿين ٿا تہ ان ملڪ جي سڃاڻپ واري پهرئين حصي جو نمبر ننڍو هوندو. جڏهن تہ گهٽ ڪتاب شايع ڪندڙ ملڪ جي نمبر ۾ گهڻا عدد هوندا. مثال طور يورپ، ڪينيڊا، اقوام متحده کي شناختي انگ فقط ٻڙي (0)، جڏهن تہ جرمني کي (٣)، انڊيا کي (٨١)، سري لنڪا کي (٩۵۵) ۽ پاڪستان کي (٩٦٩) نمبر مليل

آهن. هي انگ هڪ کان ٽن نمبرن تي مشتمل هوندو آهي ۽ ان ڳالهه جي به نشاندهي ڪندو آهي ته ڪيترا ڪتاب ڪنهن ملڪ مان شايع ٿين ٿا.

ٻيو حصو اشاعتي ادارن (Publisher) جي سڃاڻپ جي علامت هوندو آهي. هي نمبر عالمي ايجنسي ڪان سواءِ قومي ايجنسي طرفان به جاري ڪيو ويندو آهي. پاڪستان ۾ قومي ڪتبخانو (National Library) اسلام آباد قومي ايجنسي جا فرض سرانجام ڏيندو آهي. هن حصي جي نمبر جو تعداد به ڪتاب جي شايع ڪرڻ جي ڳاڻيٽي تي منحصر هوندو آهي. جيڪڏهن ادارو ٿورا ڪتاب شايع ڪري ٿو ته نمبر وڏو يا انگن جو تعداد گهٽ هوندو. سڃاڻپ نمبر جو ٽيون حصو ڪتاب جي عنوان يا ايڊيشن لاءِ جاري ڪيو ويندو آهي. هن جو تعداد به شايع ڪندڙ جي نمبر مطابق ڏنو ويندو آهي. هيءُ حصو ڪتاب جي عنوان يا خاص ايڊيشن جي علامت هوندو آهي. اهو نمبر ٻئي ڪنهن ڪتاب جي ايڊيشن لاءِ مخصوص نه ڪري سگهبو آهي. هن حصي جي نمبر جي انگن جو تعداد جو دارومدار پهرين ۽ ٻئي حصي تي هوندو آهي. جيڪڏهن پهريان ٻئي حصا ڊگها هوندا ته هي حصو مختصر هوندو نه ته ٻيءِ صورت ۾ انگ گهٽا هوندا. انهن ٽنهي حصن جي نمبرن جو تعداد هر صورت ۾ نون انگن تي مشتمل هوندو آهي.

چوٿون حصو يا پرتالي عدد، جنهن کي انگريزيءَ ۾ چيڪ ڊجٽ (Checkdigit) چئبو آهي، عالمي معياري ڪتاب جو آخري حصو فقط هڪ عدد تي مشتمل هوندو آهي ۽ اڳين ٽنهي حصن جي دُرستي لاءِ حسابي جانچ پڙتال فراهم ڪندو آهي. هي حصو ٻڙي (0) کان ڏهن نمبرن تائين هوندو آهي. هڪ انگ رکڻ لاءِ ڏهن جي عدد کي رومن انگن (X) ۾ لکيو ويندو آهي، جيئن هن نمبر جي علامت هميشه هڪ انگ تي مشتمل هوندي آهي.

## ڪتاب تي هن نمبر ڇپڻ جا خاص هنڌ:-

هي نمبر ڪتاب جي اهڙين نمايان مخصوص هنڌن تي ڇپيو ويندو آهي جيئن آسانيءَ سان نمبر جي معلومات حاصل ڪري سگهجي، جهڙوڪ.

(۱) ڪتاب جي اندرئين سرورق (Title) واري صفحي جي پٺيان.

(ب) ڪتاب جي آخري صفحي تي هيٺ

(ت) ڪتاب جي ڪوَر (Jacket) جي پٺيان هيٺ

(ث) ڪتاب جي پٺي تي هيٺ.

## پاڪستان جي قومي ايجنسي:-

عالمي معياري ڪتاب نمبر لاءِ پاڪستان ۾ قومي ايجنسي پاڪستان جو قومي ڪتبخانو اسلام آباد آهي. هن اداري هن نظام جي شروعات ١٦ مئي ١٩٨٥ کان ڪئي ۽ هن وقت تائين ٣٧٣ پبلشرن کي عالمي معياري ڪتاب نمبر لاءِ ڪوڊ نمبر مخصوص ڪري چڪو آهي ۽ اٽڪل ٧٠٠٠ ڪتابن تي عالمي معياري نمبر لڳايو ويو آهي.

"پاڪستان ۾ هن نظام جي منصوبه بندي عالمي معيار ماڻڻ ۽ پبلشرن ۽ ڪتابي اشاعت جا انگ اکر رکڻ لاءِ ڪئي ويندي آهي. پاڪستاني پبلشرن کي چئن درجن A,B,C,D ۾ ورهايو ويو آهي.

"A" درجي ۾ اُهي پبلشر جيڪي آئنده ڏهن سالن ۾ ڏهه هزار ڪتابن کان مٿي ڪتاب شايع ڪرائي سگهندا. انهن جو ڪوڊ نمبر ٻڙي (0) کان ١ نمبر تائين ٿيندو ۽ پبلشرن جي گنجائش ٢ رکي وئي آهي.

"B" درجي ۾ هڪ هزار کان مٿي ڪتاب شايع ڪرڻ لاءِ ڪوڊ نمبر ٢٩ کان ٣٩ تائين، ۽ گنجائش ٢٠ پبلشرن جي آهي.

"C" درجي ۾ سوَ کان مٿي ڪتاب شايع ڪرڻ وارن جو ڪوڊ نمبر ٤٠٠ کان ٧٩٩ ۽ گنجائش ٤٠٠ پبلشرن جي آهي.

"D" درجي ۾ ڏهن کان مٿي ڪتاب شايع ڪرڻ وارن جو ڪوڊ نمبر ٨٠٠٠ کان ٩٩٩٩ ۽ گنجائش

۴۰۰۰ رکي ويئي آهي. اهڙيءَ طرح پاڪستان ۾ ڪل پبلشرن ۴۴۲۲ ڪي ڪوڊ نمبر ڏيڻ جي گنجائش رکي ويئي آهي.

## عالمي معياري ڪتاب نمبر ۽ سنڌي اشاعتي ادارا

سنڌي ڪنڊ ۾ انگريزي راڄ شروع ٿيڻ سان ڪيترين ني تبديليون آيون، جنهن جي پويان پرنٽنگ پريس جو وڏو ڪردار هو، ۾ جيئن تہ سنڌ ۾ انگريزي راڄ ۱۸۴۳ع ۾ شروع ٿيو. انهيءَ ڪري سنڌ ۾ پريس ان ڪان پوءِ متعارف ٿي. پريس جي واهپي ڪان پوءِ سنڌ ۾ اخبارون جاري ٿيون ۽ ڪتاب ۽ رسالا شايع ٿيڻ لڳا، جن جي پويان سرڪاري مشينري جو وڏو هٿ هو. انگريزن جي راڄ جي ابتدا ڪان وٺي سنڌ ن پڄاڻي ۱۹۴۷ع تائين ڪيترائي سرڪاري، نيم سرڪاري ۽ خانگي اشاعتي ادارا وجود ۾ آيا ۽ لاتعداد ڪتاب، رسالا ۽ اخبارون شايع ٿينديون رهيون ۾ وقت سان گڏ اهي اشاعت گهر پنهنجي عروج تي پهچي بند ٿي ويا. پاڪستان ۱۹۴۷ع ۾ وجود ۾ آيو. پراڻن اشاعت گهرن جا مالڪ لڏپلاڻ ۾ ڀارت هليا ويا، جنهن ڪري اشاعتي ميدان تي اثر پيو اهو خالي ٿي ويو. انهيءَ جاءِ تي نئون ڏانچو اڏجڻ لڳو. انهي ڏس ۾ سرڪاري سطح تي سنڌ سرڪار ۱۹۵۱ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ قائم ڪيو. جنهن تماهي مهراڻ (۱۹۵۵ع ڪان) سان گڏوگڏ ڪتابن جي هڪ جامع اشاعتي رٿا جوڙي. پاڪستان پبليڪيشن اشاعتي ادارو قائم ٿيو. جيڪو ۱۹۴۷ع ڪان ماهوار نئين زندگي ۽ ٻيا ڪتاب ڪراچي مان شايع ڪرڻ لڳو. اهڙيءَ طرح سرڪاري ۽ غير سرڪاري سطح تي خانگي اشاعتي ادارا وجود ۾ آيا، جن انفرادي طور ڪتاب شايع ڪرڻ جون ڪوششون جاري رکيون. خانگي ادارن جي پويان ڪو واحد فرد هوندو هو جيڪو نہ رڳو ڪتاب خود لکندو هو ۾ ڇپائي شايع بہ پاڻ ڪندو هو. اها صورتحال مجموعي طور تي اڄ بہ قائم آهي، ۾ انهيءَ هوندي ڪي اهڙا ادارا بہ آهن جيڪو وڏي ڳاڻيٽي تي مشتمل ڪتاب شايع ڪري چڪا آهن. گذريل پنجاهہ ورهين دوران ڪيترائي ادارا وجود ۾ آيا ۽ بند ٿي ويا. اڄ ڪلهہ جيڪي نيم سرڪاري توڙي خانگي ادارا ڪتاب شايع ڪرڻ ۾ ڪوشان آهن، انهن مان ڪجهہ اهم هيٺيان آهن.

(۱) آر. ايچ . احمد حيدرآباد، (۲) آر. ايم فتح حيدرآباد،(۳) انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو،(۴) ڀٽشاهہ ڪلچرل سينٽر ڪراچي/ حيدرآباد،(۵) روشني پبليڪيشن حيدرآباد/ ڪنڊيارو، (٦) سچائي اشاعت گهر دڙو،(۷) سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد،(۸) سنڌ فرينڊس سرڪل حيدرآباد،(۹) سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن ڪراچي،(۱۰) سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو،(۱۱) سنڌي ساهت گهر حيدرآباد،(۱۲) سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي،(۱۳) سنڌي لينگوئيج اٿارٽي حيدرآباد،(۱۴) سگنڌ پبليڪيشن ڪراچي،(۱۵) سنگم پبليڪيشن ڪراچي،(۱٦) شاهہ ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد،(۱۷) عظمت ادبي اڪيڊمي حيدرآباد،(۱۸) گلشن پبليڪيشن حيدرآباد،(۱۹) محمد بن قاسم سنڌي ادبي سوسائٽي،(۲۰) مڪتبہ اسحاقيہ ڪراچي،(۲۱) منصور پبليڪيشن حيدرآباد،(۲۲) ناري پبليڪيشن حيدرآباد،(۲۳) نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد.

ڪافي ادارن ڪتابن جو هڪ سئو نمبر شايع ڪرايو آهي.انهن جي اشاعتي سلسلہ مان جن ادارن جا انگ اکر مليا آهن هيٺ ڏجن ٿا:

سنڌ الاجي ۱٦۵ ڪتاب شايع ڪري چڪو آهي؛ سنڌي ادبي بورڊ ۴۰۰ ڪان بہ وڌيڪ؛ سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو ۳۰؛ پاڪستان اسٽڊي سينٽر ۱۷؛ نيو فيلڊس حيدرآباد ۱۸۴؛ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو ۹۴؛ سنڌي ساهت گهر ۷۰ ؛ گلشن پبليڪيشن ۵۰؛ سچائي اشاعت گهر دڙو ۲۷ ۽ سنڌيڪا اڪيڊمي ۳۰ ڪتاب.

عالمي معياري ڪتاب نمبر جي حوالي سان ڏسبو تہ پاڪستان جي قومي ڪتبخاني ۳۷۳ پبلشرن کي اهو ڪوڊ نمبر الاٽ ڪري چڪو آهي، جن ۾ رڳو چار سنڌي ادارا آهن جن اهو نمبر حاصل ڪري پنهنجي اداري ۽ اشاعتن کي عالمي سڃاڻپ ڏياري آهي. انهيءَ ڏس ۾ چند پبلشرن سان جڏهن رابطو ڪيو ويو تہ انهن انهيءَ ڳالهہ کي مالي فائدي جي روءِ ڪان فائديمند نہ هئڻ ڪري اهميت نہ ڏيڻ جو خيال ظاهر ڪيو. ڪن ڳالهين تي عمل ڪرڻ سان حال ۾ نہ تہ

مستقبل ۾ فائدو ٿيندو آهي. ڇاڪاڻ جو اينڊ وقت مڪمل طور تي ڪمپيوٽرائيزڊ دور هوندو ۽ اُنهن سهوليتن سان آسانيءَ سان مقابلو ڪري سگهبو.

جن سنڌي اشاعتي ادارن هي نمبر حاصل ڪري ورتو آهي، تن جو مختصر تعارف هن ريت آهي.

## (١) سنڌي ادبي بورڊ.

سنڌ جو هاڪارو علمي ۽ ادبي ادارو سنڌي ادبي بورڊ اصل ١٩٤١ع ۾ "سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ" جي نالي سان قائم ٿيو ۽ ١٩٥١ع کان "سنڌي ادبي بورڊ" جي نالي سان موجوده ڪم شروع ڪيائين. هن اداري جو مکيه مقصد سنڌي زبان، سنڌي ادب، سنڌي ثقافت ۽ سنڌي تاريخ تي تحقيق ڪرائڻ ۽ ڪتاب ڇپائڻ آهي. هن اداري جا ٤٠٠ کان به وڌيڪ ڪتاب سنڌي، اردو، انگريزي، پارسي ۽ عربي ۾ شايع ٿي چڪا آهن. هن اداري جا ٽي مستقل رسالا مهراڻ، گل ڦل (ٻارن لاءِ) ۽ سرتيون (خواتين لاءِ) شايع ٿين ٿا.

سنڌي ادبي بورڊ کي ٠٦-٤-٩٦٩ ڪوڊ نمبر الاٽ ڪيو ويو آهي، پر ان جي ڪتابي اشاعت تي ان نمبر جي لڳائڻ لاءِ ڪابه لکپڙهه نه ڪئي ويئي آهي، جنهن ڪري سنڌي ادبي بورڊ جي ڪنهن به ڪتاب تي نمبر لڳل نه آهي. ان ڏس ۾ قومي ڪتبخاني کي فارم ڀري موڪلين ته جيئن اهو سلسلو جاري ٿئي. ناشر جي حيثيت سان هي "C" زمري ۾ اچي ٿو.

## (٢) سنڌالاجي

سنڌي ادب جو مايه ناز ادارو سنڌالاجي ١٩٦٢ع ۾ سنڌي اڪيڊميءَ جي نالي سان وجود ۾ آيو. هن اداري جو مول متو سنڌ جي تهذيب، ٻولي، ادب، تاريخ ۽ ثقافت کي اجاگر ڪرڻ آهي. هي ادارو پنهنجي اندر ۾ هڪ وسيع دنيا رکي ٿو، يعني هن سان لاڳو ڪيترا شعبا آهن، جيئن ته ميوزم، انڊس آرٽ گئلري، اينٿراپالاجيڪل ريسرچ شعبو، آڊيو وزيوئل شعبو، ريسرچ لائبريري، ڊاڪيومينٽيشن جو شعبو، بيورو آف پراڊڪشن پبليڪيشن اينڊ ٽرانسليشن. هر شعبو پنهنجي ڪارڪردگي ۾ نمايان ڪوششون ۽ مؤثر خدمتون سر انجام ڏيئي رهيو آهي. هن اداري جي بيورو آف پراڊڪشن ۽ پبليڪيشن ١٩٦٤ع کان اشاعت جو ڪم شروع ڪيو ۽ هيل تائين ١٦٥ ڪتاب سنڌي، اردو، انگريزي، پنجابي ۽ عربي زبانن ۾ شايع ڪرائي چڪو آهي. هي ادارو ڪتابن کان علاوه سنڌي زبان ۾ "سنڌي ادب" ۽ انگريزي ۾ سنڌ الاجيڪل اسٽڊيز (Sindhological Studies) شايع ڪندو رهيو آهي.

سنڌالاجي سنڌي ادب جو پهريون ادارو آهي جنهن نمبر حاصل ڪرڻ لاءِ ان ڏس ۾ سڀ کان اول قدم کنيو. ١٧ جولاءِ ١٩٨٥ ۾ قومي ايجنسي اسلام آباد کان ناشر جي حيثيت ۾ ڪوڊ نمبر ٤٠٥ حاصل ڪيو ۽ اٽڪل ٤٨ ڪتابن تي عالمي معياري ڪتاب نمبر پرنٽ ڪرائي چڪو آهي، جن ۾ ٤١ سنڌي ادب، ٢ ٻاراڻي ادب، ٤ انگريزي ۽ هڪ اردو ۾ آهي. عالمي ڪتاب نمبر لڳائڻ جي سلسلي ۾ پهرين پاڪستان جو ڪوڊ نمبر ٩٦٩، پوءِ ناشر جو ڪوڊ نمبر جاڻايو ويندو آهي. مثال طور سنڌالاجي جو ڪوڊ نمبر ٤٠٥. پوءِ ڪتاب جي اشاعت ۽ آخر ۾ چيڪ انگ لڳايو ويندو آهي سنڌالاجي جو پهريون ڪتاب جنهن تي هي عالمي معياري نمبر ١-٠٠٠-٤٠٥-٩٦٦ پرنٽ ڪيو ويو آهي. آغا سليم جو ڪتاب "پناهه" آهي. هي ادارو ناشر جي حيثيت سان "C" زمري ۾ اچي ٿو.

## (٣) پاڪستان اسٽڊي سينٽر

سنڌيونيورسٽي سان منسلڪ هي هڪ تعليمي ۽ تحقيقي ادارو آهي، جنهن جو سڌو سنئون تعلق يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن اسلام آباد سان آهي. هي ادارو ١٩٧٤ع کان ڪم ڪري رهيو آهي. هن اداري جا اهم مقصد مٿينءَ سطح تي پاڪستان جي باري ۾ سکيا ۽ تحقيق جي همت افزائي ڪرڻ ۽ ايم. اي، ايم. فل ۽ پي. ايڇ. ڊي ڊگرين جا پروگرام ڪرائڻ، ڪانفرنسون، سيمينار، ريفريش ڪورس منعقد ڪرائڻ ته جيئن پاڪستان جي باري ۾ تحقيق ۽ تعليم

جو واڌارو ٿئي. هي ادارو ۸۵-۱۹۸۴ع کان پاڪستان جي مطالعي ۾ ايم. اي جي تعليم ڏيئي رهيو آهي. هن اداري جي نمايان ڪوشش ۾ ان جو ڇپيل مواد پڻ آهي. هي ادارو ۱۹۷۷ع کان هڪ تحقيقي جرنل "Grass-Roots" شايع ڪندو آهي. انهي کانسواءِ پاڪستان ۽ سنڌ جي موضوعن تي مشتمل تقريباً ۱۷ ڪتاب شايع ڪرائي چڪو آهي، جن مان ۷ ڪتابن تي عالمي معياري ڪتاب نمبر (ISBN) ڇپيل آهي. هن اداري مارچ ۱۹۹۱ع ۾ ڪوڊ نمبر ۸۱۳۵ - ۹۶۹ حاصل ڪيو. ناشر جي حيثيت سان "D" زمري ۾ اچي ٿو.

## (۴) سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد

هي ادارو ۱۹۹۰ع ۾ سنڌي لئنگويج اٿارٽي يا "سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو" جي نالي سان قائم ڪيو ويو. هن اداري جي انتظامي جوڙجڪ لاءِ ۱۸ ميمبر آهن، هڪ چيئرمن، ۵ سرڪاري ميمبر ۽ ۱۲ غير سرڪاري ميمبر. ان کان سواءِ هڪ اڳواڻ ڪميٽي آهي جيڪا انتظامي ۽ مالي فيصلا ڪندي آهي. هن اداري جو اهم مقصد ۽ ڪم آهي سنڌي ٻولي جي ترقي لاءِ طريقا ۽ ذريعا سوچڻ ۽ قومي ايڪي، اتفاق ۽ لساني ترقي ۽ قومي مفاهمت ۽ اتحاد وارا مقصد حاصل ڪرڻ. هي ادارو هيل تائين ۳۰ ڪتاب شايع ڪري چڪو آهي ۽ هڪ خبرنامو "سنڌي ٻولي" نالي سان به شايع ڪندو آهي.

هن اداري عالمي معياري ڪتاب نمبر ۸۱۹۴-۹۶۹ جولاءِ ۱۹۹۲ع ۾ حاصل ڪيو. پر اهو نمبر رڳو هڪ ڪتاب تي پرنٽ ڪيو ويو آهي. هي ادارو ناشر جي حيثيت سان "D" زمري ۾ اچي ٿو.

## عالمي نمائندگي / سڃاڻپ:-

"عالمي معياري ڪتاب نمبر حاصل ڪرڻ مان ڪيترائي فائدا آهن، جيئن ته پبلشر ڪي قومي ۽ بين الاقوامي سطحن تي ڪتابي مواد جي ڄاڻ رهي ٿي. ان کان علاوه. اڄ جو دور نمائندگي جو دور آهي، ان لاءِ جڏهن قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي ملڪ، اداري ۽ ڪتاب جي سڃاڻپ ڪرڻ لاءِ سڃاڻپ جا نمبر حاصل ٿين ته اهڙي سڃاڻپ کان پري ڇو ٿجي. عالمي ايجنسي هر سال ملڪن ۽ ادارن جي عالمي سطح تي ڊاريڪٽري (Directory) ڇپائي ٿي، پوءِ ڇو نه اهڙي بين الاقوامي نمائندگي واري سڃاڻپ لاءِ به قدم اڳتي وڌجي.

## مواصلاتي سهوليت :

اڄ جو زمانو ٽيڪنالاجي ۽ مشيني دور آهي، هر شئي مشينن جي ذريعي جلد از جلد هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين پهچائي وڃي ٿي. اڳي ڪنهن خبر کي ٻئي هنڌ تائين پهچائڻ لاءِ وقت درڪار هوندو هو پر هاڻي معلومات هزارين ميلن تي سيڪنڊن ۾ پهچي سگهي ٿي، جنهن ۾ سٽيلائٽ، فئڪس مشين، ڪمپيوٽرس نيٽ ورڪس، ڪمپيوٽر آن لائن (On line) جهڙن طريقن سان سيڪنڊن ۾ پهچائي وڃي ٿي. مشين جي استعمال سان مواصلاتي نظام، گهٽ ۾ گهٽ اکرن ۽ انگن جي ڪوڊ نمبرن ۾ فراهم ڪئي وڃي ٿي. مثلاً عالمي معياري ڪتاب نمبرجي ذريعي ملڪ، اداري ۽ ڪتاب جي معلومات ملي ٿي. اهڙن معياري انگن واري طريقي کي ڪتب هيٺ آڻجي، جيئن اڄ جي جديد ٽيڪنالاجي سان به ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلي سگهجي ۽ انهن سهوليتن مان فائدو وٺجي.

## ڪمپيوٽر جو عمل :

ڇا زندگيءَ جو ڪو اهڙو شعبو بچيو آهي جنهن ۾ ڪمپيوٽر جو دخل نه هجي؟ هن ايجاد زندگيءَ جي هر شعبي تي پنهنجو ڏاڪو ڄمايو آهي، پوءِ اهو ڪتابي دنيا سان تعلق رکندڙ ڇو نه هجي. ڪتاب جي تياري، ڇپائي، وڪري ۽ پڙهندڙ جي هٿن تائين جلد پهچائڻ ۾ ڪمپيوٽر چڱو نڀايو آهي. ڪمپيوٽر ڪتاب جي مڪمل معلومات صرف عالمي ڪتابي نمبر سان ڏيئي سگهي ٿو ۽ جلد تلاش ڪري ٿو؛ بلڪ عالمي سطح تي ڊيٽا بيس (Data Base) جي تنظيم ڪرڻ ۾ سهوليت ٿئي ٿي.

## تحقيق ۾:

اڄ جي جديد ٽيڪنالاجي محققن لاءِ تحقيق جون اهڙيون ته سهولتيون ميسر ڪيون آهن جو اڳي محقق کي جتي ڪئين سال نتيجو اخذ ڪرڻ ۾ لڳي ويندا هئا، اتي هاڻي هو آساني سان پنهنجي تحقيق کي جلد از جلد مڪمل ڪري سگهي ٿو. بشرطيڪ ان لاءِ اهي سهولتيون ميسر هجن،. انهن سهوليتن ۾ ڪمپيوٽر جي ذريعي حوالاجاتي خدمتون جن ۾ ڪيٽلاگ (Catalogues)، ڏسڻيون (Index)، ڪتابن جون فهرستون (Bibliographies)، رسالن جون داخلاتون (Cardex) وغيره شامل آهن. انهن خدمتن ۾ ISBN اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. محقق وقت وڃائڻ کان سواءِ پنهنجيءَ منزل تي آساني سان پهچي وڃي ٿو.

## ڪتابي تجارت:

پبلشر هن "عالمي معياري ڪتاب نمبر" سان پنهنجي اداري ۽ ڪتاب جي سڃاڻپ رکي ٿو. هن نمبر جي ذريعي پبلشر ۽ ڪتابن جو وڪرو ڪندڙ جي وچ ۾ با ڪفايت ۽ قابل فهم ڏي وٺ رهي ٿي. اڪثر Fax مشين جي ذريعي قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي ڪتابي تجارت جو سلسلو جاري رهي ٿو.

## لائبريري تنظيم :

لائبررين کي پڻ ISBN نمبر جي ڪري روزانه ڪمن جهڙوڪ ڪتابن جي چونڊ، ڪتابن جو آرڊر نمبر سان ڏيڻ، بل ناهڻ، اسٽاڪ تي ڪنٽرول ڪرڻ، ڪارڊ ناهڻ، لسٽون تيار ڪرڻ ۽ ان جي استعمال ۾ سهوليت ٿئي ٿي. انهن مقصدن ۽ فائدن کي نظر ۾ رکندي دنيا جا ڪيترائي وڏا ادارا هن نظام هيٺ پنهنجو ڪم هلائي رهيا آهن. جيئن ته نيدرليند ۾ ڊچ بڪ هائوس، سويڊين ۾ مسيلنگ ايند ڪمپني، ڏکڻ آفريڪا ۾ نيشنل يونين ڪيٽلاگ آف مونو گرافز ۽ آسٽريليا جي نيشنل لائبريري ڪارڊ سروس جي طور تي هن نمبر کي استعمال ڪن ٿا.

هن مضمون جي وسيلي مان سنڌ جي سڀني اشاعتي ادارن کي گذارش ڪندس ته هو آئنده پنهنجي ڪتابن جي فهرست کي جديد طرز تي ISBN نمبر ۽ سال سان شايع ڪن، جيئن ڪتاب خريد ڪندڙ، پڙهندڙ ۽ تحقيق ڪندڙ کي جلد معلومات ملي ۽ آساني رهي.

طريقه ڪار:-جيڪڏهن ڪو پبلشر عالمي معياري ڪتاب نمبرحاصل ڪرڻ چاهي ته پهرين ان کي "ڪوڊ نمبر" حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست فارم پري "نئشنل لئبرري" اسلام آباد کي موڪلڻو پوندو. جڏهن ڪيس ڪوڊ نمبر الاٽ ڪيو ويندو ته پوءِ پبلشر کي پنهنجي هر اشاعت جي لاءِ فارم ب، جيڪو ڪتاب جي معلومات متعلق آهي، اڳين ڇپيل ڪتابن جي نمبر حاصل ڪرڻ لاءِ فارم الف پري قومي ايجنسي اسلام آباد ڏانهن موڪلڻو پوندو. اهي فارم نموني طور هن مضمون ۾ ڏنا وڃن ٿا.

### فارم نمبر I- (الف)

پبلشر جو نالو ۽ مڪمل پتو.---------------

ڪوڊ نمبر -------- 969

(اڳئين شايع ٿيل ڪتابن لاءِ معلوماتي فارم.

مهرباني ڪري هر ڪتاب جي هر ايڊيشن لاءِ الڳ فارم استعمال ڪريو)

١. ڪتاب جو مڪمل عنوان ÷ ٽائيٽل.

٢. ڪتاب جي اصل مصنف جو ( يا مصنفن جا) مڪمل نالا.

٣. ڪتاب جي مترجم /مرتب / ايڊيٽر جو مڪمل نالو.

٤. سن اشاعت.

٥. سائيز

٦. صفحا.
٧. تصويرن ۽ نقشن بابت تفصيل
٩. قيمت.
٩. جلد بندي /پيپر بئڪ)
١٠. ڪيتري تعداد ۾ ڇاپيو ويو.
١١. ڪهڙي ٻوليءَ ۾ لکيو ويو.
١٢. ڇا اسٽاڪ ۾ موجود آهي.
ايڊيشن مان مراد اهڙي اشاعت آهي جنهن ۾ ڪتاب جي مواد يا ڇپائيءَ جي طرف ۾ ڪا تبديلي ڪئي ويئي هجي. نوٽ: معلومات مڪمل نه هئڻ جي صورت ۾ نمبر جاري نه ڪيو ويندو.
جاري شده آئي ايس بي اين ISBN 969

دستخط
نا لو- عهدو
تاريخ

## فارم نمبر 2 (ب)

پبلشر جو نالو ۽ ايڊريس ----------------
ڪوڊ نمبر -----------------969
زير طبع آئنده شايع ڪرڻ واري ڪتاب لاءِ معلوماتي فارم
(مهرباني ڪري هر ڪتاب جي لاءِ الڳ فارم استعمال ڪريو)
١. ڪتاب جو مڪمل عنوان ( ٽائيٽل)
٢. ڪتاب جو اصل مصنف يا (گهڻا مصنف) مڪمل نالا ----------
٣. مترجم /مرتب / ايڊيٽر جو نالو ---------
٤. اشاعت جو سال -------------
٥. ايڊيشن. ----------------
٦. سائيز. -------------
٧. صفحا. -------------
٨. قيمت. ---------------
٩. جلد بندي (جلد سان / پيپر بيڪ) ----------------
١٠. ڪتاب ڪهڙي زبان ۾ لکيو ويو آهي. -------------
١١. ڪيتري تعداد ۾ شايع ڪرڻ جو پروگرام آهي. ----------
ايڊيشن مان مراد اهڙي اشاعت آهي جنهن ۾ ڪتاب جو مواد يا طرز طباعت ۾ ڪا تبديلي ڪئي ويئي هجي.
نوٽ:- معلومات مڪمل نه هئڻ جي صورت ۾ آئي ايس بي اين نه ڏنو ويندو.
آئي ايس بي اين نمبر ISBN 969

"هن وقت ادب جي ٻين صنفن بنسبت افساني جي وڏيڪ مقبوليت جو هڪ وڏو سبب هيءُ بہ آهي تہ اڄ افراتفريءَ ۽ ڪشمڪش واري زماني ۾ جڏهن سائنسي ايجادون انسان کي سک ۽ آرام ڏيڻ سان گڏ مڪمل تباهيءَ جا خطرا پڻ ڏيئي رهيون آهن ۽ انسان جو دماغ موجوده حالتن جي زير اثر اهڙو تازو توانو نہ رهيو آهي، جو هو خشڪ فلسفي يا اخلاقيات جي ٺلهيءَ نصيحت مان جمالياتي تسڪين حاصل ڪري سگهي. تڏهن ادب ۾ هڪ نئين صنف ايجاد ڪئي ويئي آهي، جنهن ۾ مختصر طور دلڪش انداز ۾ انساني زندگيءَ سان واسطو رکندڙ ڪم وبيش هر موضوع پيش ڪيو وڃي ٿو. فلسفي ۾ رڳو انساني حياتيءَ جي ڪن دقيق مسئلن تي روشني وڌل هوندي آهي ۽ مذهبي ڪتابن ۾ وري آدرشي نظريءِحيات پيش ڪيل هوندو آهي، پر افساني ۾ اختصار جي باوجود اسان جي حقيقي زندگيءَ سان واسطو رکندڙ آسن ۽ اميدن، امنگن ۽ آرزوئن جي دل کي ڇُهندڙ انداز سان اپٽار ڪيل هوندي آهي.. اهوئي سبب آهي جو هر دور جي ٻين صنفن بنسبت قصن ۽ ڪهاڻين جي پڙهڻ جي شائقين جي اڪثريت رهي آهي."

-ثميره زرين

# ڪهاڻيون

مون کي صنم وٽان هٽائڻ جو سندس اهو انداز بنهه نه وڻيو. هميشه جيان فوزيا منهنجو جائزو وٺندي پڇيو: "ڇپري ڊزائنر سان تنهنجي اينٽري ڏيکڻ جو مطلب؟"

"مان پنهنجي ڊائريڪٽر صاحب جي Wife مرجان لاءِ هن کي ڪجهه اسپيشل سُوٽن جو آرڊر ڏيڻ جو ارادو رکان ٿو." مون ڪوڙ هنيو.

هن پيهر منهنجين اکين ۾ نهاريو ۽ چيائين: "هلو، هلون... مون کي ڪوني سوٽ پسند ڪونهي، ڊائريڪٽر جي زال وري ڪهڙا سوٽ پسند ڪندي." ! پنهنجي ان رويي سان هن مون کي قطعي حيران نه ڪيو. مون کي هن جي خبر هئي. هوءَ انتهائي شڪي ۽ اعتبار نه ڪرڻ واري شخصيت جي مالڪ هئي. هن کي هميشه منهنجي ڪٿي نه ڪٿي وڃانجي وڃڻ جو خدشو لاحق رهندو هو، تنهن ڪري هوءَ مون تي ائين نظر رکندي هئي جيئن ماءُ پنهنجي ٻي سمجهه ٻار تي رکي.

اڪثر آفيس مان دير سان موٽڻ تي، موڪلون گهر تي نه گذارڻ تي يا شامون وي. سي. آر اڳيان گذارڻ تي اسان جا سنها ٿلها جهيڙا ٿيندا رهندا هئا. فوزيا جو خيال هوندو هو ته شام جو مان ڪيس هڪ Duitiful مرد جيان گاڏيءَ ۾ ويهاري ڪنهن نه ڪنهن هوٽل تي وٺي ڊنر کاوان يا هر موڪل جي ڏينهن ڪٿي نه ڪٿي گهمجي.

شاديءَ ۾ هن جي ڪروڙپتي پيءُ مون کي سجيل ۽ پريل شاهي فليٽ ۽ ڪار سان گڏ هوءَ به گفٽ ڪئي هئي ۽ مون کي هر پيري محسوس ٿيندو هو ته گفٽ ٿيل سمورين شين ۾ آن-فٽ شيءِ رڳو فوزيا ئي هوندي هئي.

اسان بيٺي ڇپ چاپ هلندا قيمتي فرنيچر سان سجيل هوٽل جو وسيع عريض لائونج ٽپندا ميوزڪ هال ڪان ٿيندا شيشي جي گيٽ ڏانهن وڌياسين. ميوزڪ هال ۾ ڪافي غير ملڪي جوڙا ڇپ چاپ اڳيان گلاس رکي سرڪيون پري ۽ هڪ ٻئي ڏانهن نهاري رهيا هئا.

اسان کي ڏسندي ئي ٻوٽل گيٽ ڪيپر وڏي دروازو کوليو ته ڪراچيءَ جي گهميل ۽ گرم هوا، جنهن ۾ ٽريفڪ جو دونهون به شامل هو، منهنجي منهن کي ساڙڻ لڳي.

شاهراه فيصل جي ڊبونل ڪيرج وي تان روشنين ۽ دونهين جي درياهه مان سوين گاڏيون پار ٿي رهيون هيون. شام رات ۾ بدلجي چڪي هئي، هزارين جوڙا ڪل خوشيءَ ۾ مگن گاڏين ۾ وڃي رهيا هئا. مون کي لڳو ته هڪ مان ئي هئس، جنهن کي اهڙي خوشي ميسر نه هئي. دنيا جون سموريون مادي گهرجون مهيا هوندي به هيڏي وڏي شهر ۾ مان جڻ اڪيلو ۽ اداس.

ان شام گاڏيءَ جي پوئين سيٽ تي ويهندي مون سوچيو ته فوزيا ۽ مان ڪڏهن به نه ٺهي سگهنداسون. اسان جي وچ ۾ اڻ ٻڌت جا اوچا پهاڙ قائم ٿي چڪا هئا. ڊرائيور گاڏيءَ جا دروازا بند ڪيا ۽ پوءِ سيٽ تي ويهي ڪلچ تي زور ڏنو چابي سئچ ۾ ڦيرائي زززززززززز زون زون...... گاڏيءَ جي انجڻ اسٽارٽ ٿي ويئي، ته هن گيئر هنيو ۽ ڪلچ تي زور ڏيڻ ۽ايڪسيليٽر تان زور گهٽائڻ شروع ڪيو ۽ اسان جي گاڏي به ان وهڪري ۾ وهڻ لڳي. فوزيا ۽ مان ٻنڪ سيٽ تي ويٺي به ڳالهائڻ بجاءِ درين کان هيڏانهن هوڏانهن نهاري رهيا هئاسون. اسان ٻنهي کي اندر ۾ هَٽ پريل هو، هڪ ٻئي سان ڪا به دلچسپي نه رهي هئي. گاڏي هلندي هلندي بلوچ ڪالونيءَ پرسان ٿيندي 'سبزه زار' ٿو جي سامهون ڪابي طرف مڙي ويئي ۽ هڪ اپارٽمينٽ جي احاطي ۾ گهڙي رڪجي ويئي.

اپارٽمينٽ جي ويڪري پٽر ۾ بيٺل ڪئين گاڏين پرسان بيٺل اسان جي گاڏيءَ مان فوزيا پنهنجو پرس ڪٿي لٿي ۽ مٿي وڃڻ لڳي. مان ڊرائيور کي ڪجهه هدايتون ڏيئي اڃان، تيستائين فوزيا جي پينسل هيل جي ٺڙڪ ٺڙڪ مون کان ڪافي دور ٿي ويئي. بلاڪن جا ڪافي ماڻهو پنهنجين زالن ۽ ٻارن سان اچي وڃي رهيا هئا، گهماگهمي متل هئي.

مان اڪيلو هلندو هلندو چاڙهيون چڙهي فليٽ ۾ پهتس ته فوزيا جون رڙيون منهنجي ڪنن سان ٽڪرايون. هوءَ بورچيءَ تي ڪاوڙ چنڊي رهي هئي. منهنجي نرڙ تي گهنج اچي ويا. ’هيءَ عورت نه پاڻ سک سمهندي ۽ نه وري ٻين کي سک سان رهڻ ڏيندي!‘ مون سوچيو ۽ سڌو بيڊ روم ڏانهن هليو ويس. دروازو بند ڪري مون اي-سي. هلايو. ٿڌيءَ هوا جو لهرو آهستي آهستي ڪمري کي خوشگوار بڻائڻ لڳو. مان باٿ روم ۾ هليو ويس. هٿ منهن ڌوئي ٽوال سان اُگهيم. ٻاهر نڪتس، الماريءَ مان وهسڪيءَ جي بوتل، سوڊا ۽ ڪرسٽل جو هڪ گلاس ڪڍي ٽيبل تي رکيم ۽ بيل وڄايم. بورچي آيو ته کيس برف آڻڻ لاءِ چيم. مان پيگ پيري ڍڪ پريو ته احساس جي شدت ۾ ڪمي آئي. ٽيپ رڪارڊ کي پلي ڪيم: جگجيت سنگهه ڳائي رهيو هو.

فوزيا مون سان ڇهن مهينن کان وڙهي اٺين ڪري رهي هئي. جڏهن کان منهنجي Steno مس آسيا منهنجي گهر اچڻ شروع ڪيو هو. مس آسيا لياريءَ جي ڪنهن غريب گهر ۾ رهندي هئي. هن جو نڪ ٿلهو، چپ ٻيڊولا، وار وٽيل، ٻت مضبوط ۽ رنگ شيدين جهڙو ڪارو هئس. هن ۾ اهڙي ڪابه ڳالهه نه هئي جو هو ڪنهن جي به ڌيان جو مرڪز بڻجي.

هن جي انتهائي غريبيءَ جي خبر مون کي تڏهن پيئي جڏهن هن جو والد گذاري ويو ۽ آفيس جا ڪجهه ملازم مون وٽ آيا ۽ مون کي مس آسيا جي نه اچڻ جو سبب ٻڌائڻ کان پوءِ مون کان آفيس جي ويگن گهريائون ته جيئن اُهي آسيا جي والد جي آخري رسمن ۾ شريڪ ٿي سگهن.

مون نه رڳو کين ويگن ڏني پر پاڻ به شريڪ ٿيڻ لاءِ جڏهن آسيا جي غريب وستيءَ جون گند پريل گهٽيون مٽيندو اتي پهتس ته مون کي خبر پئي ته آسيا انتهائي بدحاليءَ واري ماحول ۾ رهندڙ هئي. مون کي ڪنهن ٻڌايو ته هن جو پيءُ مزدور هو ۽ وڏو ڀاءُ هيروئن پيئندو هو ۽ آسيا مٿان پيراسائيٽ هو. آسيا جي تمام پوڙهي ماءُ پنهنجي مڙس لاءِ ٻاڪارون ڪري روئي رهي هئي. هن جو ڀاءُ آسيا جي سڄي مهيني جي پگهار مان ڳپل حصو وٺي ويندو هو ۽ اٺين هو ڪسمپرسيءَ واري حالت ۾ گذاري رهيا هئا.

مون کي خبر پيئي ته آسيا جي ڪچي گهر جي اڱڻ ۾ چنل کٽ تي پيل سندس پيءُ جي جنازي لاءِ ڪفن دفن جا به پئسا نه هئا ۽ سندس پاڙي جا ماڻهو چندو گڏ ڪري رهيا هئا! اهو ٻڌي مون کي ڏاڍو افسوس ٿيو. مون آسيا کي گهرائي پنهنجي پرس مان پنج هزار روپيا ڪڍي کيس ڏنا ته هوءَ پهرين ته وائڙي ٿي وئي ۽ مون کي پئسا واپس ڪرڻ لڳي. منهنجي زور پرڻ تي هن نيٺ ان مان به هزار روپيا کنيا ۽ ٽي هزار موٽائي ڏنا. ڏک کان هن جون اکيون رُنل پنل هيون ۽ منهنجي ان مدد جي ڪري هوءَ وڌيڪ جذباتي ٿي روئڻ لڳي ۽ مون کي چيائين: ”صاب! اوهان جو هيءُ احسان مان زندگي ڀر نه وساري سگهنديس.“

مون سگريٽ دکايو ۽ ڊرائيور کي آفيس هلڻ لاءِ چيم. ’زندگي ڪيڏي نه ڏکاري آهي‘. ان جو احساس ان ڏينهن ٿيو هئم. ’ماڻهو ڪيئن نه غربت ۾ گذارين ٿا . مون کي تعجب ٿي رهيو هو.

ان کان پوءِ آسيا هڪ ڏينهن پنهنجي پگهار مان پائي پائي بچائي ڪپڙن جو هڪ وڳو وٺي ان تي پرت ڀري شام جو گهر تي منهنجي زال لاءِ کڻي آئي. هن شايد ان طريقي سان منهنجو مٿس ڪيل احسان هلڪو ڪرڻ ٿي چاهيو. فوزيا کيس ڏسندي ئي پهرين ته حيران ٿيڻ لڳي.

"Who is she"؟ هن انڪوائر ڪندي منهنجي اکين ۾ نهاريو ۽ اتي ڪجهه ڳولڻ لڳي. مون آسيا لاءِ چانهه نهرائي. اسان چانهه پيتي ۽ آسيا مون کي منهنجي زال لاءِ آندل گفٽ ڏني. ”سَر! هي مون ڀاڀي لاءِ ٺاهيو آهي.“ هن جي اکين ۾ خلوص جي چمڪ هئي. مون سندس محنت جو قدر ڪندي کيس به هزار ڏنا جيڪي هن نه کنيا ته مون

زوريءَ سندس هٿ ۾ ڏنا. هوءَ حيران ٿي اپارٽمينٽ جون چاڙهيون لهي ويئي.

فوزيا جي نرڙ تي گهنڊ هو ۽ هن منهن سُجائيندي چيو: "ٺيڪ آهي، تنهنجي آفيس ۾ اسٽينو آهي، پر ان جو مطلب اهو نه ڪونهي ته هوءَ اسان جي گهر اچڻ لڳي ۽ اسان سان اينٽري گهري ٿي وڃي."

مون فوزيا جي اکين ۾ نهاريو. ان محل هن جون نظر جو چشمو پاتل اکيون عورتاڻي خودغرضيءَ جي اڇي ڪفن ۾ ويڙهيل هيون. عورت جيڪا سڀ ڪجهه آهي، تنهن پنهنجي وجود کي ڪيترو نه هيٺ ڪيرائي ڇڏيو هو. عورت جيڪا 'ميل شاونزم' جي وبا کان متاثر ٿيڻ جي ڳالهه ڪري ٿي، مون کي پنهنجي ئي گند جي ڍُيڻ ۾ ڪِريل نظر آئي. فوزيا مون تي شڪ ڪري رهي هئي. هن ان رات مون سان ڏاڍو جهيڙو ڪيو. آسيا جي محنت ۽ خلوص جو جنازو ڪڍڻ لاءِ هن ڪيس گفٽ ڪيل وڳو ڪچن ۾ وڃي ڪُڪنگ رينج جي مٿان رکي ساڙيو ۽ مون کي عورتن ڦاسائڻ جا الزام مڙهي آئينده سُڌري هلڻ لاءِ چيائين.

هوءَ عورتن جي تنظيم جي سرگرم ڪارڪن هئي ۽ عورتن جي حقن ۽ دلچسپين لاءِ وڙهي رهي هئي، پر ٻيءَ عورت کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نه هئي!

اُها سڄي رات مون کي ننڊ نه آئي. مون سڄي رات سگريٽ پيئندي پيئندي ۽ جاڳندي گذاريو. اسان جي شاديءَ کي چار سال ٿي ويا هئا، پر اسان کي ڪوبه ٻار وغيره نه ٿيو هو. هونئن اسان جا جنسي تعلقات به ڪي خاص ۽ مطمئن ڪندڙ نه هئا. جڏهن کان فوزيا کي اهو احساس ٿيو هو ته هوءَ مون منجهان ڪو ٻار پيدا ڪرڻ جي لائق ناهي يا مان ڪيس ٻار ڏيڻ جي قابل ناهيان ته هوءَ ان ڏينهن کان وڌيڪ جيلس ٿي ويئي هئي. ماڻهو شايد عمر گذرڻ سان وڌيڪ ساڙو ۽ سائڪوپيٽ ٿي ويندا آهن. وڌيل عمر انهن کي شايد احساس کان عاري، خود غرض، ٿڌو ۽ يخ بڻائيندي ويندي آهي. ان جو احساس تڏهن مون کي شدت سان ٿيندو هو.

اسان جي گهر ۾ سواءِ اي- سي جي زان زان جي ۽ سواءِ ڪچن جي Exhaust فين جي دروازن جي چيڪاٽن جي، ديگڙين ۾ چمچن ٺڙڪڻ جي يا وري اسان جي وڙهڻ جي يا فوزيا جي دڙڪن جي، جن جو نشانو اڪثر نوڪر ٿيندا هئا، ٻيو ڪوبه آواز نه هوندو هو. جنهن سان زندگيءَ جي هجڻ جو احساس جاڳي. سڄي اپارٽمينٽ جي تقريباً سمورن فليٽس مان ٻارن جي روئڻ، کلڻ ۽ هونگڙين جا آواز ايندا هئا، پر اسان جي گهر ۾ ڪا رونق نه هئي، ڪا چينجنگ نه هئي، ڪائي زندگي نه هئي، ڪائي نواڻ نه هئي، ڪوئي موضوع نه هو، ڪوئي ڊائيلاگ نه هو، ڪائي تفريح نه هئي. اسين به جڻا، اي- سيءَ جي ٿڌاڻ پريل بيڊ روم ۾ روم فريشنر جي خوشبوءِ ۾ پرفيومس لڳل اجرا ۽ مهانگا ڪپڙا پاتل، ڏوتل پوتل ٻه جسم، جيڪي هڪ ٻئي لاءِ اجنبي بڻيل هئا. ٻه يخ جسم، جن جو هڪ ٻئي سان ڪو ڊائيلاگ مڪمل نه ٿي سگهندو هو. فوزيا ۾ نه گرمي هئي ۽ نه حرڪت!

هڪ ڏينهن مان پنهنجي آفيس جي فائيلن ۾ گم نوٽنگ ۽ ڊرافٽنگ ۾ مصروف هئس ۽ آسيا پنهنجي پين ۽ بڪ سان منهنجي ڊڪٽيشن جو انتظار ڪري رهي هئي ته انٽر ڪام جي رنگ وڳي. پي. اي چيو: "سر! مِس صنم آفاق اوهان سان ڳالهائڻ چاهي ٿي." مون کي اهو نالو Striking ڪندڙ ته لڳو، پر ڳالهه ياد نه آئي، سو بهرحال مون ڪيس فون ملائڻ لاءِ چيو. صنم مون کي ياد ڏياريو ته مون سندس فون ڪرڻ لاءِ سندس مهرباني مڃي ۽ ڪيس ٻئي ڏينهن آفيس اچڻ لاءِ چيم.

صنم ۽ مون کي ملندي ڪافي مهينا ٿي ويا. منهنجي زندگيءَ ۾ هاڻ نواڻ اچي چڪي هئي. اسين پيئي شامون ۽ پوءِ اڪثر راتيون به گڏ گذارڻ لڳاسون. ٻئي طرف فوزيا ۽ منهنجا تعلقات وڌيڪ بگڙجڻ لڳا. اڪثر صبح جو مان جڏهن پنهنجي اپارٽمينٽ ۾ آفيس لاءِ تيار ٿيڻ لاءِ پهچندو هئس ته هوءَ دروازو کوليندي ئي مون سان وڙهڻ لڳندي هئي.

موٽندي هئي.

ان ڏينهن مينا بازار جو آخري ڏينهن هو ۽ هفتي جو به آخري ڏينهن. شام ٿيندي ئي فوزيا معمول جيان گهران وينئي هلي ۽ رات دير سان اچڻ لاءِ ٻڌائي ويئي. مان شام جو ننڊ مان اٿيس ته نئين بورچيءَ کي ڪافي ناهڻ لاءِ چيم. جنهن کي اچا به هفتا مس ٿيا هئا. اخبار کڻي ايزي چيئر تي وينس ته ڪجهه دير کان پوءِ صنم جو فون آيو. هن کي خبر هئي ته فوزيا منهنجي زال ليڊيز ڪلب طرفان بزي هئي، ان ڪري هن ڊنر گڏ ڪرڻ لاءِ چيو. مان به اڪيلو ۽ واندو هئس سو صنم کي اچڻ لاءِ چيم.

ڪلاڪ کن کان پوءِ هوءِ پنهنجي گاڏيءَ ۾ پهتي. هوءَ مسڪرائي رهي هئي. هن جي اکين ۾ ڪامڻ هئا ۽ چهري تي خوبصورتيءَ سان گڏ هلڪي ميڪ اپ جو تَهه به. مون بورچيءَ کي ماني ناهڻ لاءِ چيو ۽ اسين بيڊ روم ۾ وڃي ويناسون. اي-سيءَ جي ٿڌ ۾ اسين ڪافي وقت ڳالهائيندا رهياسون. اسان جا ٽمڪ ٿڌين پٽين سان ٽڪرائجي ضم ٿي رهيا هئا. صنم ۽ مان تمام گهڻو خوش هئاسون. مون سوچيو ڪاش! منهنجي شادي صنم سان ٿئي ها ته ڪيڏو نه چڱو ٿئي ها. اسان جو جوڙو ڪامياب ترين هجي ها، ۽ اسين جڏهين زندگيءَ جي بي مقصد منزلن طرف هٽ هٽ ۾ جهلي هلون ها ته ان جي تلخي نڙيءَ ۾ ڪڏهن به محسوس نه ٿئي ها.

ان محل صنم ۽ مان تمام ويجهو هئاسين. هڪ ٻئي جي جسمن تي لڳل بادي لوشن جي خوشبوءِ دماغ کي روشن بنائي رهي هئي. جڏهن اسان جي نئين بورچيءَ اچي ناڪ ڪيو ته اسين ٻئي چپ ٿي وياسون.

"سائين! اوهان جي ڪا مهمان آئي آهي." ٻاهران بورچيءَ جو آواز آيو.

"مهمان!" مون حيران ٿيندي صنم ڏانهن ڏٺو، جيڪا هاڻ بيڊ جي ڪنڊ ۾ ڪمبل ويڙهي ويٺي هئي ۽ مون ڏانهن غور سان نهاري ۽ ڪجهه سوچي رهي هئي. هن جي اکين ۾ ڪا سوچ هئي.

"سائين نالو پڇي اچانس؟"

"اڙي جٽ نالو ته پهرين پڇبو آهي." مون ڪڪ ٿيندي چيو.

"مان پڇي اچانس سائين."

"نه نه، بس مان اچان ٿو." مون چيومانس ۽ قميص پائيندي صنم کي چيم، "چوي ٿو ته ڪا ڇوڪري مهمان آئي آهي. الائجي ڪير آهي، ڏسي ٿو اچانس..." صنم جي اکين ۾ سخت ڪاوڙ هئي پر تڪڙ ۾ مان صورتحال کي نه سمجهي سگهيس.

"What nonsense is this" پويان صنم خفا ٿيندي ڳالهايو.

"Just coming please" مون ٻنان پويان نهارڻ جي چيو ۽ دروازو کولي نڪري ويس.

هيٺ آيس ته ڊرائنگ روم ۾ منهنجي Steno مس آسيا ويٺي هئي. هن جي چهري تي اداسيءَ ۽ پريشانيءَ جا ڪکر هئا.

"خير ته آهي مس آسيا." مون پڇيومانس.

"سر! مان سخت پريشان آهيان. توهان کي هن وقت تڪليف ڏيڻ لاءِ معافي. منهنجو وڏو ڀاءُ گذاري ويو آهي." آسيا جي اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي ويا.

"اوهه! ويري سيڊ!" منهنجي وات مان نڪتو.

"خميسا"! مون بورچيءَ کي سڏ ڪيو، "مس آسيا کي چانهه پيئار."

"نه سر! مهرباني." آسيا چيو. هن جي اکين مان گونگا ڳوڙها وهڻ لڳا، جيڪي هوءِ پنهنجي رئي سان اگهڻ

لڳي.

مون سوچيو ته آسيا مدد لاءِ آئي آهي ۽ ان جي مدد ڪرڻ کپي. هڪ لاوارث ڇوڪري، جيڪا سڄي گهر جي چرخي کي هلائي ٿي، ظاهر آهي ان وٽ اينتري پونجي ڪٿان هوندي جو هوءِ پنهنجي مري ويل هيروئني پاءُ جي لاش کي ڪفن دفن ڪرائي.

"It's very sad Miss Asia!" مان ڏسان ٿو." مون چيو ۽ مُڙي دروازي مان نڪتس ته صنم کي ايندي ڏٺم.

"ڇو ڇا ٿيو صنم؟"

"توهان جيڪا منهنجي بي عزتي ڪئي آهي، سا مون کي ڪڏهن به نه وسرندي. جيڪڏهن پيءُ کنهن کي ٽائيم ڏنوَ هُيوَ ته مون کي ڇوڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟" هن جي اکين مان ڪاوڙ جا شعلا نڪري رهيا هئا.

"صنم! مون ڪنهن کي به ٽائيم نه ڏنو هو. تون ڪمري ۾ هل مان سڀ ٻڌايانءِ ٿو." مون مسڪرائيندي چيو.

"توهين مرد آهيو ئي اهڙا. عورتن کي سمجهو الائي ڇا ٿا." هن منهنجي ڳالهه سمجهڻ کان انڪار ڪندي چيو.

"تون ٻڌ ته سهي نه!" مون ڪجهه سنجيده ٿيندي چيو.

"ڪائي ضرورت ناهي مون کي بيوقوف ٿيڻ جي. سيني کي چَڪر ڏيو وينا آهيو. مرد جي ذات ئي اهڙي آهي..." هن جو اهڙو انداز مون اڳ ڪڏهن به نه ڏٺو هو.

"مان وڃان ٿي ۽ آئينده مون سان ڪو تعلق نه رکجو. مون کي ڪابه ضرورت ڪانهي اهڙي ماڻهوءَ سان تعلق رکڻ جي جيڪو ڏهه ڏهه ڇڪيون ڦاسائي ۽ انهن سيني کي بيوقوف بڻايو وينو هجي!" هن مون تي الزام هنيو ته مان اکيون ڦاڙي ڏانهنس ڏسڻ لڳس.

"توکي غلط فهمي ٿي آهي سَني؛ تون رڳو ٻه منٽ هلي منهنجو انتظار ڪر، مان توکي سڀ ڪجهه ٻڌايانءِ ٿو." مون پريشان ٿيندي چيومانس.

"مون جهڙين عورتن کي غلط فهميون نٿيون ٿي سگهن." هن آخري فيصلو ڪيو. "خدا حافظ!" هن هلندي دروازو کوليو ۽ مون کي حيران ڪندي دروازو زور سان بند ڪندي هلي وئي.

هيٺان صنم جي ڪار جي دروازي بند ٿيڻ ۽ اسٽارٽ ٿيڻ جو آواز آيو. خميسو حيران هو.

مان بيڊ روم ۾ ويس. پنهنجو پرس کڻي آيس ۽ چند نيرا نوٽ ڪڍي آسيا جي هٿ تي رکيم. هن جي چپ چاپ ۽ پريشان اکين ۾ پاڻيءَ سان گڏ منهنجي لاءِ شڪر گذاريءَ جو جذبو هو. ڏک ۽ جذبن جي شدت ۾ هوءِ منهنجو ٿورو به نه مڃي سگهي ۽ هلي وئي. مان سڄو وقت سموڪنگ ڪندو ۽ صنم ۽ فوزيا بابت حيران ٿي سوچيندو رهيس. مان جڻ اڪيلو ٿي ويو هئس.

دير سان فوزيا گهر موٽي. اسان سدائين جيان بنا ڳالهائڻ جي هڪ ئي ڊائننگ ٽيبل تي ويهي ماني کاڌي ۽ سمهي رهياسون. ٻيو ڏينهن جمعي جو هو. موڪل هئي ۽ مان گهر ۾ هئس. چانهه پي مان لائونج ۾ اخبار پڙهي رهيو هئس. فوزيا نوڪر کان بيڊ روم جي صفائي ڪرائي رهي هئي. ويڪيوم ڪلينر جو هلڪو هلڪو آواز اچي رهيو هو. ڪجهه دير کان پوءِ هن جو آواز آيو. پهرين ته مون سمجهيو ته هوءِ هميشه جيان نوڪر تي وسي رهي هئي، پر جڏهن هوءِ رڙيون ڪندي بيڊ روم مان ٻاهر نڪتي ۽ مون کي سڏيائين ته مان حيران ٿي ويس. "مون کي اڳي ئي شڪ هو ته اها ڏائڻ منهنجي گهر اچي ٿي. هن خونخوار نظرن سان مون ڏانهن نهاريو." مان پريشانيءَ مان هن ڏانهن ڏسڻ لڳس.

"تو منهنجي زندگي تباهه ڪري ڇڏي آهي. هيڏي آءُ... هيڏي اچ!" هوءِ چيٽون ڪري رهي هئي ۽ پوءِ روئڻ لڳي.

"مون کي خبر هئي ته اها جيڪا تنهنجي Steno آهي، سا تنهنجي پچر ڪانه ڇڏيندي. اُن نياڳيءَ توکي پنهنجن حربن سان ڦاساڻي رکيو آهي ۽ .... ۽ تون ڪڏهن به نه سڌرنديئن!" هن پنهنجو نڪ ۽ اکيون بيڊ تان لٿل ۽ ٻاهر رکيل بيڊ شيٽ سان صاف ڪندي چيو.

"۽ هاڻ مون کي طلاق گهرجي... هاڻ مان وڌيڪ توسان نٿي گذاري سگهان." هن فيصلو ڪيو "هيڏي اچ ۽ اچي ڏس پنهنجا افعال... 'منهنجي Steno آهي' .... چوي ٿو. مان جڻ ڪا بيوقوف آهيان. مرد جي ذات ئي ڪميني آهي." هن منهنجي هٿ مان اخبار کسي ۽ مون کي ٻانهن کان جهلي ايزي چيئر تان اٿارڻ لڳي.

"ڇا ٿيو آهي؟" مون پريشانيءَ گاڏڙ حيرانيءَ مان سوال ڪيو.

"اڃان ٿو پڇين ته ڇا ٿيو آهي، منهنجو منهن ڪارو ٿيو آهي!" .... هيڏي اچي ڏس." مان اٿيس ۽ بيڊ روم ۾ ويس ته اتي هٿايل وهاڻي هيٺان سيرانديءَ کان صنم جو راتوڪو لٿل بريزيئر پيو هو. منهنجي نرڙ تي پگهر جون بوندون مڙي آيون ۽ مان جٽي هئس، اتي ڄمي ويس.

"اوهين مرد آهيو ئي اهڙا. ٿمينا جو مڙس به الاجي ڪٿان ڪٿان جون رنون ڦاساڻي اچيو نڪري ۽ هي صاحب به ڏسو ... ٽڪي جي Steno کي بيڊ تي ٿو سمهاري!" هن مون تي ٺوڪ ڪئي. "زال ته اوهان اڳيان ڪا حيثيت ئي نٿي رکي. مون کي هاڻ طلاق کپي. مان هھڙي جهنم ۾ نٿي گذاري سگهان." هن روئندي لڙڪ لاڙيندي چيو ۽ الماري کولي پنهنجا ڪپڙا ڪڍڻ لڳي.

"ڇا ٿي ڪرين؟" مون مٺل ۽ جهيڻي آواز ۾ ڳالهايو.

"تون ڪير ٿيندو آن اهو پڇڻ وارو؟"

"مان قانوني Husband آهيان." مون دعويٰ ڪئي.

هن روئيندي روئيندي ڪپڙا پئڪ ڪيا ۽ بيگ نوڪر کي هيٺ گاڏيءَ ۾ رکڻ لاءِ ڏنائين. مان بيوس ٿي سڀ ڪجهه ڏسندو رهيس. هوءَ روئيندي روئيندي هيٺ لهي ويئي. ڪجهه دير کان پوءِ گاڏي اسٽارٽ ٿيڻ جو آواز آيو. مان اپارٽمينٽ جي روڊ ڏانهن کلندڙ دريءَ کان اچي بيٺس. فوزيا جي اهڙي فيصلي تي مون کي نه خوشي هئي ۽ نه ڏک. رستي تان گاڏي مڙي ۽ گهٽيءَ مان ٿيندي شاهراهه فيصل تي وڃي چڙهي ۽ ايندڙ ويندڙ سوين گاڏين جي وهڪري ۾ گڏجي ويئي ۽ پوءِ دُور ٿيندي ٿيندي ٽڪو بڻجي ويئي ته مان بيڊ تي اچي ڪريس ۽ اونڌو منهن ڪري ليٽي پيس.



لياقت رضوي

# ملاح جو پُٽ ۽ شام جو درياهہ

آگسٽ جي مهيني ۾ ملاح جو پٽ، ملڪ ۾ هنگامي حالتن دوران پيدا ٿيو ٿو. جيئن عام طرح ٿيندو آهي تہ ڪنهن غريب ڪي پٽن جي خواهش هوندي آهي ۽ هن ڪي رڳو ڌيئر ڄمنديون آهن. ائين ملاح ڪي بہ ٽن ڌيئن کان پوءِ سِڪي پِني پٽ ڄائو. ٽن ڌينهن ۾ ملڪ پنهنجي ئي سپاهين هٿان مفتوح ٿيل هو. پر هيءُ واقعو آگسٽ ۾ ئي، گهڻو پوءِ ٿيو. جنهن ڪي عام طور جمهوريت جي فتح جو دور پڻ چئي سگهجي ٿو. توڙي اهڙو اصطلاح ڪيترين ئي غلط فهميون پيدا ڪري سگهي ٿو. جن ڪي بهرحال هر ايندڙ نسل ئي پوڄيندو آهي.

هيءُ واقعو هڪ شام جو درياهہ تي ٿيو ٿو. هونئن تہ هن واقعي جا اکين ڏٺا شاهد ڪوڙ آهن پر قابلِ ذڪر فقط ملاح جو پٽ آهي، جنهن جي عمر اٽڪل ٻارنهن ٻارنهن سال آهي. ملاح جو سڪليڌو ۽ ضدي پٽ، جيڪو فقط والدين جي بي حساب پيار ۽ درياهہ کان واقف آهي، ٽنهي ڀينرن سان، جيڪي خود هن تان هر وقت صدقو پيون وينديون آهن، هن جي بلڪل انهن سان ڪانہ پوي. ماءُ سان البت هن جي محبت ڪي ڪنهن حد تائين ٻاراڻي محبت نٿو چئي سگهجي. باقي جڏهن بہ پيءُ سان محبت جو ذڪر ٿيندو تہ هن جي لاءِ هڪ نئون مسئلو جنم وٺندو، ڇو تہ هو جڏهن بہ پيءُ تي سوچيندو آهي تہ حقيقت ۾ هو درياهہ تي پيو سوچيندو آهي. اڃان تائين هو پيءُ ۽ درياهہ کي الڳ الڳ شخصيت ڏيڻ جي قابل ڪونہ ٿيو آهي. ڏينهن جو گهڻو حصو هو درياهہ سان ۽ رات جو گهڻو حصو پيءُ سان گذاريندو آهي.

ملاح واقفن ۽ اڻواقفن کي ساڳئي جوش سان ٻڌائيندو آهي تہ پٽس جڏهن ڀرئين وک کڻي هئي تہ اها درياهہ ڏي کنئي هئي.

۽ ائين ملاح جي پٽ جا ڏينهن ۽ رات غير محسوس طرح درياهہ ۽ گهر ۾ ورهائجي ويا. جنهن شام جو هيءُ واقعو ٿيو ان وقت درياهہ ڪنهن حد تائين پرسڪون هو. ملاح جي ٻيڙيءَ ۾ پٽس، معمول جيان درياهہ ۾ ٻڌل ڄار کي ائين گهوري رهيو هو ڄڻ ٻڌل ڄار ۽ ان ۾ ايندڙ- نہ ايندڙ مڇين کي ڏسي رهيو هو. ملاح ان گهري ٻاراڻي گهور کي ابن ڏاڏن جي ڌنڌي ۾ غير معمولي دلچسپي سمجهي خوش ٿيندو هو. جڏهن تہ اصل ۾ ملاح جو پٽ، مڇين يا ڄار کي ڏسندو ئي ڪونہ هو. هن جو نگاهون لهرن جو شڪار ڪنديون هيون ۽ لهرن ۾ ليٽيل درياهہَ هن جي نظرن ۾ پورو ماپي ويندو هو. جنهن تي شام ايڏي تيزيءَ سان لهندي هئي جو ملاح جي ٻيڙيءَ جو پاڇو بہ ٻڏي ويندو هو ۽ ملاح بي پاڇي ٻيڙيءَ کي ڪناري ڏي ڪري، گهر واپسيءَ جا خيال چوندڻ لڳندو هو. پر اڄ ائين ڪونہ ٿيو. توڙي اڄ بہ شام درياهہ تي اهڙي ئي تيزيءَ سان لٿي، جهڙي تيزيءَ سان اجنبي نوجوان ان ۾ ٽپو ڏنو.

هيءُ ڪوئي غير معمولي واقعو نٿو چئي سگهجي، ڇو تہ خودڪشي انسان جيتري ئي قديم آهي. گهٽ ۾ گهٽ ملاح لاءِ، جنهن چاليهن سالن ۾ خبر ناهي ڪيترين خودڪشيون ڏٺيون ۽ ٻڌيون آهن. هي واقعو ڪائي حيرتناڪ اهميت نٿي رکي سگهيو. ملاح ٻيڙيءَ ۾-ويٺي ئي ٻڏندڙ نوجوان کي ڏٺو. ٿوري دير اڳ ۾ جنهن پل تان ڇلانگ لڳائي هئي. پل تي چند ماڻهو ڪنهن ٻئي نوجوان کي جهلڻ جي ڌڪدائڪ ڪوشش ۾ مصروف هئا. جيڪو پڻ درياهہ ڏي

ڏوڪي رهيو هو، ڇڻ درياهه سان وڙهڻ چاهيندو هجي؛ يقينن اهو ٻڏندڙ نوجوان جو دوست هوندو. ملاح جي پر ۾ ملاح جو پٽ، بي سبب خوف سبب پٽرائجي ويو. زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڪنهن کي هو درياهه ۾ ٻڏندي ڏسي رهيو هو.

اجان اجنبي نوجوان جو نيم مُرده جسم تري تائين به نه پهتو هوندو، جو ملاح جي پٽ اوڏانهن اشارو ڪندي هڪ دردناڪ رڙ ڪئي، "بابا!"

اُها رڙ، درياهه، ٻيڙيءَ ۽ ملاح ڪان سواءِ ڪنهن به ڪانه ٻڌي. درياهه ته مصروف هو، ٻيڙي ڇپ ڇاپ مصروف درياهه تي ڇلڪندي رهي، پر ملاح ان رڙ کي هڪ معنيٰ ڏني، تنهنڪري هن افسوسناڪ شرمندگيءَ سان سوچيو ته، جي ڪجهه ساعتون اڳ ۾ هو نوجوان کي بچائڻ لاءِ وجي ها ته شايد....

"اجان وقت آهي،" الائي ڇو ائين سوچي ملاح درياهه ۾ لهي پيو ۽ جتي نوجوان ٻڏو هو، اوڏانهن تيزيءَ سان ترڻ لڳو. ڪناري تان ماڻهن جو انبوهه ملاح کي ڪجهه چوندو رهيو، جيڪو خوفزده شور وانگر هن جي ڪنن سان ٽڪرايو ته ملاح سمجهيو ته ماڻهو هن کي جوش پيا ڏيارين - معنيٰ اجان شايد وقت آهي، ٻڏي ويل نوجوان کي بچائي سگهجي ٿو.

ماڻهو خبر ناهي ڇا مان نهيل آهي جو آخر تائين هو پنهنجي توٽي ٻين جي ٻاري ۾ هڪ بي ثمر اميد جو شڪار رهندو آهي.

ملاح جي ترڻ ۾ تيزي ايندي ويئي. نيڪ ان جاءِ تي پهچي، جتي نوجوان ٻڏو هو، ملاح ٽٻي هنئي، مرده جسم جي تلاش ۾.

ڇگيءَ دير جي تلاش ڪان پوءِ به ناڪاميءَ ملاح کي ٿورو ٿڪائي وڌو. هن ساهي ڪڻ لاءِ سوچيو. هُن جو رخ ڪناري ڏي هو ۽ پُٺي پنهنجي ٻيڙيءَ ڏي. هو ڪلهن تائين درياهه ۾ هو. حيران هو ته اجان تائين ڪناري تي ماڻهن جو شور ڇونه ٿميو آهي! ڪجهه سمجهڻ لاءِ هن پنهنجي تجربيڪار اکيون ۽ ڪن، ڪناري ڪان ايندڙ هوائن تي لڳايا ۽ اچانڪ هڪ ڀيانڪ غلطيءَ جي احساس هن جي ترندڙ بدن ۾ ڏڪڻي ڀري ڇڏي. هن کي ياد آيو ته ابهم ٻار کي وچ درياهه ۾ اڪيلو ٻيڙيءَ ۾ ڪونه ڇڏيو آهي.

ٻنان دير هو پاڻي ۾ ئي پنهنجي ٻيڙيءَ ڏي مُڙيو، جيڪا وچ درياهه ۾ خالي ڇلڪي رهي هئي.

•



قاضي اياز مهيسر

# هڪ هيئر ڪلپ جي ياد ۾

هو "ڪجهه به نه" ۾ "ڪجهه" ڳولي رهيو هو. "ڪجهه" جيڪو "ڪجهه به نه" ڪجهه به نه هو. ڇا هي سڀ ڪجهه ڪجهه به نه آهي، هو سوچڻ لڳو. هي سُڪ مرڻ، هي لُڙڪ لُڙڪ جيئڻ، هي سرءَ جا زرد پنا ۽ هي اڪين جي صحرا ۾ ڏور تائين ڦهليل نويڪلايون. هو ڪجهه دير ٻڏي وڃي ٿو، ۽ هن جا ڳوڙها ڳلن تي پهچڻ کان اڳ ۾ ئي هوا ۾ Evaporate ٿي وڃن ٿا.

اچانڪ هن کي محسوس ٿئي ٿو ته مينهن ڇو وسندو آهي ۽ ان سان گڏ بيوسيءَ جو هڪ شديد احساس مينهن جي مستيءَ ۾ پرجي ويل ڪنهن ڪنال وانگر سندس ذهن ۾ ڪنڌ هڻڻ لڳي ٿو ۽ "ڪجهه به نه" کي Absorb ڪرڻ لاءِ هن جي ڪوشش ڪنهن ڪچي بند جيان ٽٽي پئي ٿي.

هو پنهنجي پاڻ کي Sedate ڪرڻ لاءِ مُرڪڻ لڳي ٿو. هڪ عجيب ڦڪي مرڪ، هن جي چپن تي صرف ايتري دير لاءِ رهي ٿي جيتري دير ۾ اک ڇنڀي سگهبي آهي ۽ هڪ دفعو وري اک ڇنڀ جيتري "ڪجهه"، "ڪجهه به نه" ۾ Diffuse ٿي وڃي ٿي.

پهرين پهرين هن کان پنهنجي Zodiac سائن وسري وڃي ٿي ۽ ان کان پوءِ هو ڪڏهن ۽ ڪٿي ڄائو هو، هن کي ڪجهه ياد نٿو اچي: هن جي ياد ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ڪيترائي سيماءِ ڪالنس (؛) اچي ٿا وڃن. غير ضروري سيماءِ ڪالنس، ٽريفڪ فلٽر جي ريڊ لائٽ وانگر هن کي هر هر روڪي ڇڏن ٿا ۽ هن جي سوچ جو تسلسل نه رڪي ٿو نه جڙي ٿو. اچانڪ هن کي لڳي ٿو ته هو ڪنهن ڪولڊ اسٽورج ۾ پنهنجي ياد جي Autopsy ڪري رهيو آهي. پهرين ته هو ڊاڪٽر کي ڳولهي ٿو، پر هڪ ڊگهي نرس هن کي ٻڌائي ٿي ته سڀني ڊاڪٽرن کي Senile dementia ٿي پئي آهي. انهن ڇئي نرس پٽ تي ويهي رهي ٿي ۽ نندڙين ڇوڪرين وانگر روئڻ لڳي ٿي. هن جي پڇڻ تي هوءَ عجيب انداز ۾ چوي ٿي ته مون کي خبر ناهي ته مان هتي ڇالاءِ آئي آهيان!

هو پنهنجي جاڳ مان ڇرڪ ڀري، ڪجهه خواب ۾ جاڳي پوي ٿو. اسان هتي ڇو آيا آهيون؟ اسان هر وقت اتي ڇو هوندا آهيون جتي اسان کي هجڻ نه کپي ۽ اسان کي خبر ڇو نه آهي! ڇا اسان سڀني کي Senile dementia ٿي پيئي آهي؟

ڪجهه وقت کان پوءِ هُن کان پنهنجي پاڻ کان ڪيل اهو سوال به وسري وڃي ٿو ۽ خوابن جي تلاش ۾ سوال نرس وانگر روئڻ لڳي ٿو. هن کي لڳي ٿو ته "ڪجهه به نه" ۾ "ڪجهه" روئي رهيو آهي، "مسلسل". مسلسل جي م کان وٺي ل تائين!

هو سوچي سوچي جڏهن ٿڪجي پوي ٿو ته هن کي اها ڇوڪري ياد ٿي اچي، جنهن هن سان پيار ڪيو هو. ڪيڏي نه عجيب هئي هوءَ! هو سوچڻ لڳي ٿو، پر هن جي ياد ان هيئر ڪلپ تي ڏنلي ٿي وڃي ٿي، جيڪا هن ڪانئس گهٽي سڪ مان گُهري هئي. پر هن ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو ۽ ڪاوڙ ۾ هلي وئي هئي. هن کي لڳو ته هن جي دل هن جي ٻن رپين جي هيئر ڪلپ کان به گهٽي سستي هئي.

مان ايڏو سستو ڇو هان؟ هو وري سوچڻ لڳي ٿو، ۽ هڪ دفعو وري "ڪجهه به نه" جي Black hole ۾ هن جو "ڪجهه" جذب ٿي وڃي ٿو. هن کان وري سڀ ڪجهه وسرڻ لڳي ٿو. پهرين پنهنجي ذات، پوءِ پنهنجو نالو ۽ آخر ۾ هن سان ڪڏهن ۽ ڪٿي مليو هو، هن کي ڪجهه ياد نه ٿو اچي. هو پوريءَ شدت سان ڪجهه ياد ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري، پر هڪ دفعو وري "سيماءِ ڪالنس" اچي ٿا وڃن. غير ضروري؛ سيماءِ ڪالنس؛؛ ۽ ؛ ڪجهه؛؛ به؛ نه؛؛؛

سندن ڳچين ۾ پيل ڳارا لاهي ڪين چيلھہ ۾ ٻڌي چوندو هو:

"پورهيت خدا جون عبادت گاهون هوندا آهن ۽ سندن ڇھرا انهن عبادت گهرن جا گنبذ ۽ خدا جي گهر جا گنبذ هميشہ اوچا رهڻ کپن. هو سندن جهڪيل سرِ پنهنجي ٻڪ ۾ جهلي سڏا ڪري چوندو هو.

"هي سڄ اپارينڊز ٻانهون انهن مقدس گهرن جا مضبوط منبر آهن. اوهان خدا جا اُهي خاڪسار ٻانها آهيو جن کي ڏسي خدا جي ذات وڏيڪ رحيم ۽ ڪريم ٿيڻجي ويندي آهي."

موسمن بدلجڻ سان هن جي پيءُ جي شخصيت ڪروڙن انسانن جي روح ۾ فجر جي آذان جيئن لهندي هلي وئي: سرنديءُ وارن هن مسيحا جي فصاحت ۽ بلاغت آڏو پاڻ کي تڇ سمجهي هٿيار ڦٽا ڪري ڪيس عدل ۽ انصاف جي مسند تي ويهارڻ ۾ پنهنجي عافيت سمجهي.

مسيحا پنهنجي ديس کي ڪنواري ڇوڪريءَ جي تصور جهڙو حسين بنائڻ لاءِ رات ڏينهن هڪ ڪري ڇڏيو. وطن جي سرحدن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ فوج ۾ نئين سر روح ڦوڪڻ شروع ڪيائين.

سندس ٻلوان فوج ۾ هوندءِ تہ ڪيترائي بهادر ۽ احترام لائق سالار هئا، پر مسيحا جي روح جي ڏاڪڻين تي هڪ ڪلڻ هاب سالار وک وک رکندو هيٺ لهندو هليو ويو جنهن کي مسيحا سالار مان سپهہ سالار بڻائي ڇڏيو. هو جڏهن بہ مسيحا سان ملندو هو تہ ايترو جهڪي ويندو هو جو سندس چاپلوسيءَ سبب ٻاهر نڪتل ڄڀَ مسيحا جي پيرن تي پالتو ڪتي جو پڇ ٿيڻجي لهرائڻ لڳندي هئي.

مسيحا جيئن تہ انسان ٿي هوندا آهن ان ڪري اسان جي ڪهاڻيءَ جي يتيم ڪردار جو تصوراتي پيءُ يعني مسيحا بہ انسان هئڻ ناتي عقل جو ڏٺي هوندي بہ غلطيءَ جو مرتڪب ٿيو ۽ نتيجي ۾... وٽن چانگڻ جي موسم جي هڪ هراسيل رات جو بظاهر مسخرو نظر ايندڙ سپهہ سالار پنهنجن ڪن رهزن سائين سميت گهيرڻ ۾ گهيريل خواب گاهہ ۾ گهڙي مسيحا کي ٻاندي بڻائي هليو ويو.

ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن ڪبير خواب ڏيکارينڊز ويهاڻي تان اکيون مهٽي جاڳيو تہ ڪيس ماءُ جو چهرو ڪنهن ننڍڙي اسٽيشن جي پليٽ فارم تي لڱل اڪيلي فانوس جهڙو محسوس ٿيو، جنهن ۾ ٻتي جلائڻ وارو ٻتي جلائڻ وسري ويو هيو. نتيجي ۾ سموري اسٽيشن جي اونده فانوس ۾ سمائجي وئي هئي.

هن ماءُ جي اونداهي چهري ۾ ڪجهہ ڳولڻ جي ڪوشش ڪندي ماءُ کان پيءُ بابت سواليو. ماءُ پنهنجي سموري پريشاني کي اندر ۾ سموئي کو مطمئن ڪندڙ جواب ڏئي هن کي مات ڪرائي ڇڏي.

وقت وهامڻ سان موسمن بہ پنهنجا رخ مٽائڻ شروع ڪيا. ويندڙ سال نئين سال کي پراڻيون خوشيون ۽ ڏک هينڊ - اوور ڪري کسڪي ويو.

انهيءَ نئين سال جي بهار پريل آڏيءَ جو ڪبير ويهاڻي تي ڪنڌ رکي، ڪينجهر ڪنڌي تي نوريءَ جي هنج ۾ ليٽي ٻاڪ ڦٽڻ جو منظر ڏسي رهيو هو تہ امالڪ خواب پاسو ورائي پيانڪ رخ اختيار ڪيو تہ هو هنياءُ ڏاريندڙ رڙ ڪري جاڳي پيو.

رڙ، جيڪا بلڪل بي ڏوهيءَ ۽ معصوم انسان جي هئي.

"چا ٿيو!!؟ ڇا ٿيو منهنجي جان، منهنجي جان..."

سيني تي هٿ رکي تسبيح سوريندڙ ماءُ جي مٿي تان ڪاري چادر لهرائي وڃي فرش تي ڪري، جڻ ڪنهن تلوار جي هڪ ئي وار سان اونداهي آسمان کي اڌ مان ڪپي ڇڏيو ۽ آسمان جو اڌ خلائن ۾ لهرائيندو سانت سمونڊ جي سطح تي پکڙجي ويو.

هو جاڳي وٺڻ لڳو.

"اسٽريچر - ڪاربڊور- بابا- ڦاسي گهاٽ -هو ماري ڇڏيندا.... مزدور ڪاٿي آهن؟ خدا جا عبادت گهر ڪاٿي آهن؟ اذان ڇو نہ ٿي اچي؟ بابا- او بابا ..." هو پوري طاقت سان رڙيون ڪرڻ لڳو:

"هيءَ رات ايڏي ڊگهي ڇو ٿي وئي آهي امان...؟"

ماءُ جي هنج ۾ بهار جي مند هوندي بہ سرءُ جي پن جيئان ٿڙ ٿڙ ٿڙڪڻ لڳو. ماءُ هن کي پنهجين ٻانهن جي ٻنڌڻ ۾ جڪڙي لڙڪن کي روڪي ٿڦڪيون ڏيڻ لڳي:

"ڪبيرا... ڪبيرا.... ڪبيرا."

ماءُ جو آواز لڙڪ ٻڏجي وهڻ لڳو.

ان رات غريب عورت پنهنجي ڪاري چادر سان لڙڪ سوئي سوچيو هو...

اڄ رات ڦاهي چڙهندڙ شخص واقعي منهنجي پٽ جو پيءُ آهي...؟ جي نہ آهي، تہ مان هن کي پنهنجو ڇپر ڇانو ڇو سمجهندي رهيس؟ ڇو هن جي ٻاندي ٿي وڃڻ کان پوءِ آدِيءَ اٿي پروردگار کان هن جي طويل عمري جون دعائون گهرندي رهيس؟... جڏهن تہ منهنجو مڙس، ڪبير جي ننڍپڻ ۾ ئي شهر جي ماڻهن جون جنيون ڳنڍي ڇڙي ويو."

ان رات، هنن جي ننڍڙي گهر جون ديوارون سُرڪنديون سوڙهيون ٿينديون هنن جا روح ڇپائڻ لڳيون هيون.

ٻونين پهر گلن ۽ وڻن تي اينري تہ ماڪ ڪري هئي جو صبح جو سمورا رستا ڪوهيڙي ۾ وڃانجي ويا هئا. سج نڪرڻ تائين سندن ننڍڙي اڱڻ ۾ لڳل ڄمونءَ جي پنن تان ماڪ سانوڻيءَ جو مينهن ٻڻجي ڪچي اڱڻ تي ريلا ڪري وهڻ لڳي هئي. سورج مکي، بي نور سورج کان منهن موڙي دروازي ڏانهن نهارڻ لڳو هو ۽ ٿارين تي ٽڙيل گل دانودي جي گلن ندامت کان سر جهڪائي ڇڏيا هئا.

ان رات دردُ ڪبير جي گهر جو پيچرو پار ڪري سندس دل جي ٿڃيءَ ۾ ڇَپ هڻي اچي ويهي رهيو هو.

ان ڏينهن کان پوءِ هن ديوار تي لڙڪيل آئيني ۾ پنهنجو چهرو ڏسڻ ڇڏي ڏنو هو.

ٻئي ڏينهن صبح جو شهر جي سُنسان روڊن ۽ گلين مان پيرن اگهاڙو هلندو قدم گاهہ تي اچي ويو هو. قدم گاهہ جي ايوان ۾ اونڌا گوڏا ڪري مٿي تي هٿ هڻي پٽيندو رهيو هو.

واويلا- زڙي - واويلا - يا حسين ڪربلا!

روح ۾ چين نہ پائي مزار جي دروازي تي ٽنگيل چڙن کي چرين جيئن وڄايو هيائين. مزار ۾ اندر وڃي حضرت علي ڪرم الله وجهہ جي فريم ٿيل شبيهہ مبارڪ ۾ نهاريندو مزار اندر گهائل ڪبوتر جيئن ڦڙڪندو رهيو هو. سندس گونگا لڙڪ مزار تي نچاور ٿيل پنکڙين مٿان ڇٽڪار ڪندا رهيا هئا.

شام جو گهر موٽندي قدم گاهہ ٻاهران امام عالي مقام جي تربت جي فريم ٿيل تصوير وٺي اچي ڪمري ۾ ٽنگي ڇڏي هئائين.

ان شام بعد ڪبير جي چپن جي ڪنڊن تي ٽاڪيل مرڪ جا ٻٽڻ ڇڄي پڃي پري پيا هئا ۽ هُو هوائن ۾ پوپٽ جيئن پرن جا ورق ورائي گلن جو پٽيون ڳڻڻ بجاءِ شهر جي لئبرري ۾ وڃي ڪتابن جا ورق ورائي پوپٽ جهڙن رنگين لفظن ۾ غائب ٿي ويو هو.

ان شام کان پوءِ هن جي ويهاڻي مان رومانٽڪ خواب نڪرڻ بجاءِ مسيحا جي زندگيءَ بابت يادون ڪر موڙي جاڳي پونديون هيون، جنهن کي هن هميشہ پنهنجو پيءُ سمجهيو هو.

مسيحا جو چهرو لهندڙ سج جيئن پيلو ٿي چڪو هو. جسماني طور بہ بيحد نڀل نظر اچي رهيو هو. هن بيحد جهيڻيُ آواز ۾ ڳالهايو، جيڪو چنني مان ڪوئي بہ سمجهي نہ سگهيو.

[خواب پاسو مٽايو تہ هن ڏٺو]

مسيحا - تيزي سان ڪورن پنن تي پين ڊوڙائي رهيو هيو. هو مسلسل لکي رهيو هيو.

پوءِ خبر ناهي ڇا ٿيو جو مسيحا سمورن لکيل پنن کي آگ لڳائي ڇڏي.

ننڊ مان ڀنيلجي جاڳي پيو. سندس اکين ۾ اضطراب هيو. هو ڇڙوڇڙ ساهن سان وال ڪلاڪ جي ڪانٽن ۾ نهارڻ لڳو.

ڪانٽن جي اڏوهي وقت کي تيزيءَ سان چٽي رهي هئي.

'ڇا وقت اڏوهي آهي؟' هن سراپيل انداز ۾ سوچيو.

'ڇا وقت ڪتابن ۾ لکيل لفظن کي بہ کائي ويندو؟'

'وقت ڇاهي؟'

(بي وفا دوست؟ جنهن جي بي وفائي جي خبر اوچتو پوندي آهي. بلڪل اوچتو. جڏهن ماڻهوءَ جي وس ۾ ڪجهہ بہ ناهي رهندو، سواءِ بي وسيءَ جي.

هن ڪليل ڪاپيءَ تي وڏيڪ ڪجهہ لکڻ چاهيو، پر بيچينيءَ سبب لکڻ بجاءِ ڪاپي بند ڪري ڇڏيائين.

[جاڳ جي باوجود هن ڏٺو:]

مسيحا ويهاڻي مان نڪري سندس آڏو اچي ويو.

بندي خاني جي ڊاڪٽر استيٿواسڪوپ سان مسيحا جي دل جا دهڪا ڳڻڻ، بعد سندس هٿڪڙي لڳل ڪرائي مان هٿ ڪيڍي پٽر آواز ۾ چيو:

"بلڪل ٺيڪ آهي."

[ پوءِ ڪبير دل ڏاريندڙ منظر ڏٺو]

چار وارڊر مسيحا کي تنگو ٿالي ڪري وارڊ ۾ رکيل اسٽريچر تي سمهاري اڳتي وڌڻ لڳا. وارڊ ۾ اوندهہ هجڻ سبب ڪجهہ وارڊر هٿن ۾ مشعل ٻاري اسٽريچر سان گڏ هلي رهيا هئا. موت جهڙي ماٺ ۾ وارڊ جي پٽين تي مشعل بردارن جا پاڇا گهُنڊ ڪيڍي سڏڪندڙ ڏهاڳڻين جهڙا لڳي رهيا هئا.

اسٽريچر جڏهن وارڊ ڏانهن وڌي رهيو هو تہ اسٽريچر تي سٽل مسيحا ڏٺو سندس خدمت گذار هن لاءِ چانهہ جي پيالي کڻي اچي رهيو هو، پر مسيحا کي ڦاهي گهاٽ ڏانهن ويندي ڏسي هن جي هٿن ۾ کنيل پيالي ڏڪي وئي ۽ گونگا لڙڪ چانهہ جي لهرن ۾ غائب ٿي ويا جن کي هو چاهيندي بہ لڪائي نہ سگهيو.

اسٽريچر ڦاهي گهاٽ تي آڻي هيٺ رکيو ويو. ٻن وارڊرس مسيحا کي ڪلهن ڪان وٺي اٺاري ڪيس تختہ دار تي بيهاري ڇڏيو:

جلاد مسيحا جي چهري تي ماسڪ چاڙهي ڪائنات جي منهن تي دانگي ملي ڇڏي.

ڪبير بيچيني مان بستري تان اٿي آئيني آڏو اچي بيٺو. هن کي پنهنجي چهري ۾ مسيحا جو چهرو نظر آيو. ڪبير وات کولي زبان ٻاهر ڪيڍي ڏٺي ۽ هٿ لائي ڀريان پنهنجن چپن پوءِ نڪتل ڇپ کي محسوس ڪيو.

يقين ڪرڻ لاءِ تہ ڳالهائي سگهي ٿو، هن آهستگيءَ سان چپ چوريا.

"مادر ....."

گار هن جي چپن مان ڦٽڻ ٽي نڪتي، هڪدم وات تي هٿ رکي گهري ننڊ سنئل زال ڏانهن نهاريائين. اگهور ننڊ سنئل زال کي ڪا به ڏسڻ ڪان پوء هن سڄو آئيني مر ڏٺو. پڪ ڪرڻ لاء ته لفظ هن جي زبان مان نڪري سگهن نا. وات تي رکيل هٿ هٽائي ٻيهر ڳالهايائين.

"ٻڏي نٿا مرو پيڻ........"

هن جي زبان مان گاريون گوليون ٻڻجي نڪرڻ لڳيون.

"اوهان سڀ سوئر جا ڦر آهيو.گونهه جا ڍير آهيو."

"اوهان اهي ڪات آهيو جن سان ابهم انسانن جون گلاب دليون ٻه اڌ ٿي ويندبون آهن."

زال آڏيء جو مڙس جون رڙيون ٻڌي جاڳي ڪيس حيران نگاهن سان ڏسڻ لڳي.

ڪبير ڏٺو جلاد مسيحا جي ماسڪ چڙهيل چهري مان ڦاهي جو ڦندو ٽپائي ڳچي ۾ وجهي چڏيو.

هن جي بيچيني اضطراب ۾ بدلجي وئي.

ڪمري مان نڪري اڱڻ مان ذري گهٽ ڊوڙندو گهر جو مهڙ دروازو کولي اونده ۾ گهيريل وسيع ميدان ۾ اچي هن زور سان رڙ ڪئي.

FINISH IT

رڙ جي پڙاڏي سان سموري ڪائنات چلي پيئي. هڪ زوردار جهوٻو آيو ۽ ڪبير اونداهي ميدان تي سنئين منهن اچي ڦهڪو ڪيو.

گهرن جون بتيون هڪ هڪ ٿي جلي پيون ۽ گهرن جا در کلندا ويا.

ماڻهن ڏٺو - بهار جي مند ۾ موچيءَ جو پٽ وچ ميدان ۾ ڪنهن سائي سنابي وڻ جي ٽانگيل ڏار جهڙو ڏيک ڏئي رهيو هو.



محمود مغل

# غلط جاءِ تي ويٺل همراهہ

اندر ۾ ڏاڍي ٻوسٽ ٿو محسوس ڪري، جڻ ڪو گولو سيني ۾ هڪ هنڌ بيهي رهي ۽ هيٺ مٿي ٿيڻ کان نابري واريندو هجي. وڏو ساهہ ٿو کڻي، جڻ ڦڦڙن جي ٿيلهي ۾ ٽُنگ ٿي ويا هجنس ۽ هوا ڪڏ ٿيڻ بجاءِ پڪڙجندي هجي.

"ڇا حال آهي ٻوتار؟ مزو ناهي ڇا ملڪ ۾؟" پريان نبي بخش فائيل جا ڏاڱا کوليندي ڏانهنس نهاري ٿو. "ڏاڍا شوڪارا پيو ڀرين.."

هو مرڪي ٿو ڏئي... اڻ لکي مرڪ، جڻ ٿورو وڏيڪ مرڪندو تہ وات جون ڪنڊُون چيرجي پوندس.

"ٺيڪ آهيان يار... مڙني ڪيڏيءَ ڪيڏيءَ معمل ريچڪ چڙهندو آهي."

"مان هنن ٻلن مان جند ڇڏايان تہ اهو ريچڪ لاهيانءِ ٿو." نبن ڪاغذن ۾ گم ٿيندي جملو اڇلائي ٿو. حفيظ ڏانهنس نهاريندو، ميز تي مٿو رکي ٿو ڇڏي. سامهون ڏسي ٿو، پراڻن ڪٽن مٿان گندگيءَ سان سٽيل رڪارڊ رکيل آهي. مٽن جي حساب سان ردي آهي جيڪا ڪاٺ جي ناسي ڪٽن مٿان ٻاڻ بہ ناسي رنگ جي ٿي وئي آهي. سندس اک انهي اٽڪي تي پوي. سوچي ٿو ست اٺ مَڻ تہ ٿيندي. جي وڪرو ڪجي نہ ڇهہ ست سؤ تہ نڪري ايندا، پر ڪباڙي بہ حرامي ٿي ويا آهن... چار روپيا ڪلو کان مٿي ٽڪو ڪونہ ڏيندا.. هل ڀوءِ بہ جي پنج مڻ هجي تہ اٺ سؤ نهندا ... اٺ سؤ؟.. چار چاليهو سؤ سٺ... سؤ سٺ کي پنجن سان ضرب ڪر تہ پنج سورهو اسي.. معنيٰ اٺ سؤ ... چڱا ٿي ويندا.. امتحانن جي في تہ نڪري ايندي شمي جي...

اوچتو جڻ ڪو ڀاڄو محسوس ٿيندو هجيس . ڪنڌ مٿي کڻي ٿو.

"ٺڊ ڀيا ڪيو ڇا دلبر سائين.." سامهون هڪڙو جانگهو ٻيٺل آهي، جيڪو ڪيس تمام ڏگهو ٿو لڳي.. حفيظ ٺيڪ ٿي ويهي ٿو. "نہ تہ، ٺڊ ڇو ڪندس... هتي سمهڻ آيو آهيان ڇا؟"

جملو چوندي هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٿو. نبي بخش، احمد خان، عبدالولي... سڀئي پنهنجين ٽيبلن تي پنهنجن پنهنجن ڪمن ۾ مشغول آهن.

"الاءِ.. مون کي لڳو هو انين... هي بل آهي ڪانٽيجينسيءَ جو.

"جانگهي جي چپن تي اجان بہ اها زهريلي مرڪ آهي. سندس وڏيل هٿن مان بل وٺندي، حفيظ ٻڙ ٻڙ ڪري ٿو.

"جيڪو لڳندو هجي.. ضروري ناهي تہ انين هجي بہ.."

ڪاغذن کي ورائي ٿو... اهائي لکپڙهہ ...ساڳو عام رواجي ڪارڊ... اوچتو سندس نظر هڪ اندراج تي پئي ٿي.

پڇڪي ٿو "ڪاڏو پيتو تہ ڪانٽيجنسيءَ ۾ نہ ٿو اچي."

ايندڙ هاٿي سامهون رکيل ڪرسي گهلي سامهون ويهي ٿو رهيس.

"نہ ٿو اچي تہ اچڻ ۾ گهڻي دير ٿي لڳيس."

لفظ توريل تڪيل آهن. حفيظ ڏانهنس نهاري ٿو. ايندڙ جون نظرون انين ئي تيز ترين آهن. "اوهان کان اڳ ۾ علي اڪبر هوندو هو هن ٽيبل تي .. اهو تہ.."

حفيظ هڪدم سندس جملو ڪٽي ٿو.

"اهو ڪندو هوندو... مان نہ ڪندو آهيان.. .اهو سڀ ڪجهہ جيڪو ٻيا ڪندا آهن."

"سمجهيوَ... هن اندراج تي تہ آبجيڪشن لڳندو.."

"نہ نہ..." آيل نوجوان هڪدم سندس هٿن مان بل ڦري ٿو وٺي. "آبجيڪشن نہ هڻو... مان ڪجهہ پيو ڏسان ٿو.."

مون ڪاوڙ مان کيس ڇڙٻيندي چيو "تنهنجي صلاح مطابق مان ڪمري ڏانهن ڊوڙ پاتي؟" هن ٿڌو ساهه ڀريندي چيو "تون انهيءَ دور ۾ جيئين پيو، جنهن ۾ هزارين ذهني وڳوڙن جي باوجود ڪاٻه ڪُليل جنگ نٿي لڳي ۽ ماڻهو ڏاڍي مڪاريءَ ۽ فنڪاريءَ سان پنهنجن روين ۾ مصلحتون ۽ منافقيون گڏائي پنهنجي اوائلي دؤر ڏانهن موٽن پيا. صحتمند سماج ڪنهن وڏي ۽ اوچتي ڌماڪي کان سواءِ وجود ۾ اچي نٿي سگهي ۽ انهيءَ جي آمد لاءِ سيني کي هٿن تان خوني دستانا ۽ اکين تان انڌا ڪوپا لاهڻا پوندا. منهنجي ڪاوڙ آپي مان نڪرڻ لڳي، مُنيون ڀڪوڙجي ويون، رڙ ڪندي چيم: "تون منهنجي روشن آئينده جي راهه جي رڪاوٽ آهين، تون منهنجي خوش آئند عملن لاءِ هاڃيڪار آهين... تنهنجو خاتمو لازمي آهي، تنهنجي فنا ضروري آهي، مان توکي نه ڇڏيندس ... نه ڇڏيندس..." اهو چئي مان کيس مارڻ لاءِ ڪمري ۾ موجود ڪا جوڳي شيءِ ڳولڻ لڳس ته هن سوڀارو ٽهڪ ڏيندي چيو "اياڻا دوست! تون منهنجو انت نه آڻي سگهندين، مان تيسين توسان گڏ هوندس ۽ توکي سمجهائيندو رهندس، جيسين تون جيئرو آهين . تون مون کي ماري نٿو سگهين." هن ٻيهر زوردار ٽهڪ ڏنو ۽ مون ٽيبل تان پيپر ويٽ کڻي زور سان پنهنجي آڏو اُڀي رکيل الماريءَ جي شيشي کي وهائي ڪڍيو ۽ وائڙو ٿي ڪمري ۾ وکريل شيشي جي ٽڪرن کي گهوريندو رهيس.



رسول بخش درس

# گهايل چُميءَ جو مرثيو

ورهين کان پوءِ هو کيس نظر آيو. بس اسٽاپ تي بيٺو هو. اوسيئڙي ۾ هو شايد بس جي. هن کان رهيو نه ٿيو ۽ گاڏي کي رِوَرس گيئر هنيائين. دل جو ڌڪو تيز ٿي ويس، عجيب اُڻ تڻ ۾ هئي. گاڏي آڻي سندس اڳيان بيهاريائين. هو بيخبر پُٺتي هَٽي لوٺا هڻندو رهيو. جڏهن ٽيون هارن ڏنائينس ته اُتاولو ٿي ڏانهس وڌيو. ڪجهه دير کيس ڏسندو رهيو، پوءِ زخمي مُرڪ سندس اُباڻڪي منهن تي تري آئي. "صائمه تون؟"

پروفيسر صائمه ڪار جو در کولي کيس ويهڻ لاءِ چيو. ڪي پل ته بيٺو رهيو، پڌتر ۾. ها نه جي پلصراط تي ٿڙڪڻ لڳو ته ماضيءَ جي ڪا صدا ڪن پيس:

"سانول ويهه نه، اچ ويهه" ۽ پوءِ سانول بي ستو بدن اڳيئين سيٽ تي اُڇلائي ڇڏيو.

"سانول منهنجو خيال آ ته ڪٿي ويهي چانهه پيئون؟"

"چانهه؟"

"چو ٻلا ورهين کان پوءِ مليا آهيون ته چانهه بهاني ۾ ڳالهيون ٻه ٿي ويندين. چڱو منهنجو گهر هتان ويجهو آهي، اتي ٿا ويهون" ، ڪار اچي هڪ چڱي موچاري بنگلي جي گيٽ ۾ داخل ٿي. سانول هبڪي هبڪي صائمه جي پنيان هلندي اچي ڀاڻ کي صوفي تي بي ستو ڇڏي ڏنو.

پروفيسر صائمه چانهه جو ڪپ اڳيان رکيس. سانول جي نيڻن ۾ صدين جي سفر جا ٿڪ لهي آيا ۽ اکيون وسڻ جا ويس ڪرڻ لڳيون. صائمه ماٺ جو طلسم ٽوڙڻ لاءِ سڏڪا روڪيندي چيو "چانهه پيئو."

سانول ماضيءَ جي منظرن ۾ ڪونجي ويو ته صائمه چوڻ لڳس:

"سوچيان ٿي ته ڳالهه ڪٿان شروع ڪريان؟"

"ڳالهيون ڪهڙيون ڪنديءَ، رهڻ ڏي."

"ڳالهيون پيٽ ورن ۾ وڏي وڻ ٿيون.

۾ سين مون نه ڪيون، گوشي گڏيا نه سپرين."

"سانول! شاهه سائين تنهنجي روح ۾ رچي ويو آهي!"

"ها صائمه، اسان اُپاڳن لاءِ لطيف سائين جي شاعري ڊپ ۽ دارون آهي، جيئڻ جو سبب آهي."

"ٻلا نوڪري ۾ آهين؟"

"تنهنجي وڃڻ کان پوءِ نوڪري گهنگهر ٿي پئي. اهو شهر ڪاٽڻ ٿي آيو جتي پيار سِرجيو هو ۽ نوڪري ڇڏي هليو آيس. وڏي شهر جي سمنڊ ۾ وڃانجي وڃان ها، اچي گهر وسايم!"

"پوءِ؟"

"پوءِ ڳوٺ ۾ ميڊيڪل اسٽور کوليم."

"اهو ته ڏاڍو چڱو ڪئي."

"ها گهر جا سڀ ٽپڙ ٽاڙي ڊور ڊڳا وڪڻي اسٽور کوليم، پر سال ٻه هلي نه سگهيو."

"پر آءٌ ڀيو ڇا ٿي ڪري سگھيس. منهنجو گھر وارو ۽ پاڻ ٻئي اتي اسٽيٽس ۾ گڏ رهندا هئا. مٿن يورپ جو ذرو بہ اثر نہ ٿيو. جڏهن اچڻ وارا هئا تہ منهنجي پاڻ مون کي خط ۾ اهو تفصيلي احوال لکيو تہ منهنجا حوصلا ٽي خطا ٿي ويا ۽ توکان نئين حياتي ڀڃي ورتم ۽ مجان ٿي تہ توکي ڏاڍو ڏکويو اٿم!"

"ڏک ڇاهي؟ ڪير ڪنهن کي ڏکوئي نٿو پر ٻئي سان وابستہ ڪيل اجايون اميدون دوکو ڪائينديون آهن. مون کي توکان ڪابہ شڪايت ناهي رڳو پاڻ تي ڪاوڙ اٿم جو توکي سمجهي نہ سگھيس. پاڻ نام نهاد قدر اورانگھي تمام وڏو قدم کڻي چڪا هئاسين، رڳو تون پنتي نہ هٽين ها تہ منزل تہ ويجهي هئي."

صائمہ جي اکين ۾ مشرقي عورت جي حيا جي وير چڙهي آئي. "مون جذباتي فيصلو ڪري توکي بہ جنجال ۾ وڌو نہ تہ شعوري طور اهو ناممڪن آهي. اسان جي سماج ۾ ائين گڏ رهڻ اسان جي تمام وڏي غلطي هئي. ناممڪن هو."

"ناممڪن ڪا شيءِ ٿيندي ئي ناهي. اسان جوڀن جون جيڪي بهارون گڏ گذاريون، مون کي ان تي اڄ بہ فخر آهي ۽ اهو زندگي گذارڻ جو سياويڪ دؤر هو. تون ان تي پشيمان هجين نہ تنهنجي مرضي!"

صائمہ سڄي ڳاڙهي ٿي ويئي. "مون کي ياد آهي تہ اهڙو سات وسارڻ ڪُفر آهي. تنهنجي پيار جي سحر ۾ واقعي عجيب لطف هو، پر پاڻ جي خط ملڻ کان پوءِ مون کي خوف وراني ويو تہ آءٌ ڪيس ڪهڙو منهن ڏيکاريندس؟ هو جيڪو فيصلو ڪري چڪو هو ان کي پاڻي نہ مليو تہ اسان ٽڪي جا ٿي ويندا سين ۽ پوءِ جيڪو تو احسان ڪيو سو زندگي ڀر نہ وساري سگھنديس. ڀيو ڪو هجي ها تہ آءٌ ڀور ڀور ٿي وڃان ها. سيني سور تو سانڍي ڪنيا ۽ زندگي جو زهر پيئڻ لڳين. تون ٿورو مون ڏانهن وڪ وڌائين ها تہ منهنجو مڙس ايڏو شڪي آهي جو آءٌ رڻ ۾ رلي وڃان ها."

اکين ۾ لڙڪ تري آيس تہ سانول ڇت ۾ گھورڻ لڳو. صائمہ جي خود اعتمادي ڀور ڀور ٿي چڪي هئي.

"پلا مومل جي باري ۾ ڪجھہ نہ ٻڌائيندينءَ؟"

"صائمہ، هيتري دير آءٌ رڳو اهو سوچيندو رهيس تہ تنهنجي ممتا ڇو مري ويئي آهي؟ ڏهن سالن ۾ تو رڳو هڪ پل لاءِ بہ مومل جي سار نہ لڌي ۽ هيتري دير ۾ تو هن جي باري ۾ هڪ اکر بہ نہ پُڇيو. رڳو پنهنجي بزدلي کي لڪائڻ لاءِ دليل ڏيندي رهينءَ ڪهڙي ماءُ آهين؟ ممتا جي جبلت تہ جانورن ۾ بہ هوندي آهي، ڇا اسان حيوانن کان بہ بدتر ٿي ويا آهيون. اهي آهن اسان جا سماجي قدرَ؟"

"سانول، هڪ عورت کي گھر ۾ وَر لاءِ ڇا ڇا نہ ٿو ڪرڻو پوي. مون مومل کي تو جهڙي انسان جي جهول ۾ ڇڏيو هو. ساڻس ملڻ لاءِ دل تہ گھڻوئي چاهيو پر ممڪن نہ هو."

"مون مومل کي پيار ڏيڻ ۾ ڪابہ ڪوتاهي نہ ڇڏي آهي پر ماءُ تہ نٿو ٿي سگھان. توکي خبر آهي تہ هو ڏهن سالن جي ٿي چڪي آهي. تمام ذهين آهي. هاڻي هوءَ ماءُ جي باري ۾ گھڻا سوال ڪري ٿي. ڪيڏي مهل آءٌ ڊڄي ويندو آهيان. منجهس چڙ ۽ رسڻ پرچڻ وڌي ويو آهي، پر آءٌ ڇا ٿو ڪري سگھان؟"

صائمہ کي هڪ پل لاءِ پڇتاءُ جي وير وڪوڙي ويئي، "پوءِ ڪيئن پرچائيندو آهينس؟"

"توکي تہ خبر آهي تہ گھر وارن کي ٻڌايل آهي تہ مومل جي ماءُ سان منهنجي خفيہ شادي ٿيل هئي ۽ هوءَ ويم وقت گذاري ويئي. ٻهراڙيءَ جي ماحول ۾ منافقت گھڻ هلندي آهي، پر مومل جي مستقبل لاءِ اهو ڪرڻو پيو. منهنجا ٻروچ مائٽ ڌي ذات کي ائين ڪيئن قبول ڪن؟ تنهنجي ويم ڪرائيندڙ ڊاڪٽر دوست جي ويساهہ ڏيڻ بعد مسَ مسَ مائٽ ڪيانون. مون کي مومل لاءِ گھر گھاٽ ڇڏڻا پون ها تہ بہ ڇڏي ڏيان ها پر ماءُ جو پيار نہ ملڻ سبب سندس حياتي ۾ هڪ وڏو خال محسوس ٿئي ٿو."

**مظهر ابڙو**

# موت بخشيندڙ راز...

صبح جو وقت هو. ڳوٺ جي ماحول ۾ هڪدم هلچل مچي ويئي هئي. ٻنين ۽ باغن ۾ زندگي رقص ڪرڻ لڳي. هاري انهن جي سنڀال لاءِ گهرن کان نڪرڻ شروع ٿيا هئا. ڳوٺ جو ڌنار گهرن مان جهنگ لاءِ مال ڪڍي رهيو هو. هن جي نڙيءَ مان نڪرندڙ مال لاءِ "هون، هون!" جي هڪل ۽ ڍورن جي ڳچين ۾ وڄندڙ گهنٽين جي آواز ۾ هلڪو شور هو، پر انهيءَ شور ۾ مڌرتا سان گڏ آسودگي سڪون ۽ زندگيءَ جو هڪ احساس به هو. پوڙهي ڌنار جي هڪلن ۽ مال جي ڳچين ۾ وڄندڙ انهن گهنٽين جي آواز سان گڏ ڳوٺ جي اتي واري چڪيءَ جو آواز به ڄڻ ڪو وڻندڙ سنگيت پيدا ڪري رهيو هو. عورتون گهرن جي ڪم ڪار ۽ ڪاڌي پيتي جي تياريءَ ۾ رُڌل هيون. انهن مان ڪن ڍورن جا واڙا پاهوڙين سان ميڙي ڇيڻن کان صاف پئي ڪيا، ته ڪي وري ڇيڻن جا ڪُنڊا ڄڄ پري ڍُنڍن تي اڇلائڻ ني ويون. ڪن ٻارڻ لاءِ پٿين تي ڇيڻا پئي ٿڦيا ته ڪي وري سُڪل ڇيڻا پٿين تان لاهي رهيون هيون. ڪي زالفون ماني پچائڻ لاءِ اٽي ڳوهڻ ۾ رُڌل هيون، ته ڪي وري باهه مچائڻ لاءِ پراون ۽ پنهنجن لوڙهن مان ڏنگهر ڪڍي رهيون هيون. جن وٽ باهه ٻارڻ لاءِ ماچيس ڪونه هئا اهي ويڙهن جي بين گهرن مان سڪل ڇيڻي جي پُڙ مٿان اڱر کنيون پئي ويون. گهرن جون وڏڙيون لسي ولوڙي رهيون هيون. ڳوٺ جا ڪي ٻار هٽن ۾ لوٺا، چونٽريون ۽ گهاگهريون کڻي انهن گهرن مان ڏُڌ وٺي رهيا هئا، ته گهٽا وري ماءُ پيءُ جي چوڻ تي تغاريون ۽ ڄڄ کڻي پنهنجن گهرن جي ٻارڻ لاءِ گهٽين مان مال جون ٿاڦون ميڙڻ نڪتا هئا.

ان وقت اهو سمورو منظر حقيقي نه پر ڄڻ ڪنهن چترڪار جي چٽيل ڪا خوبصورت تصوير لڳي رهيو هو. انهيءَ خوبصورت تصوير جو هڪڙو حصو پريل جو گهر به هو، جنهن هن جي ماءُ منجيءَ تي ويهي لسي ولوڙيندي نڪر جي چاڏيءَ ۾ مانڌاٽيءَ کي مسلسل ڦيرا ڏئي رهي هئي، ۽ پريل جو پيءُ رسو ناهڻ لاءِ ڪٽ تي ويٺي ڏاس وٽي رهيو هو. پريل جي ڀيڻ شريفان چلهه تي تئو گرم ٿيڻ لاءِ رکي پنهنجي ننڍي ۽ لاڏلي ياءُ هوت جي اسڪولي ڪپڙن ۾ اڳٺ وجهي رهي هئي، ۽ هوت وري اڄ اسڪول نه وڃڻ جو ضد لايون ويٺو هو. شريفان ڪيس هوڏ تان لاهڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي.

پريل اڃا بستري تي سميو پيو هو. هن جي ننڊ ته ڪڏهن جو ڦٽي چڪي هئي پر سستيءَ ۽ آرس ڪيس ٻيهر اکيون بند ڪرڻ تي مجبور ڪيو هو. گهڻيءَ دير کان هو ريشمي سوڙ ۾ اکيون بند ڪيون پيو هو. هن جي ذهن ۾ خيال ڊوڙي رهيا هئا. تصور جي پردي تي بانوءَ جي تصوير تري رهي هئس ۽ من جي ساگر ۾ ان ڳٽين ۽ بي نانءُ جذبن جون لهرون مڌر سنگيت پيدا ڪري هيون هئس.

"بانو ... بانو... بانو..."

شعور جي زبان تي اهو نانءُ بار بار اچي رهيو هئس، ۽ ان نانءُ جي تاثر سان روح ۽ من جي گهراين ۾ هڪ دلڪش سنگيت ڦهلبو پئي ويس. هو بستر ۾ پئي انهيءَ سنگيت کي احساس جي ڪنن سان ٻڌندي سرور حاصل ڪري رهيو هو. دل پئي چيس ته سندس شعور جي زبان تي ائين ئي بانوءَ جي نانءُ جو ورد جاري رهي، ۽ ائين ئي هن جي خوبصورت نانءُ جي تاثر سان سندس روح ۽ من جي گهراين ۾ سنگيت جون لهرون ڦهلبيون رهن. پريل چاهيو ته جيڪر هو قيامت تائين بستري ۾ اکيون بند ڪيون، احساس جي ڪنن سان اهو سُور بخشيندڙ سنگيت ٻڌندو رهي.

"آهہ! ڪيڏي نہ دلڪشي آهي بانوءَ جي نانءَ ۾ هن جي تصور ۾...!" پريل جي روح مان جڻ هلڪو آواز نڪتو:
" تون منهنجي آن بانو... تون منهنجي آن!" هن جي دل جي دنيا ۾ جڻ خوشيءَ جون شرنايون وڄڻ لڳيون. هن پاسو بدلايو، گهڻيءَ دير کان هڪ ئي پاسي تي سمهڻ سبب هن جي ٻانهن سُڪي وئي هئي.

پاسو بدلائڻ بعد هن جي پيءُ جي دانهن سندس خيالن کي منتشر ڪري ڇڏيو. پريل جي پيءُ اوچتو شريفان کي ڏاڍيان سڏيندي چيو:

"امان شريفان!، حُقي جي ڦُلَ ۾ تماڪ ڳوڙڙي وجهي اڱرن سان تہ ڀري ڏي... ۽ ڏسجانء، تہ پاڻي بہ تازو اٿس الائي ڪونہ... نہ تہ ڪٿي ڏوٽي پرچانس بہ. رات بہ حقو ڪونہ پيتو هئم، سو صبوح سان ڏاڍي ٻاڙ لڳي اٿم." پويان لفظ پريل جي پيءُ پنهنجي منهن آهستي چيا هئا.

پيءُ جو سڏ ٻڌي شريفان ڪيس حقو ٺاهي ڏيڻ لاءِ هلي وئي ۽ هوت وري ماءُ سان نئون بوٽ وٺي ڏيڻ جو انگل ڪرڻ لڳو.

پريل هڪ دفعو وري وکريل خيالن کي سميٽڻ جي ڪوشش ڪئي. بانوءَ جي تصوير کي ٻيهر بند اکين جي پردي تي آڻڻ جي جدوجهد ڪيائين، پر اها اجائي ثابت ٿي.

"مٺا ياءُ! هيڏانهن تہ اچ...!" هن بيوسيءَ مان اکيون پٽي هوت کي پاڻ ڏانهن سڏ ڪيو.

هوت پريل جو سڏ ٻڌي ويتر ڪٿي پنهنجي چهري جي حالت بگاڙي، جڻ صبح صبح سان ڪنهن خراب لفظن سان سڏ ڪيو هجيس. هو پنهنجي وڏي ياءُ جي سڏ تي تہ ڪونہ ويو ۽ نہ ئي ڪيس ورندي ڏنائين، پر ويتر ڪٿي ضد ۽ ڪروڌ ۾ اضافو آڻي ڇڏيائين.

پريل کي هوت جي اهڙي رويي تي ڏک تہ ڏاڍو محسوس ٿيو پر هن انهيءَ ڏک جو ڪنهن سان بہ اظهار نہ ڪيو، ۽ نہ ئي هوت کي ڪا ميار ڏنائين. هونءَ بہ هوت جو ساڻس ان قسم جو رويو ڪنهن لاءِ بہ ڪا نئين ڳالهہ ڪانہ هئي. گهڻي وقت کان هو اڪثر پريل سان اهڙي بيرخي اختيار ڪندو رهيو هو. ننڍو ياءُ هوندي بہ الائي ڇو اڪثر هو پريل سان نهايت تکو ۽ تلخ رويو اختيار ڪندو رهندو هو. پيءُ ماءُ کان بہ هميشہ اها شڪايت ڪندو رهندو هو تہ، "توهان جو پٽ تہ بس ادا پريل آهي، مان تہ شايد ڪو لڌل آهيان." پريل هوت کي ويجهو ٿيڻ لاءِ هر وقت ساڻس چاهت جو تمام گهڻو اظهار ڪندو رهندو هو. هن جڏهن بہ ڪيس سڏيو يا ساڻس ڳالهايو هو تہ هميشہ نهايت پيار ۽ پاٻوهہ واري انداز سان ڪيس "برادر" يا "مٺا ياءُ!" ڪري سڏيو هو، پر فاصلا پوءِ بہ پنهنجيءَ جاءِ تي قائم رهيا هئا. هوت پوءِ بہ پريل کي پنهنجي پاران ڪانئس چڙ ۽ بيزاريءَ جو احساس ڏياريندو رهيو هو. پريل سان ڳالهائڻ وقت هوت جي لفظن ۽ جملن ۾ جڻ تہ باهہ جا اُلا هوندا هئا. انهيءَ احساس جي تپش محسوس ڪري پريل هميشہ اندر ۾ پڇرندو رهندو هو. هو اڪيلائيءَ ۾ اڪثر ڳوڙها ڳاڙيندو هو ۽ سوچيندو هو تہ "هن جو ڏوهہ ڪهڙو آهي، جنهن سبب هوت ڪانئس ايتري نفرت ڪري ٿو؟ ماڻهو تہ گناهہ کان پري ڀڄندا آهن، پر هوت ڇو هن جو ياءُ هوندي بہ ڪانئس ڪنهن گناهہ وانگر پاسو ڪري ٿو؟" گناهہ جو تصور ذهن ۾ ايندي ئي پريل پنهنجي پاڻ کان نفرت محسوس ڪرڻ لڳندو هو. ان وقت هوت جون اکيون بہ ڪيس نفرت جو آئينو پاسنديون هيون، جنهن ۾ هو پنهنجي نفرت پريل عڪس ڏسي ڏکي ويندو هو ۽ ڪيس ڪراهت ٿيڻ لڳندي هئي پنهنجي وجود کان. پوءِ هو هوت جي معاملن ۾ مداخلت گهٽائي ڇڏيندو هو. اڄ بہ هن محسوس ڪيو تہ هوت پاران نئين بوٽ جي فرمائش واري معاملي تي جيڪڏهن هن ساڻس وڌيڪ بحث ڪيو يا ڪيس ڪجهہ چيو تہ هو پنهنجي ضد کي اڃا چوٽ چاڙهي ڇڏيندو. اهو سوچي هن ڪٿي مات ڪئي ۽ ڪنهن گهريءَ سوچ ۾ گم ٿي ويو. هن جي سوچن جو سلسلو تڏهن ٽٽو جڏهن ماڻس سڏيندي چيس: "ابا، پريل! اُٿ واڙيءَ

مان وجي بہ ٽي گل ساون مرچن جا پٽي آءُ، تہ پيٽين تري وٺي...“ ماٺس وڏيڪ حال اورينديءَ چيس ”اڄ تہ بہ رپيا بہ کونہ آهن، جو ڪٿي دال يا ٻٽالون ني آٿايان ها.... هاڻي تہ اٽو بہ ختم ٿيڻ وارو آهي، الائي ڇا ٿيندو گهر جو....!“

ماءُ جو آواز ٻڌي پريل سنتي ني آرس ڀڳو ۽ پوءِ بستري تان اٿي، پيرن ۾ چمپل پاتي، گهڙامنجيءَ تي رکيل دلي مان ٻُڪ پاڻيءَ جو ڀريندي منهن کي بہ ڇنڊا هنيائين، ۽ پوءِ قميص جي داون سان منهن اگهندو واڙيءَ ڏانهن هليو ويو.

اها واڙي پريل جي پيءُ سندن گهر کان ٻن فرلانگن جي فاصلي تي پاڻ واري بہ جريب ٻنيءَ مان هڪ ٽڪري ۾ پوکي هئي. واڙيءَ جي انهيءَ ٽڪريءَ ۾ هو موسم آهر ڀاڄي پوکي گهر جي ٽن ويلن جي پورت ڪندا آهن، ۽ ان سبزيءَ مان ڪجهہ بازار ۾ وڪڻي ڪري هنن جو ڀيو بہ ٿورو ٿڪو گذر سفر ٿيندو آهي. جيتوڻيڪ هو اڪثر رڳو لوڙڪ، پالڪ، ساون بصرن ۽ ساون مرچن وغيره جو ني ذائقو ماڻي سگهندا آهن، پر پوءِ بہ ڪين بيوسيءَ ۽ محروميءَ جو احساس ڪونہ ٿيندو آهي. اهڙين حالتن هوندي بہ هو مطمئن رهندا آهن، ڪنهن کان شڪايت ڪونہ هوندي اٿن، ڇڻ تہ محرومين جو احساس ني ڪونہ ٿيندو هجين. هنن لاءِ جيڪو ڪجهہ آهي، بس اهو نيڪ آهي. شايد اهوئي ڳوٺاڻي زندگيءَ جو هڪ خوبصورت راز آهي تہ ماڻهن ۾ صبر ۽ قناعت وارو جذبو هوندو آهي. هو پنهنجا پير سوڙ آهر ڊگهيريندا آهن، هو گهڻائي جي لالچ نہ ڪندا آهن ۽ گهٽتائيءَ کي زندگيءَ جي هڪ سچائيءَ طور مڃيندا آهن.

ڪجهہ دير بعد پريل ساوا مرچ جهول ۾ پري گهر وريو ۽ چلهہ تي اچي شريفان کي ڏنائين. جيئن ماني پچائڻ بعد اهي تري وٺي. شريفان کي مرچ ترڻ لاءِ ڏئي وري جو هن هوت جي خبر لڌي تہ معلوم ٿيس، هاڻي وري همراهہ پئسن لاءِ ضد لايو وينو آهي. چوي ٿو تہ ”ڪنهن سنگتيءَ کان پنجاهہ رپيا اڌارا ورتا هئائين، سو هاڻي اهو واپس ٿو گهريس، تنهنڪري ڪٿان بہ آڻي ڪيس پئسا ڏنا وڃن تہ پوءِ هو اسڪول ويندو.“

ماءُ کان حوال وٺي پريل هوت جي ويجهو ويو. هن جي پر ۾ ويهندي سندس ڪلهي تي ٻانهن ورايائين ۽ ڪيس پنهنجي ويجهو ڇڪيندي چيائين: ”برادر! توکي خبر بہ آهي تہ گهر ۾ پئسا ڪونهن، پوءِ بہ تون ايڏو ضد لايون وينو آهين! ڏس، پئسا هجن ها تہ توکان پلا پيارا ڪريون ها؟“ پريل اڃا ڳالهايو ويٺي تہ هوت تلوار جهڙي تکي لهجي ۾ چيو، ”تون وچ ۾ چو ٿو پوين، پئسا مون امان کان گهريا آهن، توکان ڪونہ گهريا اٿم جو....“

هوت جي زهر جهڙي ورندي ٻڌي پريل جي هانو ۾ وڍ تہ پيو، پر پوءِ بہ ڦڪي مرڪ چپن تي آڻيندي هوت کي ڀيهر چيائين تہ ”منا ياءُ! اڄ تنهنجي ڪلاس جي ٽيسٽ آهي، ان لاءِ توکي هر حال ۾ اسڪول وڃڻو پوندو. ڏاهو ٿي اسڪول جي تياري ڪر...“ هن دفعي هوت پريل جي ڳالهہ جي ڪابہ موٽ نہ ڏني، ڇڻ تہ ڳالهہ ٻڌي ني ڪونہ هئائين. پريل هوت جي پر مان اٿندي حجت ۽ حڪم واري گڏيل انداز ۾ ڪيس چيو ”برادر! مان وهنجڻ ٿو وڃان، موٽي اچان تہ تيستائين تون اسڪول وڃي چڪو هجين.“ اهو چئي پريل پوتڙو ۽ صابڻ کڻي کوهہ تي ٽڙ ڪرڻ هلي ويو ۽ ڪنڌ ورائي اهو بہ ڪونہ ڏنائين تہ هوت ڪهڙي نہ رُکي انداز مان ڪنڌ ڦيرائي طنز وچان هن لاءِ ”هون!“ ڪري ڇڏيو هو. ان وقت پريل جو ڌيان شايد بانوءَ ڏانهن هيو.

بانوءَ جيڪا کوهہ تي دلا ڀرڻ ايندي آهي، هن جي ماسات آهي ۽ هن سان گڏ ڳوٺ جي گهٽين، ٻنين ۽ باغن ۾ کيڏندي ڪڏندي هاڻي جوانيءَ جي ڀهرنين ڏاڪي تي پهتي آهي. هاڻي هوءِ ڏاڍي چنچل ۽ ڪينچلي ٿي پئي آهي. ويڙهي جو کوهہ هنن جي ڪيچل جو خاص مرڪز آهي، جتي ويڙهي جون ساماڻيل ڇوڪريون ۽ زالون صبح صبح جو پاڻي ڀرڻ لاءِ گڏ ٿينديون آهن ۽ منجهند جو ڪپڙا ڌوئنديون آهن. ۽ مرد وهنجندا آهن. پر ڪڏهن ڪڏهن تہ اهي بہ ڪپڙن سميت اُتي لڳَ آگهارينديون آهن. کوهہ تي گڏ ٿي هو اڪثر گهريلو سياست، عورتن ۽ ڇوڪرين جي ذاتي معاملن تي تبصرا بہ ڪنديون رهنديون آهن.

ورندي ڏيندي چيو: "مان اسڪول وڃان نہ وڃان توهان جو يا ٻني ڪنهن جو اُن ۾ ڇا.؟" هوت جي اهڙي اڻڱاڻي پريل جي وجود ۾ ڦهريون پيرو ڇڙ جي ڇڻنگ دڪائي پريل جي وجود ۾ آڳ لڳائي ڇڏي. هن بنا دير جي وجي هوت کي وارن کان وٺي ڪُٽڻ شروع ڪيو. هوت بہ صفا ٻالڪڙو يا ايڏو فرمانبردار ڪونہ هيو جو خاموشيءَ سان مار کائي ويهي رهي ها. هن بہ نافرماني ۽ جوش جو مظاهرو ڪندي پنهنجا هٿ پير هلايا ۽ پريل کي هڪ ٻہ ڏڪ هنيا. پريل کي هوت جي اهڙي عمل تي وڏيڪ تواني آئي، پوءِ تہ هوت کي پريل کان ڇڏائڻ لاءِ ٻہ ڪو ويجهو ڪونہ پئي آيو. هن هوت جي خوب استري ڪري ڪتاب ڪٿايا ۽ ڪيس اسڪول لاءِ روانو ڪري پاڻ يونيورسٽي وڃڻ لاءِ تياري ڪرڻ لڳو.

پريل کٽ تي ويهي لٽا مٽيندي پيءُ کي چيو: "ابا! يونيورسٽي پيو وڃان ڪجھ پئسا ڪپن....!"

هن جي نماڻي التجا ٻڌي پٽس لاچاريءَ مان ٿڌو ساھ ڀريندي چيس "ابا، هڙ ۾ تہ ڪونہ اٿم ماڻهين اجا هاڻ حال ٻڌاڻي ويني اٿني، باقي رک الله تي. تون جيستائين تيار ٿئين تيستائين مان هلان ٿو شفن دڪاندار وٽ انهين ڪنئون ٿو اڌارا گهري ڏسان – من ترس پئيس، رپيا ڏني وجهي، پوءِ تہ ٻچا پئسا توتان گهور." اهو چئي پريل جو پيءُ حقي جي آخري ڦوڪ پري چيلھ کي هٿ ڏيندي اُٿيو ۽ ٻاهر وڃڻ لڳو تہ پريل هٿ وارو آئينو اڳيان ڪري وارن کي ڦڻي ڏيڻ لڳو.

پريل گهر کان ٻاهر نڪري گهٽيءَ جو موڙ ڪٽيو تہ پيءُ کي اُڌارن پئسن لاءِ منٿون ڪندي ۽ ٻانهون ٻڌندي ڏٺائين.

"بس شفن، ڏٺيءَ جي نالي ڪو قرب ڪر، مان سگهو توکي پئسا وياج سميت موٽائي ڏيندس." پريل شفن اڳيان پيءُ کي ليلائيندي ڏسي شرم کان ڪنڌ ڪٽي جهڪايو. دل ۾ آيس تہ پيءُ کي چئي ڪٽي: "بابا! ڇڏينس بس، ڪهڙي ماڻهوءَ کي ٿو منٿون ڪرين....!" پر شفن هاٺي منهن خراب ڪندي پئسن ڪيڻ لاءِ دخل ۾ هٿ وجهي چڪو هو. هن سؤ جو نوٽ ڪڍي پريل جي پيءُ کي ڏنو. پريل پيءُ کان اهي پئسا وٺندي چيو: " ابا! هنن مان پنجاھ رپيا "برادر" کي ڏيندو ويندس، پئسن لاءِ ضد پئي ڪيائين، مار بہ ڪيڍي تي مانس سو ڪاوڙيو هوندو. پئسا ڏيندومانس تہ من خوش ٿي وجي."

پريل جي ڳالھ ٻڌي پٽس مشڪندي ڪيس چيو: "چڱو ابا، پل اسڪول مان ياءُ جي خبر وٺندو وڃجانءِ." پيءُ کان موڪلائي هوت جي اسڪول ڏانهن رُخ رکيو، جيڪو هنن جي ڳوٺ کان ڏيڍ ميل جي فاصلي تي هيو. هوت پر واري ڳوٺ جي انهيءَ هاءِ اسڪول ۾ ميٽرڪ جو شاگرد هو.

پريل اسڪول پهچي هوت جي استاد کان سندس جاچ ڪئي تہ هن ٻڌايس تہ "هوت تہ اڄ اسڪول آيو ئي ڪونهي." استاد جي ورندي ٻڌي پريل تڪڙ ۾ پوريان پير ڪيا ۽ سڌو اچي گهر نڪتو. ماءُ کان هوت جو پڇيائين ۽ ڪيس ٻڌايائين تہ هوت اسڪول ڪونہ پهتو آهي. ماٺس ڪٽي پنهنجا ٻئي هٿ گوڏن تي هٽي رڙ ڪئي: "هاءِ! منهنجو ٻچو...!"

ماءُ جي اهڙي حالت ڏسي پريل هڪو ٻڪو ٿي ويو ۽ حيرت مان پڇيائين: "امان، تون روئين ڇو ٿي. اهڙي بي حوصلي ڇو ٿي ٿئين؟"

ماءُ روئندي چيس: " بي حوصلي نہ ٿيان تہ ماٺ ڪري ويهان؟ خوش ٿيان؟ اڙي مهل سان پيچ ، وجي ڳوٺ جا سيئي کوھ جاچ. منهنجو ٻچو...." ماءُ جي ڳالھ ڪنن تي پوندي پريل جا بہ هوش اڏري ويا. ڪيس احساس ٿيو تہ هوت واقعي اهڙو جوشيلو ۽ جذباتي آهي جو اجوڪي واقعي سبب وجي... "پر نہ، ائين نہ هوندو. خدا ڪري ائين هجي بہ نہ!" اهو سوچي هن نهايت ئي تيز ڊُڪ پري. هن جو دماغ عجيب ڪشمڪش ۾ مبتلا هيو. هو هڪ هڪ

شيءِ اهڙين نظرن سان ڏسي رهيو هو ڄڻ ڪو خواب ڏسندو هجي. گم سم ۽ وياڪل وياڪل، ڄڻ ڪيس ڪنهن به شيءِ تي يقين نٿي آيو. گهر ۽ دڪان، گهٽين ۾ گهمندڙ ڦرندڙ ماڻهو، زمين ۽ آسمان، سڀ جا سڀ واريءَ تي ٺهيل ڪنهن تصوير جيان لڳي رهيا هئس. پاڻياٺين ٿي ته اجهو هوا لڳندي ۽ اها تصوير ميسارجي ويندي، پوءِ ڪجهه به نه بچندو. هڪ خال رهجي ويندو، بي انتها ۽ خال، جنهن ۾ هو آسمان تان ٽٽل ڪنهن ستاري جيان پورا پورا ٿي وڃانجي ويندو. سوچيندي ڊوڙي رهيو هو پنهنجي سموري قوت سان.

ڳوٺ جي آبادي ايتري ته مختصر آهي جو ننڍو وڏو فرد هڪ ٻئي کي نالي سان سڃاڻندو آهي. پريل رستي ۾ گڏڻ ماڻهن کان پنهنجي پاءُ هوت جي پڇا ڪئي، پر ڪنهن به ڪيس ڪونه ٻڌايو ته هوت فلاڻي هنڌ راند پيو ڪيڏي، يا ڪنهن سنگتيءَ سان گڏ هيو. يا وري پر واري ڳوٺ ڏانهن ماڻڻ ڏانهن پئي ويو. هر ڪنهن بس اهو پئي چيو ته: "الائي مون کي خبر ناهي." ....، "مون ڪونه ڏٺو."

گهٽين ۽ ٻنين مان ماڻهن کان پڇائيندو، هڪ ڪوهه تي پهتو. اتي ڪو نشان ڪونه ڏٺائين. ٻئي ڪوهه تي ويو جنهن جو منهن جاري سان پريل مليس. هن وري هڪ تيز ڊُڪ پاتي. هاڻي هن جي اکين جي ڇپرن ۾ ڳوڙها اٽڪيل هئا. ڪيڙهيءَ مان پڇندي هڪ هنڌ ٿابو آيس. دل اڳئي جهريل هئس، سو اکين مان ڳوڙها ڳڙڻ لڳس، جيئن ڪنهن گهري زخم مان رت وهندو آهي. ڳوڙهن سان گڏ هن جي دل مان هوت لاءِ آهون به نڪري رهيون هيون. "هوت! منهنجا منا پاءُ، تون ڪٿي آهين. ڏس، تولاءِ منهنجو ڪهڙو حال ٿيو آهي، ڪهڙي قيامت مون تي گذري رهي آهي، مان ڪهڙي نه اذيت ٿو سهان! منا پاڻڙا! توکي ڪهڙي خبر مون توکي ڪيڏو ڳوليو آهي. پر تون ڪٿي آهين، ڪهڙي جهان ۾ گم ٿي ويو آهين، منهنجا پاڻرا تون آخر ڪاڏي ويو آهين؟" مختلف سوداءَ ڪندو هوت کي هر هنڌ ڳوليندو، ڊڪندو ۽ پڇندو، پريل هڪ ٻئي ڪوهه تي پهتو، جيڪو نهايت ويران هيو. چوڌاري ڊِپ ڦتل هئا. انهن ني ڊپن ۾ هوت جا ڪتاب پيل ڏسي پريل جو ڏيل ڏڪي ويو. دل جي رفتار تيز ٿي ويس ۽ لڱ ڏڪڻ لڳس. پاڻ ۾ حوصلو پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هوريان هوريان هو ڪوهه ڏانهن وڌيو. ڪوهه ۾ جهاتي جو پاتائين ته نڙيءَ مان هانءُ ڦاڙيندڙ رڙ نڪري ويس. پاڻي جي سطح تي هوت جو لاش ترندي ڏسي هن جا حواس خطا ٿي ويا. هو هانءُ ڦاڙي رڙيون ڪرڻ لڳو. جيستائين ٻنين ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو هن جي رڙين تي گڏ ٿين ها، هن هوت جي ڪتابن ڏانهن جو نظر ڦيرائي ته ڪتابن جي مٿان هڪ ڪاغذ ۽ ڪاغذ جي مٿان پٿر رکيل ڏٺائين. هن سٽ پاڻي ويڙهيل ڪاغذ ڪٽي ورتو ۽ تڪڙ ۾ کولي ڏٺائين. هوت جو پريل جي نانءُ لکيل آخري خط هيو، جيڪو پڙهي پريل جي شعور جي دنيا ۾ اوچتو گجگوڙ ٿيو. وجود به ڄڻ ان ڌماڪي سان پورا پورا ٿي پيس. زمين پيرن هيٺان ڪونه رهيس ۽ آسمان به ڄڻ هن مٿان ڪسڪي الائي ڪيڏانهن گم ٿي ويو. هڪ خال هيو جنهن ۾ هو اڪيلو بيٺو هو. خاموش ۽ گم سم! هڪ خط کي بار بار بي يقينيءَ وارين نظرن سان پڙهي رهيو هو. ضبط جا سمورا بند ٽٽي چڪا هئا، ۽ هو ڪنهن ابهم ٻار جيان زاروزار روئي رهيو هو. بيشمار خيال ۽ ڳالهيون هن جي ذهن ۾ دونهين جيان ڦيرا ڏئي رهيون هيون. هو سوچي رهيو هو: ڪاش! خط ۾ ڄاڻايل راز جو انڪشاف مٿس اڳ ۾ ٿئي ها ته هو زندگيءَ ۾ بانوءَ کي ڪڏهن به نه چاهي ها. ڪيس جي خبر هجي ها ته هوءَ هوت جي به پسند آهي ته هو ڪڏهن پلا بانوءَ کي پيار ڪري پنهنجي پاءُ هوت جي نفرتن جو مرڪز بڻجي ها! هو ته هوت تان پنهنجو سڀ قربان ڪرڻ جو جذبو رکندو هيو، بانو ته ....! پر هاڻي ڇا ٿيندو؟ هوت ته خودڪشي ڪري پنهنجي حياتي موت جي حوالي ڪري ڇڏي، پر پريل الائي ڪيترو وقت پيڙائن ۾ بار بار جيئندو ۽ مرندو رهندو...!

●

كرم سنڌي

# خواهشن جو موت

شهر مان ورندي دير ٿي وئي اٿس: اُڀ تي تارا ٽمڪي رهيا آهن ۽ چوڌاري چپ چپات آهي. اڄ هو ڏاڍو خوش آهي. من سج اڀرڻ کان پوءِ، سورج مکيءَ جيان ٽڙيل اٿس. گهڻي عرصي کان، جيڪا چپن کان مرڪ، ڪنهن بي وفا محبوبا جيان پيرو ڀڄي وئي هئي، سا ٻيهر موٽي آئي آهي. اڄ هو ايڏو ته خوش آهي، جو ڄڻ قارون جو خزانو مليو ويو اٿس. سندس من ۾ ڪيئي خواهشون ڪر کڻي جاڳي پيون آهن. اڄ ماستري جو آرڊر جو مليو اٿس.

هو پڪي روڊ تان لهي ڳوٺ ڏانهن ويندڙ ڪچي رستي تي هلندي سوچي ٿو:

"منهنجو پيءُ جيڪو ڏولاون سان وڙهندي وڙهندي ٿڪجي پيو ۽ کيس ٽي. بي جهڙو گندو مرض وڪوڙي ويو اٿس. هاڻي انهي جو آءٌ سولائيءَ سان شهر جي سٺي اسپتال ۾ علاج ڪرائي سگهندس. منهنجي جيجل ماءُ، جيڪا وڏيري جي حويليءَ جو ڪم ڪندي ساڻي ٿي پئي آهي ۽ هاڻي جيوت جا باقي پل آرام ۽ سڪون سان گذارڻ ٿي چاهي. ماءُ جي اِها خواهش پايہ تڪميل تائين پهچائيندس. منهنجي پياري ڀيڻ، جيڪا چاهي ٿي ته پنهنجو به پڪو گهر هجي بجلي هجي، ٽي. وي هجي، ڊش انٽينا، وي.سي. آر. هجي، هاڻي آءٌ اهي شيون خريد ڪري پنهنجي پياري ڀيڻ جي معصوم جذبن کي پُرڻ کان بچائي وٺندس. منهنجي ننڍپڻ جو پيار نرگس! هاڻي ان کي به پنهنجو جيون ساٿي بڻائي ڇڏيندس. ويچاري نرگس جڏهن منهنجي نوڪري جو ٻڌندي ته ڪيڏو نه خوش ٿيندي."

ياد ٿيون اچنس نرگس سان گهاريل چانڊوڪي جون راتيون ۽ ڳالهيون.

آءٌ ته روزانو هٿ کڻي مولا کان دعا گهرندي آهيان ته توکي نوڪري ملي. آءٌ ڪڏهن ڪڏهن اهو سوچي ڊڄي ويندي آهيان ته جيڪڏهن توکي نوڪري نه ملي ته بابا منهنجو سڱ توکي ڪڏهن به ڪونه ڏيندو. پاڻ ائين ڪيترو لوڪ کان لڪي ملنداسين. تون جلدي نوڪري وٺ ته پاڻ گڏجي زندگي گهاريون. آءٌ جڏهن به توکان جدا ٿيندي آهيان ته منهنجو من ڪامڻ لڳندو آهي." تو کان سواءِ من ۾ اونداهي جو راڄ هوندو آهي. اڻ پڙهيل آهيان. تون مون کي نڪرائي، ڪنهن پڙهيل لکيل ڇوڪريءَ کي ته پنهنجو جيون ساٿي ڪونه بڻائيندين؟"

"خبردار! بيهي رهہ"

هو اوچتي هڪل تي ڇرڪي پوي ٿو. ڪرڙن جي جهڳٽي مان ٽي ڄڻا نروار ٿين ٿا. هڪ ڄڻو مٿس ڪهاڙي اُلاري بيهي ٿو، ٻيا جهڙتي وٺڻ شروع ڪن ٿا. جيتوڻيڪ ٽنهي جي چهرن تي ٿوال اوڍيل آهن، پوءِ به هڪ ڄڻي کي سڃاڻي وٺي ٿو.

"شيرو! تون......!" لفظ نڙيءَ ۾ اٽڪي پون ٿا.

۽ پوءِ ٽيئي ڄڻا پاڻ ۾ صلاح ڪري، هن تي ڪهاڙين جا وار ڪن ٿا.

خدا جا واسطا.... رڙيون.... ڪوڪُون... سڀ پر سڀ بي سود!

۽ نيٺ هن سان گڏ، هن جي من ۾ جاڳيل سيئي خواهشون مري وڃن ٿيون.

•

"ڪجهہ پيتو اٿئي ڇا؟"

"نہ... هيڏي اڄ."

خاموشي. اکيون جميل. چپن تي زبان.

"ڇو؟"

"مون کي علامہ آءِ. آءِ. قاضي ياد ٿو اچي."

"لکي ڇڏ، صبح جو پڙهانجانءِ."

"مون کي اهو ڪجهہ ياد ٿو اچي... جيڪو... ڇا؟" (خيالن ۾ گم ٿي ويو) "ها! اهو ڪجهہ ياد ٿو اچي جنهن جي الفابيٽ پوري نہ ٿي سگهي آهي."

"الفابيٽ تہ ٻوليءَ جي ٿيندي آهي!"

"علامہ واري، پيار جي ٻولي."

هي سوچ جو وهڪرو نظر کان تکو آ ۽ نظر تلوار کان. رات مون کان ٻہ لڏل گل وڃائجي ويا، جيڪي پيار جي... تحفي ۾ مليل هئا.

خوبصورتي، ذلت ۽ خود ڪشي.

توهان سنڌي ان پاسي جو ٿا سوچيو ۽ پوءِ سبب.

عورت، پيسو، گهر، آزادي- فضول سبب آهن!

نہ ڪرڻ کپي!

يا زال ٻ... وڃي. گهر ۾ بيعزتي ٿي هجي، سماج ۾ ذليل پئو. اها ڳالهہ جيڪا پيءُ ۽ ماءُ سان نہ ڪري سگهو.

سوٽ، ماسات ڀڻات سان پيار! هجن ٻہ مڱليون. اها ٻہ ناانصافي آهي، پاڻ سان.

پوءِ ٻہ نہ ڪرڻ کپي. مذاق مذاق ۾ هڪ نند جي ٽڪي وٺي ڇڏيو.

وساري ڇڏيو.

ياد ڪيو - ايندڙ موسمن ۾ ٿيندڙ گُلَ.

مون کي چيو هنائين: "نفرت جي نانءُ کان هڪڙو ٿوهر جو وڻ ڏئي ڇڏ. مون کي هڪ نئي سوکڙي ڏجانءِ پنهنجي ڳل جا موهيڙا. شايد سقراط پهريون ڀيرو پيتو هو، پر مان تہ عادي ٿي وڃي آهيان. اي جاهل! تلوار ۽ ستار گڏائي نہ رک."

اڄ ٻہ ياد آهي. ڪار تي فائر ٿيا هئا.

گاڏي ڪلئي - روڊ تي رت. گلاب جي خوشبوءِ. پويان گوليون. زبان وات کان ٻاهر، ڪير ٻہ لهي نہ سگهيو.

جذبا چيپاٽجي ويا!

خوشبو پيار. اميدون، ناگاساڪيءَ جيئن رک ٿي ويون. اکيون ناچ پيون ڪن، ڪار جي شيشي مان.

هنن کي پستل هٿ ۾. چپن تي مرڪ. ڪلندا ڪلندا روڊ تان لهي ويا.. چهرو هيڊو هيڊو

گاڏيون.

ماڻهو.

رڙيون...

سڏ.

ايمبولينس، پوليس، هاسپيٽل، ڊاڪٽر - ڊرپ.

بيهوشي!

پوءِ خبر پئي، آيا هتا صحافي.

هونءَ اسپتال ۾ ويندي سٺو نہ لڳندو آهي، هاڻي تہ پاڻ ۾ اسپتال.

تڏهن کان ماڻهن تي ويساهہ نہ ٿيندو آهي، جڏهن کان آءٌ ۽ ڪار گولين سان ايڪسيڊنٽ ٿيا هئاسين. هُو شايد مارڻ گهرن پيا! آءٌ نہ بچي ويس، گوليءَ جي اک کان.... هاڻي اڪين کان ڊپ ٿيندو آهي.

هاڻي اڪيلو آهيان.

هڪ ڏينهن نرس چوي پئي: "تون بچي ويو آهين ۽ جڏهن توکي هاسپيٽل کان موڪل ملي تہ پوءِ تون ڪنهن سٺي پامسٽ کي هٿ ڏيکارجانءِ."

•



## منشي پريم چند

سنڌيڪار : اعجاز جعفري

# ڪفن

جهوپڙيءَ جي دروازي تي پيءُ ۽ پٽ تازي وساميل باهه ويجهو خاموش ويٺل هئا ۽ جهوپڙي اندر پٽ جي جوان زال حمل جي تڪليف ۾ سيڪجي رهي هئي ۽ رکي رکي ان جي وات مان اهڙيون ته دل سوز صدائون نڪري رهيون هيون جو ٻنهي جا هانوَ ڏکي رهيا هئا. سردين جي رات هئي، فضا خاموشيءَ ۾ غرق، سڄو ڳوٺ اونداهيءَ ۾ جذب ٿيل.

دينو چيو: "لڳي ٿو ته بچي نه سگهندي، سڄو ڏينهن تڙپي آهي، وڃ وڃي ڏسي ته اچ."

خانو دردناڪ لهجي ۾ چيو: "مرڻو آهي ته جلد ڇو نٿي مري وڃي. ڏسي ڇا اچان؟"

"تون ڏاڍو بي درد آهين. سال ٽائين جنهن سان گڏ زندگيءَ جا سُک ڪمايئي، ان سان ايڏي بي وفائي؟"

"مون کان ان جو تڙپڻ ڏٺو نٿو ٿئي ۽ هٿ پير هڻندي به ڏسي نٿو سگهان."

مزوري ڪندڙ گهراڻو هو ۽ سڄي ڳوٺ ۾ بدنام. دينو هڪ ڏينهن ڪم ڪندو هو ته ٽي ڏينهن آرام. خانو ايترو ته ڪم چور هو جو هڪ ڪلاڪ ڪم ڪندو هو ته ڪلاڪن ٽائين حُقو پيئندو هو. انهن کي ڪوبه ڪم ڪار لاءِ نه رکندو هو. گهر ۾ جيڪڏهن ٻُڪ کن به اَنُ هوندو هو ته اهي ڪم کان ته قسم کائي ويهندا هئا. جڏهن هڪ ٻه فاقه ٿي ويندا هئا ته دينو وڻن تي چڙهي ڪاٺيون ڪندو هو ۽ خانو انهن کي بازار ۾ وڪرو ڪندو هو ۽ جيستائين اهي پئسا رهن، هيڏانهن هوڏانهن رُلندا رهندا هئا. فاقن جي نوبت اچي ويندي هئي ته وري ڪاٺيون ڪري يا ڪا مزوري تلاش ڪن. ڳوٺ ۾ ڪم ڪار جي گهٽتائي نه هئي. هارين جو ڳوٺ هو. محنتي ماڻهو لاءِ ڪم هزار، پر هنن کي ماڻهو صرف ان وقت سڏائيندا هئا جڏهن ڪو چارو ئي نه هجي. عجيب زندگي هئي انهن جي. گهر ۾ مٽيءَ جي ٻن ٿانون کان سواءِ ڪوبه اثاثو نه هو. ڦاٽل ڪپڙن سان پنهنجي عرياني لڪائي، دنيا جي فڪرن کان آزاد، قرض ۾ گهيريل. گاريون به کائيندا هئا ته به ڪو غم نه. مسڪين ايترا جو قرض جي وصولي جي اميد نه هئڻ جي باوجود به ماڻهو ڪجهه نه ڪجهه قرض ڏيئي ڇڏيندا هئا. مٽر يا پٽاٽن جي ٻني دوران مٽر يا پٽاٽا پٽي ڪڻي ڀاڄي کائيندا يا پنج ڏهه پٽي ڪڻندا ايندا ۽ رات جو چُوسيندا رهندا.

دينو انهيءَ زاهداڻي انداز ۾ سٺ سالن جي ڄمار گذاري ۽ خانو به سعادتمند اولاد وانگر پيءُ جي نقش قدم تي هلي رهيو هو. بلڪ ان کان به وڌيڪ ان جو نالو روشن ڪري رهيو هو. هن وقت به اُهي باهه وٽ ويهي پٽاٽا پُچي رهيا هئا، جيڪي ڪنهن ٻني مان پٽي آيا هئا.

دينوءَ جي زال ته گهڻو عرصو اڳ گذاري ويئي هئي. خانو جي شادي گذريل سال ٿي هئي. جڏهن کان اها عورت آئي هئي، هن خاندان کي ڍنگ جهڙو ڪيو هو. اٽو پيهي، گاهه وغيره ڪري، سير کن اٽي جو انتظام ڪندي هئي ۽ انهن ٻنهن بي غيرتن جي پيٽ جو دوزخ ڀريندي هئي. جڏهن کان اها آئي هئي، اهي ٻئي اڃا به وڌيڪ آرام پسند ٿي ويا هئا، بلڪ هاڻ ته ڪجهه رعب ڄمائڻ به لڳا هئا.

ڪو به ڪم لاءِ گهرائيندو هو ته بي نيازي ۽ آڪڙ سان ٻيڻي مزوري گهرندا هئا. اهائي عورت اڄ صبح کان حمل جي تڪليف کان مري رهي هئي ۽ اهي ٻئي شايد انهيءَ انتظار ۾ هئا ته جيئن اُها مري ته آرام سان سُمهون.

دينو پٽاٽا کيڏي چليندي چوڻ لڳو: "وچي ڏس تہ ڇا حال آهي ان جو. هتي تہ ڪوبہ ايندو تہ پئسا گهرندو، پوءِ ڪو بہ هتي ڇو ايندو؟"

خانوءَ کي خطرو هو تہ جيڪڏهن اهو جهوپڙي ڏانهن ويو تہ دينو پٽاٽن جو چڱو حصو پاڻ صاف ڪري ڇڏيندو. تنهن ڪري چوڻ لڳو: "مون کي هتي ڊپ ٿو لڳي."

"ڊپ ڪهڙي ڳالهہ جو، مان تہ هتي ئي آهيان."

"پوءِ تون ئي وڃي ڏس نہ."

"منهنجي گهر واري جڏهن مُئي هئي تہ مان ٿي ڏينهن اتان چُريو نہ هئس. پيو اهو تہ تنهن مون کان شرمائيندي نہ ڇا؟ ڪڏهن هن جو مُنهن نہ ڏٺو آ! اڄ هن جو اگهاڙيل بدن ڏسندس، ان کي ڪنهن قسم جو هوش نہ هوندو، مون کي ڏسندي تہ سولائي سان هٿ پير بہ هٽي نہ سگهندي."

"مان سوچيان ٿو تہ ٻار ٿي پيو تہ ڇا ٿيندو. تيل، ماکي وغيره ڪجهہ بہ تہ نہ آهي هن گهر ۾."

"سڀ ڪجهہ ايندو. خدا ٻار تہ ڏي..... جيڪي ماڻهو هينئر پئسا نٿا ڏين، اهي تڏهن ڀلائي ڪندا. منهنجا نوَ پٽ ڄاوا، گهر ۾ ڪجهہ بہ نہ هو پر اهڙي طرح هر ڀيري ڪم ٿي ويو هو."

جنهن سماج ۾ رات ڏينهن ڪم ڪندڙن جي حالت انهن جي حالت کان ڪجهہ چڱي سٺي نہ هئي ۽ هارين جي مقابلي ۾ اهي ماڻهو جيڪي هارين جي ڪمزوري مان فائدو وٺڻ ڄاڻندا هئا، تمام آسوده هئا. هتي اهڙي قسم جي ذهنيت پيدا ٿيڻ ڪا تعجب جوڳي ڳالهہ نہ هئي. اسان تہ چونداسين تہ دينو هارين جي مقابلي ۾ انتهائي چالاڪ هو ۽ هارين جي ساده طبيعت جماعت ۾ شامل ٿيڻ بجاءِ عيارن جي فسادي ٽولي ۾ شامل ٿي ويو هو. هن ۾ اها صلاحيت نہ هئي جو عيارن جي آئين ۽ ادب جي پابندي ڪري. انڪري اهڙي قسم جي جماعت جا ٻيا ماڻهو ڳوٺ جا چڱا مڙس بڻيل هئا، انهن تي ڳوناڻي آگريون کڻندا هئا. تنهن هوندي بہ اهو اطمينان هو تہ جيڪڏهن ان جي حالت بدتر آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ ٻين هارين وانگر جگر ٽوڙ محنت تہ ڪرڻي نٿي پوي ۽ ان جي سادگي ۽ بي زباني جي ڪري ٻيا ناجائز فائدا نٿا وٺن.

ٻئي پٽاٽا ڪيڏي گرم گرم کائڻ لڳا. ڪالهہ کان ڪجهہ بہ نہ کاڌو هئن. ايترو صبر نہ هئن جو پٽاٽا ٿڌا ٿيڻ ڏين. ڪيئي ڀيرا انهن جي زبان بہ سڙي وئي. کَل لاهڻ کان پوءِ ٻاهريون حصو تہ گهڻو گرم محسوس نہ پيو ٿئي، پر ڏندن هيٺان ايندي ئي اندريون زبان ۽ نڙي ساڙي ڀيو ڇڏي ۽ اهڙي ٽانڊي کي مُنهن ۾ رکڻ کان وڌيڪ اهو بهتر پيو لڳي تہ اُهو نڙي مان لهي وڃي. هتي ان کي ٿڌي ڪرڻ لاءِ ڪافي سامان موجود هو ان ڪري ٻئي جلدي جلدي ڳِهي وڃن. حالانڪ ان ڪوشش ۾ انهن جي اکين مان ڳوڙها پڻ نڪري آيا.

دينو٭کي ان وقت وڏيري جي شادي ياد آئي، جنهن ۾ ويهہ سال اڳ هُو ويو هو. هن دعوت ۾ ان کي جيڪا ماني نصيب ٿي هئي، اها هن جي زندگي ۾ هڪ يادگار واقعو هو ۽ اڄ بہ ان جي ياد تازه هئي. چوڻ لڳو "اهو ڏينهن نٿو وسري. ان ڏينهن کان اڄ ڏينهن تائين اهڙو کاڌو ۽ پيٽ ڀري نہ مليو. ڪنوار وارن سڀني کي پوريون کارايون هيون. سڀنن ننڍن وڏن پوريون کاڌيون هيون ۽ اصلي گيهہ جي نهيل چٽني، رائتو، ڏوڻرو، مٺائي، طرحين طرحين جا اعليٰ طعام تيار ڪرايا ويا هئا. ان ڏينهن ڪيڏو نہ سواد محسوس ٿيو هو. ڪا روڪ ٽوڪ نہ هئي. جيڪا شيءِ گهرجي، گهُرو ۽ جيتري وٺي اوتري کائو. ماڻهن ايترو کاڌو جو پاڻي پيئڻ بہ مشڪل ٿي پيو هو. پر ڏيڻ وارا گرما گرم گول مزيدار ڪچوريون وجهي ڇڏين. منع بہ ڪيون تہ نہ ڪيي، پر اُهي هئا جو وجن ڏيندا ۽ جڏهن سڀني مُنهن هٿ ڌوتا تہ هڪ اعليٰ قسم جو پان بہ مليو. مون کي پان کائڻ جي ڇا خبر هئي! نشي دار پان کائڻ جي ڪري بيهي نہ پئي

سگهيس. فوراً وجي پنهنجي کٽ تي وجي سمهي پيس. اهڙو ته دريا دل هو اُهو وڏيرو."

خانو انهن ڳالهين جو مزو وٺندي چوڻ لڳو، "هاڻي ڪو اسان کي اهڙي ماني کارائيندو."

"هاڻي ڪير ڪنهن کي کارائيندو. اهو زمانو ٻيو هو. هاڻي ته هر ڪنهن کي ڪنجوسي سُجهي ٿي. شادي جي رسمن تي خرچ نه ڪيو. ڪفن دفن تي خرچ نه ڪيو. ڪو پڇي ته غريبن جو مال جيڪو ڏينهون ڏينهن ميڙي رهيا آهيو، ڪٿي رکندا! پر ميڙڻ ۾ ڪا گهٽتائي نٿي اچي. ها خرچ ۾ ڪنجوسي سُجهي ٿي."

"تو ويهه پوريون ته کاڌيون هونديون."

"ويهن کان وڌيڪ کاڌيون هيون."

"مان ته پنجاهه کائي وڃان ها."

"پنجاهه کان گهٽ ته مون به نه کاڌيون هيون. جوان مڙس هئس، تون ته ان جو اڌ به ناهين."

پٽاٽا کائي، ٻنهي پاڻي پيتو ۽ اتي ئي باهه جي سامهون بي فڪرا ٿي سمهي رهيا ۽ خانو جي زال اڃان تائين تڙپي رهي هئي.

(۲)

صبح خانو جهوپڙيءَ ۾ وڃي ڏٺو ته ان جي زال گذاري چڪي هئي. ان جي مُنهن تي مکيون گهمي رهيون هيون. پٽريل اکيون مٿي ٽنگيل هيون. سڄو جسم خاڪ سان ڀريل هو. هن جي پيٽ ۾ ٻار گذاري چڪو هو.

خانو ڊُڪندو دينوءَ وٽ آيو. پوءِ ٻئي زور زور سان هاءِ هاءِ ڪرڻ لڳا ۽ سينو پٽڻ لڳا. پاڙيسرين جڏهن روئڻ جو آواز ٻڌو ته گهران اچي قديم رسم مطابق صبر ڪرڻ لاءِ چوڻ لڳا.

پر وڌيڪ روئڻ ڌوئڻ جو وقت نه هو. ڪفن جو فڪر ڪرڻو هو. گهر ۾ ته پئسو ائين غائب هو، جيئن گڏهه جي مٿي تي سڱَ!

پوءِ پٽ روئندا ڳوٺ جي چڱن مڙسن ڏانهن ويا. اهي انهن ٻنهي جي صورتن کان نفرت ڪندا هئا. ڪيئي ڀيرا انهن کي پنهنجن هٿن سان موچڙا به هڻي چڪا هئا، چوري ڪرڻ جي ڪري، وعدي تي ڪم نه ڪرڻ جي ڪري. پڇيائون "ڇا ٿيو، دينو؟ روئين ڇو ٿو؟ هاڻ ته تنهنجي شڪل به نظر نه ايندي آهي، هاڻي لڳي ٿو توکي هن ڳوٺ ۾ رهڻو ڪونهي."

دينو زمين تي مٿو رکي اکين ۾ ڳوڙها ڀري چيو، "سائين وڏي مشڪل ۾ آهيان. خانوءَ جي گهرواري رات گذاري ويئي. سڄو ڏينهن تڙپندي رهي. اڌ رات تائين اسان ٻئي ساڻ ويٺا رهياسين. دوا وغيره جيڪو ڪجهه ٿي سگهيو سڀ ڪيو، پر هو اسان کي ڌوڪو ڏيئي وئي. هاڻ ته ڪو ماني ٽڪر ڏيڻ وارو به نه رهيو، سائين. تباهه ٿي وياسين، گهر برباد ٿي ويو. اوهان جو غلام آهيان، هاڻي اوهان کان سواءِ ڪير اُن کي ڪفن دفن ڪرائيندو. اسان جي هٿ ۾ جيڪي ڪجهه هو، اُهو سڀ دوا وغيره تي خرچ ٿي ويو. سرڪار جي مهرباني ٿيندي جو ان جو ڪفن دفن ڪرائي. اوهان کان علاوه ڪنهن جي در تي وڃان؟"

وڏيرو رحمدل ماڻهو هو. پر دينوءَ تي رحم ڪرڻ ڪاري ڪمبل تي رنگ چاڙهڻ هو. دل ۾ آيو ته چئي ڏي: "هٽ پري ٿي هتان کان. لاش گهر تي سڙڻ ڏي. هونئن ته سڏڻ تي به نه ايندو آهين، اڄ غرض ٿيئي ته اچي خوشامد ڪري رهيو آهين. حرام خور ڪٿي جو، بدمعاش. پر اهو غصي يا انتقام جو موقعو نه هو. نه چاهڻ جي باوجود به ٻه سؤ رپيا ڦٽي ڪري ڏنا، پر همدردي جو هڪ لفظ به مُنهن مان نه ڪڍيائين. ان طرف ڏٺو نه به ائين لڳو ڄڻ مٿي جو سُور لاٿو هجئين.

"بابا! اسان بہ تہ هڪ نہ هڪ ڏينهن هُتي وينداسين."
دينو هن ٻاراڻي سوال جو جواب نہ ڏنو. خانو طرف بُجڙي انداز سان ڏٺو.
"جيڪڏهن هُتي اسان کان پڇا ٿيندي تہ توهان مون کي ڪفن ڇو نہ ڏنو تہ ڇا جواب ڏيندين؟"
"چوندس، تنهنجو مٽو."
"پڇندي تہ ضرور."
"تون ڪينئن ٿو چوين تہ اُن کي ڪفن نہ ملندو. تون مون کي ڪو گڏهہ سمجهين ٿو. سٺ سال دنيا ۾ ڇا گاهہ چرندو رهيو آهيان. ان کي ڪفن ملندو ۽ ان کان وڌيڪ سنو ملندو جيڪو اسان ڏيون ها."
خانو کي يقين نہ آيو. چيائين "ڪير ڏيندو پئسا تہ تو ڇَٽ ڪري ڇڏيا."
دينو ڪاوڙجي پيو. "مان چوان ٿو تہ ڪفن ملندو، تون ڇو يقين نٿو ڪرين."
"ڪير ڏيندو؟ ٻڌائين ڇو نٿو."
"اهي ماڻهو ڏيندا جن هينئر ڏنو آهي. ها، اُهي پئسا اسان جي هٿ ۾ نہ ايندا، ۽ جيڪڏهن ڪنهن طريقي سان اچي ويندا تہ ٻيهر اسان ساڳيءَ طرح هتي ويهي کائينداسين، پيئنداسين ۽ ڪفن ٿيون ڀيرو ملندو."
جيئن جيئن اونداهي وڌي پئي ۽ ستارن جي چمڪ تيز ٿئي پئي، شراب خاني جي رونق بہ وڌي پئي. ڪو ڳائي پيو، ڪو نچي پيو. ڪو پنهنجي دوست جي منهن تي ساغر لڳائي پيو. هتي جي فضا ۾ سرور هو، هوا ۾ نشو، ڪيترا تہ هڪ ڍُڪ ۾ چريا ٿي پئي ويا. هتي اچن پيا صرف پنهنجي پاڻ کي ڀُلائڻ جو مزو وٺڻ. شراب کان وڌيڪ هتي جي هوا مان مسرور ٿين پيا. زندگي جي تلخي هتي وٺي اچي پئي ۽ ڪجهہ وقت لاءِ اهي وسري پيا وڃن تہ اهي زندهہ آهن يا مرده آهن يا زندهہ دفن ٿيل.
۽ اهي ٻئي ٻيءَ پٽ هينئر بہ مزي سان پي رهيا هئا. سڀني جون نگاهون انهن ڏانهن گهوري رهيون هيون. ڪيترا خوش نصيب آهن اهي جو پوري بوتل وچ ۾ پئي اٿن.
ماني کان فارغ ٿي خانو بچيل ماني جا ٽڪر ڪٺي هڪ فقير کي ڏئي ڇڏيا، جيڪو بيٺي انهن ڏانهن مسڪين نگاهن سان ڏسي رهيو هو ۽ "پيئڻ" جي غرور ولولي ۽ خوشي جو پنهنجي زندگي ۾ پهريون ڀيرو احساس ڪيو.
دينوءَ چيو "خوب کاءُ ۽ دعا ڏي. جنهن جي ڪمائي آهي اُها تہ مري وئي، پر تنهنجي دعا ان کي ضرور پهچي ويندي. سچي دل سان دعا ڏي، وڏي ڪمائي جا پئسا آهن."
خانو ٻيهر آسمان ڏانهن منهن ڪري چوڻ لڳو: "جنت ۾ ويندي بابا! جنت جي راڻي ٿيندي."
دينو بيٺو ۽ چڻ خوشين ۾ جهومندي چيو "ها پٽ! جنت ۾ ويندي. ڪنهن ستايو ڪونهي، ڪنهن دٻايو ڪونهي. مرڻ کان پوءِ بہ اسان جي زندگي جي سڀ کان وڏي خواهش پوري ڪيائين .اها جنت ۾ نہ ويندي تہ ڇا اهي موٽا موٽا ماڻهو ويندا، جيڪي ٻنهي هٿن سان ڦرين ۽ پنهنجن گناهن کي لڪائڻ لاءِ پنسو لڳائن ٿا، ۽ مسجدن ۾ دعائون گهرن ٿا."
اهو خوش خياليءَ جو رنگ بدليو. غير مستقل نشي جي خاصيت آهي. غم ۽ نا اميدي جو دورو پيو.
خانو چيو: "پر بابا، ويچاري زندگيءَ ۾ ڏاڍو ڏک سٺو. مُئي بہ تہ ڏاڍي تڪليف سنائين."
هو اکين تي هٿ رکي روئڻ لڳو.
دينو سمجهايو، "ڇو روئين ٿو پُٽ! خوش ٿي، زندگيءَ جي تڪليفن کان آزاد ٿي وئي. جنجال کان بچي وئي. وڏي قسمت واري هئي جو جلد زندگي مان آزادي مليس."
۽ ٻئي اُتي ئي ڳائڻ لڳا.
"مون کي ڇڏي نہ وڃ، متان آءٌ مري وڃان."
سڄو ميخانو تماشي ۾ مگن هو ۽ اهي ٻئي خيالن ۾ گم ڳائيندا رهن ٿا. پوءِ ٻئي نچڻ لڳا. جهومڻ لڳا، ٽپا ڏنائون ۽ آخر نشي ۾ مست ٿي اُتي ئي ڪري پيا.



ڳاڙهي (ضلعو دادو) ۾ ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي تاريخي ٺهرايل مسجد کي گذريل برساتن ۾ پهتل نقصان. اتر وارو گنبذ، اڳيان منارا، ورانڊو ۽ پٺيون تباهه ٿي چڪا آهن!
(فوٽو: ڊاڪٽر لياقت مگسيءَ جي ٽورن سان)

ڪالهہ گڏيوسين ڪاپڙي، جهڙو ماهہ مُنير،
فيض، فراق، فقير، جوڳي جاڳائي ويو.
- ڀِٽائي



اشفاق حسين قاضي

# جوڳيءَ تي جَڙاءُ، نسورو ئي نبِنهن جو

## انقلابي فڪر جو ڌڻي : اشفاق قاضي
(يادگيرين جو سفر)

"هلو ادا."

"جي ادا."

"خبر پيوَ؟"

"نہ."

"قاضي صاحب گذاري ويو."

"هان!" (خاموشي)

"ڪيڏيءَ مهل؟"

"ڪلهہ شام جو. اڄ منجهند ڏاران ڪڍندا. توهان کي اطلاع نہ آهي؟"

"ڪير ڪنهن کي اطلاع ڏيندو؟ وڃڻ وارا ويندا رهن ٿا، پر هو مون ڪان جدا نہ آهي!" (خاموشي)

"ادا! ادا! آريو آل رائٽ."

"مان....مان... نيڪ آهيان... خيرپور پري تہ ناهي. شام تائين پهچي ويندس."

(طويل خاموشي ۽ فون بند.)

مون گهنٽي وڄائي.

"ڪير اندر نہ اچي."

وري فون بند.

"ييس."

"توهان جي گهران فون آهي."

"جي، ملاءِ."

"خبر پيئہ؟"

"سليم اصبح سادي ڏهين فون ڪئي هئي." منهنجي گهر واري ڳالهايو.

"ياٹو شمس جي هاڻ فون آئي هئي. هن ٻڌايو تہ اشفاق انين وڳي رات گذاري ويو آهي. خبر پيم ها تہ رات ئي وڃانس ها. منهن تہ ڏسانس ها. توکي تہ خبر آهي تہ منهنجو هُن سان ڪمڙو ناتو آهي. منهنجو تہ سڄڻ سائين... منهنجو تہ..!"

مان روئي پيس. گهر واريءَ آٿت ڏيڻ جي ڪئي. مون آهستي آهستي فون رکي. آفيس جي روشني جهڪي لڳم. آهستي آهستي چوڌاري اونده محسوس ڪيم. ڪرسيءَ بر پنجي رهيم. اکيون ڪئي بند ڪيم. يادگيرين جو سفر شروع ٿي ويو. جيڪب آباد جي پرائمري اسڪول جو فنڪشن آهي. ٻار ٿالهين بر پٽاٽا ڪئي دوڙ پڃاني رهيا آهن. اُنهن

"لنڊن جي روشنين ۾، ريجينٽ اسٽريٽ وٽ بيٺا هياسين جو ڪنهن ڳالهه تان مون توکي چيو هو يار! اسان جو ته قدر ئي ڪونهي. تو دانهن ڪري چيو هو ته يار هتي لنڊن ۾ به اهو پاڻ وارو پراڻو جملو! هت ته ائين نه چئه. هيءَ رواں دوان زندگي ته ڏس. اهو پراڻو رڪارڊ ته نه وڄاءِ."

اشفاق کلي پيو. سندس اُداسي گم ٿي ويئي.

* * *

لنڊن وارن ڊاڪٽرن باءِ پاس نه ڪئي ۽ چيو ته ڪجهه وقت گاڏيءَ کي هلاءِ. ٽن هفتن کان پوءِ واپس پهتس ته سڌو اشفاق وٽ. آرامي هو. خيرپور واپس پهتس ته اسٽيشن تي سڄي يونيورسٽي ۽ شهر جا ماڻهو نئين حياتي ملڻ تي آجيان ڪرڻ آيا هئا. يونيورسٽي پهتس ته ڪي ڪاوڙيل يار افسوس ڪري رهيا هئا ته جيئرو ڇو موٽيو. هنبوڇي هٿي ڏرٽو ماري ويٺا. رنج ٿيم. جنين ڪاڻ چار سال ڏينهن رات ڪري محنت ڪيم، دل جو درد پرايم، اڄ اُرها آهن ته جيئرو ڇو آهي هن جهان ۾! جلد واپس ڪراچي پهتس ته پُنهل کي دانهن ڏيان. ڏوهه نه گناهه. بس هن کي ڏيهه نيڪالي ڏيو!

دل جي تڪليف وڌي ويم. اشفاق وٽ پهتس، تيئن وسامي ويس، ڇو ته هاڻ هُو ڳالهائڻ جهڙو نه هو. منهنجو داستان ٻُڌندو رهيو. آهستي پُٽڪيائين، "اُڙا کي رک ديا. فڪر نه ڪر. ڏس مان به ته آهيان." اکين ۾ ڳوڙها هيس. سندس جنگ جاري هئي. منهنجي اندر روشني جاڳي. مون پٽڪيو "منهنجي به جنگ جاري آهي."

هو مُرڪي پيو.

هُن وري نه ڳالهايو، خاموش رهيو. ڪوما هئي يا ڪو پيو درد. مهينا بيوس هيو، پر سندس ڄُرڀ ۽ جيڀ لاءِ وَس سندس اڏول ارادن کي ظاهر ڪري رهيا هيا.

اشفاق تڏهن سيڪريٽري پاپوليشن ويلفيئر هيو. خبر پيم ته بدلي ٿي اٿس. فون ڪيومانس، چيائين: "ڏنئه، صحت ۾ رولو ڏناٺون ته چيائون هاڻ ڪند پاسو وٺي گورنر هائوس ۾ 'سيڪريٽري-٢' ٿي وڃي ويهه. نوڪريءَ جو اهو حال آهي. نيوڙي تباهه ڪن، پوءِ ڇون ته هاڻ اوهان جي ضرورت ناهي. نيڪ آهي، منهن ڏبو. شام پهڄ، جرڳو وهندو. صورتحال تي غور ڪبو."

شام تائين ڪراچي پهتس. سليم ۽ ناصر کي ڪنيم. حاضري اشفاق جي گهر ڀرٽي هئي. سندس بينڪ اسان جي بينڪ هئي. ملياسين، جرڳو وينو، اوپاريون لهواريون ٿيون. مون تڏهن به ڪيس مايوس نه ڏٺو. "يار نه گاڏي جي سهوليت، نه نوڪرن جي، نه وري آفيس. نيڪ آهي، منهن ڏبو."

هو ڪڏهن به هيٺو نه هُيو. اڄ هيءَ ڇا هو، بيوس آهي. زندگي ۽ موت جي به واني تي جنگ لڙي رهيو آهي. هُن آڻ نه مڃي هئي. اڄ اجهو خبر ملي ته هُن هٿيار ڦٽا ڪيا. موت زندگيءَ کي شڪست ڏني! هن جو نفيس نازڪ جسم، جنهن هميشه ڪلف لڳل شبلمي پهراڻ پهريا هيا، سهڻا نفيس سوٽ پاتا هيا. سندس خوبصورت چهري تي هميشه گنڀيرتا، مُرڪون ۽ ٺهڪ هيا، اڄ هن محل تائين مٽيءَ ۾ مٽي ٿي چڪو هو. هُن کي موت شڪست پلي ڏني هجي، پر هو مون کان اُن ننڍڙي ٻار وانگر گوءِ کٽي ويو هو ۽ اڄ به اڳ ۾ هليو ويو هو.

* * *

مون آهستي آهستي اکيون کوليون. انٽر ڪام ڪنيم. "بابا، ڪراچيءَ جي ٽڪيٽ ڪرايو شام واري فلائيٽ ۾."

اوچتو در کليو.

لڳو. اُجرو شبلمي پهراڻ پهريل. پاڪر ۾ پريائين تہ سندس سڪ ۾ سچائي ۽ پختگي پانيم. گڏ وينو تہ سمجهيم تہ هيءُ اشفاق ٻيو ڪو اشفاق هيو. مون کان گهڻو مٿي گهرو، سنجيدو ۽ ادبي مسئلن کان آگاهہ. حياتيءَ جي باري ۾ واضح نظريا، مون پاڻ کي هن جي آڏو سيڪڙاٽ پانيو. هو اندر ويو، دٻڪيءَ ۾ ماني ۽ ٻوڙ ڪڻي آيو. ڪٽ تي ويهي ڪاڌي سين. انهيءَ گڏجاڻي اسان جا ناتا پختا ڪري ڇڏيا. هو مون کي ٻڌندو رهيو، آٿت ڏيندو رهيو. پوءِ هو مون کي اندر وٺي هليو. سندس والد صاحب قاضي سچيڏنو ڏنو هيم ۽ سندس نانءُ ٻڌو هيم. منهنجو والد سيٺ محمد اسماعيل سندس زيردست رهيو هو ۽ هو سڻا دوست پڻ هئا. ساڻس گڏ وينس تہ ڪپاٽ کُلي ويا. سندس والدہ عزم ۽ همت واري خاتون لڳم. ڊپٽي ڪمشنريءَ وارا ڏوڙ ڇڏي، هن ننڍڙيءَ جاءِ ۾ وينا هيا. قاضي سچيڏنو صاحب رٽائر ٿيڻ وارو هيو. نہ وٽس بنگلا هيا ۽ نہ محل ۽ ماڙيون. وڏي جگر وارو ماڻهو هيو. عيال وڏو هين، پر ٻنهي ڄڻن جنهن همت سان ٻار پڙهايا پئي، اُها وڏي ڳالهہ هئي.

"بابا! هاڻ تون اڪيلو نہ آهين. تو هيءُ وڏو ڪم هٿ ۾ ڪنيو آهي. سنڌ ۾ سنڌي ماڻهن جي سجاڳي ۽ ڀلائيءَ لاءِ نوجوانن جي هن سٿ ۾ اسين بہ شامل آهيون."

هُن پوءِ پنهنجن سڀني ٻارن کي سڏ ڪيو: ابرار، اعجاز، ارشاد، امتياز، نسيم ۽ نشاط. سڀني کي حڪم جاري ٿيو. سڀ ڪم ۾ جنبي ويا. "روح رهاڻ" جو نئون دور شروع ٿيو.

اشفاق سليم سان گڏ اچي ٻانهن ٻيلي ٿيو. نينگرن ۽ نينگرين، روح رهاڻ جو ڊسپيچ ڊپارٽمينٽ ڪنيو. نسيم ۽ نشاط ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون. نسيم تہ اڳ بہ لکندي هئي. اشفاق اسان جي لڏي ۾ اچي شريڪ ٿيو. سليم، غياث، ناصر ۽ امداد – هڪ ٽيم ٺهي ويئي. "روح رهاڻ" ۾ تبديليون اچڻ لڳيون.

اشفاق ڀهريائين ڪهاڻيون ۽ جديد ادب جي مسئلن تي مضمون لکڻ شروع ڪيا. سندس نگاهہ گهري هئي. حياتي جي هر رُخ تي سندس ڊگهي نظر هئي. هُن هڪ ڏينهن مون کان پڇيو:

"مان ماهوار ڊائري لکڻ ٿو چاهيان، تنهنجو ڇا خيال آهي؟"

"ڇو نہ!"

"پر هيءَ ڊائري تِکي ۽ ڪَڙي هوندي!"

"روح رهاڻ گهڻ تکو ۽ ڪڙو آهي؟"

"تون گهڻ آهين."

"مان توکان تہ الڳ نہ آهيان."

هو کلي وينو. ائين "جوڳيءَ جي ڊائري" جنم ورتو. ڪنهن کي خبر نہ پئجي سگهي تہ هيءَ ڊائري ڪير لکي ٿو؟ سندس شرط اهو هو تہ اِها ڪنهن کي بہ خبر نہ پوڻ کپي تہ "جوڳي" ڪير آهي.

جوڳيءَ ملڪ ۾ تاڪوڙا وجهي ڇڏيا. حيدرآباد شهر تہ مٿي تي کڻي ڇڏيائين. ايل. ايم. سي هجي يا يونيورسٽي يا ڪورٽون، ڳلي هجي يا روڊ، سئنيمائون هجن يا فنڪشن، سندس قلم جي تکي نوڪ کان ڪير بہ بچي نہ پئي سگهيو. هُن جي سماجي ۽ اقتصادي پهلو کان بہ نظر تيز هئي. آرام آرام سان ڳالهہ چوندي، آخر ۾ جِڏهن چوندو هو تہ "اِها جوڳيءَ کي خبر نہ هئي" تہ ڳالهہ پڙهندڙ جو هنيانءُ وجي وڻندي هئي. جوڳي هر پاڙي، هر گهٽيءَ، هر گهر ۽ هر اداري جو رازدان هو. سندس آزاد ۽ بيباڪ قلم کان ڪئين ڏڪندا هيا. هر محفل ۾ سندس چوٻول هوندو هو ۽ هر هڪ ڊجندو هو تہ ڪٿي جوڳي موجود تہ نہ آهي! جوڳي شروعاتي ڪالمن ۾ تہ وڏن اديبن کي بہ نہ بخشيو. وڏا بحث ڇڙي پيا. "روح رهاڻ" جا صفحا پرجي ويا. هونئن بہ هر مهيني ۾ ڇپيل خطن ۾ اڌ کان مٿي خط "جوڳيءَ

جي ڊائري" متعلق هوندا هيا. محترم عبدالله چنه، رسول بخش پليجو، هادي بخش، سليمان شيخ، غلام سرور ڪيڙو شمس جعفراڻي ۽ ٻيا مستقل تبصره نگار هوندا هيا. جيجي چنه ۽ محترم عبدالله چنه جن سان ابي امان وارو رستو هيو. هنن جي گهر جو ڀاتي هيس، پر ٻچاڙيءَ تائين هنن کي خبر نه پئجي سگهي ته جوڳي ڪير آهي. اڄ تائين به سواءِ ڪن ويجهن دوستن جي، ڪنهن کي به خبر نه آهي ته هن قسم جي زوردار، فڪر انگيز ۽ بيباڪ ڪالمن جو خالق ڪير هيو. سنڌي ادب ۾ هُن جو نالو ڪٿي به لکيل نه آهي، پر منهنجي لاءِ هو وڏو ليکڪ ۽ انقلابي فڪر جو ڌڻي هيو. تمام ٿورن دوستن کي خبر آهي ته "جشن روح رهاڻ" جي بنيادي تصور جو خالق هيءُ شخص ئي هو. ڦرين ئي جشن ۾ پاڻ هر هڪ انتظام ۽ سار سنڀال ۾ مون کان اڳرو هيو. سندس ننڍا ڀائر ابرار، اعجاز، ارشاد ۽ امتياز منهنجي ڀاءُ شمس سان گڏ جهنڊين لڳائڻ، روح رهاڻ جي رسالن ۽ زندگي پبلڪيشن جي ڪتابن جي نمائش جي سينگارڻ لاءِ بسنت هال ۾ راتيون جاڳي هر شيءِ کي سينگاريو ۽ سنواريو. اشفاق رسالي جي وڪري لاءِ هرهڪ کي اپيل ڪندو رهيو ۽ وڪري جي نگراني ڪئي.

ٻئي جشن تي ڪئلينڊر جو آئيڊيا ڏنائين. هر صفحي تي روح رهاڻ جو ٽائيٽل هو ۽ اُنهي سال جا ٻارنهن ٽائيٽل هيا. ڪٿي به هُن مون کي مايوس ٿي وهڻ نه ڏنو. سندس مهربان والد صاحب ۽ گهر جا سمورا ڀاتي "روح رهاڻ" فيملي جا ڀاتي هيا.

١٩٦٥ع ۾ مون فوڪس ويگن ورتي. فيصلو ٿيو ته سنڌ جو دورو ڪبو. سليم ريڊيو تي نيوز سيڪشن جو انچارج هيو. جنهن شام اسان روانا ٿيون پيا، سليم خبر هلائي ته "اڄ اديبن جي ٽولي سنڌ جي دوري تي رواني ٿي."

سليم، ناصر، امداد ۽ مان اشفاق کي گهران کڻڻ لاءِ پهتاسين. مان سيڪڙاٽ ڊرائيور هيس. اشفاق کي گاڏي هلائڻي هئي. هو اڃا گاڏي ۾ ويٺو مس ته اندران نينگرين حرڪت ڪري هڪ چٺي موڪلي:

"ٽولي؟- ٽولي؟ - ٽولي؟ -ڇاجي ٽولي - اديبن جي يا--- ها--- ها.....!"

اشفاق ٽهڪ ڏنو.

اندر لهي ويو، اندران وڏا ٽهڪ ٻڌاسين، ڊوڙندو گاڏي ۾ چڙهيو.

"اڙي سليم! ڇاجي ٽولي سمجهي خبر هلائي اٿئي. اسان ٽولي آهيون؟ ڌاڙيلن جي، چورن جي.....!"

اسان سڄي واٽ ٽهڪ ڏيندا هلياسين. اشفاق پاڻ کي "ڪئپٽن" ڊڪليئر ڪيو. اسان بار بار ڪانئس "ڪيپٽن" سمجهي پڇندا هلياسين. هاڻي ڪٿي پهتا آهيون، هاڻ ڪٿي آهيون؟ هو اشراف ٻڌائيندو هليو. ڪٿي ڪٽ نه ٿيو. پٽ شاهه جي حاضري ڀري اڌ رات جو موري پهتاسين، جت ناصر مورائي جو بندوبست هيو.ڇانور ٿري ڳگ تي ويا هيا. جهڙا ڪوهر. خشڪ پٽاٽي جون ٽڪيون. اشفاق ڦريون گره ڪئيو ته دانهن ڪيائين: "نڙي آلي ڪيو."

"Lubricant Please."

مان ڊوڙي گاڏي مان چانهن جو ٿرماس ڪڍي آيس. چانهه پيئي ڏني مانس. ڍڪ ڀري، گره هيٺ ڪيائين.

"واهه سائين، تنهنجا رنگ! چانهن، ڇانور ۽ پٽاٽي جون ٽڪيون، عجيب Combination آهي."

اسان ناصر ڏانهن ڪُرڙيون اکيون ڪيون: "ولهه پئي پيئي. دير ڪندڙ ته ڇانور ڪوهر نه ٿيندا ته ٻيو ڇا ٿيندو. مون ڏي ڇا ٿا تڪيو."

سيني وٺي وڏا ٽهڪ ڏنا.

ٽهڪن ٽهڪن ۾ وياسين، تنوير وٽ. رشيد وٽ چانهه. فتاح وٽ ڊابو. غياٿ وٽ نيرن. مرحوم نسيم کرل وٽ موٽندي نيرن. انين ٽهڪن ٽهڪن ۾ ورياسين.

اڻ ڳڻيون tender گهڙيون (روح رچنديون) آهن، جي گڏ گهاريون سين: گهڙيون، جي جيءَ کي جياري/ اُجاري ڇڏينديون هيون ۽ جي هاڻ ٽيهن کان وڌيڪ ورهين جي ساٿ جي ساروڻين ۾ ستارن جان جرڪنديون ۽ باقي سڀ ڄمار جيءَ ۾ ڏکنديون رهنديون.

كالهہ گڏيوسين كاپڙي، جهڙو ماهُ منير،
فيض، فراق، فقير، جوڳي جاڳائي ويو.

اشفاق down to earth هو، هرويرو رومال ۾ ويڙهي چوڻ وارن مان نہ هو. brave هو: پر سندس سڀ کان برک (distinguishing) گُڻ everness هو، جو ٻين کي موهي منڊي ڇڏيندو هو. سندس هڪڙي دوست چوائيءَ: "هو ڏندڪٿا جي اُها چُر هو، جنهن اندر وينڊز پيرا نہ هوندا آهن، پر ٻاهر اينڊز پيرا نہ، ڇو جو آيل اندر ئي اندر مَنڊجي ويندا آهن."

اشفاق، جيئن ٻُڌم، ڏٺم، سُڃاتم، تہ هو پٽ ڌڻيءَ جي هن بيت جو تفسير هو:

جوڳيءَ تي جڙاءُ، نسورو ني نينهن جو،
پتنگ جيئن پشدا ٿيو، سامي سِج وڙاءُ،
آيو كاك تڙاءُ، كنوارِن ككوريو.

**-خواجہ سليم احمد**

# جوڳيءَ جي ڊائري

## (اشفاق جي كالم "جوڳيءَ جي ڊائري" مان بہ كالم نموني طور ڏجن ٿا.)

(١)

جوڳي هڪ دفعو وري توهان کي سنڌ يونيورسٽي وٺي وڃڻ لاءِ مجبور آهي. اِن جو سبب اهو کونهي تہ جوڳي کي يونيورسٽيءَ سان كا ايتري سڪ آهي جو اتان کان سواءِ ٻي کا جاءِ هن کي سُجهي ني کونہ. سبب صرف هڪ آهي. جوڳي جي اندازي مطابق اڄڪلهہ جيڪڏهن کو بہ غير معمولي واقعو ڪٿي جنم وٺي ٿو تہ اها سنڌ يونيورسٽي آهي. جوڳيءَ کي توهان جي كاوڙ جو علم آهي. توهان جي ناراضگي تہ يونيورسٽيءَ کي ماءُ سڏي هن جي گلا نہ ڪرڻ کپي، جيڪا آهي ني ماءُ. ماءُ جي گلا پٽ کي ڇا جڳائي. جوڳي کي توهان جي جذبات جو قدر آهي. ممڪن آهي تہ توهان جي ڳالهہ سچ بہ هجي. پر مجبوري آهي. جوڳيءَ جي بد قسمتي آهي جو ڳالهہ ڦري گهري وري ماءُ تي اچي ٿي بيهي. گهڻن ٻارن جي ماءُ تي.

دنيا جي ٻين شاگردن وانگر سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگردن کي بہ پڪنڪ تي وڃڻ جو شوق آهي. هتان جي پڪنڪ وري ڪهڙي ٿيندي آهي. ذميواري کان ڀڄڻ پڪنڪ آهي! سڀڪجهہ routine آهي. چندو ڪرڻ ۽ يونيورسٽي کان بس گهرڻ کان وٺي پڪنڪ جو بور ڏينهن ۽ ان کان وڌيڪ بوريت جو اتان موٽڻ. سڀڪجهہ ئي تہ ساڳيو آهي. ان ۾ ڪا نواڻ ڪانهي. هڪ هڪ شاگرد پنهنجي يونيورسٽي جي دور ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنجاهہ دفعا ان ساڳي بوريت مان لنگهيو هوندو. ڪراهت جهڙو routine، پر ٻيو ڪو طريقو ڪونهي. ڪلاس ۾ تہ ڪم ڪرڻو ٿو پوي ۽ سنڌي شاگرد لاءِ ڪم کان وڌيڪ ٻي مصيبت دنيا ۾ هن وقت تائين پيدا ئي نہ ٿي آهي. ڪلاس کان ڀڄڻ لاءِ هو پڪنڪ جي بوريت

جا صرف ٻہ مهينا خواب وانگر آهن. پوء اک ڪلي تي پئي، ۽ ماڻهو فرش تي ڪريو پيو آهي. ٽئين مهيني ڪان پوء زندگي جيئري جهنم آهي. ماڻهو پنهنجي ڄمڻ تي لعنت ٿو وجهي. جوڳي حيران آهي. شادي تہ خوشيءَ جي لفظ مان نڪتل آهي. ڇا جي خوشي. ڇا جي ڳالهہ. رات ڏينهن جا چوويهہ ئي ڪلاڪ هڪ ئي ماڻهو کي پنهنجي اڳيان، پويان ۽ چوڌاري ڏسي ڏسي ماڻهو جي دل ملڪ ڇڏي جهنگ منهن ڪري وڃڻ تي چاهي.

جوڳيءَ جي ذهن کي بوريت وڪوڙي وئي آهي. شڪل سرءُ ورتي ٿي وئي آهي. روح ڪومانجي ويو آهي. ذهن ڪنگال ٿي ويو آهي. عجيب صورت_!

("-روح رهاڻ" - فيبروري ١٩٦٧ع)



# سامي ڪٽي سنڪ، وڃائي وات ٿيا

## ڊاڪٽر مهڪري

ڊاڪٽر صاحب جڏهن بہ ڪنهن سان ملندو هو تہ پنهنجو تعارف "جي. ايم. مهڪري" لفظن سان ڪرائيندو هو. مضمونن ۾ بہ پنهنجو نالو ائين ئي لکندو هو. سو، گهڻن ماڻهن کي سندس اصلي نالي جي خبر ڪانهي. سندس نالو غلام محي الدين هو ۽ ذات مهڪري.

مهڪري ميسور جي پاسي جي ذات آهي. ڊاڪٽر مهڪري هندستان جي ورهاڱي کان سنت پوءِ ٻين مهاجرن وانگر ڪراچيءَ ۾ لڏي آيو. پر ان کان بہ اڳي، هڪ دفعو، غالباً ١٩٤٢- ١٩٤٣ع ڌاري، هو ڪراچيءَ آيو هو. اڪائونٽس ۽ آڊٽ کاتي ۾ نوڪري هئس. انهيءَ سلسلي ۾ آيو يا ڪنهن ٻئي سبب سان. انهيءَ زماني ۾ حشو ڪيولراماڻيءَ سان سندس ملاقات ٿي هئي، جنهن جون مون سان ڳالهيون ڪندو هو. محمد امين کوسي کي بہ سڃاڻندو هو، جو ڪنهن زماني ۾ آزاد خيال ماڻهن سان گهري گهاٽي لهہ وچڙ رکندو هو.

مون سان سندس ملاقات ڪڏهن ٿي ۽ ڪٿي ٿي، سو ياد ڪونهيم، پر جلد ئي پاڻ ۾ ڏاڍا گهرا گهاٽا ٿي وياسين. اها غالباً ١٩٧٥- ١٩٧٦ع جي ڳالهہ آهي. تڏهن مان سنڌي ادبي بورڊ ۾ سيڪريٽري هئس. ڄامشوري ۾ جيڪي بورڊ جون جايون نهيون، تن ۾ اسان ١٩٧٤ع جي پڇاڙيءَ ڌاران لڏي آياسين. ان کان اڳ گاڏي کاتي واريءَ بورڊ جي جاءِ "امين منزل" ۾ هئاسين. مون کي چٽي يادگيري آهي تہ اُتي ڊاڪٽر مهڪري مون وٽ ڪڏهن بہ مهمان ٿي ڪونہ آيو هو. پر، ڄامشوري ۾ اچڻ کان پوءِ، مهيني ماسي مون وٽ اچي نڪرندو هو. پاڻ نہ پهتو، تہ مان ڪراچيءَ مان ڪيس وٺي ايندو هوس. بورڊ جي سيڪريٽريءَ جي گهر جي پاسي ۾، اسان هڪ ننڍڙو مهمانخانو (Guest Bed Unit) ٺهرايو هو: اهو ڄڻ تہ ٺهيو ئي مهڪريءَ لاءِ. منجهانئس بہ ٻيا ماڻهو بہ مستفيد ٿيا: سائين شاهہ محمد شاهہ ۽ ڊيوڊ چيزمئن (David Cheeseman)

سائين شاهہ محمد شاهہ ڪنهن زماني ۾ بورڊ جو سيڪريٽري ٿي رهيو هو. هاڻي سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو چيئرمن ٿي آيو، جنهن جي آفيس سنڌي ادبي بورڊ جي پاسي ۾ آهي. سو، سنڌي ادبي بورڊ جي مهمانخاني ۾ ئي رهائش اختيار ڪيائين. مان اڪثر ڪري، گهران نڪري، وٽس وڃي وهندو هوس، پوءِ پهرن جا پَهر ڪچهريون ڪندا هئاسين. الله سائينءَ کيس وضعداريءَ جي هڪ خاص وصف سان نوازيو آهي. مون کي عيد سعيد جي موقعي تي اڃا تائين ڪارڊ موڪليندو آهي. موڊ ۾ هوندو آهي تہ فارسيءَ جو هڪ آڌ اهڙو شعر بہ لکي موڪليندو آهي، جنهن جي پڙهڻ سان ورهين جا ٿَڪ لهي وڃن.

ڊيوڊ چيزمئن خالص انگريز هو. انگريز جي ذهانت، سياڻپ، متانت ۽ سنجيدگيءَ جو مثالي نمونو هو. الله سائينءَ کيس حُسنِ يوسف جو بہ چڱو حصو عنايت ڪيو هو.

مان ١٩٧٦ع ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پرو وائيس چانسيلر مقرر ٿيس، پر چڱو عرصو پوءِ بہ سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽريءَ جي عهدي جي چارج مون وٽ ئي رهي، سو منهنجي رهائش اهائي بورڊ واري سيڪريٽريءَ جي گهر ۾ رهي. هڪ ڏينهن، ٻارهين ٻارهين بجي ڌاران، ڊاڪٽر حميده کهڙو ڊيوڊ کي ساڻ وٺي، مون وٽ سنڌ يونيورسٽيءَ واري آفيس ۾ آئي ۽ چيائين تہ "هي نوجوان اڻويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾، سنڌ جي سماج ۽ سياست جي موضوع تي تحقيق ڪرڻ لاءِ انگلستان مان آيو آهي. اوهان کيس يونيورسٽيءَ جي انٽرنيشنل هاسٽل يا ڪنهن ٻئي هنڌ رهائش

جي زماني جي ڪنهن واقعي جو مثال ڏيندو هو. اوري پير تي ڪونه رکندو هو. هڪ پيري، مون وٽ مهينو ماسو مهمان هو. انهن ئي ڏينهن ۾ ڊاڪٽر مهڪري به مون وٽ تڪيل هو. منهنجا ٻارڙا ڪوٽ ويل هئا. گهر خالي هو. سو، ٻئي ڄڻا مون سان گڏ، ساڳئي بيڊ روم ۾ ڪٽون وجهي سمهندا هئا. مون وارو ماڻت سوچ جي لحاظ کان اتر قطب تي ته ڊاڪٽر مهڪري ڏکڻ قطب تي! ٻنهي جو ڪنهن به ڳالهه ۾ اتفاق ٿئي ئي ڪونه. بحث ڪري ڪري جڏهن ٻئي ڄڻا ساٿا ٿين، ته ٻارهين ڏاران سمهي پون. صبح جو آءٌ نند مان اٿان، نه چاءِ ناهي پاڻ به پيان ۽ هنن ٻنهي کي به ٻه ڪوپ اڳيان ڪري ڏيان. پر، ڪوپ مان ڍڪرين سرڪي مس پرن، ته مان اهڙي ڪا ڳالهه ڪري ڇڏيان، جو ٻئي ڄڻا ٻڌڻ سان چتا ٿي وڃن. بحث وري شروع !

اهڙي هڪ صبح سويري واري بحث دوران مون واري ماڻت حجاج بن يوسف جي زماني جو ڪو مثال ڏنو. ڊاڪٽر مهڪريءَ چڙ مان چيس ته " ماڻهو موٽر ناهين، ٽيليفون ايجاد ڪن، هوائي جهاز جوڙن، ريل گاڏي ناهن، ڪمپيوٽر ڪڍن. چنڊ تي وڃي لهن ۽ اسان هڪ هزار سالن کان حجاج بن يوسف جهڙي خونخوار ماڻهوءَ جي خصين ۾ ٻئي هٿ وجهي چنبڙيا پيا هجون!"

مون وارو ماڻت اهو طعنو سهي نه سگهيو. بحث بند ڪيائين ۽ ڊاڪٽر مهڪريءَ سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ ڇڏي ڏنائين. ٻه چار ڏهاڙا ته گهر ۾ ڏاڍي پوسٽ رهي، پر پوءِ ڊاڪٽر مهڪري ۽ مون وارو ماڻت پاڻ ۾ پرچي، وري کير کنڊ ٿي ويا.

ڊاڪٽر مهڪريءَ کي ڪاوڙ اها هئي ته اسان سوچ ويچار جا سڀ دروازا بند ڪري ڇڏيا آهن. پاڻ مڪمل ۽ ڀرپور آزاديءَ واريءَ سوچ جو قائل هو. سندس مذهب منافقيءَ ۽ جهالت جي خلاف "جهاد" هو. مُلي ۽ قاضيءَ واري "مسلي" جي ڪليو ڪلايو مخالفت ۽ مذمت ته سچل سائينءَ ڪئي هئي، پر ويهينءَ صديءَ ۾ سندس سُٽ ڊاڪٽرمهڪريءَ جياري ڇڏي:

"ڪُٺِ ملان دي نوڙهه، قاضي والا مَسلا."

"مُلو" ڪو شخص نه آهي. اهو هڪ اداري ۽ هڪ ذهنيت جو نالو آهي. سنڌ جي ڏاهن چيو آهي ته "ملو، مجاور، ڪانءُ، تيئي اڪر هڪڙو." اهو به سراسر غلط آهي ته مُلو هرو ڀرو مذهبي شخص ٿيندو آهي. "لامذهب مُلو" سڀ کان بڇڙو آهي. ڪُتي جڏهن گلر ڏيندي آهي ته انهن جون اکيون بند هونديون آهن. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ کُلنديون اٿن. پر "لامذهب مُلو" اهڙو ته عقل جو انڌو هوندو آهي، جو سندس اکيون سڄي عمر ڪونه کُلنديون آهن. روس ۾ ڪميونزم جو جنازو ڪٺي قبرستان ۾ دفن ڪري آيا. چين ۾ سوشلزم جي پُوسٽ کي ختم ڪرڻ لاءِ در دروازا کولي ڇڏيائون ۽ ان کي "Open Door Policy" نالو ڏنائون. پر، اسان جي ملڪ ۾ ڳاسليٽي ڪامريڊ اڃا انهن ڍڳن وانگر پيا ڳڙن، جيڪي نار ڪاهڻ لاءِ جوٽيل هوندا آهن: اکين تي ڪوپا چڙهيل هوندا اٿن ته ڏسي نه سگهن ۽ ڳچيءَ ۾ ٽلي ٻڌل هوندي اٿن ته ان جي آواز تي پيا هلن.

اهڙا عقل جا انڌا ملا شايد اڃا ٻين ملڪن ۾ به موجود آهن. تازو يورپ جي هڪ رسالي ۾ ڪارٽون ڏٺم: هڪڙو بجلي گهر ڊهي ڍير ٿي پيو هو. اتان جيڪا بجليءَ جي تار ٿي ويئي، سا ڪن ٿنڀن تي اڃا ٽنگي پئي هئي. جنهن جي ختم پئي ٿي، اتي جو بجلي ڪانه ٿي پهتي، ته هڪڙو شخص، ٽيليفون ڪن تي رکي، رڙيون ڪري رهيو هو: "ڪامريڊ، قصو ڪيئن آهي؟ هتي بجلي ئي ڪانه ٿي پهچي. نسوري اونده لڳي پئي آهي. هلو... ڪامريڊ...هلو... منهنجو آواز ٻڌو ٿا؟... جواب ڇو نٿا ڏيو؟"

جلال الدين روميءَ "مُلي جي ذهنيت" جو انهيءَ کان نه وڌيڪ موثر ڪارٽون ڪڍيو آهي. پنهنجي ڪتاب "فيه

ما فيه" ۾ لکيو اٿس تہ "هڪ ڏينهن ڏٺم تہ بزار ۾ هڪ جاءِ جي دري کُلي ۽ هڪڙو انڌو شخص منهن ٻاهر ڪڍي اهو ڏسڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو تہ ڪير ڪاڏي وڃي رهيو آهي؟"

ڊاڪٽر ممڪري پنهنجين تحريرن، تقريرن، اخبارن ۽ مضمونن ۾ اهڙاني ڪارٽون ڪيندو هو. پر، سڀ ڪان سهڻا ذاتي مجلسن ۾ ٺاهيندو هو. ڪارٽونسٽ اهو ڪامياب ٿيندو آهي، جنهن جي ڪارٽونن ۾ طنز ۽ مزاح عروج تي هجي. ڊاڪٽر ممڪريءَ کي مزاحَ جو نهايت سهڻو ذوق هو. جڏهن موج ۾ ايندو هو، تہ اهڙو کلندو هو، جو باغن ۾ گل ٽڙي پوندا هئا.

سائين غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب هڪ ڀيري اسان کي پنهنجي دوست قاضي غلام محمد قريشي صاحب وٽ وٺي هليو. قاضي صاحب هالن پراڻن جو رهاڪو هو. پنهنجيءَ ٻنيءَ ٻاري وارو هو. قدرت مٿس مهربان هئي. علم جي دولت سان نوازيائينس، باغ بستان ڏنائينس ۽ اولاد صالحُ عطا ڪيائينس. وٽس ڏاڍي سهڻي لئبرري هئي. سنڌ جي روايتي مهمان نوازيءَ جون ويهين صديءَ ۾ روايتون يا نواب نور احمد خان لغاريءَ زنده رکيون يا قاضي غلام محمد صاحب. سڪيا سناٻا ٻيا بہ گهڻا هئا، پر وٽن رڳي ٻڪ هئي. بقول حفيظ قريشي: "اسان وٽ ڪي ڪينهي." سائين قاسمي صاحب سان گڏجي، اسان پنج ست ڄڻا ـــــ جن ۾ ڊاڪٽر ممڪري ، مظهر يوسف ۽ محمد حسين پنهور اڪثر ڪري گڏ هوندا هئا ـــــ قاضي صاحب وٽ ويندا هئاسون. سانجهيءَ ڌاران هالين پراڻين پهچندا هئاسون. آڌيءَ اسر تائين علمي مجلس ٿيندي هئي. قاضي صاحب صوم صلوات جو پ' بند هوندو هو. سانجهيءَ جي نماز جي امامت سائين قاسمي صاحب ڪندو هو. جماعتين ۾ قاضي صاحب، سندس فرزند ۽ احباب شريڪ ٿيندا هئا. شام جي چاءِ ڪڏهن نماز کان اڳي ۽ ڪڏهن پوءِ پيئندا هئاسون. اهي مجلسون اڪثر ڪري سرءَ يا سياري جي مند ۾ ٿينديون هيون، جو تہ سومهڻيءَ مهل اسان سڀ اوطاق جي اندرئين ڪمري ۾ ڪچهريءَ لاءِ وڃي ويهندا هئاسون ۽ رات جو سمهڻ مهل بسترن ۾ مٿان وجهڻ لاءِ رضايون ۽ سوڙيون هونديون هيون.

رات جي ماني شاهاڻي هوندي هئي. ميز ننڍي هوندي هئي، پر ان تي پليٽ رکڻ جي گنجائش ڪانہ هوندي هئي، جو تہ طرح طرح جي طعامن سان ڀريل طباخن سان ڀريل هوندي هئي. مختلف قسمن جا ٻوڙ، پُلاءِ، ڪباب، چاپون، ڪوفتا، ٽانڊن تي پڪل ٻوٽيون، جيرا، بڪيون، پاچيون، زردو، مٺي ۽ ميوي جا ٻيا ڪيئي قِسمَ. ڪڻڪ، جوئر ۽ ٻاجهر جي ماني ۽ خالص ماکي کير جون چونئريون ۽ الاني نہ ڇا ڇا هوندو هو.

پر، ان سموري ڪاڏي ۽ طعامن جو سواد ۽ لذت هڪ طرف ۽ قاضي غلام محمد صاحب جي هڪڙي مٺي مُرڪ ٻئي طرف! الله سائينءَ سونهاريءَ سنڌ ۾ ڪي ڪي ڪيڏا نہ مٺا ماڻهو پيدا ڪيا. لطيف سائينءَ الاني تہ ڪهڙيءَ ڪيفيت ۾ فرمايو هو:

"ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ اچي بوءِ بهار جي."

قاضي غلام محمد صاحب جي ڊاڪٽر ممڪريءَ سان ڏاڍي دل تي ويئي، توڙي جو ٻنهي جي خيالن ۽ عقيدن ۾ زمين آسمان جو ضد ۽ فرق هو. پر، ٻنهي ۾ هڪ ڳالهہ سانجهي هئي - "ذهن ۽ فڪر جي وسعت."

ڊاڪٽر ممڪريءَ جي پنهنجي وطن ميسور سان ڪا محبت هئي. اونهاري جي چوماسي ۾، جڏهن حيدرآباد ۽ ڄامشوري جي آسمان تي ڪڪرَ وسڻ جا ويس ڪري ايندا هئا ۽ ان ڊاڪٽر ممڪريءَ کي چوندو هوس تہ "اڄ ڪهڙي نہ پياري موسم آهي!" تڏهن ٿڌي آهہ ڀري چوندو هو تہ، "هائو، ميسور جي موسم آهي." ڪڏهن چوندو هو تہ، "هائو، بنگلور جي موسم آهي."

ميسور ۽ بنگلور جي موسم واڱر انان جي ميون جو بہ ڏاڍو ذڪر ڪندو هو. قاضي غلام محمد صاحب وٽ هڪ سهڻو باغ هوندو هو. هڪ دفعي اسان کي ان جو سير ڪرايائين. قاضي صاحب پنهنجي باغ جي ميون جو ذڪر ڪيو تہ "هي ميوو سٺو ٿئي ٿو، پر هن ۾ اها لذت ڪانهي. فلاڻو ميوو تمام سٺو ٿي سگهي ٿو... وغيره وغيره."

# گلاب - موتئي جي مهڪ - ڊاڪٽر مهڪري

اخبار ۾ جڏهن پڙهيم ته ڊاڪٽر مهڪري هن سنسار مان لاڏاڻو ڪري ويو آهي ته منهنجو ذهن سندس گلاب ۽ موتئي جهڙين ملاقاتن جي مهڪ سان واسجي ويو. ڊاڪٽر صاحب پهرين ملاقات ۾ پنهنجي نالي "جي. ايم. مهڪريءَ" جي وضاحت ڪندي ٻڌايو هو ته "جي" سان مراد "گلاب"، "ايم" سان مُراد "موتيو" ۽ "مهڪري" سان مراد "مهڪ" يا خوشبو آهي. سچ پچ هُو هو به گلاب-موتئي جي مهڪ. سندس ڳالهين ۾ گلاب ۽ موتئي جو سدا بهار هڳاءُ هو. منهنجي ڊيٽ ويٽ ڪا ايتري پراڻي نه هئي- پندرهن ورهيه ڪن پراڻي شناسائي هئي. هو تڏهن شيخ اياز جي وائيس چانسيلريءَ جي دؤر ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ جي سوشالاجي ۽ سئڪالاجي ڊپارٽمينٽن ۾ وزٽنگ پروفيسر هو. اُن کان اڳ ۾ آءٌ سندس ذڪر سائين روچيرام کان ٻُڌندو رهندو هوس. هو ورهاڱي واري وقت کان سندس دوست هو ۽ سندس ڳالهيون ڏاڍي چاهه سان ڪندو هو. هُن مهڪري صاحب سان سنڌ جي مختلف هنڌن جو گڏجي سفر ڪيو هو ۽ مختلف ڪانفرنسن ۽ گڏجاڻين ۾ گڏ شريڪ ٿيو هو، تنهنڪري اوڏانهن گڏ وڃڻ جي واقعن ۽ ساڻس گفتگو جو ذڪر هُو نهايت احترام ۽ اُڪير سان ڪندو هو. مهڪري صاحب کي فوٽوگرافي جو ڏاڍو شوق هو؛ پاڻ سان قسمين قسمين ڪئميرائون رکندو هو ۽ سنڌ جي مختلف ماڳن ۽ ماڻهن جون تصويرون ڪڍندو هو. بين الاقوامي وسعت نظر سان، سنڌ جي ماڻهن جي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسڻ، انهن جي مختلف پهلوئن تي غور ۽ بحث مباحثا ۽ گفتگو ڪرڻ ۽ انهن تي لکڻ - سندس خاص مشغلو هو. اهي خبرون مون کي سائين روچيرام کان، وقت بوقت ساڻس ملاقات دوران پونديون رهنديون هيون. سنڌ يونيورسٽيءَ سان وابسته هئڻ دوران، علمي، ادبي ۽ تعليمي حلقن ۾ سندس چوٻول هوندو هو. رات جو گهڻو ڪري سنڌي ادبي بورڊ ۾ نهيل ريسٽ هائوس يا وري اُتي ئي ناشاد جو گهر سندس آستانو هوندو هو. مون ساڻس مهڪري صاحب سان ملڻ جي خواهش ظاهر ڪئي هئي. هڪ ڏينهن، منجهند کان پوءِ ٽين وڳي ڌاري، هو مهڪري صاحب کي حيدرآباد ۾ منهنجي گاڏي کاتي واري فليٽ تي پاڻ سان گڏ وٺي آيو، جتي آءٌ اجا رهندو اچان. منهنجو دوست، ڪنول لوهاڻو، جيڪو هاڻي بدين ۾ وڪالت ڪري ٿو، به ساڻن گڏ هو. هو اُن زماني ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ جرنلزم ۾ ايم. اي ڪري رهيو هو. مهڪري صاحب جي چوڏاري شاگردن جا ميڙ هوندا هئا. ڪيس



ڊاڪٽر مهڪري، مظهر يوسف ۽ ن. ا. ش

صاحب اٿڻ جي ڪئي. آءُ ڪيس يونيورسٽي ڪئمپس ڏانهن ويندڙ SRTC جي بس تي چڙهي ڪانئس موڪلائي آيس. حيدرآباد ۾ منهنجي اها ساڻس پهرين ۽ آخري ملاقات هئي.

اُن کان پوءِ مون کي سندس خط ايندا رهيا ۽ سلام پهچندا رهيا. اهي خط جاڻ جي کاڻ هئا. هُو پنهنجن خطن ۾ انهيءَ خواهش جو اظهار ڪندو هو تہ سندس لکڻين جا سنڌي ترجما اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهن. جنھن لاءِ هو پنهنجا آرٽيڪلس مون ڏانهن موڪليندو رهندو هو. جن جا ڪجهہ ترجما شايع بہ ٿيا. جهڙوڪ:

(1) From the ruins of Sindh (سنڌ جي ڪنڊرن مان) (2) Symbolism (اهڃاڻ) (3) A letter to Joyo (جويي ڏانهن خط) (4) A letter to Nisar Hussaini (نثار حسينيءَ ڏانهن خط) (5) The lads and lasses of Sindh (سنڌ جا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون) (6) The Joys of symbolism (اُهڃاڻ جا مزا)

انهن کان اڳ محترم محمد ابراهيم جويي جي جاکوڙ سان، سندس بہ ڪتاب (1) The Sorrows of Sindh ۽ "محڪريءَ جا مضمون" شايع ٿي چڪا هئا. اهي ٻئي ڪتاب محڪري صاحب جي اعليٰ سوچ ۽ اُتم ويچارن تي مشتمل آهن ۽ انهن جي مقبوليت ۽ پسنديدگيءَ جو اهو عالم آهي جو هن وقت بازار ۾ دستياب نہ آهن.

مون کي افسوس آهي تہ هينان آرٽيڪلس سندس زندگيءَ ۾ ترجمو ڪري شايع ڪرائي نہ سگهيس:

(1) When will the Boiler burst (2) The stream of reason (3) Minority and Pakistani T.V. (4) Be your own God (5) When a wrong horse backs you (6) What is hindering our progress in science .

ڪراچي وڃڻ ٿيندو هو تہ محڪري صاحب سان ملڻ لاءِ ڇڪ ٿيندي هئي پر موقعو ميسر نہ ٿيندو هو. هڪ ڏينهن شام جو سنيما انڊورٽائيزنگ جي گووند راجواڻي کي ساڻ ڪري ماڊرن ڪالونيءَ ۾ واقع سندس گهر تي ويس. پاڻ گهر ۾ موجود هو. گهر جي اڱڻ ۾ ٻہ ڏاڍي پاٻوهہ ۽ پيار سان مليو ۽ وٺي اچي پنهنجي ڪمري ۾ وهاريائين. هڪ ٽيبل تي ٽائيپ رائيٽر ۽ ٻئي تي گراموفون ۽ ڪئمرائون رکيا هئا. وٽس ڪُرسين تي بہ ٽي ملاقاتي ويٺا هئا. يوناني فلاسافرن جي شخصيت واري محڪري صاحب کي ڪافي عرصي کان پوءِ ڏٺو هئم. مون کي سندس رعب واري قد بُت ۾ هڪ نهايت سادگي پسند شخص نظر آيو. جيڪو پنهنجي عام قسم جي گهر ۾، پنهنجن پرستارن سان علمي ۽ عالمائي گفتگو ۾ رڌل هو. گفتگو جو موضوع تبديل ٿيڻ سان مون کي مخاطب ٿيو، "ولي رام، تنهنجي لاءِ هڪ خاص سوکڙي رکي اٿم." پاڻ پنهنجي پلنگ تان اُٿيو ۽ پٽ تي ٽنگيل هڪ تصوير لاهي، مون کي ڏيندي چيائين، "هي منهنجي طرفان توکي سوکڙي آهي." اها فريم ٿيل تصوير مشهور سائنسدان آئنس اسٽائين جي هئي. منهنجي لاءِ اها فخر جي ڳالهہ هئي جو آئنسٽائين جهڙي شخصيت جي تصوير ڊاڪٽر محڪري هٿان سوکڙي طور ملي هئم.

اجا اُٿي ني ويٺا هئاسين ۽ ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ملاقاتيءَ سان گفتگو ۾ مشغول هو تہ هڪ ٻئي نوجوان ملاقاتي، جيڪو منهنجي پاسي ۾ ويٺو هو ۽ محڪري صاحب جو حُجتي ٿي لڳو، مون سان مخاطب ٿيندي چيو. "مان آرٽسٽ آهيان ۽ تصويرون پينٽ ڪندو آهيان. آءُ انهيءَ تصوير جو اسڪيچ ناهڻ چاهيان ٿو. اوهان مون کي اها تصوير ڏيو، آءُ اوهان کي اها تصوير جلدي موٽائي ڏيندس."

آءُ چاهيندي بہ ناڪار ڪري نہ سگهيس. سوچيم تہ هي پلي تصوير جو اسڪيچ ناهي؛ ڪيس تصوير ڏيئي ڇڏيم. هن اخلاقاً مون کان منهنجو حيدرآباد جو ڏس پتو ورتو ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ اُٿي موڪلائي هليو ويو. مون کي دل ۾ تصوير بروقت کسجي وڃڻ جو هلڪو احساس ٿيو، پر سوچيم تہ محڪري صاحب جو دوست آهي، منهنجي ائين ڪرڻ سان محڪري صاحب کي خوشي ٿيندي. پر اُنهيءَ ملاقاتيءَ جي اُٿي وڃڻ سان ئي محڪري صاحب مون کي چيو، "تو تصوير ڏيئي سٺو نہ ڪيو جو منهنجي ساڻس معمولي ڄاڻ سڃاڻ آهي. پيو تہ اها تصوير منهنجي طرفان توکي سوکڙي هئي." انهيءَ ڳالهہ پاڻ مون کي مايوس ڪري ڇڏيو ۽ دل ۾ انهيءَ تصوير جي وڃائجڻ جو ڏک رهجي ويو. اسان ڪجهہ دير وٽس ويهي ۽ چانهہ پي اُتان هليا آياسين. اُها تصوير واپس تہ نہ ملي پر اُن جي وڃائجڻ جو اڄ بہ افسوس باقي آهي.

هڪ ڀيري ڪراچيءَ ۾ سنيما ائڊورٽائيزنگ جي سائين پهلاج ڀيماڻي وٽ بندر روڊ تي سندس گهر ۾ ترسيل هئس. مون سان گڏ منهنجو پٽ ڪمليشور ڪراچي گهمڻ آيو هو. اُتي مون کان اڳ ۾ سائين روچيرام بہ مهمان ٿي ٽڪيل هو. رات جو نائين وڳي ڌاري ماني کائڻ کان پوءِ، ممڪري صاحب سان ملڻ لاءِ ماڊرن ڪالونيءَ ۾ سندس گهر ڏانهن پيدل پنڌ نڪري پياسين. سندس زال اڄي در ڪوليو ۽ اسان کي چيائين، "ممڪري صاحب ڇت تي آهي. اوهان مٿي وڃي ساڻس ملو." اسان (شايد) ڪاٺ جي ڏاڪڻ چڙهي ڇت تي آياسين. اونداهيءَ ۾ بروقت خبر نٿي پيئي تہ ممڪري صاحب ڪٿي هو، پر پوءِ پاڻ سڏيائين تہ ڏٺوسين تہ ممڪري صاحب ڪاٺ جي صندل تي سنئو ٿيو ليٽيو پيو هو. ماحول سانتيڪو ۽ اونداهو هو. آسمان ۾ تارا چمڪي رهيا هئا. هو واقعي رات جي حسن جو لطف ماڻي رهيو هو. ممڪري صاحب جو چهرو اونداهيءَ ۾ ويڙهيل هو، پر گفتگو مان روشنيءَ جا ڪرڻا ڦٽي پئي نڪتا.

ماڊرن ڪالونيءَ جا گهر اجوڪين گهڻ ماڙ بلڊنگن ۽ فليٽن جي اُبتڙ هڪ منزلہ ۽ ڪليل آهن. اهي گهر گهڻو اڳي جا ٺهيل آهن، تنهنڪري اُتي جو ماحول سانتيڪو، ۽ ڳوٺاڻو لڳي رهيو هو. اوچتو اهڙي ماحول ۾ مور جي رڙ ٿي، جنهن جو پڙاڏو فضا ۾ ڪافي دير گونجندو رهيو. مون ڪنايو تہ اهو آواز تمام ويجهانپ کان آيو هو. آءٌ حيرت ۾ هئس تہ ڪراچيءَ جي هنگامي ۽ گهماگهميءَ واري ماحول ۾ هيءُ مور جو آواز ڪٿان آيو! ايتري ۾ مور جي ٻيهر رڙ ٿي تہ ممڪري صاحب کان پڇڻ کان سواءِ رهي نہ سگهيس.

ممڪري صاحب هٿ ڏس ڪري چيو، "اهي مور اجهو اتي ئي هن ڇت تي ٺهيل جارين جي پڃري ۾ آهن. انهن ۾ ڪبوتر، جهرڪيون ۽ ٻيا پکي بہ آهن." مون چتائي ڏٺو تہ واقعي انهيءَ ساڳي ڇت تي پڃري مان پکين جي چُرپُر نظر اچي رهي هئي ۽ آواز پئي آيا. مون کي اوڏي مهل احساس ٿيو تہ هن جمار ۾ هن شخص کي فطرت جي ويجهو رهڻ ۽ ان مان لطف ماڻڻ جو ڪيڏو موهہ آهي!

آڌي رات ٿي چڪي هئي ۽ ڳالهين ۾ ڪافي وقت ٿي ويو هو. اسان اتان هلڻ جي ڪئي ۽ بندر روڊ تائين پيدل پنڌ ڪندا ۽ هن نرالي شخص بابت ڳالهائيندا موٽي آياسين. اڄ جڏهن ڪراچيءَ جي حالتن کي ڏسجي ٿو تہ اعتبار ئي نٿو اچي تہ اسان بندر روڊ کان ماڊرن ڪالونيءَ تائين رات جي وڳڙي ۾ دير سان پيدل هليا هونداسين!.

ممڪري صاحب جا ٻارن لاءِ لکيل ڪالم ڊان جي ٻارن واري مخزن ۾ ڏسبا رهبا هئا. ڪڏهن ڪڏهن محترم مظهر يوسف سان جام شوري ۾ ملاقات ٿيندي هئي. ڪانئس سندس صحت جو حال احوال وٺبو رهبو هو. هُو بيمار رهڻ لڳو هو. ڪڏهن ڊان ۾ ڪالم نہ ڏسبو هو تہ ڳڻتي ٿي پوندي هئي. ڪراچيءَ جي خوبصورتي راڪاس جي پوانتي روپ ۾ بدلجي وئي هئي. ممڪري صاحب سان ملاقات ڊگهي عرصي کان نہ ٿي سگهي هئي. ساڻس ملڻ لاءِ ڇڪ ٿيندي هئي. منهنجا ٻار پشپا، گوري ۽ ڪمليشور بعضي چوندا هئا تہ اسان کي ممڪري صاحب سان ملائڻ لاءِ وٺي هلو. هنن کي بہ انهيءَ شخص سان ملڻ جي خواهش هئي ۽ احساس هو تہ متان ساڻس ملڻ جي حسرت رهجي نہ وڃي!

پوءِ هڪ ڏينهن سنڌالاجيءَ ۾ خط آيو تہ ممڪري صاحب بيمار آهي ۽ ڏينهن جو مهمان آهي. هو، تنهنڪري . پنهنجي لئبرريءَ جا ڪتاب سنڌالاجيءَ جي ريسرچ لئبرريءَ کي امداد طور ڏيڻ ٿو چاهي تہ جيئن سندس انهيءَ سرمايي مان پڙهندڙ ۽ تحقيق ڪندڙ وڌ ۾ وڌ فائدو وٺي سگهن. سنڌالاجيءَ مان ڊاڪٽر الرکيو ٻُٽ (اُن وقت جو اڊيشنل ڊائريڪٽر)، محترم گل محمد مغل (لئبررين) ۽ آءٌ گڏجي ڪراچي روانا ٿياسين. ماڊرن ڪالوني ۽ اُن ۾ واقع سندس گهر ڳولڻ ۾ چڱي دقت ٿي، جو اها يڪ منزلہ ڪالوني وڏين بلڊنگن جي اوٽ ۾ ڍڪجي وئي هئي ۽ مون کي نئين صورتحال ۾ ڊاڪٽر صاحب جو گهر ڳولهيو نٿي مليو. نيٺ گهر مليو. ڊاڪٽر صاحب گهر ۾ هو. اسان کي اندر سڏيو ويو. ڪمري ۾ ڊاڪٽر صاحب پلنگ تي سنئو ٿي چادر اوڍيو ليٽيو پيو هو. آجياڻي نگاهن ۽ مُرڪ سان ڀليڪار ڪيائين. مون سندس خط جي حوالي سان ٻُٽ صاحب ۽ مغل صاحب جو تعارف ڪرايو ۽ سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي صحت جو پڇيم. ڊاڪٽر صاحب ورنديءَ ۾ چيو، "Don't ask such things from a dying person" زندگيءَ سان پيار ڪندڙ شخص پنهنجي لاءِ "مرٿينگ ماڻهو" چئي زندگيءَ مان آسرو لاهي ويٺو هو. زندگي بي بقا آهي. بيشڪ فنا کي ئي بقا آهي. هو مون کي سنڌالاجي جي اهميت ۽ ان جون اهڃاڻي معنائون ٻڌايو رهيو هو. سندس

ويساهہ جو ڪو ڇهاءُ،
ڪو سُر ٻاتُ:
"مان آهيان، مان، جيڪا تنهنجي ماءُ آهيان،
" مان تُنهنجي سنڌ آهيان،
" هتي، هنن ڪنڊرن ۾،
"پر مان ڪنڊر ناهيان،
"ڪنڊر جيڪي هتي ڦليل آهن،
"۽ ماضيءَ جي مهانتا جا شاهد آهن.
"پر مان هتي آهيان، اوهان ۾
"منهنجون ڌيئرون! منهنجا پُٽڙا! منهنجو واسُ اوهان ۾ آهي،
"اوهان سان گڏ،
"اوهان جي مُون لاءِ پيار سان گڏ،
"اوهان جي مُون لاءِ ويساهہ سان گڏ،
"اوهان جي آس مون ۾
"۽ اوهان لاءِ منهنجي سموريءَ آس سان گڏ.
"منهنجا پُٽڙا ، منهنجون ڌيئرون!
"مان- سنڌ، ڪيئن ٿي ڪنڊر ٿي سگهان؟
"منهنجا ٻچڙا!
"مان سنڌ آهيان، مان مارئي آهيان،
"مان سسئي آهيان، ۽ سهڻي بہ مان آهيان
"سموري ڌرتيءَ جي گولي تي اوهين منهنجو نالو ڪٺو ٿا، منهنجا ٻچڙا!
"اوهين منهنجا گيت، منهنجو نانءُ، منهنجي مهما ڳايو ٿا؛
"اوهين 'امان سنڌ' چئو ٿا، جڏهن مون لاءِ رڙو ٿا.
"اوهان جي دلين ۾ مان گيت آهيان،
"اوهان جي ڪنن ۾ سنگيت آهيان،
"پوءِ مان ڪيئن ٿي ڪنڊر ٿي سگهان؟
"مان اوهان ۾ زندهہ آهيان،
"مان اوهان جي ٻارن جي اکين ۾ چمڪ آهيان،
"مان سندن چپن جي مُرڪ آهيان.....
سدا مني سُرٻاتُ ۾ سڏُ ڪندڙ آواز:
"جاڳو جاڳو، منهنجون ڌيئرون، منهنجا پٽڙا!
"هاڻي جاڳو، جاڳو ۽ اُٿو
"۽ منهنجو چهرو، روشنيءَ ۾
"اُڀرندڙ سج جي سونهريءَ مهانتا ۾ ڏسو!"

- ولي رام "ولڀ"

# سنڌ جو هڪ وفادار فرزند

ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کان ڪجهہ ڏينهن اڳ، جڏهن انڊين آرميءَ جي آفيسرن کان هندستان ۽ پاڪستان منجهان ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪُهري وئي تہ لکنؤ جي هڪ مڃي مانيءَ لائق خاندان جي وڏي ڇوڪري ۽ انڊين آرميءَ جي آفيسر يعقوب خان، مذهبي عقيدت ۽ اسلامي جوش ۾ ايندي، پنهنجي پاڙي پنبي، ماءُ ماتا ۽ مٽن مائٽن کي ڇڏي، پاڪستاني فوج ۾ شامل ٿيڻ جي خواهش ڪئي؛ جڏهن تہ ساڳي فوج ۾، سندس ننڍي ڀاءُ يونس خان پنهنجن اباڻن پڊن ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو. جڳ مشهور ڪتاب "Freedom at Midnight "(آڌيءَ ڏاري آزادي) جو مصنف ڊومنڪ لاپيري لکي ٿو تہ قدرت جي ستم ظريفي تہ ڏسو، جو پاڪستان ۽ هندستان جي وچ ۾ ١٩٤٨ع ۾ جيڪا لڙائي لڳي، اُن ۾ هندستان جي فوجن جو ڪماندار يونس خان هو، جڏهن تہ پاڪستان طرفان فوج جي اڳواڻي يعقوب خان پئي ڪئي. ٻنهي ڀائرن هڪٻئي کي هارائڻ لاءِ پنهنجو ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏيو. ٻنهي جي هڪٻئي خلاف محاذآرائي هڪ شعوري چونڊ هئي. منجهائن هرهڪ کي حق تي هجڻ جي پوري پوري پڪ هئي ۽ هر هڪ باطل جي خلاف ڪرشن جا هينيان لفظ ٻڌي ٻي جڳريءَ سان لڙيو هو:

"اي ارجن! حق ۽ باطل جي يُڌ ۾ مٽي مائٽي جو تعلق بيڪار آهي. سچ کان وڌيڪ ڪوبہ عزيز ڪونهي ۽ ڪوڙ کان وڏو ڪوبہ دشمن ڪونهي."

يونس ۽ يعقوب جهڙا ثقافتي پس منظر رکندڙ، ڏکڻ هندوستان جي "باغن جي شهر" بنگلور جو رهواسي، "غلام مُحي الدين ممڪري" ، جڏهن پنهنجو اصلوڪو وطن ڇڏي، گڏيل هندستان جي ڏورانهين ڏاکڻين ڪُنڊ تي، سنڌ صوبي جي ساحلي شهر ڪراچيءَ ڏانهن سُري رهيو هو، تڏهن سندس من ۾ ڇا هيو؟ هو اسلامي جوش ۽ مملڪت خُداداد پاڪستان جي سُک ۾ پنهنجيون گهڙيون گهٽيون، گهر ۽ تڙ ڇڏي رهيو هُيو، يا تاريخ جو ڪو ٻيو ستم يا مٽي مانٽيءَ جو زور سندس پير "بنگلور" جي دلفريب زمين تان پٽي رهيو هيو، سا اسان کي پوري سُڌ ڪانهي. البت اهو پتو ضرور آهي تہ جڏهن "جي. ايم. ممڪري" يعني غلام محي‌الدين ممڪريءَ جو سنڌ جي شعور سان تعارف ٿيو، تہ سموريءَ سنڌ "جي. ايم ممڪري" مان مطلب "گلاب موتيو مهڪندڙ" وارو ورتو. هُن نئين ديس کي اُهي سڀ محبتون ۽ دلبريون ارپيون، جن جي اصل حقدار ڪرناٽڪ جي زمين هئي. هندستاني بچاءُ واري وزير واءِ. بي. چاون جو هي گهاٽو دوست، سنڌ جي بچاءَ جي جنگ وڙهندڙ ٻي ترتيب سپاهين جي اُپاٽڪانيءَ سان پريل دلين منجهہ بہ سدائين گُلاب ۽ موتيي جي مهڪ پهچائيندو رهيو. بنان ڪنهن لالچ ۽ خوف جي، پنجاسي ورهين جي سندس عمر جي پني تي جيڪو بہ اکر لکيل نظر آيو، سو اکر ضمير جي سربلندي ۽ نمڪ حلاليءَ جي مس منجهان بوڙي لکيو ويو. جڏهن ڪراچيءَ ۾ دهشتگرديءَ جي طوفان محبتن جي ٻيڙيءَ کي پُرزا پُرزا ڪري ڇڏيو، تڏهن بہ هُن سنڌ سان وفاداريءَ جي تختي منجهان هٿ نہ ڪڍيو ۽ موڪلائيندي بہ خاموشيءَ سان چوندو ويو:

"سمجهوتي ڪا نام نہ ٿا اُس ڪي لهو ۾ شامل،
ورنہ جُهڪ ڪر پي جي سڪتا ٿا مرني والا"

جيڪڏهن ممڪريءَ جي زندگيءَ تي نظر وجهبي تہ معلوم ٿيندو تہ هو ڪو هبي ٿبي تي ٿي ويل هڪ اديبڙو نہ هيو. مٽيءَ سان مٽي ٿي ويندڙ مٽيءَ جي هن عاشق جو علم سان بہ سچو پچو سنبنڌ هيو. هن بنگلور جي جڳ مشهور "ٽاٽا انسٽيٽيوٽ" منجهان سماجيات ۾ ايم. اي. ڪئي ۽ پوءِ "هندن ۽ مسلمانن جا لاڳاپا" جي موضوع تي

اسلام جي ظهور کان وٺي ۱۹۴۲ع تائين آيل تبديلين کي نظر ۾ رکندي ڊاڪٽوريٽ لاءِ هڪ ڏگهو مقالو لکيو. کيس اهو اعزاز حاصل هيو ته سندس مقالي جي تصديق اُنهي شخص ڪئي، جنهن کي اتهاس جي دنيا جو سڀ کان وڏو عالم چنجي ته بہ ذري جو وڌاءُ نہ ٿيندو. پروفيسر "ٽوائن بي" کيس امتيازي سند عطا ڪندي، هُن لاءِ نهايت تعريف جوڳا لفظ استعمال ڪيا هئا ۽ بامبي يونيورسٽيءَ کيس انتهائي وڏي مان ۽ شان سان پي. ايچ .ڊيءَ جي ڊگري ڏني هئي.

ورهاڱي کان پوءِ، جڏهن ڪن سماجي ڏبائن جي ڪري کيس سنڌ اچڻو پيو ته ان وقت هو هندستان منجهہ CBSC جي کاتي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر جي عهدي تي فائز هيو ۽ جڏهن پاڪستان ۾ رٽائرمينٽ جي عمر کي پهتو ته "سينٽرل گورنمينٽ پريس" منجهان ڊائريڪٽر جي عهدي تان رٽائر ٿيو. جي. ايم. مهڪري، جڏهن بہ ۽ جتي بہ رهيو، منجهس اعليٰ انساني قدرن ۽ علم جي لاءِ عزت ۾ ڪڏهن بہ گهٽتائي نہ آئي. هو جڏهن نوڪريءَ کان پالهو ٿي، مراد آباد منجهان پرٽيل ٻي زال سان گڏ ماڊرن ڪالونيءَ جي ۲۰ والن جي گهر ۾ اچي رهيو، تڏهن بہ سندس سڀ کان وڏيڪ پيار ڪتابن، اخبارن ۽ رسالن سان ئي رهيو. مان سمجهان ٿو تہ هيءُ هڪ منفرد مثال آهي تہ پاڪستان جي چوٽيءَ جو سماجيات دان ۽ بيوروڪريٽ، سو بہ سيد هاشم رضا، جميل الدين عالي ۽ برگيڊيئر عبدالرحمان صديقيءَ جي برادريءَ سان لاڳاپيل شخص، رٽائر ڪري اچي ٻارڙن جي لاءِ مضمون لکڻ ۽ قلم جي پورهيي سان پيٽ پالڻ وارو ڌنڌو ڪري! نہ تہ اردوءَ جا اديب ڏين سان گڏ دنيا بہ روشن ڪندا رهندا آهن. جڏهن گهر ويهڻ جهڙا ٿيندا آهن، تہ ايترو ٽٽ ترڪو جمع ڪري چڪا هوندا آهن، جو باقي ڏينهن هواخوري ۽ الفاظ خوريءَ جي ذريعي زندگي گذاريندا آهن.

پنهنجي برادريءَ جي انهن اعليٰ روايتن جي ابتڙ، مهڪريءَ تي قدرت توڙي حالتون سخت نامهربان هُيون. سڄي عمر اؤلاد جهڙي نعمت کان محروم ٿيل هيءُ سدا بهار مُرڪ پکيڙيندڙ شخص، زندگيءَ جو پورو پورو پهر تہ رڳو سائنس جي مهربانيءَ معرفت دل جون ڌڙڪنون ڳڻيندو رهيو. شايد اسان منجهان ٿورن کي خبر هجي تہ سندس ويڳاڻي دل منجهہ "پيس منڪر" لڳل هُيو! جيستائين اُنهي جي ٽڪ ٽڪ جاري رهي، تيستائين اسان جي هن عزت لائق اُستاد جا ٺهڪ بہ ٻُرندا رهيا. پر جڏهن اها مشين بہ هلي هلي بيهجي ويئي تہ سائنس جو هيءُ سچو پرستار ۽ زندگي توڙي موت کي راند سمجهندڙ سُچيت روح!

"جيت جيت ڪي عُمر گنوايئي، هُڻ تون هار فريدا."

جا ٻول اُچاريندو، وڃي اُن ديس جو واسي ٿيو، جتي روح تي ڪا رَهنڊ نہ پوندي آهي ۽ جتي خوابن جي قاتلن کي انصاف جي مسند تي نہ ويهاريو ويندو آهي.

۱۵ آگسٽ ۱۹۹۵ع جي هڪ عام رواجي شام ڌاري، جڏهن فون تي سائين علي احمد بروهيءَ جي ٻاجهاري آواز جي ذريعي اٿوٿندڙ خبر پهتي تہ مون کي ائين لڳو تہ ڄڻ تہ قدرت جي فرشتن ۽ "حق پرستن جي خُبدارن" هن بدنصيب شهر جي چهري کي رتورت ڪرڻ ۽ سندس بيقرار رهواسين جي روح کي بيچين ڪرڻ جي گڏجي سڏجي منصوبا بندي ڪئي آهي - ۽ انهيءَ منصوبا بنديءَ جو سڀ کان وڏو شڪار اُهي شهري ٿا ٿين، جن جي سموري زندگي دلين کي جوڙڻ ۾ گُذري آهي. جڏهن بروهي صاحب جو سندس آخري سفر ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ حُڪم ٿيو تہ مون ٿورڙي دير لاءِ انهيءَ حُڪم جي تعميل نہ ڪرڻ لاءِ ضرور سوچيو، ڇو جو گانڌيءَ جهڙي ٺاڪُين طبيعت رکندڙ اسان جي هن محترم دوست جو اُجهو "نتورام گاڊسي" ۽ "نارائڻ آپٽي" جي روحاني وارثن جي علائقي، يعني ڪجهي گرانوند ۽ پاڪ ڪالونيءَ جهڙن ڪوس گهرن جي پُنيان ماڊرن ڪالونيءَ ۾ اڏيل هُيو. پر الائجي ڇو منهنجي من مڙني خطرن کي پاسي رکندي، اهو فيصلو ڪيو تہ اسان جي سپنن واري سنڌ جي تصور ۾ همسفر، هن هندستان جي سنڌي ٿي ويل فرزند جي آخري سفر تي، ديس جي ديوانن جي موجودگي ضروري آهي.

جي ڏي تي ڪراچي ۾ "منگهو پير روڊ" جا رڪشي ۾ ڌڪا جهلڻ لائق نہ رهي آهيان سو پڇاڙي ۾ هن سان ملڻ ٿي نہ سگهيو. حالانڪ هن سان نہ ملي سگهڻ بہ پنهنجي ليکي هڪ منفي ڪيفيت آهي، پنجين ڇهين مهيني جڏهن بہ هن سان ملڻ ويندي هئس، خوش ٿي چوندو هو: "اتفاق ڏس اتفاق... ڪلهہ ئي اجان مون توکي ياد ڪيو هو..."

هن سان باوجود چاهڻ جي بہ نہ ملي سگهڻ جو اتفاق... شايد هاڻ هن ياد ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو...

خدا قرآن شريف ۾ شايد ' پيريءَ واري دور' کي 'ڏکيو ترين دور' چيو آهي. مون پنهنجي بابا جي پيريءَ جو دور بہ ڏٺو، مهڪريءَ جي پيريءَ جو دور بہ ڏٺو. بابا تي پيري جهٽ آئي، مهڪريءَ تي ٿورو دير سان. ٻنهين جون مجبوري ۽ ڪمزوري واريون ڪيفيتون... لاچاري... ويچارگي...! بابا ويچارو پڇاڙي ۾ چوندو هو Give me a pill of death. هاڻ سوچيان ٿي تہ ڪن حالتن ۾ موت بہ ماڻهو جو ڪيڏو نہ محافظ آهي! مهڪري صاحب سان جڏهن بہ سال پڇاڙي جو ملي هئس، تڏهن ڏٺو هوم تہ هو ٿورو ٻارڙن وانگر چڙچڙو ٿي پيو هو. ويهي سگهڻ جو ساهس نہ هوس. مجبوري ۽ بيوسيءَ جي ڪيفيت ۾ هن سندس زال جي ڪنهن ڳالهہ تي چڙي پنهنجي مٿي تي پاڻ کي ٻہ ٽي هٿ بہ هنيا هئا. اهي سندس پاڻ کي ڌڪ مون پنهنجيءَ دل تي محسوس ڪيا ۽ سوچيو هوم تہ هاڻ سائينءَ مان سهڻ جو ساهس نڪري ويو آهي.

پيريءَ ۾ "پئسي جي فراواني" ۽ همدردي سان ڪوني "خدمت ڪرڻ وارو" هجي تہ شايد ان دور کي بہ خوش اسلوبي سان منهن ڏيئي سگهجي ٿو، پر مهڪري صاحب تہ دل جو درياءُ ماڻهو، محبتن کي گڏ ڪيائين. پنهنجي انا جي حفاظت ڪيائين. هن پئسو گڏ ڪيوني ڪونہ. هن کي پئسي جي لالچ نہ هئي، سو لاچاري تي پئي هئس. آخري عمر ۾ محبت ڪرڻ وارن جي بہ لاچاري، پئسي جي لاچاري.

هڪ ئي ساٿ ڏيڻ واري زال، سا بہ دل جي بيمار.

مهڪري صاحب کي "پيري" پنهنجيءَ جاءِ تي، پر سالن کان شُگر جو مرض، دل جو مرض ۽ اڪيلائيءَ جو مرض! ڪير هجي جو سهي؟ ڪوني هجي جو "ڪري"! گهر مان پاڻ نڪري نہ سگهندو هو. ڪوني وٽس ايندو ويندو ڪونہ هو. ٻہ ٽي ڪي سچا دوست هفتي مهيني وٽس ايندا تہ ايندا، نہ تہ هو سڄي گهر ۾ اڪيلو ئي اڪيلو. سيمينٽ جي پَٽ تي اڪثر پيرين اگهاڙو پيو آهستي آهستي هلندو. چوندو "مون کي پيرن ۾ Burning ٿي ٿئي." "آءٌ هڪ دفعو ڪلي سانس "توهان کي ڪا نرم بخمل جي چمپل نمرائي ڏيان، چاڪاڻ تہ آءٌ توهان جي لاءِ سڄو فرش تہ بخمل جو نمرائي نٿي سگهان." خوش ٿيو. چيائين "بس منهنجي لاءِ اوهان سيني جي محبت ڪافي آهي. مون کي ڪجهہ نہ کپي." پيو تہ نهيو ميوو وٺندو هوس. هڪ بہ دفعو ميوو وٺي ويس تہ همراهہ کي ڏنم تہ اها ڳالهہ بہ نہ پئي وڻي. بس هن کي رڳو اهو وڻندو هو تہ آءٌ هن وٽ وڃان. مون کي ڏسي خوش ٿيندو. صائمہ کي ڏسي تہ هيڪاري پيشو خوش ٿيندو.

اناهاڻو انين جو اڪيڊمي آف ليٽرس پنج هزار اماڻيس تہ اهي بہ واپس ڪري ڇڏيائين: "پئسي کو کيا ڪري گا بابا... هم کو يہ فائيو ٿهائوزنڊ نهين چاهئے."

سوچيان ٿي تہ هڪ انسان... مهڪري جهڙو... جيڪو علم، دانش، ادب، فلسفي، سائنس، هر علم جي بابت انتهائي علم وارو هوندي بہ تہ عمر جا آخري ايام ڪيئن بنهہ هڪ عام ماڻهو وانگر ٿو گذاري! لوڙهي بہ 'عام' وانگر تہ پڇاڙي جو 'لهي' بہ عام وانگر. خدا 'عالمن' کي مرڻ مهل ڪجهہ تہ رعايت ڏي ها. شايد 'چڱن' جون چڱايون خدا دنيا ۾ ٻين کي ڏيکارڻ لاءِ خلقيون، ۽ رعايتون وري پاڻ وٽ ٿو محفوظ رکي ٻي دنيا لاءِ.

محبت، دين/ دنيا ٻنهي جو مرڪز آهي. مهڪري محبت ڏئي بہ ڄاڻندو هو تہ وٺي بہ ڄاڻندو هو. پر عام دنيا

# خيالن جي مهڪ

## ("محڪريءَ جا مضمون" - ڪتاب جو اڀياس)

علم ۽ دانش ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جي، ڪنهن هڪ قوم جي ميراث نہ هوندا آهن، پر اُهي سموري انسانيت جا ڳڏيل ورثا هوندا آهن. عالم ۽ دانشور، پنهنجيءَ قوم جو هوندي، جو ڪين هئڻ بہ گهرجي، سموريءَ انسانيت ۽ سموري عالم جا هوندا آهن. انهن جا خيال، سندن پنهنجا خيال هوندي بہ، سندن قوم جا ۽ ڳڏوڳڏ پوريءَ انسانذات جا خيال هوندا آهن. اهائي ڳالهہ، سنڌ جي برک دانشور، سائين محمد ابراهيم جويي، ڪتاب "فڪر جي آزادي" جي مهاڳ ۾ هن ريت لکي آهي تہ "خيال ڪنهن جا آهن، ان جو ويچار ڪرڻو ڪونهي، پر خيال ڪهڙا آهن، اصل ڳالهہ ڳولڻ جي سمجهڻ جي ۽ سوچڻ جي اِها آهي." (ص-٨)

تہ اڄ آءٌ هتي علم ۽ دانش جي صاحب، نون مهڪ ڀرين خيالن جي خوشبوءِ پکيڙيندڙ دانشور جي. ايم. محڪريءَ جي خيالن جي خوشبوءِ سان اوهان جو دماغ خوشبودار بنائڻ جي ڪوشش ڪندس:

جي. ايم. محڪري، سُر ۽ سنگيت، وديا ۽ ويدانت جي پُوميءَ ڀارت جي شهر بنگلور ۾ ڄائو هو، پر ١٩٤٢ع کان وٺي سنڌ کي پنهنجو وطن، پنهنجو مسڪن، پنهنجو مدفن|پنهنجو "سيڪجهہ" بنائي چڪو آهي. محڪري صاحب، بنگلور کي ٣٤ ورهين جي ڀرپور جوانيءَ ۾ خيرباد چيو هو ۽ ان حسين بنگلور جي ياد جڏهن بہ ڪيس شدت سان ستائيندي آهي تہ شيخ اياز جي لفظن ۾: "اُن وقت هن جي اکين ۾ مُرڪ انين چمڪندي آهي، جيئن وارياسي جي ٿنڌ اُس ۾ سج جا ترورا هرڻ جي اکين ۾ چمڪندا آهن ۽ هو ڪنهن ترائيءَ لاءِ واجهائيندو آهي."

واقعي بنگلور جي ياد محڪريءَ جي اکين ۾ مُرڪ جي اهڙي چمڪندڙ صورت اختيار ضرور ڪندي هوندي، جهڙي وارياسي جي ٿنڌ اس ۾ سج جا ترورا، هرڻ جي اکين ۾ پيدا ڪندا آهن. پر مون کي پڪ آهي سنڌ ۾ رهندي، سندس اها ياد، سندس اها پياس، مرگهہ-ترشنا واري ڪڏهن بہ نہ رهي آهي، ڇو تہ ڪيس ٿنڌ اُس ۾ "ترائي" سنڌ جي صورت ۾ ملي چڪي هئي. سنڌ، جنهن کي هن نہ رڳو پاڻ "جاءِ پناهہ" ۽ "وطن" سمجهيو هو، پر پنهنجن هجرت ڪري ايندڙ ڀائرن کي بہ مشورو ڏنو هو تہ "اردو ڳالهائيندڙن کي اهو محسوس ڪرڻ کپي تہ سندن جاءِ پناهہ ۽ سندن وطن سنڌ آهي ۽ هنن هندستان مان هجرت جي صورت ۾ جيڪا پنهنجي همت ۽ صلاحيتِ استعمال ڪئي هئي، سا هو هاڻي سنڌ جي عظمت، خوشحاليءَ ۽ سنڌ ۾ رهندڙ سيني ماڻهن جي وچ ۾ ڀائپيءَ جي اڀارڻ لاءِ استعمال ڪن."
["سنڌ ۾ ٻوليءَ جو مسئلو" : ١٩٧١ع ۾ اخباري بيان]

تہ سنڌ کي "امڙ سنڌ" سمجهندڙ دانشور جي. ايم. محڪريءَ جي انگريزيءَ ۾ لکيل مضمونن کي، جيڪي مختلف اخبارن وغيره ۾ ڇپيا هئا، ڪجهہ سال اڳ ترجمو ڪري، گڏي سهيڙي، ڪتابي صورت ۾، "محڪريءَ جا مضمون" جي عنوان سان محمد ابراهيمؔ جويي صاحب ڇپرائي پڌرو ڪيو هو.

سائين محمد ابراهيم جويي هميشہ اسان کي خوبصورت خيال، پوءِ اهي ڪنهن جا بہ آهن، ترجمي جي صورت ۾ پئي پهچايا آهن ۽ ترجما بہ اهڙا، جيڪي ترجما گهٽ، طبعزاد خيال وڌيڪ لڳندا آهن. ورهاڱي کان اڳ سنڌي ادب جي وڌي ۾ وڏي محسن، مرزا قليچ بيگ، دُنيا جا ادبي شهپارا ترجمو ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي جهوليءَ کي مالا مال ڪيو هو، ۽ ورهاڱي کان پوءِ، ترجمن جي اهميت سڀ کان وڌيڪ جيڪڏهن ڪنهن محسوس ڪئي تہ اُهو محمد ابرهيم جويو آهي. هن جا ترجما ايڏا تہ اُوچي معيار جا آهن، جو انهن کي اصلوڪا تخليقي خيال سمجهڻ جو شڪ ٿيندو آهي.

تنقيد آهن ۽ هنن مضمونن ۾ جيڪا طنز ۽ ٺٺول سمائي، ملڪي ڪارپردازن تي مهڪري صاحب جلهه ڪئي آهي، سا ساراهه لائق آهي.

"ڪير ڪيئن سفيد ٿئي ٿو؟" مضمون ۾ عام ڪير واري ڪان وٺي مٿي تائين ڪهڙيءَ ريت بي ايماني ڏاڪي بہ ڏاڪي ترقي ڪندي رهي ٿي، ان جو خوبصورت نقشو چٽيل آهي. "گ- ٽ-ب" مضمون ۾ بجيٽ جا بکيا اڊيڙيا ويا آهن. "پاڪستان ۾ پنگلن لاءِ موٽرون" - مضمون ۾ قانون جي غلط عمل تي چٽر ڪئي وئي آهي. "زنجيرن تي زنجير"، "برائي، جيڪا ماڻهو ڪن ٿا" ۽ "جمهوريت" وارن مضمونن ۾ تفصيلي ۽ تاريخي طرح مثال ڏئي هڪ طرف جمهوريت جي اهميت سمجهائي وئي آهي تہ ٻئي طرف جمهوريت خلاف سازشن کي خوبصورت پيرايي ۾ وائکو ڪيو ويو آهي. "ننڍ، ڊاڪٽر صاحبؤ ننڍ!" واري مضمون ۾ اسان جي ڊاڪٽري دنيا جي غلط ڪارين تان پردو ڪنيل آهي ۽ ٻڌايل آهي تہ ڊاڪٽر صاحب جيڪي ڳالهيون پنهنجيءَ صحت لاءِ ضروري سمجهن ٿا، تن مان ڪجهہ جيڪڏهن مريضن لاءِ بہ سوچين تہ هوند اهي اسپتالن ۾ ائين چڙي چڙي مري نہ وڃن ۽ نہ سندن بيماري اينگهہ اختيار ڪري.

ڪجهہ علامتي، تاثراتي ۽ تاريخي مضمون، جن ۾ حڪمت ڀريل نڪتا بيان ڪيل آهن، اهي نئين نسل لاءِ واٽ جي لاٽ بڻجي سگهن ٿا، جهڙوڪ: "جادوءَ جا عجيب ڪم" مضمون ۾ لفظن جي جادوءَ، لفظن جي سگهہ، آزاديءَ ۽ عزم جي قوت جو بيان آهي. "سلام انهن تي، جي آزاد آهن" عنوان واري مضمون ۾ آزاد ذهن انسانن جي عظمت بيان ڪيل آهي ۽ ٻڌايل آهي تہ قابل نفرت حڪم ڪي نہ مڃڻ گوياڪ پنهنجيءَ سگهہ ۽ سرت سان انسان کي آزاديءَ جي گهربل هڪ ساهہ عطا ڪرڻ جي برابر آهي.

"ڇا ڪتولي جو موت نہ ڪبي" مضمون ۾ ڪٽ تي چڙي چڙي واهيات موت بدران جدوجهد ڪندي مرڻ واري عظيم موت جي اهميت کي اجاگر ڪيو ويو آهي.

"يهوداه (Judas) صليب تي ڪيئن چڙهيو؟" مضمون ۾ اهڙن ماڻهن جي ڪردار کي بيان ڪيو ويو آهي، جيڪي قومي محسنن ۽ قوم سان غداري ڪرڻ جي باوجود، ڏاڙين وٽ بہ مانُ ٿا لهن ۽ سندن ظلم جو نشانو بڻجن ٿا.

"ڏوهہ ڪهڙو ۽ ڪنهن جو؟" مضمون ۾ اهو حڪمت ڀريو نڪتو سمجهايو ويو آهي تہ جيڪڏهن رڍون نہ ٻڌجون تہ هو بگهڙ ٿي نٿا سگهن.

"ذهني عصمت فروش" مضمون ۾ انهن اديبن ۽ دانشورن کي وائکو ڪيو ويو آهي، جيڪي هر وقت پنهنجي قلم ۽ ذهن جي عصمت وڪڻڻ لاءِ تيار ٿي ويندا آهن. "شهادت ۽ قيامت" مضمون ۾ ڊيڪاريل آهي تہ حق ۽ آزاديءَ جي راهہ ۾ مري ويل انسان اَمر/سدا حيات آهن. "زندگي ۽ جنم قيد" ۾ سدا سجاڳ، بهادر ۽ آزاد انسانن جون وصفون بيان ڪندي ٻڌايو ويو آهي تہ "انهن لاءِ زندگي، فقط زندگي تڏهن ٿيندي آهي، جڏهن اُها "جنم قيد" نہ هجي.

"مهڪريءَ جا مضمون" ڪتاب جا آخري ٽي آرٽيڪل وڏي اهميت رکن ٿا. "سنڌ ۾ ٻوليءَ جو مسئلو"، ۱۹۷۱ع ۾ جي. ايم. مهڪريءَ جي ڏنل ان اخباري بيان جو ترجمو آهي، جنهن ۾ هن روشن ضمير انسان ٻوليءَ جي مسئلي تي چٽو ۽ کرو نقطہ نظر پيش ڪندي، هندستان مان هجرت ڪري آيل ماڻهن کي سنڌ ڌرتيءَ جو ٿي وڃڻ جو مشورو ڏنو آهي. "سنڌ جون نياڻيون" مضمون ۾ هن سنڌ جي نئين ٽهيءَ جي عورتن جي نئين جاڳرتا واري جذبي کي واکاڻيو آهي. "ڇا اسان جو نوجوان اڳواڻيءَ کان محروم آهي؟" عنوان وارو مضمون واقعي اسان سڀني لاءِ هڪ سوال آهي ۽ ان سوال جو جواب مهڪري صاحب مختصر پر جامع لفظن ۾ هن طرح ڏئي ڇڏيو آهي تہ "عظيم شخصن جي زندگين جو مطالعو اسان لاءِ پنهنجيءَ عظمت ڏانهن ويندڙ ويجهي ۾ ويجهو رستو آهي، ان ڪري نوجوان بي اڳواڻ ڪيئن ٿا رهي سگهن. هو تہ پنهنجا اڳواڻ پاڻ آهن."

هيءَ ڪتاب، بي بها ۽ بي بدل حڪمت جي نڪتن تي ٻڌل ڪتاب آهي. مون مختصر مطالعي ذريعي ڪتاب مان

ڪجھ ڪوٽيشن نوٽ ڪيا آهن، جيڪي ممڪريءَ جا پنهنجا ۽ ٻين دانشمندن جا خيال آهن، پڙهو ۽ لاڀ حاصل ڪيو:

- آلفريد ڪورزسڪيءَ (پولينڊ جي رهاڪوءَ) جو خيال آهي ته ٻوٽا، "توانائي گير" آهن، سڀ ساهوارا "مڪان گير" آهن، ۽ ماڻهو، فقط ماڻهو ئي سڄيءَ مخلوقات ۾ "زمان گير" آهي.
- فقط ماڻهو ئي "وقت کي سانڍي ٿو" - هُو ئي فقط هُوئي آهي، جنهن لاءِ ماضي، حال ۽ مستقبل هڪ لاڳيتي ۽ اڻوٽ شيءِ آهي. - (ص ٢٥)
- "او سيزر! مون کي معاف ڪج! جنهن پوري ارادي سان مان پاڻ کي ماريان ٿو، ان جي اڌ جيترو ارادو به مون کي تنهنجي مارڻ جو نه هو." [سيزر جي قاتل، بروٽس جا، خودڪشيءَ ڪرڻ وقت چيل لفظ -ص ٧٥]
- "جمهوريت کي مارڻ لاءِ اول اول انساني فطرت کان مايوس ۽ ان جي اظهار تي بي صبر ٿيڻو پوي ٿو ۽ انسان کي انساني درجي تان هيٺ لاهي، جانور بنائڻ جو فيصلو ڪرڻو پوي ٿو." (ص ٧٩)
- "سچ پچ جمهوريت جڏهن مري ٿي، ان کان پوءِ ٻيو ڪوبه ڪونه ٿو بچي. ماڻهو ۽ ماڻهوءَ جو ماڻپو، پڻ ان سان گڏ مري ٿو." -(ص ٨١)
- هر دڙٻائي (Bully) ڪانئر هوندو آهي (ص ١١٥)
- لفظ جو معجزو، لفظ جو جادو، سچ پچ ته عجيب ڪم ڪري ٿو. (١٤٥)
- "پرھ ڦٽڻ کان اڳ، گهاٽيءَ اونده جي به گهڙي ايندي آهي ۽ مسافر کي کپي ته نامراديءَ جي بحر مان لنگهندي، پنهنجي دل نه لوڙهي، ڇو ته روشنين جو شهر سامهون آهي" - [جان بينان جي ڪتاب "زيارتيءَ جو سفر" مان ورتل- ص ١٧٢]
- قابل نفرت حڪم ڏيڻ کان بدتر ڳالھ آهي قابل نفرت حڪم کي مڃڻ . (ص ١٨٠)
- جڏهن غلام سوچڻ شروع ڪندا آهن، تڏهن غلاميءَ جي خاتمي جي شروعات ٿيندي آهي." (ص ١٨١)
- "سلام آهي انهن تي، جي آزاد آهن." (ص ١٨٢)
- زنجير اينتري ئي مضبوط هوندي آهي، جيتري ان جي سڀ کان ضعيف ڪڙي." (ص ١٨٤)
- ذهني عصمت فروش (اهو آهي) جنهن وٽ ذهن جو يعني علم ۽ عقل جو وڪر هوندو آهي، وڪري لاءِ." (ص ١٨٩)
- ذهني عصمت فروش، اوچتو اوچتو، خاص طور انهن حلقن وٽ ڏاڍا پيارا ۽ مقبول ٿي ويندا آهن، جن جو پڙيائين "قلم جي طاقت" ۾ اعتبار ئي نه هوندو آهي (ص ١٨٩)
- "غلام ذهن عورتون هرگز آزاد مرد جڻي ۽ نپائي نه سگهنديون. غلام ذهن عورتون، جڻينديون ۽ نپائينديون ته فقط پاڻ بچائيندڙ مرد، وڙهڻ کان اڳ آڻ مڃيندڙ مرد، اذيت پسند ۽ روئڻا مرد." -(ص ٢٣٣)
- تقريرون ڪيتريون به عظيم ۽ لافاني هجن، ڪافي نه آهن، جيسين تائين انهن جي پويان طاقت، ارادي ۽ عمل جي تدبير نه آهي. (ص ٢٣٣)
- نه ڪجھ چئو، ڇاڪاڻ ته ٻُڌ چوي ٿو،
  نه ڪجھ ڪريو، ڇاڪاڻ ته ٻُڌ ڪري ٿو.
  نه ڪجھ سوچيو، ڇاڪاڻ ته ٻُڌ سوچي ٿو،
  پر چئو، ڪريو ۽ سوچيو. ڇاڪاڻ ته اوهان جو عقل اوهان کي ائين ٻڌائي ٿو" گوتم ٻُڌ.
- پاڻ ڄاڻڻ، پنهنجو مان پاڻ ڪرڻ ۽ پاڻ پنهنجي وس رکڻ- خودشناسي، عزت نفس ۽ خود ضابطگي- اهي ئي گُڻ ماڻهوءَ کي سلطاني سهاڳ جي چوٽيءَ تي رسائين ٿا." -انگريز شاعر ٽينسن (ص ٢٤٥)

- تاج جويو -

# سنڌ ۾ ٻوليءَ جو مسئلو - ڊاڪٽر مهڪري

سنڌ جي پنهنجي زبان سنڌي آهي، جيڪا پنهنجي اثر ۽ سواد ۾ پنهنجو مَٽ پاڻ آهي. اُها دنيا جي عظيم شخصن ۽ سنڌ جي سَنت ڪوين (Saint-poets) شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ، سچل سرمست، ۽ ساميءَ جي امر ۽ لافاني خيالن جي وسيلن جو ذريعو آهي.

هيءَ ٻولي سنڌ جي غريبن ۽ اميرن، شهرن ۽ ڳوٺن جي ٻولي آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجن خيالن جو اظهار هن عوام جي ٻوليءَ ۾ ڪيو. انهيءَ ڪري هو اڻ پڙهيل عوام توڙي اعليٰ تعليم يافته طبقي ۾ هڪجهڙو مقبول آهي، ۽ هن جي اعليٰ انساني فڪر ٻنهي کي هڪ اَڻُوٽ ڀائپيءَ جو حصو بڻائي ڇڏيو آهي ۽ انهن ۾ ڪي به اهڙا ثقافتي ويڇا ڪونه رهيا آهن، جيڪي عام طور تي ٻين سوسائٽين ۾ موجود هوندا آهن. ان ڪري سنڌي ٻولي هڪ مڪمل سماجي جمهوريت جي زبان آهي.

ان کان سواءِ ورهاڱي جي صورت ۾ لڏي آيل سنڌ جي نئينءَ آباديءَ جو هڪ حصو پاڻ سان گڏ هڪ اهڙي زبان کڻي آيو آهي، جيڪا پڻ هڪ ادبي ۽ لساني ورثي جي مالڪ آهي، ۽ اتي اها هندستان جي هڪ چڱي حصي جي باهمي رابطي جي زبان جي حيثيت سان به ڪم ايندي هئي، ۽ ان کي هتي مرڪزي طور وڏي پذيرائي به مليل آهي.

سنڌ پاڪستان جو اڪيلو صوبو آهي جنهن اردو ڳالهائيندڙ مهاجرن کي هڪ وڏي تعداد ۾ پناهه ڏني ۽ ڪوبه سنڌين جي ان احسان جو پورو بدلو نٿو ڏيئي سگهي.

انهن نون آيلن لاءِ ۽ انهن جي نسلن لاءِ سنڌ مادر وطن آهي ۽ ان جي زبان، ثقافت، ان جا جذبا، ان جا احساس ۽ ان جا امنگ سندن پنهنجا آهن، ۽ جيڪڏهن هو پاڻ سان هڪ تاريخي ورثي جي ٻي زبان به کڻي آيا آهن ته ان سان سنڌ جي اصلي زبان ۽ اصلي تهذيب ڏانهن سندن ذميوارين ۾ ڪوبه تفاوت ڪونه ٿو پوي.

سنڌ جي عوام پڻ سندن زبان جي ڪا مخالفت نه ڪئي آهي ۽ سنڌ جي دانشورن کي ان جي وسعت جو احساس آهي ۽ ان لاءِ سندن جذبن جو انهن کي شعور آهي. هُنن پنهنجي زبان جي بچاءَ لاءِ پنهنجي مادر وطن جي قرباني ڏني ۽ هو مهاجر بڻيا ۽ پنهنجن وڏن جي تاريخي ورثي کي بچائڻ لاءِ پنهنجن وڏن جي قبرن کي ڇڏي آيا ۽ جنهن ڳالهه لاءِ انهن قرباني ڏني آهي سا کين برابر ڏاڍي پياري آهي.

پر جيڪڏهن ان حالت ۾ هنن اردو کنهن تي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ته هو اردوءَ سان وڏي ۾ وڏيءَ دشمنيءَ جو ثبوت ڏيندا- حالانڪ ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته هنن جي دل ۾ اها خواهش هوندي ته جنهن شيءِ لاءِ هنن قرباني ڏني آهي تنهن کي وڌائين ۽ ويجهائين. پر جيڪڏهن معاملي جي تهه تائين پهچڻ بدران رڳو ڪناري تي بيهي معاملي کي الجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي، ته ڪنهن جو به ڀلو نه ٿيندو. جيڪڏهن ڪنهن باقاعدي منصوبي جي ذريعي اردوءَ کي مسلط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ۽ ان جي نتيجي ۾ ڪا مخالفت ٿي، جا ٿيڻي ئي آهي، ته اُهي ئي ائين ٺاڦڻ ۽ مڙهڻ وارا، اردوءَ جي انهن آئينده نسلن جي نقصان جا ذميوار ٿيندا، جن ويچارن جو ان ۾ ڪوبه هٿ نه هوندو. جيڪڏهن هنن جي مادري زبان کي ان حالت ۾ نقصان پهتو، جنهن حالت ۾ هنن جي زبان جي ترقيءَ جا هوندي موقعا به موجود آهن، ته ان صورت جي ذميواري به انهن تي عائد ٿيندي.

اردوءَ جي انهن حامين، جن ٢٣ سال اڳ ۾ هتي اچي پناهه ورتي هئي، تن کي هتان جي ماڻهن جي ٻوليءَ- سنڌيءَ- جي عظمت جي خبر ڪانه هئي، ۽ هو ان جي عظمت، ميناج، صلاحيت ۽ سگهه کان قطعي غير واقف هئا، ڇو ته اهي هندستان جي اهڙن حصن کان آيا هئا، جتي ڪين سموري زندگيءَ ۾ سنڌيءَ جي باري ۾ اِهو پتو ئي ڪونه هو.

ان کان پوءِ هنن ٢٣ سالن ۾ سنڌ جي هڪ نئين عظمت اڀري آئي آهي، ۽ سنڌي زبان جي ترقيءَ جي باري ۾ ان قدر ئي هڪ جاندار ۽ نئين سجاڳي وجود وٺي چڪي آهي. سنڌ جي اندرين علائقن ۾ ته مهاجرن جا ٻار سنڌي

ڳالهائين ٿا. ۽ رڳو ٿوري عرصي جي دير آهي جو هو پاڻ ۽ انهن جا ٻار پنهنجين تخليقي صلاحيتن جو اظهار ان زبان ۾ ڪري سگهن. سنڌ ۾ رڳو ڪجهه اردو آباديون اهڙيون آهن، جتي اها صورتحال نه آهي. مختصر لفظن ۾ هيئن چوڻ ڪيي ته اردو انهن تي مسلط نه ٿي ڪري سگهجي، جن جي مادري زبان اردو نه آهي. ۽ نه وري سنڌي انهن تي مڙهي سگهجي ٿي جن ڪي اردو پياري آهي. دنيا جي تجربن مان ظاهر آهي ته ان قسم جون ڪوششون بلڪل ناڪام رهيون آهن.

اردو ڳالهائيندڙن کي اهو محسوس ڪرڻ ڪيي ته سندن جاءِ پناهه ۽ سندن وطن سنڌ آهي ۽ هنن هندستان مان هجرت جي صورت ۾ جيڪا پنهنجي همت ۽ صلاحيت استعمال ڪئي هئي، سا هو هاڻي سنڌ جي عظمت، خوشحالي، ۽ سنڌ ۾ رهندڙ سڀني ماڻهن جي وچ ۾ پاڻپيءَ جي اُپارڻ لاءِ استعمال ڪن.

اُهي ٻيو چا به هجن پر هو سنڌ ۾ سنڌين تي بوجهو ڪونه آهن، پر ماحول مختلف آهي. هاڻي انهن کي نئين ماحول کي پنهنجو ڪرڻو آهي ۽ اهڙي نموني سان رهڻو آهي جهڙي نموني پراڻا سنڌي رهي رهيا آهن. ۽ انهن جو نسلي تفاوت ان خوش آئند مستقبل جي آڏو پيش اچڻ نه گهرجي.

حالانڪ انهن مان ڪيترن تي، غلط ڪارين جي آڌار تي، دولت گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر منجهانئن ڪافي ماڻهن پنهنجي محنت جي ذريعي ترقي ڪئي آهي، ۽ ڪيترائي منجهن اهڙا آهن جيڪي هن محل تائين اجهي جي تلاش ۾ آهن، ۽ اهي هزارين لکين پراڻن سنڌين وانگر ڏکن ۽ ڏولاون ۾ گذاري رهيا آهن ۽ انهن جي مشڪلاتن جو ختم ٿيڻ في الحال نظر نه ٿو اچي. اهي ماڻهو جيڪي ليڊر نه آهن، جيڪي تاجر نه آهن، پر جيڪي مزدور آهن، هاري آهن، جيڪي محنت ڪن ٿا، جيڪي ننڍا دوڪاندار آهن ۽ جيڪي ريڙهيون هلائين ٿا، جيڪي ننڍي وچولي طبقي جا ماڻهو آهن، تن کي هڪبئي سان گڏ رهڻ کپي ۽ هڪ ٻئي جو ساٿ ڏيڻ کپي.

سنڌ ۾ رهندڙ انهن ماڻهن کي پنهنجيءَ زبان کي ٻين تي مڙهڻ جي ڪنهن به تحريڪ جو شڪار نه ٿيڻ کپي، ۽ پاڻ وانگر هر محنت ڪندڙ کي پنهنجي زبان جي استعمال جو حق ڏيڻ کپي.

اهي رڳو سندن خودساخته ليڊرن جا ڪرتب آهن، جيڪي سندن مصيبتن جو سبب هئا، آهن ۽ رهندا، جهڙيءَ طرح سنڌ جي هارين ۽ عام ماڻهن جي مصيبتن جو سبب سنڌ جا وڏا وڏا پير، مير، زميندار ۽ جاگيردار آهن. اهڙا ليڊر ۽ وڏا ماڻهو ئي آهن، جي عوام جي تصادم ۾ خوش آهن. ۽ اهي انهن لاءِ وڏيڪ مصيبتن جو باعث ٿيندا. ڪهڙو عجب، جو انهن 'رهنمائن' پنهنجي بقا لاءِ پاڪستان کان ٻاهر پڻ پنهنجو بندوبست ڪري ورتو هجي- ڪونن وانگر ٻڏندڙ جهاز کي ڇڏي هو پنهنجو بچاءُ ڪري ئي وٺندا ۽ ڪنهن نه ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ وڃي ٽانڪا ٿي ويهندا- ٻيو ڪٿي نه ته آمريڪا، دنيا جي شاهوڪار شاهيءَ جو ديس، هنن لاءِ هڪيو موجود ئي آهي.

سنڌ جي ڪافي سمجهدار ۽ عوامي اڳواڻ اردوءَ کي اردو وارن جي تعليم، دفتر ۽ تجارت جي ٻوليءَ طور قائم رهڻ کان انڪار نه ڪيو آهي ۽ اردو ڳالهائيندڙن جي زبان، تهذيب ۽ ثقافت جي بچاءَ جي ضمانت ڏني آهي.

سنڌ ۾ اردو ڳالهائيندڙ ڪنهن به خطري جو شڪار ڪونه آهن پر هو پنهنجن جي دولاب ۽ ننگيءَ جو شڪار ٿي سگهن ٿا. جڏهن ته سنڌين طرفان ڪين پنهنجن ٻارن کي اسڪول توڙي ڪاليج ۾ پنهنجي ٻوليءَ ۾ تعليم ۽ پنهنجي مقدمن جي وڪالت ۽ دفترن ۾ پنهنجي ٻوليءَ ۾ لکڻ ۽ پڪارڻ جي حق جو يقين ڏياريو ويو آهي ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ سنڌيءَ سان گڏ اردوءَ کي "درحقيقت" سرڪاري زبان ملڻ جي اميد آهي.

تنهنڪري انهن کي سنڌ جي اڪثريت جي ٻوليءَ سنڌيءَ جي حيثيت جو به انڪار نه ڪرڻ گهرجي. ان سان گڏ، جيئن ٻهراڙين ۾ اردو ڳالهائيندڙ سنڌي ڳالهائڻ لڳا آهن، تيئن شهرن ۾ پڻ اهڙي ترڪيب ڪئي وڃي جو سنڌ ۾ ٻوليءَ جو عار ۽ بُعد ختم ٿي وڃي، ۽ هرڪو پنهنجي ٻوليءَ تي فخر ڪري ۽ ٻئي جي ٻوليءَ جو قدر ۽ احترام دل ۾ رکي.

-[اخباري بيان: ١٩٧١ع]

## نور شاهين جي ياد ۾

# خاتونِ اول شاعره - اَلوداع!

پهرين نومبر ١٩٩٥ع تي، جڏهن مان پنهنجي ڊائري ۾ هي تعزيتي سِٽون لکڻ ويٺو آهيان، اچ کان ڇهه مهينا ۽ ارڙهن ڏينهن اڳ فون تي مون آخري دفعو هُن سان ڳالهايو هو. ٻارهين اپريل ١٩٩٥ع جي شام هئي ۽ ان ئي شام جو ريڊيو جي اڳوڻي اسڪرپٽ رائيٽر ۽ شاعر مظفر حسين جوش صاحب جي وفات جي خبر نيوز سيڪشن ۾ ڪريڊ تي اچڻ سان ئي سندن ياد ۾ تعزيتي پروگرام پيش ڪرڻ جو آفيس آرڊر منهنجي ٽيبل تي مون کان 'رسيو' ڪرايو ويو هو. مون ڇا ڪيو جو تڪڙ تڪڙ ۾ الياس عشقي صاحب جا جوش صاحب بابت تاثرات رڪارڊ ڪري اچڻ



ڪان پوءِ فوري طور تي نور شاهين صاحب کي اَپروچ ڪيو ۽ اهو ان ڪري جو مون چاتو ٿي ته جوش صاحب نور شاهين کي پنهنجي نياڻي وانگر سمجهندو هو. فون ڪيم ته هُن جي گهر ۾ رِنگ مسلسل وڄندي رهي ۽ ڪافي وقفي ڪان پوءِ جنهن شخص فون کنيو، اُهو سندس پاڻ هو. چيم: نور شاهين صاحب سان ڳالهائيندس. جواب مليو: سَندن طبيعت ٺيڪ ڪونهي... اِصرار ڪيم ته ضروري ڪم آهي، پليز مون کي مايوس نه ڪريو... جهٽ ڪن رکي جنهن آواز 'هيلو نصير' چئي مخاطب ڪيو، دل ڪنهن به طرح اُن آواز کي ادي نور شاهين جو آواز تسليم نٿي ته پئي ڪيو. يا خدا! ڪٿي هُو شگفته گُلابن جهڙو ترو تازه آواز ۽ ڪٿي هي مُرجهايل مڪڙين جهڙو ڪومايل نحيف ۽ هيٺو آواز. چيائين: نصير... شروع نومبر ۱۹۹۴ع کان مان سخت عليل آهيان ۽ مسلسل صاحبِ فراش. مون بنان ڪنهن دير جي پنهنجي مُدعا بيان ڪئي. 'نه نصير' .. معذرت خواه آهيان، جو نٿي ڳالهائي سگهان مان. سندن غير متوقع انڪار تي اوچتو پئي چُپ ٿي وياسين ۽ وري چُپ جو اُهو وقفو به چُپ چاپ گذري ويو ته ضد ڪندي چيم، به اکر ئي ته ڳالهائڻا آهن اوهان کي. مان ٽيپ رڪارڊ فون سان ڪنيڪٽ ٿو ڪريان، توهان ڳالهائڻ شروع ڪيو. چيائين: منهنجي طرفان تون ئي ڪجهه اکر چئي ڇڏ.... ۽ مون من ئي من ۾ هن کي راضي ڪرڻ لاءِ اجا ڪجهه وڌيڪ لفظ چوندڙ پئي چاهيا ته چيائين: مون کي وڌيڪ رُڪيشسٽ نه ڪر نصير. ۽ هن جي اِن التجا ۾ جڻ اُجهامندڙ ڏِيئي واري وينتي هئي. مان همت هاري وينس. چيم، توهان ٺيڪ ٿيو ته پلا پوءِ توهان جو ريڊيو لاءِ انٽرويو ڪٽي ڪندس. هميشه وانگر مهذب ۽ شائسته لهجي ۾ ڏيرج سان چيائين: ضرور! ۽ فون رکڻ کان اڳ دل ۾ چيم: 'ڪاش هوءَ ڪجهه اکر جيڪر رڪارڊ ڪرائي وٺي ها ته ڪيڏو نه سٺو ٿئي ها.'

۽ ان ڳالهه جو شديد احساس ته مون کي ان وقت ٿيانين گهڻو ٿيو، جڏهن....؟ويهين سيپٽمبر ۱۹۹۵ع تي نور شاهين صاحب جي وفات کان پوءِ سندس ڏکويل پاڻ ڊاڪٽر منصور احمد ۽ پٽن جهڙي ڀائيٽي صفدر امانَ سان مان هڪ شام جو هن کي ياد ڪري رهيو هئس. حيدرآباد جي شام تي اداسيءَ جو شفق پکڙجي رهيو هو ۽ نور شاهين صاحب جون ڳالهيون ڪندي اسان سڀني جي اکين ۾ غير محسوس انداز ۾ آلاڻ پکڙجندي پئي وئي. ڊاڪٽر منصور ٻڌايو پئي ته 'پندرهن ويهه سال اڳ جي ڳالهه آهي. ادي ڪنهن ڪتاب جي تلاش ۾ هڪ ڏينهن سليقي سان سجايل پنهنجي ڪتابن وارو ڪٻٽ کولي، ڪنهن ڪتاب ۾ هٿ وجهي ٻاهر ڪڍيو ته اوچتو هوءَ ششدر ٿي بيهي رهي. خدايا! هي ڇا ؟ وري اتاولائي مان ٻيو ۽ ان کان پوءِ ٽيون ڪتاب ڇڪي ڪڍيو ۽ اُن کان پوءِ ته هُن جنهن به ڪتاب ۾ هٿ وڌو، اُڏوهيءَ کائي اُن جو ڪم خلاص ڪري ڇڏيو هو. اوهه! نور شاهين صاحب جي اُن ڏينهن واري پريشانيءَ جو تصور ڪندي مون کان بي اختيار رڙ نڪري وئي هئي. ڊاڪٽر منصور ٻڌايو ته پوءِ اُن ڏينهن ڪتاب الماريءَ مان ڪڍي ٻاهر ڍير ڪندي هوءَ متواتر روئيندي رهي هئي ۽ هن جي روئڻ واري ڳالهه تي اوچتو اسين سڀ چُپ ٿي وياسين. وري گفتگوءَ جي وچ مان چُپ جو وقفو پورو ٿيو ته ڊاڪٽر منصور چپ چوريا. چيائين، گذريل سال نومبر ۾ اديءَ کي 'ڪينسر' ڊڪليئر ٿيڻ کان پوءِ اسان سڀني گهر وارن جي ڪيفيت به اهڙي ئي ٿي وئي هئي جهڙي ڪيئي سال اڳ اُڏوهيءَ کاڌل ڪتابن کي ڏسي ادي نور جي ٿي وئي هئي،۽ صفدر امانُ، جنهن کي ادي نور شاهين پٽن وانگر پاليو هو، جيڪو هڪڙو نهايت ڪيُوٽ، مُهذب ۽ ڏيرج ڀريون ڳالهيون ڪندڙ نوجوان هو، ٻڌايو پئي ته امي اُن خوفناڪ بيماريءَ جو ٻُڌي ٿورو به ششدر نه ٿي هئي!... بس چپ ٿي وئي هئي ۽ بيماريءَ جي ٻهرين اسٽيج شروع ٿيڻ کان وٺي هُن گهڻو تڻو پوءِ تصوف ۾ ئي سڪون ڳوليو ۽ بيماريءَ کي وساري پنهنجا ٽڙيل پکڙيل ليک، ڪتاب ۽ يادگيريون سهيڙڻ ۾ مصروف ٿي وئي هئي ۽ ڪيڏي عجيب ڳالهه آهي ته طبيعت جي بدترين صورت حال ۾ به، هُن ڪڏهن به همت نه هاري هئي.. ڇاجي لاءِ جو هوءَ وڏي بردبار ۽ ساڳئي وقت صابرين شخصيت جي مالڪ خاتون به هئي ۽ هن

يڳ چوڏهن سالن جي هئي. هوءِ ٽن ڀائرن ۽ ٽن ڀيڻن جي نهايت لاڏلي ڀيڻ هئي. تعليم لاءِ ١٩٥٦ع کان ١٩٥٧ع جي وچ ڌاري اورينٽل ڪاليج ۾ داخلا ورتائين ۽ ان کان اڳ سينٽ ميريز ۾ پڙهي چڪي هئي. اُتي هوءِ انگريزي ٻولي جي انتهائي ذهين شاگرد ۽ ڊبيٽر مڃي ويئي. تقرير هن لکي ڪڏهن بہ نہ ڪئي، بس ڪجهہ پوائنٽس آڏو رکندي هئي ۽ سندس گفتگو جي رواني ٻڌڻ وٽان هوندي هئي. اُن دؤر ۾ حاصل ڪيل ڪئي ايوارڊ، ڪپ ۽ شيلڊون هن جي گهر جي شوڪيسن ۾ موجود آهن. ١٩٦٥ع ۾ هن اديب فاضل جو امتحان پاس ڪيو. تاريخ، جاگرافي، اخلاق تصّوف، اقتصاديات، سياسيات، سماجيات ۽ هوميوپيٿيءَ ۾ هُن جو خاص مطالعو هو. ١٩٦٣ع ۾ هن هوميو ٽريننگ ڪاليج لاهور مان ايم. ڊي. ايچ. جو امتحان فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪيو هو. هن جي ذاتي ڪتبخاني ۾ موجودُ هزارين ڪتاب هن جي مطالعي ۽ ڪتابن سان محبت جو ثبوت فراهم ڪن ٿا. اردو، سنڌي، انگريزي، عربي، فارسي، هندي ۽ سرائڪي ٻولين جو هُن کي نہ فقط مطالعو هو، پر هُن انهن ٻولين ۾ لکيو بہ آهي. اديب فاضل جو نصاب پڙهندي هن صرف و نحو جا قاعدا، علم بديع، علم بيان، علم معاني، علم عروض کان سواءِ مضمون نگاري ۽ افسانہ نويسي جي مطالعي کان علاوه غزل، مثنوي، نظم، رباعي، قطع، ڪافي ۽ تنقيد تي ڪافي عبور حاصل ڪري ورتو هو. ڪو زمانو هو جو هن "شارڊا" ۽ "شگفتہ" جي نالن سان سنڌ جي اخبارن ۽ رسالن ۾ تنقيدي ليک لکي "تهلڪو" مچائي ڇڏيو هو. بطور اسسٽنٽ ايڊيٽر ماهوار "اديون"، هُن سنڌ جي ڪيتري اُڀرندڙ ليکڪائن جي همٿ افزائي ڪئي ۽ ڪين ادب ۾ اُسري اڳيان وڌي اچڻ جو حوصلو ڏنو ۽ پنهنجي وفات کان هڪ سال اڳ تائين، هن جو گهر، اڀرندڙ ليکڪائن لاءِ چڻ هڪ "روان دوان درسگاهہ" وانگر هوندو هو.

۽ ڪجهہ شخصيتون بظاهر منظر تي نظر ناهن ايديون پر جڏهن هلئون وينديون آهن نہ لڳندو آهي تہ منظر خالي ٿي ويو آهي. نور شاهين صاحبہ جهڙي "خاتون اول شاعرہ" جي هلڻ وڃڻ سان آءٌ ائين ئي محسوس ٿو ڪريان. هن پنهنجن همعصرن ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل، مظفر حسين جوش، سردار علي شاهہ ذاڪر، سيد منظور نقوي ۽ رشيد احمد لاشاري وغيره جي دؤر ۾ لکڻ شروع ڪيو هو ۽ اسان جي دؤر تائين ايندي ايندي جهروڪر پس منظر ۾ هلي ويئي هئي. بس، ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن مقامي مشاعري، ادبي محفل يا ريڊيو تي هلي ايندي هئي، نہ تہ گهر... گهر جي ٿئبل.... مطالعو..... ۽ بس.

۽ ٢٠ سيپٽمبر ١٩٩٥ع جي صبح جو ڏهہ لڳي پندرهن منٽن تي "رُس مَ رُسڻ گهوريو" جهڙي اهم ڪتاب جي شاعره، لڳ ڀڳ "هڪ سال صاحبِ فراش" رهڻ کان پوءِ، پنهنجي مهربان ماءُ ۽ شفيق پيءُ ڏانهن وڃي چڪي آهي.

۽ آخري وقت ۾ نور شاهين صاحبہ پنهنجي سڀاوَ ۾ ڪيڏو نہ خاموش رهندڙ شاعره هئي ۽ ڪيڏو عجيب اتفاق آهي جو دنيا مان رخصت ٿيڻ لاءِ بہ هن خاموشيءَ سان ئي وڃڻ کي ترجيح ڏني. ۽ شهرِ خموشان ڏانهن سندن ان ريت وڃڻ تي مون کي تہ ائين ٿو لڳي، ڄڻ هوءَ ڪائي نورُ جي شفاف ندي هئي، جيڪا زندگيءَ جي سفر جا لاها چاڙها طئہ ڪري بلآخر محبت جي اٿاهہ سمونڊ ۾ لهي ويئي، چُپ چاپ!

دعا آهي تہ شالَ سندن تربت ۾ چؤطرف هيرُن جو هُبڪارون هجن. آمين.

**- نصير مرزا**

•

# وڏي وٽ هُئا، پاروچا پنيور ﭘ!

## لفظن سان ڪميٽيڊ ليکڪ - نجم عباسي

خبر پڙهي انين محسوس ٿيو، جڻ ڪنهن هانءُ ۾ هٿ وجهي نپوڙ ڏني هجي ۽ منهنجو ساهہ گھُٽجڻ لڳو!

"سائين نجم عباسي گذاري ويو!" اڄ ڏينهن اڳ جڏهن اسان ڪجهہ دوستن سندس ٦٨-هين سالگرهہ پئي ملهائي تہ آءٌ ان ڏينهن اها ڳالهہ سمجهي ويو هئس تہ هاڻ "هُ" گهٽو عرصو اسان ۾ "نہ" رهندو. پر پوءِ بہ هڪ آس هئي، هڪ اميد هئي تہ هُو وري بہ موت کي شڪست ڏيندو. جيئن اڳ ڪيترا ڀيرا ڏئي هنائين. پر هن ڀيري موت پوري سگهہ سان آيو هو ۽ ڊاڪٽر نجم عباسي اسان کان کسي ويو!

١٨ آڪٽوبر ١٩٩٥ع تي طارق قريشي ۽ ضراب حيدر گڏجي ڊاڪٽر صاحب جي سالگرهہ جو پروگرام رٿيو. ضراب حيدر پنهنجي 'مُووي' سان گڏ، پنهنجي ڪار ۾ نواب شاهہ کان ڪهي حيدرآباد آيو. شام ٿي تہ آهستي آهستي دوست سائينءَ جي سالگرهہ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سندس گهر ۾ گڏ ٿيندا ويا. خاڪي جويو، تاج جويو، نصير مرزا، ممتاز بخاري، جاويد سحر، سليم چنا، گل ڪونٽر، احمد سولنگي ۽ ڪجهہ ٻيا دوست پهچي چڪا هئا. ضراب حيدر پنهنجي 'مُووي' فِٽ ڪئي. هاڻ سالگرهہ شروع ٿيڻ واري هئي، جو سخت طوفان ۽ مينهن شروع ٿي ويو. گهڙيءَ ڪن کان پوءِ بجلي هلي ويئي. ٻہ اڍائي ڪلاڪ انتظار کان پوءِ بہ بجلي نہ آئي تہ مجبور ٿي سالگرهہ جو ڪيڪ ڪٽيو ويو ۽ بجلي وڃڻ ڪري ضراب حيدر جو انهن يادگار لمحن کي رڪارڊ ڪرڻ جو سپنو اڌورو رهجي ويو!

١٧ آڪٽوبر تي حيدرآباد ۾ منهنجا قدم، پاٺمرادو نسيم نگر فيز ٢ - گهر بي ١٠٩ ڏانهن کڄڻ لڳا. ٻئي ڏينهن سائينءَ جي سالگرهہ هئي، پر مون اڳ ۾ ئي ساڻس ملڻ پئي چاهيو. حسب دستور، سائينءَ جو نياڻو الطاف عباسي ٻاهر نڪري آيو. مون کي ڏسي چيائين تہ "ماما جي طبيعت گهڻي خراب آهي. توهان اَچو، پر جلدي اُٿڻ جي ڪجو، جو گهڻي سهڪي سبب ڊاڪٽرن کيس ڳالهائڻ کان جهليو آهي."

اندر ويس. ڊاڪٽر جي حالت ڏسي دِڦ ورائي ويم. سهڪو ايترو تہ وڌيل هو، جو ڳالهائڻ مس ٿي نڪتس. "جيئي سنڌ" چئي مليو. "بس هاڻ پاڻ هلڻ وارا آهيون. سٺو ٿيو جو تون آئين. ڪجهہ وقت گڏ گذاريون....." پر سهڪي سبب وڌيڪ ڳالهائي نہ سگهيو. گهڙي ڪن خاموشي ڇانيل رهي. پوءِ هوريان هوريان دوستن يارن، ڪتابن، رسالن ۽ سنڌي ادبي سنگت جي باري ۾ پڇڻ لڳو. آءٌ کيس ٻڌائڻ لڳس. تيسين الطاف اندر گهڙي آيو. مون کي اکين جي اشارن سان 'ڪجهہ' ياد ڏياريائين. مون اُٿي موڪلائڻ واري ڪئي تہ ڊاڪٽر ٻارن جيان ضد ڪرڻ لڳو: "ويهہ ويهہ... اڃان هاڻ تہ آيو آهين... الطاف تون ڇانهہ نمرائي اچ..."

الطاف ويو تہ اسان وري ڪچهري ۾ لڳي وياسين. "سائين! دل ۾ نہ ڪيو تہ هڪڙي ڳالهہ پڇان...؟" مون چيو، "ها ها... پلي پُڇ."

"سائين! توهان وٽ گاڏي هئي، بنگلو هو، ٿورو ڪي گهڻو پيو بہ هو، پر اهو سڀ اوهان وڪڻي پنهنجي اولاد ۾ ورهائي ڇڏيو. اوهين چاهيو ها تہ ايترو ڪجهہ هو جو اوهين پنهنجو علاج ڪرائي پئي سگهيا."

"شروع شروع ۾ مون ان ڳالهہ کي اهميت نہ ڏني. دوائون کائڻ ۾ بہ لاپرواهي ڪندو هئس. مون کي اندازو نہ هو

نہ ھن حالت ۾ وڃي پھچندس...“

”پر اوھان تہ ڊاڪٽر آھيو. اوھان کي تہ پنھنجي بيماري، جي سگھني، جو احساس ھئڻ کپي ھا.“

”ھا! اھائي منھنجي غلطي ھئي.“ ائين چئي، ڪجھہ وقت لاءِ ڊاڪٽر ڪنھن ڪھري سوچ ۾ گم ٿي ويو!

”اڄڪلھہ ڪجھہ لکو پيا..؟“ مون پڇيو.

”ھاڻ ھٿن صفا سُکي وڃي آھي. لکڻ صفا نٿو ٿئي. خيال تہ ڏاڍا ٿا اچن.“

ان دوران مون محسوس ڪيو تہ سھڪو ختم ٿي ويو ھو.

”سائين توھان جو سھڪو تہ ختم ٿي ويو.“ مون چيو.

”تون آئين تہ ختم ٿي ويو.“ کلندي وراڻيائين.

”ھاڻ منھنجا ڪتاب، جيڪي ان ڇپيل آھن، سي ڪٿي وڃ.... حڏھن وڃي، تڏھن ڇپائج... ھتي مون کان پوءِ ڪو سنڀالڻ وارو ڪونھي...“

”نہ نہ سائين! پلي توھان وٽ ھجن. پوءِ ڪنھن مھل ڪٽي ويندس.“

”پوءِ الائي ملڻ ٿئي...“ پاڻ چيائين.

ان وقت پاڻ پنھنجا بہ ڪتاب منھنجي حوالي ڪيائين: ”ڪرفيو ۾ لکيل ڊائري“ ۽ ٻيو ”ھڪ انقلابيءَ جو ننڍپڻ.“ پھريون ڪتاب ١٩٨٨ع دوران حيدرآباد ۾ ٿيل ھنگامن دوران ڪرفيو ۾ لکيل ڊائري آھي، جنھن بابت ان وقت سندس خيال ھو تہ ان ۾ ڪجھہ ڪردار وغيره ڏيئي ان کي ناول جي شڪل ڏيندو. جيڪا خواھش سندس بيماريءَ جي ڪري اڌ ۾ رھجي وئي. ٻيو ڪتاب چين جي انقلابي اڳواڻ چو. اين. لائي جي ننڍپڻ بابت آھي، جيڪو پاڻ بيماريءَ واريءَ حالت ۾ انگريزيءَ مان ترجمو ڪيو ائائين. اھي ٻئي مسودا ڪڻڻ مھل مون کي ١٩٨٩ع واري اھا ڳالھہ ياد آئي، جڏھن مٿس اڄان تازو فالج جو حملو ٿيو ھو ۽ لطيف آباد ۾ رھندو ھو. پاڻ مون کي سندس لئبرريءَ مان ”سھڻي“، ”روح رھاڻ“، ”مليرِ ڊائجيسٽ“ ۽ ”مارئي“ رسالن جا سمورا سيٽ کڻي وڃڻ لاءِ چيو ھئائين. پر مون کڻي وڃڻ ۾ سستي ڪئي ۽ اھو علمي خزانو دھشتگردن ھٿان لُٽجي ويو! البت ھنگامن کان ڪجھہ ڏينھن اڳ پاڻ انگريزي رسالي ”ويو پوائنٽ“ جا سڀ پرچا محترم الحداد پوھٽي مرحوم کي ڏنائين، جيڪي ھو کڻي ويو ۽ اُھي تباھہ ٿيڻ کان بچي ويا.

اھا تفصيلي ملاقات منھنجي ساڻس آخري تفصيلي ملاقات ثابت ٿي.

• • •

ھڪ ڀيري ڪچھريءَ دوران پاڻ مون کي ٻُڌايائين تہ ”بيماريءَ مان بيزار ٿي مون زندگيءَ کي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. انھن ڏينھن آءٌ خانواھڻ ھئس. سوچيم تہ ھتي بھتر رھندو. مٿ مانٿ تڪليف کان ڇُٽي پوندا. اھو سوچي سمھڻ مھل چاليھہ ڊائنول (Dianol) گوريون ڦڪي سمھي پيس. آءٌ ڊاڪٽر آھيان. مون کي خبر آھي تہ چاليھہ گوريون ھڪ ماڻھوءَ کي مارڻ لاءِ تمام گھڻيون آھن، پر ٻئي ڏينھن معمول موجب اٿي وينس. مون کي ڪجھہ بہ نہ ٿيو. اُلٽو ڪجھہ ڏينھن جي لاءِ منھنجي شگر Nil رھي.“

اھو ٻُڌائي پاڻ کِلڻ لڳو. مون ڏانھنس حيرت مان ڏسي چيو، ”شايد توھان جي قلم مان اسان کي گھڻيون ڪماڻيون ملڻيون آھن. سنڌ ڌرتي اوھان کي ائين ٿورڙي ڪو اسان کان جدا ڪندي...“

”ھاڻ ائين ٿو لڳيم، منھنجو موت ان ڏينھن ايندو، جڏھن آءٌ لکڻ پڙھڻ کان لاچار ٿيندس.“

ٿيو بہ ائين. مٿس ٻيو ڀيرو فالج جو حملو پندرنھن ڏينھن اڳ ٿيو ھو. ڏم بہ وراڻي ويو ھئس. زبان ۽ نظر ٿي بہ

ڪافي اثر پيو هئس. جڏهن هو لکڻ پڙهڻ کان لاچار ٿيو ته سيني کان موڪلائي هليو ويو. جڏهن ته پاڻ موڪلائڻ ان ڏينهن کان شروع ڪيو هئائين، جڏهن سندس هٿ صفا سُڪي ويو ۽ لکڻ کان لاچار ٿي ويو!

• • •

مٿس جڏهن فالج جو حملو ٿيو، تنهن کان پوءِ لطيف آباد واري گهر مان زوري ڪڍيو ويو ته پاڻ ڪراچيءَ ۾ پنهنجي پُٽ نديم وٽ رهڻ لڳو. اتان مون کي ٨- سيپٽمبر ١٩٩٠ع تي خط لکيو هئائين ته "ورهين کان پٽي لکندو آيس ته بندوق جي ناليءَ مان انقلاب ايندو آهي. حالي ته بندوق جي ناليءَ سان پنهنجي گهر مان ڪڍيو ويو آهيان، ۽ اهڙيءَ حالت ۾، جو اڌ رنگ جو مريض آهيان ۽ هلڻ چلڻ کان به هلاڪ! سامان کڻڻ به ڪونه ڏنائون..."



يوسف سنڌي ۽ نجم عباسي

ڊاڪٽر پنهنجي زندگيءَ جي جن چئن اهم ۽ اثرانداز ٿيندڙ واقعن جو ذڪر ڪندو هو، انهن مان به واقعا مٿس فالج جو حملو ۽ لطيف آباد وارو گهر لُٽجڻ آهن.

ڪراچيءَ کان پوءِ سکر ويو، وري ڪراچي. ايستائين سکر ۽ ڪراچي ايندو ويندو رهيو، جيستائين پيهر حيدرآباد شفٽ نه ٿيو. پاڻ ان سڄي عرصي دوران، جيڪو سکر ۽ ڪراچيءَ ۾ رهيو، مون کي لڳاتار خط لکندو رهيو، جيڪي پوءِ مون سندس خواهش ۽ اجازت سان ڪتابي صورت ۾ "جبل مٿي باهڙي" جي نالي سان ڇپائي پڌرا ڪيا. اهي خط هڪ حوالي سان نجم عباسيءَ جي سڄي جيون جو نچوڙ آهن.

سندس سنڌ سان محبت، سائين جي. ايم. سيد جي محبت جيان لازوال ۽ ازلي هئي. "منهنجون سوچون، منهنجا خواب، منهنجا خيالي پلاءَ سڀ گهٽو ڪري 'سنڌ' لاءِ ٿي ويا آهن... مان سنڌ ۾ رهان ٿو... هاڻي مون کي

لڳندو آهي تہ سنڌ مون ۾ رهي ٿي، سنڌ منهنجي ذهن ۾ رهي ٿي، سنڌ منهنجي دل ۾ رهي ٿي ۽ سنڌ منهنجي دماغ ۾ رهي ٿي..." ("جبل مٿي باهڙي" ص ١٠٩).

سنڌ ۾ تمام ٿورا اديب ۽ سياسي ڪارڪن اهڙا آهن، جن سدائين "لفظن جو ڀرم" رکيو آهي. نجم عباسي انهن مان هڪ هو. سندس قول ۽ فعل ۾ ڪوبہ تضاد نہ رهيو. هو پنهنجي لکيل هڪ هڪ لفظ سان ڪميٽيڊ هو. هن جيڪي پڙهيو، جيڪي لکيو، جيڪو سچ سمجهيو، ان تي اڏول رهيو. پنهنجي لکيل لفظن تي نوڙ تائين قائم رهيو ۽ پنهنجي لکڻين ذريعي، پنهنجي ڪچهرين ذريعي، هو عمل کي اُڀاريندو رهيو. سندس چواڻي تہ، "ساهت اهو لکجي، جو ذهن کولي، حوصلو پيدا ڪري، ۽ عمل تي اُڀاري."

آءٌ سندس شخصيت لاءِ لفظ "عظيم" استعمال نہ ڪندس، جو هنن لفظ عظيم جي وقعت وڃائي ويئي آهي! "عظيم" هر ٻئي ماڻهوءَ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو. هاڻ تہ هر پنجون ماڻهو عظيم ٿيڻ جي چڪر ۾ آهي، ۽ عظيم لفظ سندس عظمت کان بلڪل ننڍو آهي. آءٌ ڊاڪٽر لاءِ لفظ "قومي" استعمال ڪندس، يعني سنڌ جو "قومي ڪهاڻيڪار"، نوجوان ليکڪن جو ليجينڊ/ هو سنڌ جو قومي ڪهاڻيڪار هو. هن جي ڪهاڻين سنڌ ۾ قومي ۽ طبقاتي جاڳرتا پيدا ڪئي. سندس ڪهاڻين جو مول منتو هوندو هو: "سنڌ لاءِ عملي ڪم ڪيو." هن وٽ موت جو تصور "سنڌ لاءِ مرنداسين" نہ، پر "سنڌ لاءِ مارينداسين،" هو. وٽس عمل ئي هر شئي جو بنياد هو.

نجم عباسي سنڌي ڪهاڻيءَ جي اڌ صديءَ جي تاريخ هو. اسان جو هر نئون لکندڙ، پوءِ اڳتي هلي هو ڪيڏو بہ وڏو ليکڪ بڻجي چو نہ ويو هجي، ان جي شروعاتي لکڻين تي نجم عباسيءَ جي ڪهاڻين جو اثر نظر ايندو. هن ڪڏهن بہ فن ۽ آرٽ جي نالي ۾ اهڙيون ڪهاڻيون نہ لکيون جيڪي فن ۽ آرٽ جو نادر نمونو ٿيڻ بدران 'انارڪي' ڦهلائڻ جو سبب بنجن. سندس لفظن ۾: "جذبن کي سچائيءَ سان خوبصورت لفظن ۾ ظاهر ڪرڻ ادب آهي، ساهت آهي ۽ هر ڪهاڻي آدرش جي تلاش هوندي آهي، ان جي مرڪزي خيال جي حوالي سان."

هن ڪڏهن بہ پنهنجي لکڻين جو رشتو ڌرتي ۽ ڌرتيءَ واسين کان نہ ٽوڙيو ۽ سنڌ ۽ سنڌ واسي هن جو آدرش هئا.

هو سدائين طارق قريشيءَ کي چوندو هو. "منهنجو موت بہ هڪ ڪهاڻي هوندو ۽ تون ان تي ڪهاڻي لکج... منهنجي موت جي ڪهاڻي تون لکج". پوءِ هو طارق کي پنهنجي زندگيءَ جا واقعا تفصيل سان ٻڌائڻ لڳندو هو، ۽ طارق سندس زندگي جي ڪهاڻي جي پڇاڙيءَ تائين ساڻس سفر ۾ گڏ رهيو."

اڄ نجم عباسيءَ جي زندگيءَ جي ڪهاڻي پنهنجي پڇاڙيءَ تي پهتي. اڄ نسيم نگر فيز ٢- جي بلاڪ بي جي گهر نمبر ١٠٩ جو اهو ڪمرو هميشہ لاءِ خالي ٿي ويو، جيڪو منهنجي لاءِ هر ان گهڙيءَ پناهہ گاهہ ثابت ٿيو، جڏهن آءٌ دنيا جي هڻ وَٺ کان بيزار ٿي پناهہ لاءِ واجهائيندو هئس. اڄ هو هليو ويو، جيڪو پاڻ بيمار هوندي بہ اسان نوجوان، جڏهن ٿڪجي ٽٽي سندس چرنن ۾ حاضر ٿيندا هئاسين تہ اسان ۾ پنهنجي ڳالهين ذريعي پنهنجي لکڻين ذريعي زندگيءَ جي حرارت پيدا ڪندو هو. اسان لاءِ ڦڪيون ۽ ٻُڪيون تيار ڪندو هو. هن ڪڏهن بہ شڪايت نہ ڪئي، نہ زندگيءَ کان، نہ ڪنهن دوست کان، نہ ٻئي ڪنهن کان. هو سنڌ هو. سنڌ هُن ۾ سمايل هئي ۽ هو سنڌ ۾ سمايل هو.

**- يوسف سنڌي**

●

لَڙيو سِج لَڪن ۾، راسيون رَتائين،
مون کي مارِيائين، اديون اونداهي ڪري.
(شاهه)



**نجم عباسي**

| وفات | جنم |
|---|---|
| ٢٥ - آڪٽوبر ١٩٩٥ع | ١٨ - آڪٽوبر ١٩٢٧ع |

نصير مرزا کي بہ ٽيليفون تي تاڪيد ڪيو هو. ڪجھ دوست، اُن ڏينهن صبح جو ئي ڊاڪٽر صاحب کي "جنم واڌايون" ڏيڻ ويا هئا.

يوسف سنڌي تہ هڪ ڏينهن اڳ ۾ هلي وڃي ڪيس جنم واڌايون ڏنيون. ڊاڪٽر صاحب يوسف سنڌيءَ کي پنهنجا لکيل سڀ اڻ ڇپيل ڪتاب ڪيڏي ڏنا ۽ چيو "ڪٿي وڃ، هاڻ اهي تو وٽ هجن، تون جڏهن وٺي ڇپائجانءِ."

يوسف سڀ مسودا ڪڍڻ بدران ڊاڪٽر صاحب جي مروت جو خيال ڪندي ۽ آٿت ڏيندي چيو، "في الحال هي بہ مسودا: "ڪرفيو ۾ لکيل ڊائري" ۽ "هڪ انقلابي (چو. اين. لائي) جي ڪهاڻي" ڪٿي ٿو وڃان، بيا پوءِ وٺندس."

ڊاڪٽر صاحب تہ گهڻو ئي زور ڪيو، پر يوسف ڪيس ٻيهر جي وعدي سان اهي مسودا واپس ڪيا. جو يوسف جو خيال هو تہ ڊاڪٽر صاحب شايد تمام گهڻو مايوس ٿي ويو آهي ۽ تنهن ڪري اهي سڀ شيون سندس حوالي ٿو



وفات کان هفتو ڪن اڳ سندس "جنم ڏينهن" جي موقعي تي (١٨ - آڪٽوبر) سليم چنا، حيدر بخش جتوئيءَ جي ڪارنامن تي ڪتاب سوکڙي طور ڏيئي رهيو آهي.

ڪري. ان ڪري هن ڊاڪٽر صاحب جي دل رکڻ لاءِ بہ مسودا ورتا ۽ ٻيا ڪجھ ان آسري تي ڇڏيا تہ 'يار زنده صحبت باقي" وارو تاثر قائم رهي.

ٻئي ڏينهن يعني ١٨ آڪٽوبر تي ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جو ٦٨ هون جنم ڏينهن هو. ممتاز بخاري، آءٌ ۽ يوسف ضراب حيدر جي ڪار ۾ نسيم نگر وڃي رهيا هئاسون. رستي ۾ تاج جويو مليو تہ ڪيس بہ سالگرھ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ نيند ڏنيسين. تاج عذر ڏنو تہ ڪيس محمد ابراهيم جويي صاحب ڏانهن وڃڻو آهي. يوسف سنڌي ۽ ممتاز بخاريءَ ڪيس زوري هلڻ لاءِ چيو، سو اسان جي قافلي ۾ تاج جويو بہ شامل ٿي ويو.

ڊاڪٽر صاحب جي گهر پهتاسين. ڊاڪٽر صاحب وٽ دوست گڏ ٿيندا ويا. ڊاڪٽر صاحب جو نياڻو ۽ ياٺج الطاف جميل عباسي، حسب دستور، اسان جو ميزبان بہ هو ۽ اُن ڏينهن سالگره واري تقريب ۾ مهمان بہ.

پانيجان نصير مرزا اچڻ ۾ بہ ڪلاڪ اڌ يا بہ وڌيڪ دير ڪئي. پاڻ ڪيڪ آڻڻ جو ذمو ڪنيو هئائين. هڙتال سبب ڪيس ڪيڪ ۽ سواري دير سان مليا، پر ان وچ ۾ آءُ، ممتاز بخاري ۽ ضراب حيدر وجي قاسم آباد مان ڪيڪ وٺي آيا هئاسين. سالگرهہ ۾ دير سان پوءِ بيا بہ دوست پهتا، جن ۾ احمد سولنگي، نصير مرزا، ماجد صديقي ۽ ٻيا دوست بہ هئا. ڪجھہ دوست جلدي آيا هئا، انهن ۾ خاڪي جويو، اشفاق ڪوڪر، جاويد سحر ۽ سليم چنا بہ هئا.

ضراب مُووي ڪيمرا تيار ڪئي. تقريب شروع ٿيڻ واري هئي تہ اوچتو زوردار مينهن ۽ طوفان اچي ويو ۽ بجلي هلي وئي. انهن لمحن کي فلمبند نہ ڪري سگهڻ جي ضراب جي دل جي حسرت دل ۾ رهجي وئي ۽ اها خلش اسان کي بہ رهندي.

ان وچ ۾ ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي موجودگيءَ ۾ تاج جويي ۽ يوسف سنڌيءَ جو ادبي سنگت تي ڏاڍو جاندار بحث ٿيو ۽ دوستن حيرت مان هڪٻئي ڏانهن ڏٺو تہ ٻنهي جي موقف ۾ ڪافي هڪجهڙائي هئي. اونده ۾ چارجر لائيٽ جي سفيد روشنيءَ ۾ تمام گهڻي انتظار کان پوءِ، بجلي نہ اچڻ ڪري، مجبوراً تقريب کي شروع ڪرڻو پيو.

تقريب ۾ تاج جويو ۽ نصير مرزا، سائين نجم عباسيءَ جي ڪيل ادبي پورهئي ۽ خدمتن تي ڏاڍي تفصيلي ۽ شاناتي انداز ۾ خراج عقيدت پيش ڪيا.

ان تقريب ۾ مون بہ ڳالهايو ۽ چيو تہ "اسان سڀني کي ڊاڪٽر صاحب جي علمي ۽ ادبي قد بت ۽ ڪيل خدمتن جي خبر آهي، پر اسان اڄ هتي هي جيڪو پروگرام رکيو آهي، اُهو ڪنهن بہ ادبي جماعت جي پليٽ فارم تان ڪونهي پر اسان سڀني همدرد ۽ هم خيال دوستن طرفان آهي. ان ۾ اسان کي اهو سوچڻو آهي تہ ڊاڪٽر صاحب جو علاج ٿئي، جو هُو گذريل ڇهن ورهين کان فالج جي ڪري لاچار زندگي گذاري رهيو آهي. سرڪار هن کان اڳ ڊاڪٽر صاحب جي علاج لاءِ آسرو ڏنو هو، پر ڊاڪٽر صاحب کي رڳو آغا خان اسپتال جي جنرل وارڊ ۾ داخل ڪيو هئائون ۽ قصو رڳو شروعاتي ٽيسٽن تائين محدود رهيو! جيئن تہ ڊاڪٽر صاحب پاڻ بہ ڊاڪٽر رهيو آهي، ان ڪري هُو "الله چڱي ڪندو" جهڙي آئٽ واري روايت تي تہ نيڪ ڪونہ ٿيندو. اسان ۾ اڄ ڪجھہ اهڙا دوست بہ هتي ويٺا آهن، جيڪي ڊاڪٽر صاحب جي لاءِ ڪجھہ نہ ڪجھہ ڪري سگهن ٿا."

آخر ۾ ڊاڪٽر صاحب بہ ڳالهايو هو. سمکي (دم) سبب ايترو ئي چئي سگهيو تہ: "منهنجي خواهش آهي تہ سنڌي ادبي سنگت کي فعال ڪريو ۽ ان کي دفن نہ ڪريو، پر سنڌي ادبي سنگت کي جيئاريو."

مون کي ياد آهي تہ تقريب شروع ٿيڻ کان اڳ تاج ۽ يوسف ۾ بحث کان پوءِ يوسف هوريان هوريان ڊاڪٽر کي ڪن ۾ چيو تہ "توهان اسان کي ادبي سنگت بابت هدايت ڪجو."

تقريب ختم ٿي. سڀ ٻاهر نڪتاسين. پاڻ ۾ ٻيني ٻيني هڪ گڏجاڻي ڪئيسين ۽ اُن ۾ ترت اپاءُ وٺڻ جا ڪجھہ فيصلا ڪيا ويا.

پانيجان نصير مرزا چيو تہ "نيڪ آهي، ڊاڪٽر صاحب کي شروع ۾ آغا خان اسپتال ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ ابتدائي خرچ وغيره لاءِ اسان اڪيڊمي آف ليٽرس کي خط لکون ٿا. اتان پندرهن ويهن هزارن جو چيڪ ملي ويندو. انهن پئسن مان ڊاڪٽر صاحب جو شروعاتي علاج ۽ ٽيسٽون ٿينديون." احمد سولنگيءَ تي ڪم رکيو ويو تہ هُو وزير اعليٰ جو پي. آر. او. آهي، اُهو ڊاڪٽر صاحب جو ٻاهرين ملڪ مان علاج ڪرائڻ لاءِ ڪوششون وٺندو.

ان سلسلي ۾ تاج چيو تہ سڀاڻي ئي خط جو مضمون لکي فيڪس ذريعي اڪيڊمي آف ليٽرس کي اُماڻيون ٿا. يوسف سنڌيءَ اها ذميواري قبول ڪئي تہ هُو اسپتال ۾ ڊاڪٽر صاحب جو اٽينڊنٽ ٿي رهندو. اسان مان هرڪو اهوئي پيو چاهي تہ خدا ڪري هي جيڪو اسان سوچيون پيا، اهو ڪري بہ سگهون.

ٻئي ڏينهن ١٩ آڪٽوبر تي اسان ممتاز بخاري، ضراب حيدر ۽ آءُ ريڊيو اسٽيشن تي وياسين. ممتاز بخاري ۽ تاج جويو، "اڪيڊمي آف ليٽرس" کي خط لکڻ لاءِ سنڌيءَ ۾ ڊرافٽ تيار ڪيو. پوءِ گڏجي ويهي نصير سارنگ جي مدد سان اهو ڊرافٽ انگريزيءَ ۾ لکيائون، جيڪو نصير مرزا فيڪس ذريعي اسلام آباد اُماڻيو.

٢٥ آڪٽوبر ١٩٩٥ع تي اسان خانواهڻ پهتاسون. مون سوچيو ۽ تصور ڪيو هو ته رستي ۾ هر ايندڙ ڳوٺ جا ماڻهو اداس هوندا. هر چهري تي ماتمي ڪيفيت هوندي، هر وڻ ٽڻ، پکي پکڻ ڏکويل هوندو. خانواهڻ شهر سڄو بند هوندو. ڪارا ماتمي بينر لڳل هوندا. خانواهڻ ۽ آسپاس جي سياسي تنظيمن جا شاگرد اڳواڻ سڀ تڏي تي آيل هوندا. اديبن جون اکيون اشڪبار هونديون.... وغيره وغيره.

پر... هوٽلن جو ڪاروبار کليل هو. وي. سي. آر ۽ ڊش تي نشريات جاري هئي. ڪي به دڪان بند ڪونه هئا. گلوبل وليج ۾ رهندڙ خانواهڻ جا شهري وسيم اڪرم ۽ اظهرالدين کي سڃاڻن ٿا، پر ڪين نجم عباسيءَ جي خبر ناهي. اها ڪيڏي نه بي حسيءَ جهڙي ڳالهه هئي!

تڏي تي ڪي به اديب ڪونه هئا، ڪي به سياسي ڪارڪن ڪونه هئا. ڪجهه دير لاءِ غلام نبي ناشاد ۽ پارس حميد نظر ته آيا هئا، پر انهن کي اسان آخري رسمن ۾ شريڪ ٿيندي به ڪونه ڏٺو. ساهتي لئبرريءَ جا ڪارڪن، صحافي ۽ اتان جا اديب، گهٽ ۾ گهٽ هوٽلن تي وڄندڙ ٻيڙا ٻوڙ قسم جي واهيات موسيقي ته ڪجهه دير لاءِ بند ڪرائين ها، جيڪا هر ڏکويل جي هنيانءَ ۾ ٻرڇي ٻڇي لڳي رهي هئي. ٻيو ڪجهه به نه ڪرائين ها، رڳو ادبي سنگت وارا تاثراتي رجسٽر ئي پنهنجي طرفان کڻي اچن ها، جيڪو پڻ ڊاڪٽر صاحب جو پائج سرمد عباسي کڻي آيو هو. پر ائين ڇو ٿئي؟ هتي ته ائين ٿيو ته جيڪي ماڻهو ڇهن ورهين جي ڊگهي بيماريءَ دوران ڊاڪٽر نجم عباسيءَ کي پڇڻ ڪونه ويا، ڪا هڪ اڌ ٽيليفون به نه ڪيائون، انهن همراهن جي نالن سان اخبارن ۾ خبرون......

"وڏو خال پيدا ٿي ويو..."

"ڊکدائڪ وڇوڙو آهي..."

"خال ڀرجي نه سگهندو..."

"هُو عظيم هو..."

"هو قديم هو..." (وغيره)

.......اهڙي رويي کي ڪهڙو نالو ڏجي؟

ٿيجهي نانين ڪوبه وڏو اديب يا سياسي ڪارڪن (سواءِ خاڪي جويي جهڙن مولائي ماڻهن جي هڪ قبيلي جي) نه پهتو. ڪهڙا ڪهڙا سُور پنڄن.؟

اسان پنهنجي نجم عباسيءَ جي آخري ديدار کي ڪيڏي نه اندوهه ۽ غم سان لبريز دل سان ڏٺو هو! هُو، جنهن جا وارث اديب هئا، اهي سندس ڪلمي ڪاڻ به ڪونه ٿيا هئا!

جنازي نماز پڙهڻ وقت به ڪنهن کي اها توفيق نه ٿي ته عيد گاهه جي ٻاهران هوٽلن تي وڄندڙ موسيقيءَ کي ٿوري دير لاءِ وڃي بند ڪرائي.

جنازي سان گڏ يا تڏي تي لطيف يا سچل جا بيت پڙهڻ وارو ڪير ڪونه هو. ڪنهن به ڪلمي جو ورد ڪونه ٿي ڪيو، ڇو ته اڪثر ماڻهو اهڙا هئا جن سمجهيو ٿي ته: "هڪ دهريو گذاري ويو آهي." هُو ته پنهنجي عشق ۾ عزازيل هو، جيڪو منجهان سڪ سبيل لال ٿي ويو هو. ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جو چهرو مرڻ کان پوءِ به ٻهڪي رهيو هو ۽ ان ۾ نور ڀري رهيو هو. ۽ رات جي اونده ۾ اسان اُن نور کي مٽيءَ ۾ پوري آياسين... هي اُهي لمحا آهن جو مون کان

گهٽ ۾ گهٽ في الحال پوريءَ ريت قلمبند نہ ٿيندا.

ڊاڪٽر صاحب اڪثر مون کي دوستن جي موجودگي ۽ غير موجودگيءَ ۾ چوندو هو تہ: "منهنجو موت هڪ ڪهاڻي هوندو ۽ اها ڪهاڻي تون لکجانءِ."

"ها منهنجا سپہ سالار! اڄ آءٌ اوهان جي موت جي ڪهاڻي لکڻ وينو. بلڪل مضمون واري انداز ۾ جيئن اوهان لکڻ پسند ڪندا هئا. سادي ٻولي هجي، سادا لفظ ۽ سادا جملا... ڊاڪٽر صاحب! اوهان جي موت جي ڪهاڻي جو ڪلائيمڪس ۽ اينٽي ڪلائيمڪس اهو آهي تہ اوهان جو ورهين تائين علاج نہ ٿيو هو. سرڪار کي ڏاڍو چيو هنوسين. وقت جي هڪ وزير اوهان جي علاج جو اعلان بہ ڪيو هو، پر اوهان کي جنرل وارڊ ۾ رکي علاج ڪرڻ جو آسرو ڏيئي، وري اوهان کي واپس موڪليو ويو! چاڻ وارا چاڻ پيا تہ شروعات ۾ مريض کي پنهنجو خرچ ڪرڻو پوندو آهي، پوءِ سرڪار اُهي واؤچرس وٺي ڏاڍي دير ۽ ڏکهي مرحلي کان پوءِ ڏوڪڙ ڏيندي آهي. ها، اسان جي اها سرڪار، جنهن وٽ اسان جي ثقافت، ٻولي ۽ ادب جي لاءِ وڏا فنڊ رکيل آهن، اهي پنهنجي طريقي ڪار سبب اوهان کي ابتدائي علاج ۽ ٽيسٽن لاءِ ڪجهہ روڪ رقم نہ پئي ڏئي سگهي.... پوءِ اوهان جي مداحن، اوهان جي سالگرهہ جي بهاني، اهو آواز اٿاريو. ڪجهہ دوست گڏ ٿيا ۽ فيصلو ڪيائون تہ اڪيڊمي آف ليٽرس کان مدد وٺون ٿا. ان تي عمل بہ ٿي ويو. لکپڙهہ ٿي وئي. ها، پوءِ هيئن ٿئي ها تہ اوهان جون ڪراچيءَ جي ڪنهن وڏي اسپتال ۾ چڪاسون ۽ تپاسون ٿين ها ۽ پوءِ اوهان جي علاج لاءِ ٻاهرين ملڪ وڃڻ جي سفارش ٿئي ها. ڊاڪٽر لکي ڏين ها تہ هي مريض ٻاهرين ملڪن مان علاج ڪرائيندو تہ ٺيڪ ٿي ويندو... پر ڊاڪٽر صاحب! توهان کي خبر هئي تہ توهان جو موت بہ ڪهاڻي هوندو... ها ١٩-آڪٽوبر تي فيڪس ڪيل خط جي جواب ۾ ٢٥ - آڪٽوبر ١٩٩٥ع تي اڪيڊمي آف ليٽرس هڪڙو چيڪ موڪلي ڏنو... ۽ ڊاڪٽر صاحب! ها، اُن ڏينهن اوهان چيڪ جو انتظار بہ نہ ڪيو ۽ اڳيئي هليا ويا...

ڊاڪٽر صاحب! توهان پنهنجي موت کي واقعي ڪهاڻي بڻائي هليا ويا ۽ اها ڪهاڻي مون کي ڪيترو روئاڙيندي اوهان کي ڪير ٻڌائي؟ -**طارق قريشي**

●

## نصب العين تي ڪاربند - نجم عباسي

٢٥ آڪٽوبر ١٩٩٥ع سنڌ جي تاريخ جو اپاڳو ڏينهن آهي، جنهن تي سنڌ جو آدرشي انسان ۽ امر ڪهاڻيڪار ڊاڪٽر نجم عباسي اسان کان وڇڙي ويو.

ڊاڪٽر نجم عباسي، ١٩٤١ع کان لڳاتار، اڌ صديءَ کان وڌيڪ عرصو سنڌي ادب لاءِ ذهني پورهيو ڪيو. هن ٣٥٠ کان وڌيڪ ڪهاڻيون لکيون ۽ سندس مختلف موضوعن (ڪهاڻيون، ناولن، ترجمن، مضمونن وغيره) جا ٣٠ ڪتاب ڇپيا. جڏهن تہ سندس بہ ڪهاڻين ۽ مضمونن جا ۽ هڪ آتم - ڪٿا، تي ڪتاب اڻڇپيل رهجي ويا آهن.

نجم عباسي هڪ عملي اديب هو ۽ هن زندگيءَ جا عملي ۽ اکين ڏٺا مشاهدا ۽ تجربا، ڪهاڻين جي تاڃي پيٽي ۾ اُڻي، سنڌ جي جيئري جاڳندي تاريخ کي قلمبند ڪيو آهي.

نجم عباسي اهو ڪهاڻيڪار/ اديب هو، جنهن نئين نسل کي اُتساهہ بخشيو. هن سنڌي ادب کي نہ رڳو ڪيترا سُٺا پڙهندڙ ڏنا، پر ڪيترن نوجوانن نجم عباسيءَ جي لکڻين مان اُتساهہ وٺي لکڻ شروع ڪيو. ان حوالي سان هن سنڌي ادب کي نوان ڪهاڻيڪار بہ ڏنا.

نجم عباسي هڪ سچو ۽ کرو شخص هو. هن زندگيءَ ۾ پنهنجي نظريي ۽ آدرش تي ڪنهن سان بہ

ڪمپرومائيز نہ ڪيو. هو سچي چمار نظرياتي ۽ آدرشي رهيو. هن جي ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ واسين سان وابستگي عالم آشڪار هئي. ڪيترا ماڻهو زندگيءَ جي پوين ڏهاڙن ۾ نظرياتي حوالي سان قلابازيون کائي نقطہ نظر تبديل ڪري وٺندا آهن، پر نجم عباسي، اُستاد بخاري ۽ عبدالله مگسيءَ وانگر آخر تائين پنهنجي نظريي ۽ زندگيءَ جي نصب العين تي قائم رهيو.

ڊاڪٽر صاحب سنڌي ادبي سنگت سان جذباتي حد تائين لڳاءُ ۽ وابستگي رکندو هو. هن پنهنجي ٦٨ هين سالگرہ (١٨ - آڪٽوبر ١٩٩٥ع) تي، پنهنجي نسيم نگر واري گهر تي اسان کي جيڪا آخري وصيت/هدايت ڪئي، اها هيءَ هئي تہ: "سنڌي ادبي سنگت کي سرگرم ۽ سلامت رکجو، ڇو تہ اُها اسان اديبن جي سڃاڻپ آهي."

نجم عباسيءَ جي زندگي سنڌ دوستيءَ جو عملي روپ هئي. هن جون لکڻيون ۽ هن جون ملاقاتون ان ڳالهہ جون ساکي آهن تہ هُن سنڌ جي ڀلائي ۽ سرهائيءَ واري سوچ سان آخر تائين نڀايو ۽ ان تي ثابت قدم رهيو.

نجم عباسيءَ کي ٻين ڪيترن صدمن سان گڏ ٻہ وڏا صدما رسيا:- (١) دهشتگردن طرفان لطيف آباد ۾ سندس گهر تي قبضو ۽ ان جي گهر ۾ موجود لائبريريءَ جي سارڙ ٻار ۽ لُٽ ڦُر (٢) مٽس اڏ رنگ جو حملو، جنهن ڪانئس قلم ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي.

انهن ٻن واقعن هن جي زندگيءَ، ذهن ۽ جسم تي وڏا اثر ڇڏيا. باوجود ايڏن وڏن صدمن جي هُن پورا ڇهہ سال، 'اڌ رنگ' جي نُگري بيماريءَ سان منهن ڏنو ۽ هڪ خوددار قلم ڪار ۽ انسان وانگر آخري پساهہ ڪنهن سرڪاري مدد ۽ علاج ڪان سواءِ ڏنا.

نجم عباسيءَ جي ڪهاڻين ۾ زندگيءَ ۽ سماج جا زنده ڪردار هلندا گهمندا ۽ ساهہ کڻندا محسوس ٿيندا هئا. ڏک اهو آهي تہ سال ١٩٩٥ع اسان کان جيئرين جاڳندين ۽ ساهہ کڻندڙ ڪردارن جي ڪهاڻين جي خالق نجم عباسيءَ کي ڪسي ورتو. - **تاج جويو**



**ادل سومرو، نجم عباسي ۽ اياز گل**

## روشن ضمير ليکڪ

ڊاڪٽر نجم عباسي جي افسانن جي هڪ مجموعي تي تبصرو ڪندي مون هڪ ميڙ ۾ چيو هو تہ ڪنهن بہ ملڪ جي سماجي تاريخ کي جاڻڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ضروري آهي تہ ان ملڪ جي افسانوي ادب جو مطالعو ڪجي، ڇاڪاڻ تہ افسانوي ادب، ڊرامو، ناول ۽ افسانو هڪ اهڙو ذريعو آهي، جنهن ۾ سماج جي سمورن مسئلن کي هڪ اثرائتي انداز ۾ پيش ڪري سگهجي ٿو.

ڊاڪٽر نجم عباسي افسانا لکيا ۽ ڪي ترجما بہ ڏنا. هن ۾ اينتري اهليت ۽ لياقت هئي، جو هو افسانوي ادب کان هٽي ڪري ڪنهن ٻئي موضوع تي پنهنجي قلم کي استعمال ڪري ها، پر هن کي پنهنجي اوسي پاسي جي زندگي ۽ سنڌ جي زندگيءَ سان ڪو الستي قرب هو. هن ان کي هر رنگ ۽ هر روپ ۾ تمام ويجهڙائيءَ کان ڏٺو ۽ ان جا جيڪي اگرا رنگ روپ هئا، انهن هن جي حساس ذهن تي گهرو اثر ڇڏيو. هڪ تعليم يافتہ ۽ سجاڻ انسان جي حيثيت ۾ هن پنهنجو پاڻ تي جڻ تہ اهو فرض ڪري ڇڏيو تہ پنهنجي سماج جي انهن اونداهن تهن تائين پهچي، انهن کي روشنيءَ ۾ آڻي انهن خلاف شديد نفرت ۽ حقارت پيدا ڪري تہ جيئن سنڌي سماج جي انهن خرابين ۽ بچڙاين مان ڇوٽڪارو حاصل ٿئي جن ان سماج کي اڌوهيءَ وانگر کائي ناس ڪري ڇڏيو آهي.

ڊاڪٽر نجم عباسي هڪ روشن ضمير ۽ اعليٰ خيالن وارو انسان هو. هن هميشہ گهريو ٿي تہ سنڌي سماج مان بچڙايون ۽ برايون ختم ٿين، سنڌي سماج ۾ روشن خيالي پيدا ٿئي ۽ سنڌي سماج جديد تهذيب ۽ تمدن جي نعمتن سان مالا مال ٿئي. اهوئي ارادو ۽ اهائي خواهش هئي ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي، جنهن هن کان ڪيترائي بيمثال افسانا ۽ ناول لکايا ۽ جيڪي هاڻي هن جو هڪ املهہ يادگار آهن. — مُراد علي مرزا

•

## هڪ وڏو انسان

جينوٽيڪ سائين نجم عباسيءَ تي سندس وفات کان صرف بہ ڏينهن اڳ منهنجو هڪ مضمون جاڳو اخبار ۾ ٽن قسطن ۾ ڇپجي چڪو آهي ۽ ان کان سواءِ سندس هڪ ڪتاب "منهنجي پنهنجي ڪهاڻي" تي سندس ئي خواهش مطابق منهنجو هڪ مهاڳ بہ لکيل آهي، مان چاهيان ٿو تہ مهاڳ ۾ پيش ڪيل سائين نجم عباسيءَ بابت منهنجن خيالن کي هِت ورجايان تہ ڪو عيب نہ ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ منهنجي خيال ۾ منهنجا اهي خيال ئي ٿوريءَ گهٽيءَ ڦير گهير سان سائين نجم عباسيءَ جي شخصيت ۽ فن جي صحيح ۽ حقيقي ترجماني ڪري سگهن ٿا.

"ڊاڪٽر نجم عباسي علم ۽ عقل کي پسند ڪرڻ وارو انسان هو. ڪيس عقيدي تي ٻڌل مافوق الفطرت ڳالهين کان بچان ايندي هئي. هو هڪ پڙهيو ڳڙهيو اديب ۽ ڊاڪٽر هو ۽ سماجي سائنس جو ڄاڻو هو. هو خوابن ۽ خيالن ۾ رهڻ وارو نہ پر انسانذات تي ڀروسو ڪندو هو: انهيءَ مان بہ پورهيت عوام تي وڌيڪ اعتماد ڪندو هو. ڪيس ڄاڻ هئي تہ انسان جيڪا هيءَ اجوڪي ترقي حاصل ڪئي آهي، سا سندس صلاحيت ۽ پورهئي جي پيداوار آهي، ۽ ان جو اجوڪو ترقي يافتہ شعور، سمجهہ ۽ ساڃاهہ يا عقل سندس ٻانهن جي پورهئي ۽ محنت جو مرهون منت آهي. هن پاڻ لکيو آهي تہ:

"خيال، ذهن، خواب، سوچ، تصور، مايا يا روح سڀ مادي جي پيداوار آهن: يعني خيالي يا ذهني يا

روحاني شيون مادي مان اپرن ٿيون. اهي شيون، جنهن مادي مان اپرن ٿيون، سو دماغ يا مغز آهي. اهي شيون زنده دماغ جي مادي جون صلاحيتون آهن، ان ڪري جسماني موت سان گڏ دماغ، جو جسم جوئي حصو آهي، سو به مري وڃي ٿو ۽ ماڻهوءَ جي روحاني حياتيءَ جو به خاتمو ٿي وڃي ٿو" (منهنجي پنهنجي ڪهاڻي)

سوشلسٽ بلاڪ جي خاتمي ڪان پوءِ جتي وڏن وڏن ترقي پسند اديبن ۽ دانشورن جا دماغ ٿڙڪي پيا آهن، اتي ڪاپيءَ ڌر جي سياسي دنيا مان وڏا وڏا سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ به پنهنجو ذهني توازن وڃائي ويٺا آهن. پر ڊاڪٽر نجم عباسي، باوجود فالج جي خطرناڪ حملي ۽ شگر جي مريض جي، ذهني ۽ روحاني طرح پڇاڙيءَ تائين صحيح، سالم ۽ سگهارو بيٺو رهيو. انهيءَ جو بنيادي سبب اهو آهي جو هن پهرئين ڏينهن کان وٺي پنهنجيءَ تخليق کي ڪنهن مجتا، مشهوريءَ يا اجوري جي واسطي نه پر پنهنجي عوام، قوم ۽ ڌرتيءَ جي فڪري مفادن سان ڳنڍي ڇڏيو هو. هو ڪالهه به ڌرتيءَ ۽ عوام جو تخليقڪار هو ۽ پڇاڙيءَ تائين ڌرتيءَ ۽ عوام جو سرجڻهار رهيو. هو ڄاڻندو هو ته سرمايي جي سماج ۾، ادب ۽ فن تجارت جو سودو بنجي وڃي ٿو، ۽ تخليق خريد و فروخت جو شڪار ٿي وڃي ٿي. سرمائيداريءَ ۾، جيئن ٻي هر ڪا شيءِ منڊيءَ لاءِ هوندي آهي. تيئن ادب ۽ فن به منڊيءَ جو مال بنجي ويندو آهي،جو ته ادب، فن ۽ تخليق کي پئسي جي ڪسوٽيءَ تي پرکيو ۽ پروڙيو ويندو آهي ۽ فنڪار يا تخليقڪار پنهنجي فن کي سرمايي جي معيار تي تخليق ڪندو آهي. ڪيس جنهن نموني جي تخليق مان وڌيڪ پئسن ملڻ جي اميد هوندي آهي، هو ان نوعيت جو ادب ۽ فن تخليق ڪندو آهي.



قاضي خضر حيات، نجم عباسي کي سندس ڪاشيءَ جو ٺاهيل پورٽريٽ ڏيئي رهيو آهي. غلام حسين رنگريز ساڻس گڏ آهي.

سرمائيدارانه سماج ۾ هي؛ جيڪو تخليق جي آزاديءَ جو هئڙادو ڍنڍورو پٽيو وڃي ٿو، سو رڳو هڪ فريب آهي. سرمايي ۽ پئسي جو مالڪ استحصالي طبقو آهي. هو بازار مان اهائي تخليق خريد ڪندو، جيڪا سندس طبقاتي فڪري مفادن جي ترجماني ڪندي. اهڙيءَ طرح اديب ۽ فنڪار کي تخليق جي آزاديءَ جي نالي تي پئسي جي پنجوڙ ۽ سرمايي جي سنگهرن ۾ سلهاڙيو ويندو آهي. تخليقڪار پنهنجي مادي ضرورتن جي پوراڻي ۾ سرمايي پسنديءَ جو شڪار ٿيندو ويندو آهي؛ هو پنهنجي آزاد شعور ۽ ادراڪ جي بجاءِ سرمايي پسند شعور جي گهرجن مطابق، پنهنجي سرجڻهار سرگرمين کي جاري رکندو آهي، ۽ تخليقڪار جي پئسي جي چوس جيئن جيئن وڌندي ويندي آهي، تيئن تيئن هو سرمايي جو غلام ٿيندو ويندو آهي، ۽ پوءِ اها سرمايي جي غلامي ئي تخليقڪار کي عوامي مفادن کان اوپرو بناني ڇڏيندي آهي، ۽ هو هڪ مافوق الفطرت شيءِ ٿي پوندو آهي. جنهن تائين عوام جي رسائي ۽ پهچ ناممڪن ٿي پوندي آهي ۽ هو خالص استحصالي طبقي جو اديب بنجي ويندو آهي.

سائين نجم عباسيءَ جي عظمت انهيءَ ۾ آهي ته هُن پئسي کي اڳيان رکي نه لکيو آهي. هن جو ڪجهه به لکيو آهي، اهو عوام جي محڪوميت کي اڳيان رکي لکيو آهي ۽ پيو پنهنجي نظريي ۽ فڪر سان سچائي کي سامهون رکي لکيو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو سندس لکڻين کي بازاري ادب جي نارازيءَ ۾ توري نٿو سگهجي. هن جي به رندا روڙيا آهن، سي من ۾ محبت پائي لکيا آهن، پر چت ۾ چاوت پائي نه لکيا آهن.

ضمير جي سچائي ۽ دل جي گهرائيءَ سان رڳو اهڙو ئي ادب تخليق ڪري سگهجي ٿو، جيڪو اديب جي پنهنجي ذهن ۽ ضمير جي پيداوار ٿئي ٿو ۽ جيڪو اديب جي پنهنجي ذهن ۽ ضمير کي مطمئن ڪندو هجي. اهائي تخليق من ۾ محبت پائي لکي ويندي آهي، پر جيڪا تخليق بازار ۽ پئسي جي معيار کي اڳيان رکي لکي ويندي آهي، اها چت ۾ چاوت پائي لکي ويندي آهي. جيڪا بازار جي اڳهه تي تخليق لکي ويندي آهي، اها عوام وٽ ائين نه اڳهامندي آهي، جيئن پنهنجي ذهن ۽ ضمير ۽ شعور جي چوڻ تي لکيل تخليق اڳهامندي آهي. جيڪڏهن اديب جي ذهن ۽ ضمير جو لاڳاپو عوام سان آهي ۽ پنهنجي قوم ۽ ڌرتيءَ سان آهي ته اها تخليق تاريخ ۽ عوام وٽ اڻ توري اڳهامندي آهي، جنهن کي عوام ۽ تاريخ هٿوهٿ قبول ڪندا آهن. اهڙي تخليق هڪ عظيم تخليق هوندي آهي ۽ اهڙي تخليق جو تخليقڪار، عظيم تخليقڪار هوندو آهي. اهڙو تخليقڪار پنهنجن تخليقن جي ذريعي هڪ تاريخ تخليق ڪندو آهي ۽ جيڪو تخليقڪار تاريخ تخليق ڪندو آهي، اهو ممان ساهتڪار هوندو آهي. ان جو تخليقي پورهيو تاريخ جو سڏ بڻجندو آهي، ۽ عوام جو آواز ٿيندو آهي. اهڙوني تخليقڪار پنهنجي دور جو هومر، شيڪسپيئر، گوئٽي، پشڪن، ڪاليداس، شاهه لطيف، ٽئگور، پيبلونرودا، ٽالسٽاءِ، گورڪي، دوستو فسڪي، ڪرشن چندر، استاد بخاري، شيخ اياز ۽ نجم عباسي ٿي ويندو آهي، جيڪو روحن جي روشني ٿيندو آهي ۽ انسان ذات جو آئينو ۽ اعتماد ٿيندو آهي ۽ اسان جو سائين نجم عباسي اهڙو ئي اديب آهي جيڪو جڳن تائين ياد رهندو، زنده رهندو. اي لوڪو! پيار ڪيو ان انسان سان، جيڪو توهان لاءِ زنده رهيو ۽ توهان جي لاءِ لکندو رهيو ۽ توهان جي لاءِ ٽڙپندو ۽ پڇندو رهيو. زندگيءَ پر ۽ پڇاڙيءَ تائين "جيئي سنڌ" چوندو رهيو ۽ "جيئي پورهيت" چوندو رهيو. اهو توهان ۽ اسان جو يار، دوست ۽ گهڻگهرو ٢٥-آڪٽوبر ١٩٩٥ع تي گذاري ويو، پر پوءِ به هو حيات آهي ۽ زنده رهندو. - **خاڪي جويو**

●

# ڪجهہ ڳالهيون نجم عباسي جون!

**"…. ۽ هڪ تارو سنڌي ساهت جي آسمان تان ٽِٽي ويو!"**

نجم جي مرتئي جي خبر پوڻ کان پوءِ منهنجي مَن ۾ اهو هڪ-سٽو تاثر جُڙي ٿو، ذهن جي اسڪرين آڏو سندس شخصيت جو اسڪيچ، سندس لکڻين جو خاڪو اڀري اچي ٿو…. مانيٽو سُپاءُ، نهنو، ڌيرج سان گهڻ ڳالهائڻ وارو، سباجهو، سلڇڻو، اندر ۽ ٻاهر اُجرو ماڻهو.

اهو سڀ وارو ابتدائي ڏهاڪو هو. اسان فل ٽائيم شاگرد سياست سان واڳيل هئاسين ۽ ادب جي ايوان ۽ اديبن تائين پهچڻ لاءِ اڃا ٻانبڙا پائي رهيا هئاسين، جو ساڻس پهرين ڏيٺ سائين ابن حيات پنهور ڪرائي ۽ پوءِ ادبي ناتي ويٺ ٿيندي رهي. نجم جي تن ڏينهن ۾ سروري منزل، گاڏي کاتي حيدرآباد جي لڳ خانگي اسپتال هني، جيڪا پوءِ مڪيہ رستو ٽپي ٻني پاسي عباسي چنمبرس جي هڪ دڪان ۾ ڪولي هئائين. منهنجي نجم سان شوق ملاقات جو پهريون حوالو هو سندس ٻاران ليڪڪن ۽ شاگردن جو مفت ۾ علاج ڪرڻ، پوءِ اُهي ليکڪ توڙي شاگرد پلي ڪيتري به سرنديءَ وارا ڇو نہ هجن، پر هجن سنڌي! نجم ڪانئن ڪجهہ بہ چارج نہ ڪندو هو! اُن کان پوءِ جيئن جيئن اسين ادب نگر جا واسي ٿياسين تہ سندس شخصيت ۽ لکڻين جا ڏيک ويک سامهون ايندا ويا- خاموش پورهيت ليکڪ، سنڌ ۽ سنڌين جو شيدائي نجم!

اُنهن ڏينهن ۾ اسان جا اسٽيٽس (Status) وارا ليکڪ ڪا ڪجي ڦڪي لکٽي لکندا هئا تہ اُن جو پرچار اهڙي نموني ڪرائيندا هئا جو ڄڻ اُنهن ادب جو آسمان لوڏي ۽ ذات جو ڏيهہ ڌوڏي ڇڏيو هجي. پر هي سمنڊ جيان ماٺو ماڻهو رڳو پيو لکندو هو؛ لکڻ بہ جهڙو سندس ڊيوٽي ۾ شامل هو، اٿين جيئن ڪلينڪ هلائڻ.

سنڌي ادبي سنگت جي ڪلاسن ۾ اچڻ کان البت لنوائيندو هو، شايد اديبن جي پنهنجو پاڻ ۾ چندا پٽ جي ڪري. پر ادبي ڪلاسن جي هلڻ جي ڪيس اون ۽ چنتا تمام گهڻي هوندي هني ۽ گڏجاڻين جي رونداد ضرور معلوم ڪندو هو ۽ پڇندو هو تہ اُهي هلن ٿا يا نہ؟ ڪهڙا ڪهڙا اديب اچن ٿا وغيره. پر جي ادبي ڪلاس ڪنهن سبب جي ڪري بند ٿي ويا تہ ڪيس ڏک ٿيندو هو ۽ ٿڌا شوڪارا ڀريندو هو!

'جيئي سنڌ' جتي ملڻ ۽ موڪلائڻ سندس منشور ۾ شامل هو ۽ هڪ وڏي ڪمزوري پڻ. اينري قلر جو اسان جا ڪيترا چندي باز يار گرمجوشيءَ مان "جيئي سنڌ" جو سلام ورائي کٽي چندي جون چوپڙيون سامهون رکندا هئس ۽ چڱو چوکو پاڻي ويندا هئا.

ستر اسي وارا ٻئي ڏهاڪا جتي ساري سنڌي سماج لاءِ اتي سنڌي ساهت لاءِ بہ ڏاڍا ڏکيا هئا. انهن ٻي سالن ۾ سندس پاڙي يعني گاڏي کاتي ۾ 'آگم' جي آفيس کولي سين، جيڪا انهيءَ گهُٽ ۽ ٻوسٽ واري دور ۾ ساهتين لاءِ هڪ 'هائيڊ پارڪ' هو. حيدرآباد ۽ سنڌ کان ايندڙ ويندڙ ساهتڪار ٻيو نہ تہ بہ هڪ منٽ لاءِ آگم مان جهاتي پائي ضرور ويندا هئا ۽ ڪو وقت تہ آگم ۾ ادبي ڪلاس بہ هليا ۽ نجم هونئن جو ادبي ڪلاسن ۾ گهڻ ايندو ويندو هو، سو آگم ۾ ٿيندڙ ادبي ڪلاسن کان پيرو نہ پڇندو هو؛ جڏهن تہ ڪيس ٻينٽ پيل هوندي بہ آگم جي ڪونيءَ ۾ هيٺ پلٿي ماري وهندو هو. سندس آگم جي ويجهو آفيس هئڻ ڪري ساڻس اڪثر ڪچهريون ٿينديون هيون. وجبو تہ پهريون اهوئي پڇندو تہ 'ڇا پيا ڪريو!- 'ادبي دنيا جا ڪهڙا واءُ سواءُ!!'

سنڌي سماج وانگر اسان جي ساهتي دنيا بہ سدائين چڙوچڙ، اختلافن، جهيڙن جهٽن ۽ منافقين جي ور چڙهيل، سو جڏهن اهڙيون خبرون ٻڌندو هو تہ افسوس ٿيندو هوس ۽ چوندو هو، "اسان جو سماج وڏيرڪو سماج آهي پر اُن کي هاڻي ڪلر کائي رهيو آهي، نيٺ تہ ڍهندو. اوهان نوجوانن کي مايوس نہ ٿيڻ کپي. وس ۽ وت آهر ڪم ڪرڻ گهرجي.' - سندس واتان ڪڏهن بہ ڪنهن جي گلا يا گيبت نہ ٻُڌي سون. نجم ٻي هڪ اهڙو ماڻهو ۽ ليکڪ هو جيڪو پنهنجي شخصيت ۽ لکڻين جي لحاظ کان اختلافي گهڻ هو. سچ تہ اسان سڀني سنڌين يعني سنڌ جو هڪ

تارو هو.

فڪري لحاظ کان هو نج ترقي پسند سنڌيت جو پرچاري هو. سنڌي ماڻهن جي گهٽائي واڌتي آهي ۽ هُن واڌتي هيٺ جي ناتي ساري سنڌي زندگي کي انتهائي ويجهڙائيءَ کان ڏٺو. هن وڏيرڪي ۽ ملائيت جي ڪوڙڪين ۾ ڦاٿل ماڻهن جي وهمن، وسوسن، سورن، پورن ۽ ڏکن جون ڪهاڻيون سولي، سنئين ۽ سڌي ٻوليءَ ۾ جيئن نجم بيان ڪيون آهن، اهوئي سندس پنهنجو ڏانءُ هو. هن پرڏيهه کان پرگهٽ ٿيندڙ فني لوازمات کي پنهنجي لکڻين لاءِ نه چونڊيو. جڏهن ته هو انگريزي ٻوليءَ جو سٺو ڄاڻو ۽ سنڌيءَ جو بهترين ترجمان هو. سنڌيڪار جي حيثيت ۾ نجم جو اهم مقام آهي. هن پرڏيهي ٻولين جي لفظن کي سنڌيءَ ۾ الٿو ڪرڻ جا ڪيئي تجربا به ڪيا. جيئن لائوڊ اسپيڪر لاءِ 'گونجارو'، انش ٽري لاءِ 'رک وٽي' ٽيليويزن لاءِ 'ڏور ڏسڻي' ۽ ٽيليفون لاءِ 'پريان ڳالهائڻي' وغيره. هي ڪو سنڌي ٻوليءَ کي محدود ڪرڻ جي خيال کان ڪونه ڪيائين، پر اهو سڀ ڪجهه سنڌيت جي ساڃ ڪري!

مون ماهوار 'نئون نياپو' ۾ سندس هڪ ڪهاڻي ڇاپي هئي، جنهن ۾ هڪ هنڌ هم جنس پرستي بابت اشاراتي جملو هو، ۽ جنهن تي اسان جي هڪ مشهور ڏاهي مون کي ڏند ڪرٽيندي چڱي جهڙ پٽي هئي منع ڪئي هئائين ته آئينده اهڙي قسم جي سندس ڪابه لکڻي نه ڇاپيان ۽ جڏهن ته اهو ڏاهو نجم جو گهرو هو ۽ سندس لکڻين جو مداح پڻ. نجم جي هڪ ناول تي 'اگهاڙپ' جو الزام لڳو هو پر ڇا جنس ڪو مسئلو ناهي يا اُها ماڻهوءَ جي فطرت ۾ شامل ناهي؟

منهنجو هڪ پيارو دوست آهي ۽ ليکڪ به پلوڙ. سنڌيونيورسٽي ۾ پڙهڻ جي دوران ڪيس لکياري بڻجڻ جو خيال ٿيو. لکيائين به ۽ هڪ ڪتابي سلسلو به ڪڍيائين پر شروعاتي لکڻين ۾ هو ناليوارن ليکڪن ۽ سندن لکڻين تي ٽيڪا ٽپڻي ڪندي گارين کان به نه گُسو. مون جڏهن ڪانئس ان جو سبب پڇيو ته هن چيو، "نثار، ائين نه ڪريان ها ته مون کي ادبي دنيا ۾ ڪا جاءِ به نه ملي ها." سو هڪ ڀيري آگم تي ڪچهريءَ دوران زيب مون کان نجم جي مجموعي لکڻين جي باري ۾ راءِ پڇي ته مون چيو ته نجم وٽ لکڻين جي فني لوازمات کان وڌيڪ اُنهن جي خيال جي اهميت آهي: هو پنهنجي سوچ، مقصد ۽ خيال کي هڪ پرچارڪ وانگر پيش ڪري ٿو. اُن وقت ڪچهريءَ ۾ هڪ للي پٽ جو جامڙو ليکڪ به موجود هو، جنهن منهنجي ان ذاتي ڪچهريءَ واريءَ راءِ کي پنهنجن لفظن ۾ ٽوڙي مروڙي سندس هڪ پبليڪشن ۾ ڇاپي وجي نجم کي پڙهائي. خير نجم ته تمام قداور ماڻهو هو، هُن ان ڳالهه کي ڪابه اهميت ڪانه ڏني پر مون کي انهيءَ جامڙي جي اها حرڪت ڪانه وڻي. پر پوءِ جڏهن ڪٿ ڪيم ته ڪَل پيم ته هي جامڙو نه صرف پنهنجي سوچ جي خيال کان پر جسماني طرح به جامڙو آهي، انهيءَ ڪري هو پنهنجي قد کي وڌائڻ لاءِ اهڙيون حرڪتون ڪرڻ لاءِ نفسياتي طرح مجبور آهي. ڇو ته هُن سنڌ جي امام سائين جي. ايم. سيد جهڙيءَ عظيم هستيءَ کي به نه بخشيو آهي ۽ اُن جي خلاف لکيو آهي، سو اسان جهڙا عام ماڻهو ته سندس ليکي ۾ ئي ڪونه آهن!

اڄ به انهيءَ راءِ جو آهيان ته نجم جي اڳيان ڪنهن به لکڻي جي گهاڙيٽي يا فني فاعلاتن فاعلن کان وڌيڪ اهميت پنهنجي پيغام کي سولي ۽ سليس ٻوليءَ ۾ پنهنجي پڙهندڙن تائين پهچائڻ هو ۽ جنهن ۾ هو سڦل ويو، جو سندس ڪتاب بازار ۾ ايندي ئي وڪامي ويندا هئا؛ ايتري قدر جو سندس ڪيترن ئي ڪتابن جا ٽي ٽي ۽ چار چار ايڊيشن به پڌرا ٿيا. نجم سنڌين جي هڪ وڏي پرچارڪ ليکڪ جي حيثيت ۾ سدائين لاءِ سڃاتو ويندو، پر جيڪڏهن....

الا، ايئن مَ ٿئي جو ڪتابن ۾ پڙهجي
ته هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي -
(نارائڻ شيام.)

-نثار حسيني

# نجم عباسي جي مرتئي تي

مُرڪ ماٺيا نہ پل
جيءُ جهجهندا رهيا
سچ سنڌو اُتي
ڪيئي ترندا رهيا-
لفظ جاڳي پيا
سِنڌ جي نيٺ تي
وهانءَ تاري جيان
۽
وقت جي پوٺ تي
سچ لکجي ويو-
ليڪ ٿُنهنجا نجم
اماوس اُپ تي
جڻ تارا هُيا
يا هيا، ها، ڏيئا
جهانگي جهوپن اڳيان
دونهيون ڪي دکيل-
هڪ ڏينهن اڳي
ساري عالم ڏِٺي
سج جي مُک تي
ڪاري چادر پيل،
پر
سنڌ جي سج تہ
هئي اوڊي اُها
بہ ڏينهن سچا
هڪ گرهڻ وَتو
مرتئي تي پيو
آه! مرتيو سنڌءِ
ڏات جو ڏيهہ آ
سارو وَنجي ويو!

- زيب نظاماڻي

۲۴-آڪٽوبر مڪمل سج گرهڻ وارو ڏينهن ۽ ۲۵-آڪٽوبر نجم جي مرتئي وارو ڏينهن.)

## زندگيءَ جي ڊرامي جو الميہ ڪردار...!

ڊاڪٽر نجم عباسي جو مرتيو نہ صرف قومپرست ڪمائيءَ جي هڪ دؤر جي پُڄاڻي آهي، پر ان سان هڪ سچي ۽ کري ماڻهوءَ جي اُٿي وڃڻ جو ڏکوئيندڙ احساس بہ اسان جي اندر کي جهوري ٿو.

ڊاڪٽر نجم عباسي جي هن مني صديءَ جي لڳ ڀڳ واري سفر ۾ هُن اسان کي سنڌي ڪمائيءَ جا ٽيهارو نظرياتي ڪتاب ڏنا، جن اسان کي نہ صرف ادب جي لاءِ اتساهہ ڏنو پر ڌرتي ۽ ڌرتي واسين جي دردن ۽ پيڙائن جو پڻ احساسيندڙ جذبو عطا ڪيو. انهيءَ سڀ ڪجهہ ملڻ جي باوجود اسان ڊاڪٽر نجم عباسي کي ڇا ڏنو؟ بس، هڪ اندر کي اڌوهيءَ وانگر کائيندڙ محروميءَ وارو احساس ۽ اڪيلائپ وارو ڏک!

ڊاڪٽر نجم عباسي زندگيءَ جي ڊرامي جو ڄڻ هڪ الميہ ڪردار هو، جيڪو پنهنجي ذمي ٿيل ڏکيل ۽ ڏکائيندڙ پارٽ پورو ڪري ڪالهہ دنيا جي اسٽيج کي خالي ڇڏي هليو ويو. ڊاڪٽر صاحب جي زندگي پوڳنائن جو هڪ سفر هئي، جنهن جي وک وک تي قوم جي دردن سان گڏ پنهنجا انفرادي درد بہ وڇايا پيا هئا.

شاديءَ کان پوءِ ذهني يڪسوئي حاصل نہ ٿيڻ ڪري سندس جيون ساٿيءَ کان جيڪو وڇوڙو ٿيو، انهيءَ کان پوءِ ڊاڪٽر صاحب وري پنهنجي اندر ۾ يڪ وجودي حاصل ڪري نہ سگهيو. ويتر دنيا جي بين حادثن ڪيس اندران ڀڃي پورا ڪري ڇڏيو. پر وري بہ اها ڊاڪٽر نجم عباسي جي وڏي دليري چئجي جو هن پنهنجي ذاتي درد کي پنهنجي قومي درد جي آويءَ ۾ اڇلي ڇڏيو ۽ پنهنجي قلم کي قوم جي حوالي ڪري پنهنجون ذاتي پيڙائون ۽ پريشانيون قوم کي اربي ڇڏيون. ڊاڪٽر صاحب جو وڇوڙو، اسان سڀني لاءِ ايڏو وڏو سانحو آهي جو ان کي محسوس ڪري سگهجي ٿو پر بيان نٿو ڪري سگهجي. - **مقصود گل**

•

## ماما نجم ۽ ”مهراڻ“

۱۰-نومبر ۱۹۸۹ع تي جڏهن ماما نجم تي اڌ رنگ جو حملو ٿيو ۽ ساڄي ٻانهن ۽ ٽنگ صفا بيڪار ٿي ويئي، پاڻ اٿڻ ويهڻ کان لاچار ٿي پيا. هڪ ڪمري تائين محدود ٿي ويا. ڪانءُ ٻيشڻ ۾ ڏکيائي ٿي پيش آئي. باٿ روم تائين نہ پيا وڃي سگهن، اڌ رنگ جو اثر اجان وڌندو پيو وڃي ۽ زبان تي بہ ٿورو ٿورو اثر ظاهر پيو ٿئي جو ڳالهائڻ ۾ هيڪ پئي محسوس ٿئين. ماما پنهنجي ڪوشش (علاج) ۾ رُڌل هئا. ماما کي بستري تي اٿاريان ويهاريان مان پيو، باٿ روم تائين مان پيو وٺي وڃان ۽ ڪارائڻ جو ڪم غزالہ (ماما جي وڏي ڌيءُ ۽ منهنجي گهر واري) ڪري رهي هئي.

اسان ٻيئي زال مڙس ماما کي همت پيا ڏياريون تہ ڊاڪٽر ٿا چون تہ آهستي آهستي نيڪ ٿي ويندؤ ۽ گهبرايو نہ. ماما ان وقت چيو هو تہ منهنجا سڀ ڪم - مون کي اٿارڻ ويهارڻ، وهنجارڻ، شيو ڪرڻ ۽ کارائڻ پيارڻ، سڀ توهان ڪري ويندؤ. مون کي اطمينان آهي تہ مون کي ڏکيائي هوندي بہ ڏکيائي محسوس نہ ٿيندي، جو غزالہ ڪونج ۽ تون آهيو، پر مون کي فڪر آهي تہ هاڻي مان لکي نہ سگهندس، ان ۾ مان محتاج ٿي پيس!

پوءِ ڊاڪٽرن جي علاج ۽ ماما جي پنهنجي همت سان ماما ڇهن ستن مهينن کان پوءِ لکڻ شروع ڪيو. هٿ ۾ قلم صحيح نموني جهلي نہ سگهندا هئا، پر آهستي آهستي ڦڏا-سڌا ليڪا پائڻ شروع ڪيائون ۽ ا- ب- ٻ يا

A.B.C لکڻ شروع ڪيائون. منهنجي ننڍڙي ڌيءَ مومل کي سڏي چيائون ته "ڏس تون به ڪلاس ٻئي ۾ پئي پڙهين، پر مان ايڏو وڏو ٿي ويو آهيان، پر ڪچي پهرئين ۾ آهيان، جو الف-ب پيو لکان!"

مومل وري چيس ته "بابا توهان جا اکر به منهنجن اکرن کان سٺا نه آهن." مومل کي اهو احساس نه هو ته هوءَ ڪيڏي نه وڏي اديب ۽ ڏاهي سان ڳالهائي رهي آهي يا هو ڪيس ڇا ٿو چوڻ چاهي.

ماما سائين زور سان کِليو ۽ چيائين ته "اڙي ها، منهنجا ته اکر به مومل جي اکرن کان گندا آهن." ماما جي ان چوڻ ۾ هڪ درد هو، جيڪو مون اتي ويٺي محسوس ڪيو.

ماما سائين، ائين "الف-ب" جي پرئڪٽس ڪندي هڪ ڏينهن ڦڏن- سڌن اکرن ۾ "جيئي سنڌ" لکيو ۽ مون کي ڏيکاريائين. مون کي اطمينان ٿيو ته سندس هٿ ۾ لکڻ جي طاقت ايندي پئي وڃي.

ماما سائينءَ جي فزيوٿراپي ٿيندي هئي، جنهن لاءِ اسان ڊاڪٽرياڻيءَ جي اسپتال ويندا هئاسون، جتي هوءَ ڪلاڪ ڏيڍ تائين فزيوٿراپي ڪندي هئي ۽ پوءِ مون کي سيڪاري ڇڏيو هئائين ته گهر ۾ ائين تون به فزيوٿراپي ڪرائيندو ڪر. گهر ۾ ماما جي خواهش هوندي هئي ته سمورو وقت مان صرف هٿ ۽ ٻانهن جي فزيوٿراپي ڪريان، ته جيئن پاڻ جلد کان جلد لکڻ شروع ڪن. پوءِ، منهنجي خيال ۾ آگسٽ يا سيپٽمبر ۱۹۹۰ع ڌاري ماما سائين وري لکڻ شروع ڪيو. اکر صحيح طرح نه هوندا هئا، پر وري به سمجهه ۾ اچي ويندا هئا.

مان اهو خوشنصيب آهيان جو ماما جي هر تحرير پهرين پڙهندو هئس، يعني ماما جي هر لکت ٽن سالن تائين مون فيئر ڪئي. ان کان پوءِ سکر ۾ منهنجو ڀاءُ شميم عباسي ۽ حيدرآباد ۾ وري عاصم آخوند به ان ڪم ۾ شامل ٿيا، جو ماما جي لکڻ جي رفتار تيز ٿيندي ويئي ۽ مون اڪيلي کان اها ڳالهه زور ٿي ويئي جو مان ٻين ڳالهين سان گڏ ايڏو ڪم نه پيو ڪري سگهان. ماما سائينءَ جا ان دوران يعني ۱۹۹۰ع کان وٺي وفات تائين اڌ رنگ جي خطرناڪ بيماريءَ دوران به ٽي ڪتاب شايع ٿيا ۽ تقريباً ايترائي اڻڇپيل صورت ۾ مون وٽ موجود آهن.

ماما سائين اڌرنگ جي بيماريءَ جو مقابلو ڪندو رهيو ۽ ڇهه سال لڳاتار ان بيماريءَ کي شڪست ڏيندو رهيو، ليڪن ۱۹۹۵ع ۾ آڪٽوبر جي ۸ - ۱۰ تاريخ کان دمي (سهڪي) جي تڪليف ٿي پين. وفات کان اٺ - ڏهه



نجم عباسي پنهنجي نياڻي الطاف جميل سان گڏ

ڏينهن اڳ بہ قلم هٿ ۾ هين، ۽ هڪ ڪهاڻي لکي رهيا هئا. مان دوا ڪارائڻ لاءِ سندس ڪمري ۾ ويس تہ ڪجهہ لکي رهيا هئا. مون کي چيائون تہ "ڪهاڻي ٿو لکان پر سهڪو لکڻ ني نٿو ڏئي؛ هيءَ ڪهاڻي بہ الائي پوري ڪري سگهندس الائي نہ!" مون کين دوا ڪارائي ۽ صلاح ڏنيمانس تہ تڪليف ٿي ٿئي تہ بعد ۾ لکجو. پاڻ قلم ۽ ڪاغذ منهنجي حوالي ڪيائون تہ سامهون ڪٻٽ ۾ رکي ڇڏ.

پيو ڏينهن ١٨_آڪٽوبر هو، سالگرهہ جو ڏينهن. ڪجهہ اديب دوست ملڻ آيا . انهن سان سٺي ڪچهري ڪيائون. انهن مان ڪجهہ دوست سوکڙيون بہ کڻي آيا هئا. انهن جي وڃڻ بعد مون کي، غزالہ، ڪونج، مومل ۽ مهراڻ کي سڏيائون ۽ چيائون تہ "ڏسو تہ مون کي دوستن ڪهڙا ڪهڙا نہ سهڻا تحفا ڏنا آهن." انهن ۾ سائين نفيس احمد "ناشاد" جو موڪليل "مهراڻ" بہ هو. ماما اهي سڀ سوکڙيون ان وقت ني اسان ۾ ورهائي ڇڏيون، باقي "مهراڻ" ، سليم چنا جو ڏنل هڪ ڪتاب ۽ يوسف سنڌيءَ جو ڏنل ڪتاب پاڻ وٽ رکيائون.

ماما سائينءَ کان ٻن ڏينهن کان پوءِ پڇيم تہ ڪهاڻي مڪمل ٿي يا نہ، چيائون تہ "اجان نہ... سهڪو لکڻ ني نٿو ڏئي. الائي ڪهاڻي پوري ڪري سگهندس بہ الائي نہ....!" پوءِ مون کي چيائون تہ "منهنجي پهرين ڪهاڻي ١٩٤٦ع ۾ "مهراڻ" ۾ ڇپي هئي. جي مان مري پوان ۽ هيءَ ڪهاڻي مڪمل نہ هجي تہ بہ "مهراڻ" جي سائين نفيس صاحب کي ڏجانءِ تہ شايع ڪري." مون دلداري ڏني تہ الله ڪندؤ تہ ٺيڪ ٿي ويندؤ ۽ لکڻ پڙهڻ وري شروع ٿي ويندو.

سليم چنا جو ڏنل سوکڙي طور ڪتاب، جيڪو انگريزيءَ ۾ حيدر بخش جتوئيءَ جي سوانح، ڪارنامن ۽ تحريرن تي مشتمل هو، اهو مون پڙهڻ لاءِ ورتو ۽ يوسف سنڌي جو ڏنل ڪتاب، جيڪو ماما جي ني خطن تي مشتمل هو، اهو سامهون ڪٻٽ ۾ رکڻ لاءِ چيائون ۽ "مهراڻ" پاڻ پڙهڻ شروع ڪيائون. پر ٿوريءَ دير بعد رکي ڇڏيائون، جو طبيعت شايد اجازت نہ ڏني. ان حساب سان ماما جي مطالعي هيٺ آخري ڪتاب بہ "مهراڻ" رسالو ني هو.

ماما سائين ٢٥_آڪتوبر تي لاڏاڻو ڪيو. عجيب ڳالهہ تہ ماما جي اها ڪهاڻي "پيار ۾ دشمني" آخري ثابت ٿي، جيڪا پاڻ طبيعت جي خرابي سبب مڪمل نہ ڪري سگهيا ۽ "اڻپوري" رهي. ماما جي خواهش هئي تہ پهرين ڪهاڻي بہ "مهراڻ" ۾ شايع ٿي هئي ۽ آخري ڪهاڻي بہ "مهراڻ" ۾ اچي. ان خواهش کي پوري ڪرڻ لاءِ مون سائين نفيس احمد صاحب کي فون ڪري اها ڳالهہ ٻڌائي ۽ چيم تہ اها اڻپوري ڪهاڻي "مهراڻ" ۾ اچڻ کپي. جي ائين ٿيو تہ منهنجي خيال ۾ اها هڪ دلچسپ تاريخي ڳالهہ ٿيندي تہ سندن پهرين ۽ آخري ڪهاڻي، ٻئي، هڪ ني رسالي ۾ اچن ۽ مطالعي هيٺ بہ آخري رسالو اهوني هجي.

**- الطاف جميل عباسي**

## ڊاڪٽر نجم عباسي جا ڇپيل ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| ۱ - طوفان جي تمنا | ڪهاڻيون | ۱۹٦۹ع |
| ۲ - پٿر تي ليڪو | ڪهاڻيون | ۱۹۷۳ع |
| ۳ - ڳاڙهو لالٽين | (ترجمو/ناٽڪ ) | ۱۹۷۴ع |
| ۴ - جيڪي منهنجي من ۾ آهي | ڪهاڻيون | ۱۹۷۷ع |
| ۵ - ناچڻي | ڪهاڻيون | ۱۹۷۸ع |
| ٦ - ايڏو سور سهي | ڪهاڻيون | ۱۹۷۸ع |
| ۷ - مون پڻ ڳايو هو | شاعري | ۱۹۷۹ع |
| ۸ - ڏٺم اڻ ڏٺل | آتم ڪهاڻيءَ مضمون | ۱۹۸۱ع |
| ۹ - رشتا ناتا | ڪهاڻيون | ۱۹۸۲ع |
| ۱۰ - اڪيلا نہ آهيون | ترجمو ڪهاڻيون | ۱۹۸۲ع |
| ۱۱ - سورج هوندي مرجهايل | ڪهاڻيون | ۱۹۸۳ع |
| ۱۲ - للڪار | ڪهاڻيون | ۱۹۸۴ع |
| ۱۳ - پهاڙن ۾ پڪار | ترجمو ۽ ڪهاڻيون | ۱۹۸۴ع |
| ۱۴ - پيار ڪهاڻي | ناول | ۱۹۸۴ع |
| ۱۵ - بلنديون | ناول | ۱۹۸۴ع |
| ۱٦ - پروفيسر | ڪهاڻيون | ۱۹۸۵ع |
| ۱۷ - دارون هن ديواني جو | ڪهاڻيون | ۱۹۸٦ع |
| ۱۸ - ڪهاڻي جو قافلو | تنقيد | ۱۹۸۷ع |
| ۱۹ - ڳانڌي | جيون ڪهاڻي (ترجمو) | ۱۹۸۷ع |
| ۲۰ - تصوف جي چير ڦاڙ | مضمون | ۱۹۸۷ع |
| ۲۱ - تلاش | ناول | ۱۹۸۸ع |
| ۲۲ - زلزلو | ناول (ترجمو) | ۱۹۸۸ع |
| ۲۳ - ماسترياڻي | ناول ترجمو) | ۱۹۸۸ع |
| ۲۴ - مٽي سنڌ سڪار | ڪهاڻيون | ۱۹۸۸ع |
| ۲۵ - دوکو | ڪهاڻيون | ۱۹۸۹ع |
| ۲٦ - لينن جي انقلابي ڪهاڻي | جيون ڪهاڻي (ترجمو) | ۱۹۹۱ع |
| ۲۷ - منهنجون بهترين ڪهاڻيون | ڪهاڻيون | ۱۹۹۲ع |
| ۲۸ - پاڻ ۾ ويٺا آهيون | ڪهاڻيون/انٽرويو | ۱۹۹۲ع |
| ۲۹ - اوچا ڳاٽ پهاڙن جا | ڪهاڻيون/انٽرويو | ۱۹۹۳ع |
| ۳۰ - جبل مٿي باهڙي | خط | ۱۹۹۳ع |

# پيار ۾ دشمني

هن صديءَ جي شروع ۾ دهليءَ ۾ ٻه حڪيم ڪافي مشهور ۽ مڃيل هئا، پنهنجا نظير پاڻ ئي هئا :

حڪيم ... خان کي نئين ۽ پراڻين ڳالهين جي حڪمت جو شوق هو. هو سنڌي ۽ فارسيءَ ۾ پاڻ مڃرائي چڪو هو. طب، حڪمت ۽ جڙي ٻوٽين سان علاج جا غير سائنسي طريقا اختيار ڪندو هو. ٻڌي تي علاج ڪندو هو. اهو وٽ صحيح جانچ يا علم ۾ ڪونه هو. نه مريض جي بيماريءَ جو ڪو ذڪر ٻڌندو هو. مريض جي نبض تي هٿ رکي مرض جي تشخيص ڪندو هو...

ٻئي طرف حڪيم اجمل سڄي هندستان ۾ مشهور ٿي ويو هو. ڪيترا سندس شاگرد ٿيا ۽ تن حڪمت سکي ان کي اڳتي وڌايو. سندس زندگيءَ ۾ دهلي ۾ هو حڪمت سکڻ جو وڏو مرڪز ٿي ويو هو.

حڪيم اجمل جو علاج ڪرڻ جو طريقو بلڪل سائنسي طريقو هو. هن مرض جا ڪيترا ڪامياب تجربا ڪيا. هن ڪيترن مريضن کي فائدو پهچايو. ... هو هر ڳالهه جا ... ۽ ... هئا جن کي مشهور ڪندا هئا. اڄ به هندستان ۾ مشهور ... هن جا ... وڏا ... ڪيترا ...

هن بوءِ اجايون تحرير ۾ ڳالهيون عنوان ڏنا آهن
جي هٿان ۾ مشتغل هجڻ جو ڪري ترن درجي ٿي چڪا
هئا، ان ڪري مضمون هن کي سڀني هندستان ۾
مشهور ڪيو، جيئن انهن

سو پاڙي خان جي تصوير اجمل جي ڪاليج ۾
ڏهاڪو ٿيو جي داخلا ٿيو هو.

مان هن ڪهاڻيءَ ۾ اجايون ڳالهيون ۽ پنا ڪم نه پاسو ڪندس.

ڪهاڻيءَ ۾ اجايون پنا ~~تشبيهون ۽ [illegible]~~
~~تشبيهون ۽ [illegible]~~، غير ضروري ڀرتي ۽ ڊگهي عبارت نگاري
ساڻ، ان ڪهاڻيءَ ۾ اجايون تشبيهون ۽ ترڪيبون ذڪر
جي مشغول ٿو مي استعمال ڪري سلطان مضمون کي ان ڳالهه
منظر نگاري ساڻ. ~~[illegible]~~
~~[illegible]~~
~~[illegible]~~

~~[illegible]~~
سهڻا فقرا ۽ جملا استعمال ڪري بيان ساڻ. اهي غير ضروري
ڳالهيون گهڻين ٻن صفحن کي هڪ ٻن ٽن سٽن ۾
بيان ڪري سگهجي پيو آهي. ان کي سگهجي ٿو ته
ڪهاڻي ٻن صفحن ۾ هجي ها ته پڙهندڙ چاهي ها ڏسي.

~~تنهن ڪري هن ڪهاڻيءَ ۾ مان اهڙا پنا ڪٽيندس~~
گهڻن ڪهاڻين ۾ هندستان کي الف ذ مواد ساڻ ۽ دلچسپي ساڻ
موضوع آهي، هن ڪهاڻي کي جي رفتار ڪري جنهن ۾ ڪهاڻيڪار
جي دلچسپي هجي.
تنهن ڪري هن ڪهاڻيءَ ۾ مان اهڙا پنا ڪٽيندس.

حڪيم اجمل هوشيار، ذهين ۽ ڳالهائڻ ۾ ڏاڍو
چالاڪ هوندو هو، انگريزن جي ذهنن ۽ غشن سان
مسايض کي اهو يقين ڏياريندو هو ته هنجي مرض کي سڃاڻو
اکين ۽ هرڻ انجو علاج به ڪري سگهي ٿو. ۽ عمر وڏن ماڻهن
الهن ڳالهين جو تجربو پڻ ٿي ويو هوس.

هن سنڌين جو سچو ته ڪونه هو، پر پنهنجي هڪ ڪم
موقعي واسطي ڪم جو سو يارا سان سيد ظاهري طرح
نيڪ نات ۽ قرب واري هئو هو ۽ سچار وڃڻ
هوشيار، سليقو ۽ اخلاق شاگرد هو.
معتبرن کي ڏاڍو پاڻ ڪري هو سان خاص
خوش اخلاقي سان پيش ايندو هو
نازڪ وقت اهو ايندو هو ته [illegible]
حقيقت واسطي ۽ حقيقتون لڪائڻ [illegible]
غريب مريض کي [illegible] آهي.



# تبصرا

## صوفي لا ڪوفي :

علم جي دنيا ۾ فلسفي جو مضمون ۽ ادبي دنيا ۾ ترجمي جو فن ڏکيائيءَ ۾ بيشڪ پنھنجو مٽ پاڻ آھن. ۾ علامہ آءِ. آءِ. قاضي جي ڪتاب "Casual peeps at Sophia" جو "صوفي لا ڪوفي" جي عنوان سان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري محترم عبدالغفار سومري صاحب ادب جي دنيا ۾ پنھنجي پاڻ کي معراتي چڙيو آھي

اصل ڪتاب "Casual peeps at Sophia" سن ١٩٦٧ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيو. جنھن جو ٻيو ڇاپو ١٩٧٧ع ۾ پڌرو ٿيو. جيڪو پڻ ھن وقت اڻلڀ آھي. فاضل مترجم ھڪ ترتيب ذريعي ڪتاب کي آسان ۽ عام فھم بڻايو آھي: مضمون يا تقرير جي ترجمي پيش ڪرڻ کان اڳ ان جو پس منظر بيان ڪيو اٿس. يعني موقعي محل جي حوالي سان اصل مواد جو ترجمو ڪيو اٿس جنھن سان پڙھندڙ جي ذھن ۾ وضاحت سان گڏ ھڪ ذھني تسلسل قائم ٿئي ٿو. جيڪو ھڪ طبعزاد اديب ۽ ھڪ ذھين مترجم جي اھليت کي ظاھر ڪري ٿو.

اصل انگريزي ڪتاب "Casual peeps at Sophia" ۾ سمايل ١٥ مقالن ۽ تقريرن جو نچوڙ ۽ علامہ صاحب مرحوم جي فڪر تي جنھن جامع انداز ۾ مترجم روشني وڌي آھي، انھيءَ کان بھتر نموني ڪجھہ لکڻ ناممڪن پيو لڳي، مترجم جي پنھنجي قلم سان لکيل "مھاڳ" ھن ڪتاب کي وڌيڪ لاڀ وارو بڻايو آھي.

اصل انگريزي ڪتاب جا پيش لفظ، جيڪي مرحوم اي. ڪي. بروھي صاحب جا لکيل آھن، سي پڻ سليس سنڌيءَ ۾ ڏاڍي سھڻي نموني ۾ ترجمو ڪيا ويا آھن. مرحوم علامہ آءِ. آءِ قاضي ۽ مرحوم اي. ڪي. بروھي صاحب جي انگريزي تحريرن جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ ڪافي مشڪل ڪم آھي، جنھن کي محترم عبدالغفار سومري صاحب سھڻي نموني ۽ ڪاميابيءَ سان نباھيو آھي.

جيڪڏھن ڳالھہ کي ڪٽائڻو ھجي تہ ڪٿي چنجي تہ محترم غفار صاحب جو ھيءُ ڪارنامو سنڌي ادب ۾ ھڪ بي بھا اضافو آھي، پر ائين ڪار نہ آھي. مثالن سان ۽ دليلن سان جيڪڏھن انھيءَ راءِ جو اظھار ڪيو وڃي تہ علم جي پانڌيئڙن ۽ پارکو پڙھندڙن لاءِ پرڪشش ۽ قابل قبول ٿيندو.

مھاڳ ۾ محترم غفار صاحب "ان الدين عندالله الاسلام" جي قرآني نظريي کي علامہ مرحوم جي سمجھاڻيءَ ۽ فڪر جي حوالي سان نھايت سليس ۽ دلپذير پيرائي ۾ بيان ڪيو آھي ۽ جديد دور ۾ اسلام تي بنياد پرستيءَ جو جيڪو الزام عائد ڪيو وڃي ٿو انھيءَ جي پاڙ پٽي ڇڏي آھي. لکي ٿو تہ: "انساني تاريخ ۾ اھڙو صرف ھڪڙوئي ترقي پسند ۽ انقلابي مذھب نظر اچي ٿو. جنھن انسان کي رڳو انسان ھئڻ جي ڪري ھن ڪائنات ۾ وڏي ۾ وڏي ۽ محترم ھستي قرار ڏنو. جنھن علم کي مرد توڙي عورت لاءِ لازمي چيو، جنھن علم جي سلسلي ۾ مڪان ۽ قوميت جي حد بندين کي غير ضروري تصور ڪيو، بلڪ اھو بہ چيو تہ علم حاصل ڪرڻ لاءِ پلي چين ولايت جو سفر ڪريو. اھي ڳالھيون موجوده دور ۾ ڪرڻ تہ ڏاڍيون سوليون آھن، پر اھو ڪھڙو فڪر ۽ فلسفو ھو جنھن اڄ کان چوڏھن سئو سال اڳ تعليم کي عورت لاءِ ضروري تصور ڪيو. دنيا جي اھا بي ڪھڙي تھذيب ھئي، جنھن پورھيت ۽ ڪاسبيءَ کي "خدا جو دوست" قرار ڏنو، جڏھن تہ ان وقت ان کي ھيچ نيچ سمجھيو ٿي ويو. ڪھڙي تھذيب انسان جي غلاميءَ کي

روڪيو ۽ ان ڪان ڇوٽڪاري جي ترغيب ڏني. وري وڏي ڳالھ تہ انسان ڪي اھو سڀ ڪجھ. پاڻ ڪرڻو ھو ۽ ان ۾ ڪنھن زور زبردستيءَ ڪي دخل نہ ھو. ڇو تہ ان مذھب (اسلام) انسان ڪي بالغ، آزاد ۽ خود مختيار تصور ٿي ڪيو.... انھيءَ مذھب جو مقصد انسان ذات ۾ ھڪ لاڳيتي ۽ اڪٽ انقلاب جي لھر ڪي قائم ۽ دائم رکڻ ھو، جيڪا انساني وجود جو لازمي جزو آھي..."

ھن وضاحت بعد اسلام تي بنيادي پرستي جي ليبل لڳائڻ بي سمجھي جي برابر ٿيند ي.۽ فاضل مترجم مھاڳ ۾ انھيءَ ڪي ڪماحقہ رد ڪري ڇڏيو آھي.

علامہ آء. آء. قاضي مرحوم جي فڪر ۽ لفظي اظھار ڪي انگريزي زبان مان ڪٿي سنڌي ٻوليءَ ۾ پيش ڪرڻ ڪا معمولي ڳالھ نہ آھي. مرحوم اي. ڪي. بروھي صاحب پڻ اظھار جي فن جو ڌڻي آھي. سندس ديباچي جو سنڌي ترجمو پڻ سليس ۽ روان زبان ۾ ڪيو ويو آھي، ۾ خاص طور تي شيڪسپيئر ۽ ڪارلائل جي انگريزي نظم ۽ نثر ڪي سنڌي ٻوليءَ جو ويس ڍڪائڻ وڏي ڪاميابيءَ جي ڳالھ آھي.

ٻني جي لکيل مواد ڪي ھڪ ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ۾ ترجمي ڪرڻ وقت ذومعني يا ٻٽو مطلب رکندڙ لفظ محاورا ۽ اصطلاح خاصي دقت پيدا ڪندا آھن ۽ مترجم ڪي نہ صرف انھن جي صحيح لغوي ۽ اصطلاحي معنائن ڪي خيال ۾ رکڻو پوندو آھي. ۾ جنھن پس منظر ۽ پيرايي ۾ اصل مصنف اھي لفظ، محاورا ۽ اصطلاح استعمال ڪيا آھن ۽ انھن مان جيڪو مفھوم ۽ مجموعي تاثر ملي ٿو، انھيءَ ڪي بہ پليءَ پت جاڻڻو پوي ٿو. پوءِ ترجمي جي ٻوليءَ ۾ انھن جا متبادل جيڪي اھو ساڳيو مطلب، مفھوم ۽ ڪارج ڏين ٿا، انھن ڪي ٻوليءَ جي مزاج مطابق ڪتب آڻڻو آھي.

مثال طور شيڪسپيئر جو ھي شعر ڏسجي.

"Nature is made better by no means,
But nature mades that mean"

اسان جو فاضل مترجم شيڪسپيئر جي انھن سٽن جو سنڌي ترجمو ھن ريت ڪري ٿو:

"فطرت ڪي ڪنھن بہ ريت بھتر نٿو بنايو وڃي،
۾ فطرت خود انھيءَ ريت وجود ۾ آڻي ٿي."

جيڪڏھن ڇڙواڳيءَ سان انھن سٽن ڪي سنڌيءَ ۾ بيان ڪجي ھا تہ:

"means is made better" "Makes that mean" تي جيڪو "Pun" يا ٻٽو مفھوم مڙھيل آھي، سنڌيءَ ۾ ذومعني لفظن جو استعمال ڪرائي ھا ۽ اصل مفھوم غائب ٿي وڃي ھا، ۾ فاضل مترجم ھتي "ريت"، "بھتر بنائڻ" ۽ "وجود ۾ آڻڻ" جا لفظ آڻي اصل مفھوم ڪي برقرار رکيو آھي.

ٻيو مثال ٿامس ڪارلائل جا اسڪاٽلنڊ جي ڳوٺاڻي شاعر رابرٽ برنس جي باري ۾ چيل لفظ آھن. ھو لکي ٿو تہ:

"This Burns appears at every disadvantage.... that he should have tempted so many to penerate through the rough husk of that dialect of his, is proof that there lay something far from the common inside."

اسان جو سنڌي مترجم ڪارلائل جي لفظن جو تاثر ۽ مزاج پرکي انھن ڪي ھن طرح پيش ڪري ٿو.

"ويچارو برنس ھر طرح خساري ۾ نظر اچي ٿو... اڄ جا گھڻا ماڻھو سندس ان ڳوٺاڻي ۽ کھري زبان تي فدا آھن، ۽ انھيءَ ڪي ھنئين سان ھنڊائيندا وتن، ان جو سبب اھوئي آھي تہ منجھس ڪي غير معمولي ڳڻ موجود آھي" (ص ١٢٢).

هتي proof يا ثابتيءَ جي لفظ کي نظر انداز ڪندي بہ فاضل مترجم اصل مصنف جي مفهوم کي قائم رکيو آهي ۽ سنڌي محاورن ۽ اصطلاحن مثلاً "هيئنين سان هنداڻ" ۽ "فدا هجڻ" ۽ چند سنڌي لفظ "ڳڻ" جو ماهراڻو استعمال ڪري پنهنجي قابليت جو ثبوت ڏنو آهي. اهڙا ڪيترائي مثال آهن، جيڪي پيش ڪري سگهجن ٿا.

هاڻي هڪ ميار جيڪا مترجم تي رهجي وڃي ٿي، ان جو ذڪر ڪجي: اصل ڪتاب جي ضميمي جو مواد فاضل مترجم پنهنجي ترجمي جي منڍ ۾ ڪٺي آيو آهي ۽ انهيءَ ترتيب سان هن جيڪو نفس مضمون جو تعارف ڪرايو آهي ۽ انهيءَ ۾ پڙهندڙن جي ذهن ۾ هڪ تسلسل قائم ڪرڻ جو جتن ڪيو آهي سو تہ جسُ لهڻي، پر مرحوم مير علي نواز "ناز" (سابق والي خيرپور رياست) جي اردو غزل جو انگريزي ترجمو جيڪو مِتر ايلسا قاضي جو ڪيل ضميمي ۾ ڏنل آهي، سو ترسايو ويو آهي. پياري ماڻهوءَ جي ڇڏيل ڪسر ڪجهہ قدر پوري ڪرڻ لاءِ انهيءَ اردو غزل جون چار سٽون ۽ انهن جو انگريزي ترجمو هيٺ ڏجي ٿو:

"جب سے ڈالی بہار گُل پہ نظر
پھر نہ بُلبُل نے آشیاں دیکھا
درِ حیدر پہ ناز پُہنچا ہے
جیتے جی روضۂ جناں دیکھا"

منظوم انگريزي ترجمو:

Since glance of spring the rose did greet,
The bulbul found with love replete;
Not designed to seek its old retreat,
Nor for its luring nest did look!

ڏنو وڃي تہ انگريزي ترجمو صرف مٿين ٻن سٽن جو مفهوم ظاهر ڪري ٿو، پر اصل معنيٰ جو زور پوين ٻن سٽن ۾ آهي. ڪهڙو نہ چڱو ٿئي ها جيڪڏهن محترم عبدالغفار سومرو صاحب اسان کي هن سڄي غزل جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏئي ها.

"صوفي لا ڪوفي" سنڌي ادبي بورڊ پنهنجي روايتي طباعتي حسن ۽ معيار سان سينگاري شايع ڪيو آهي. ان جو سرورق وڻندڙ آهي. ٣٣٦ صفحن جي هن ڪتاب جي قيمت سؤ رپيا مناسب رکي وئي آهي. سنڌي ادبي بورڊ جي بوڪ اسٽال تلڪ چاڙهي حيدرآباد وٽان ملي سگهي ٿو.

- ڊاڪٽر حبيب الله صديقي

•

## سنڌالاجيءَ جا نوان ڇپيل ڪتاب:

هن وقت سنڌ اندر سرڪاري سرپرستيءَ ۾ جيڪي اشاعتي ادارا ڪم ڪن ٿا، انهن ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي وڏي اهميت رکي ٿو. سنڌالاجيءَ نہ رڳو هڪ پبلشنگ ادارو آهي، پر ان جو ڪم ڪار ۽ خدمتي دائرو نهايت وسيع آهي. ان ڏس ۾ ڪنهن بہ رسمي تعارف جي ضرورت ڪانهي. هي ادارو هن وقت تائين مختلف ٻولين ۾، جدا جدا عنوانن تي وڏي تعداد ۾ سنڌ بابت ڪتاب ڇاپي منظر تي آڻي چڪو آهي. هن وقت اداري تي نوان ڪتاب پڌرا ڪيا آهن.

## (۱) سنڌالاجيڪل اسٽڊيز ۱۹۹۲ع

سنڌالاجي تحقيقي، علمي ۽ ادبي خدمتن جي پوراٽي لاءِ ٻہ جرنل شايع ڪري ٿو: "سنڌالاجيڪل اسٽڊيز" (انگريزي) ۽ "سنڌي ادب" (سنڌي)، برٽش دور ۾ ڪن سڄاڻ علمي ماڻهن "سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي" ناهي، ان پاران انگريزي زبان ۾ هڪ ٽماهي جرنل جاري ڪيو. هن جرنل سنڌ بابت مختلف رخن کان تحقيقي مقالا شايع ڪيا. هي سوسائٽي ۽ جرنل ويهارو کن سال سنڌ جي خدمت ڪندا رهيا.

سال ۱۹۷۵ع ۾ سنڌ جي مشهور علمي ۽ تعليمي شخصيت پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاهہ صاحب، ساڳئي جذبي ۽ مقصد سان، انگريزي زبان ۾ هڪ جرنل "سنڌ ڪنارٽرلي" جاري ڪيو. هي رسالو ٽماهي آهي ۽ گذريل ايڪويهن سالن کان باقاعده ڇپجندو رهي ٿو. هن رسالي سنڌ بابت مختلف رخن کان، همعصر سماجي، سياسي ۽ ادبي گهرجن کي آڏو رکي وڏي خدمت ڪئي آهي.

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ علمي ۽ ادبي لحاظ کان شيخ اياز جي وائيس چانسيلريءَ جو زمانو وڏي اهميت رکي ٿو. هي اهو دور آهي جڏهن شيخ صاحب انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ پاران هڪ انگريزي ۽ ٻيو سنڌي جرنل ڪڍڻ جي منظوري ڏني. سال ۱۹۷۷ع ۾ انگريزيءَ ۾ "سنڌالاجيڪل اسٽڊيز" نالي ڇهہ ماهي جرنل جاري ڪيو ويو. هي جرنل ڪجهہ وقفن سان بهرحال ڇپبو رهي ٿو. تبصري هيٺ آيل شمارو سال ۱۹۹۲ع جو گڏيل پرچو آهي ۽ دعويٰ ڪيل آهي تہ مجموعي طرح سان هي ٽيويهون شمارو آهي. سال ۱۹۹۲ع جو پرچو، سو بہ گڏيل حالت ۾، سال ۱۹۹۵ع جي آخر ڌاري منظر عام تي آيو آهي، جنهن مان اداري جي ڪم ڪار جي رفتار، مجبورين ۽ محرومين جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. ان سڄي ماجرا جي باوجود هن رسالي بهرحال سنڌ جي وڏي علمي خدمت ڪئي آهي.

تبصري هيٺ آيل شمارو ("سنڌالاجيڪل اسٽڊيز") ڊاڪٽر رفيعہ احمد شيخ ايڊٽ ڪيو آهي. محترمہ جو تعلق سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڊپارٽمينٽ آف لئبرري سائنس ۽ انفرميشن سان آهي. جڏهن تہ ان کان اڳ هي پرچو نامور عالم جناب مظهر يوسف ايڊٽ ڪندو ٿي آيو. هن پرچي ۾ ڪل اٺ مقالا آهن، جن جو تعلق سنڌ جي مختلف رخن کان ڏسجي ٿو. مقالہ نگارن ۾ مارٽن مونر، ايم. ايچ. پنهور، ڊاڪٽر المرڪيو ٻُٽ، محمد رفيق ڏناڻي، گل محمد مستوئي، پروفيسر الهہ وسايو راڄڙ ۽ محبوب اختر پناڻ جا نالا ڏسجن ٿا. انهن ۾ وري بہ ٻُٽ صاحب جو مقالو وڏي اهميت رکي ٿو. هن صاحب اخبار "هندواسي" بابت هليل بغاوت ڪيس کي بحث جو موضوع بڻايو آهي، جنهن جا مکيہ ڪردار ڊاڪٽر ايچ. ٽي. سورلي ۽ جيٺمل پرسرام گلراجاڻي جهڙا عالم فاضل بنيا هئا. پناڻ صاحب جي مقالي ۾ سنڌي زبان جي ببليوگرافين ۽ ڪيٽلاگ جو جائزو ورتل آهي. هن مقالي تي علمي لحاظ کان بہ اعتراض ڪري سگهجن ٿا. هڪ تہ هي جائزو خالص سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان ڪونهي، ٻيو تہ ان ۾ داخل ٿيل مواد ۾، ڪن ادارن جي ڇپيل ڪتابن جي فهرستن کي بہ درج ڪيو ويو آهي؛ جڏهن تہ عنوان ۽ مواد جي لحاظ سان هي مطالعو سنڌ جي ببليوگرافين ۽ ڪيٽلاگن تي مبني آهي. انگريزي ان جو درست عنوان "Bibliographyies and catalogues of Sindh" هجڻ کپي ها. پرچي جي آخر ۾ ايڊيٽر جي قلم مان مقالہ نگارن جو تعارف ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ الائي ڇو محبوب اختر پناڻ جي ڄاڻ سڃاڻ نہ ڏني وئي آهي.

## سنڌي ادب: ۱۹۹۴ع.

"سنڌي ادب" جرنل ۱۹۷۶ع ۾ جاري ٿيو. ان جو پهريون شمارو "قائد اعظم نمبر" ٿي ظاهر ٿيو هو. هي جرنل پڻ انگريزي جرنل وانگر وقفن سان ڇپجندو رهي ٿو. تبصري هيٺ آيل "سنڌي ادب" سال ۱۹۹۴ع جو پهريون

شمارو ٿي منظر تي آيو آهي. ناشر پاران ٻڌايو ويو آهي تہ هن پرچي سان جرنل ٻارهين جلد ۾ داخل ٿي ويو آهي. هي پرچو مشهور اديب ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي صاحب ايڊٽ ڪيو آهي. هن پرچي جا ڪي مقالہ نگار ۽ مقالا هنريت آهن: "حيدر خان جوڻيجو" (ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو)، "سنڌ ۾ دراوڙ" (ڊاڪٽر گلاب راءِ اوڏ)، "شمس العلماء مرزا قليچ بيگ" (ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي) ۽ "لجالت - هڪ سنگين سماجي ڏوهہ" (تنوير جوڻيجو) وغيره. ان کان علاوه ميمڻ عثمان اديب ۽ بشير احمد ميمڻ صاحب جا مقالا پڻ هن پرچي جو سينگار بڻيا آهن. هن سڄي پرچي جو ڀرپور مقالو تنوير جوڻيجو لکيو آهي. تنوير جوڻيجو صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ جي سوشالاجي ڊپارٽمينٽ جي پروفيسر آهي ۽ سندس علمي ۽ ادبي حيثيت تسليم ٿيل آهي. هميشہ کان هر پرچي جي آخر ۾ "سنڌالاجي" جي ساليانہ ڪارڪردگي جي رپورٽ ڏني ويندي آهي، البتہ هن پرچي ۾ دستور ٽوڙيو ويو آهي. ضرورت آهي تہ اداري جا اهلڪار ٻين ڪمن سان گڏ ٻنهي جرنلس جي باقاعده اشاعت طرف توجهہ ڏين .

## خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو

ڊاڪٽر عطا محمد حامي مرحوم جو نالو موجوده دور جي ادبي تاريخ ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. پاڻ هڪ سٺو شاعر ۽ بهترين مقالہ نگار هو. ناليرو محقق هو ۽ وڏي ڳالهہ تہ سچل سرمست جو معتبر پارکو هو. سچل سرمست بابت سندس تحقيق ۽ مطالعو وڏي اهميت رکي ٿو. حامي صاحب نہ رڳو ايترو پر هڪ پلوڙ انسان هو ۽ "منڙو ماڻهو" هو. جن کيس ڏٺو، ٻڌو ۽ گفتگو ڪئي، اهي سڄي عمر هن کي وساري نہ سگهندا. حامي صاحب ۱۹۸۲ع ۾ وفات ڪئي. سندس وفات کان پوءِ بہ سندس متعدد ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا آهن. سندس تازي ۾ تازو ڪتاب: "خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو" نالي سان ڇپجي منظر تي آيو آهي. هي اصل ۾ هڪ ٿيسز آهي، جا سنڌيونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ سال ۱۹۷۷ع ۾ ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري لاءِ پيش ٿي هئي ۽ مصنف کي پي. ايڇ. ڊي جي سند عطا ٿي هئي.

سترهين صديءَ جي خاتمي ڌاري سنڌ ۾ ڪلهوڙن جو راڄ قائم ٿيو. هڪ صديءَ جي حاڪميت کان پوءِ ڪلهوڙا منظر عام تان هٽي ويا ۽ ميرن جو راڄ قائم ٿيو. شروع کان ڪري ٽالپرن ۾ اندروني طور تي ڪابہ مفاهمت نہ ٿي سگهي. هڪٻئي ۾ شڪ گمان وڌندا ويا ۽ هرڪو پاڻ کي سنڌ جو فاتح سڏائڻ لڳو. ميان يار محمد، ميان نور محمد ۽ ميان غلام شاهہ جان جي بازي لڳائي سنڌ جي اتحاد ۽ وقار کي بحال ڪيو هو. نادر شاهہ ۽ احمد شاهہ جي حملن ۽ سنڌ دشمن عملن مان ملڪي وحدت ۽ جاگرافيءَ کي سلامتيءَ سان پار ڪيو. ۱۷۹۳ع ۾ نوبت اتي پهتي جو ميرن ملڪ جو ورهاڱو ڪيو ۽ سنڌ ٽن رياستن ۾ تقسيم ٿي. وڏو ۽ مرڪزي حصو حيدرآباد جي مير فتح علي خان کي مليو جي شهداداڻي مير سڏبا هئا. ٻيو حصو مير ٺاري خان کي مليو جي مانڪاڻي مير سڏبا هئا. سندن هيڊ ڪوارٽر ميرپورخاص بڻيو. هي ٻئي رياستون سرچارلس نيپيئر هٿان ۱۸۴۳ع ۾ ختم ٿيون. ٽيون حصو مير سهراب خان کي مليو ۽ اڳتي هلي هي سهراباڻي مير سڏيا ويا. خيرپور جو شهر هنن ميرن جو آباد ڪيل آهي.

مطالعي هيٺ آيل ڪتاب "خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو" سهراباڻي ميرن جي دور حڪومت جي مطالعي تي مبني آهي. مير سهراب خان کان پوءِ مير رستم خان حاڪم بڻيو. سر چارلس نيپيئر هن کي مير علي مراد خان جي مدد سان ڊوڙايو ۽ رستم خان اچي حيدرآباد ۾ پناهہ ورتي. نيپيئر ۱۸۴۳ع جي فتوحات کان پوءِ بہ رياست خيرپور کي برقرار رهڻ ڏنو ويو ۽ مير علي مراد خان کي نئون حاڪم تسليم ڪيو. ان بعد مير فيض محمد اول، مير امام بخش خان، مير علي نواز خان، مير فيض محمد ثاني ۽ مير علي مراد خان ثاني، رياست

جا حڪمران ٿي گذريا. هي رياست قيام پاڪستان کان پوءِ به قائم رهي. ١٩٥٥ع ۾ ون يونٽ ٺاهي رياستن ۽ صوبن کي ختم ڪري اولهه پاڪستان جو صوبو وجود ۾ آندو ويو، تڏهن خيرپور جي ميرن جو راڄ به پورو ٿيو. خيرپور کي ضلعو بڻايو ويو. ان ريت نئين انتظام هيٺ ان کي ڊويزنل هيڊ ڪوارٽر به مقرر ڪيو ويو.

١٧٨٣ع ۾ هي رياست وجود ۾ آئي ۽ برابر هڪ سؤ ٻاهٺ سال قائم رهي. حامي صاحب جي هن ٿيسز ۾ انهيءَ سموري دور جو ڀرپور جائزو ورتل آهي. هن ٿيسز ۾ ڪل پندرهن باب هن ريت آهن:

باب پهريون: خيرپور جي جاگرافي.

باب ٻيون: خيرپور جو تعارف ۽ قديم آثار.

باب ٽيون: ٽالپرن جو حسب نسب ۽ اوائلي احوال.

باب چوٿون: ٽالپرن جي سياسي تاريخ ۽ ان ۾ خيرپور جي ميرن جو حصو.

باب پنجون: خيرپور جا حاڪم.

باب ڇهون:خيرپوري ٽالپرن جو ملڪي نظام.

باب ستون: خيرپور جي ميرن جو ادب، تعليم ۽ تدريس ۾ حصو.

باب اٺون: ميرن جي تهذيب ۽ تمدن جو مطالعو.

باب نائون: سنڌي ٻوليءَ جو خيرپوري لهجو.

باب ڏهون: ميرن متعلق لطيفا.

باب يارهون: ميرن جو گهريلو لوڪ ادب.

باب ٻارهون: مشاهير: - مير، وزير ۽ ديوان.

باب تيرهون: مشاهير:- فوجي سردار ۽ سرائي.

باب چوڏهون: مخدوم، قاضي ۽ عالم.

باب پندرهون: پير، فقير ۽ شاعر.

آخر ۾ به ضميما، ببليوگرافي ۽ انڊيڪس ڏني وئي آهي. ان ريت ڪتاب جي اهميت ۾ اجا به واڌارو ٿيو آهي.

ڊاڪٽر عطا محمد حامي مرحوم هن تحقيقي مقالي لکندي وڏي محنت ڪئي ڏسجي ٿي. هزارين ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪتاب، مقالا، مضمون ۽ مونو گراف هڪ طرف ڪتب آندا ويا آهن ۽ ٻئي طرف سوين راوين جي صدري روايتن کي ڪم آڻي، هن تاريخي ۽ تحقيقي داستان کي مڪمل ڪيو ويو آهي. ڏسجي ٿو ته حامي صاحب هن تحقيقي ڪم دوران سابقه رياست جو چپو چپو گهمي گهربل معلومات جا موتي ميڙيا آهن. ڊڙن، ٻڙن، شڪارگاهن، شهرن ۽ ڳوٺن کي ڏسي مطالعي کي سگهارو بڻايو ويو آهي. خاطري آهي ته رياست خيرپور بابت اهڙو شاهڪار تحقيقي مطالعو، صرف ۽ صرف ڊاڪٽر عطا محمد حامي ئي ڪري سگهيو ٿي، ڇو ته پاڻ نه رڳو اعليٰ پايي جو اديب هو، ليڪن هن جو تعلق به خيرپور رياست سان هو. پاڻ ٽالپرن جي آخري حاڪمن کي اکين سان به ڏٺائين ۽ ڪجهه وقت رياستي اسيمبليءَ جو ميمبر به رهي چڪو هو. مقدمي ۾ ڏيکاريل آهي ته پاڻ ڪافي نقشا، ڊرائنگ ۽ تصويرن جو عمدو سيٽ به ٿيسز ۾ شامل ڪيو هئائين. پبلشر کي گهرجي ها ته انهن مان ڪن جي چونڊ ڪري ڪتاب ۾ شامل ڪجن ها. ان ريت ڪتاب جي اهميت اجا به وڌي وڃي ها. حامي صاحب هن ٿيسز ۾ رياست جو ڀرپور مطالعو پيش ڪيو آهي. هڪ سنجيده محقق ۽ مورخ جي حيثيت ۾ پاڻ حاڪمن تي جائز رائزني به ڪئي اٿس، پر جارحانه ۽ تضحيڪي انداز کان

لکيو آهي، جنهن ۾ پروفيسر عبدالله مگسي جي حياتيءَ جي احوال کي مختصر ليڪن تمام سهڻي نموني سان بيان ڪيو ويو آهي. ان کان پوءِ ڪتاب جو مهاڳ سنڌ جي مشهور شاعر ۽ دانشور جناب تاج جويي جو لکيل آهي، جنهن ڪتاب ۾ آيل سموري مواد جو سرسري مطالعو پيش ڪيو ويو آهي.

هي ڪتاب مواد جي ترتيبي لحاظ کان اٺن ڀاڱن تي مشتمل آهي. پهرئين ڀاڱي ۾ پروفيسر عبدالله مگسي جا ٽي انٽرويو ڏنل آهن، جن جي پڙهڻ سان پروفيسر صاحب جي سوانح ۽ فڪر متعلق ڪافي معلومات ملي سگهي ٿي، ٻئي ڀاڱي جي پهرئين حصي الف ۾ اٺ مقالا شامل آهن. انهن مقالن ۾ سواءِ ٽن مقالن جي ٻين سڀني جو تعلق ايران ۽ مصر جي قديم تاريخ سان آهي. ٽن مقالن: هندي آرين جون فتحون، هندي آريائي فلسفو ۽ وادي سنڌ ۽ دنيا جون قديم تهذيبون ۾ سنڌ متعلق ڪافي معلومات سمايل آهي. انهي ڀاڱي جي ٻئي حصي ب ۾ ٻارهن مقالا آهن، جن سڀني جو تعلق سنڌ جي سياسي ۽ مذهبي تاريخ سان آهي. انهن مقالن ۾ ٻن مقالن: دادو جي ڪڇي ۽ ڪاڇي متعلق معلومات ۽ ملڪ معظم انگلستان جو فرمان (ترجمو) کان سواءِ ٻيا سمورا مقالا سنڌ جي ڪلهوڙا دور سان واسطو رکن ٿا. اهي مقالا درحقيقت هن ڪتاب جي جان آهن، جو انهن ۾ ڪلهوڙا دور متعلق قيمتي ۽ بهترين تحقيقي معلومات موجود آهي. پروفيسر عبدالله مگسي جي ڇپيل مقالن جي پهرئين مجموعي "سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو" ۾ به ست مقالا اهڙا شامل آهن جن جو زياده تر تعلق ڪلهوڙا دور سان آهي.چڱو ائين ٿئي جو ٻنهي ڪتابن مان ڪلهوڙا دور متعلق سمورا مقالا علحده ڪري، هڪ ٻئي جدا ڪتاب ۾ ترتيب ڏيئي ڇپايا وڃن ته جيئن پروفيسر عبدالله مگسي جي ڪلهوڙن متعلق گڏ ڪيل سموري محنت ۽ معلومات هڪ هنڌ جمع ٿي ۽ پڙهندڙن کي به ڪلهوڙا دور متعلق اهو قيمتي احوال آساني سان هڪئي ڪتاب مان ملي وڃي.

ڪتاب جي ٽئين ڀاڱي ۾ موجوده سياست ۽ سماجيات تي ٻارهن مضمون ۽ مقالا ڏنا ويا آهن، جن ۾ پاڪستان ۽ سنڌ جي موجوده سياسي صورتحال تي تمام قيمتي معلومات موجود آهي. انهن مان چند مضمون سنڌ جي سماج تي تمام سٺي روشني وجهن ٿا، جهڙوڪ "سنڌي معاشري ۾ اجنبيت جو احساس ۽ عورت جي سماجي حيثيت" وغيره. مطلب ته ڪتاب جو هي حصو سنڌ ۽ پاڪستان جي جديد تاريخ لکڻ وارن لاءِ تمام سٺي ڄاڻ مهيا ڪري ٿو.

ڪتاب جي چوٿين ڀاڱي جي پهرئين حصي الف ۾ ادبي مضمون ۽ چند ڪتابن تي تبصرا شامل آهن. هي حصو سنڌي ادب جي تاريخ متعلق بهترين اثاثو آهي، جو انهي ۾ سنڌي ادب متعلق تمام قيمتي مواد موحود آهي.ٻئي حصي ب ۾ پروفيسر صاحب جون مختلف رسالن ۾ ڇپيل چار ڪهاڻيون ڏنيون ويون آهن، جيڪي پڻ سنڌي ادب جو قيمتي سرمايو آهن.

ڪتاب جي پنجين ڀاڱي ۾ سنڌ جي چند سياسي ۽ ادبي شخصيتن جي زندگي متعلق يعني انهن جي سوانح تي تمام تفصيل سان روشني وڌي ويئي آهي. انهي حصي ۾ نو مضمون آهن جن ۾ خلافت تحريڪ جو هڪ ڪارڪن "محمد سهراب مگسي، محمد امين کوسو، ابوبڪر خان مگسي، الله جڙيو انصاري ،حڪيم محمد مراد، حڪيم شفيع محمد چنا، سڪندر اعظم مگسي (جيڪو پروفيسر عبدالله مگسي جو ننڍو ڀاءُ هو ۽ ضياءُ دور ۾ اهلڪارن هٿان شهيد ٿي ويو هو.) انيمري شمل ۽ ميان قادر بخش مگسي جي زندگي جو تفصيلي احوال شامل آهي. هن ڪتاب جو هي حصو پڻ سنڌ جي سياسي ۽ ادبي تاريخ جو قيمتي سرمايو آهي.

ڪتاب جي ڇهين ڀاڱي ۾ چار مضمون شامل آهن.جي ترجمو ٿيل آهن. اهي سڀ مضمون (سواءِ هڪ مضمون جي) ٻاهرين اديبن جا لکيل آهن، جهڙوڪ چنگيز اعتماتوف ۽ ايملڪار ڪبرال وغيره. هڪ مضمون "فطرت کي

جيئن مون ڏٺو" قاضي فيض محمد جو لکيل آهي.

ڪتاب جي ستين ڀاڱي ۾ آيل مواد جو عنوان "مطالعي جي ميز تان" آهي. هن حصي ۾ اهڙو مواد شامل ڪيو ويو آهي، جيڪو پروفيسر عبدالله مگسي، مختلف ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن جي مطالعي دوران وقت بوقت پنهنجي پسند مطابق پنهنجي نوٽ بوڪ ۾ نوٽ ڪند و رهيو آهي. هي مواد به قيمتي ۽ معلوماتي آهي. انهي مواد مان هڪ مثالي ٽڪرو هيٺ پيش ڪجي ٿو، جنهن جو عنوان آهي "آمريت جي واڌ ڪيئن ٿيندي آهي."

"اقتصادي بحران سياسي عدم استحڪام کي جنم ڏيندو آهي، جنهن ڪان گهبرانجي سرمايدار ۽ ان جون معاون جماعتون پنهنجي منهن تان جمهوريت جو نقاب لاهي ميدان تي ايندڀون آهن ۽ آمريت قائم ٿيندي آهي. هر آمريت فاشزم جي جهنڊي ۽ نعري هيٺ وڌندي آهي."

ڪتاب جي انهي مواد ۾ ڪيترن ئي ڏاهن، مفڪرن، سياستدانن ۽ اسڪالرن جا سونهري قول به شامل ڪيا ويا آهن. اهڙي مواد مان افلاطون جو هڪ قول هيٺ ڏجي ٿو. "رياست ڪنهن وڻ يا جبل جي ٽڪري مان وجود ۾ نٿي اچي، پر اها ماڻهن جي ڪردار سان ئي جنم وٺي ٿي جيڪي ان ۾ رهن ٿا."

ڪتاب جي انهي حصي ۾ شامل چوند مواد مان اسان کي پروفيسر عبدالله مگسي جي سياسي ۽ ادبي مطالعي جي چڱيءَ ريت پروڙ پئجي سگهي ٿي ۽ سندس پسند واري پهلوءَ تي پڻ ڪافي روشني پوي ٿي.

ڪتاب جي اٺين ۽ آخري ڀاڱي جو عنوان "ڊائريءَ جو ورق" آهي. اهو حصو اهڙي مواد تي مشتمل آهي، جنهن ۾ پروفيسر عبدالله مگسي ۴-اپريل ۱۹۷۹ع کان وٺي ۴-اپريل ۱۹۹۱ع تائين وقت بوقت دنيا جي ملڪن ۾ ٿيندڙ مختلف سياسي ۽ سماجي واقعا ۽ پنهنجي روزمره جي زندگي مان چند خاص ڏينهن متعلق ڄاڻ پنهنجي ذاتي ڊائري ۾ لکندو رهيو آهي. ڪتاب جو هي حصو ٻاهرين دنيا ۽ خاص طور تي پاڪستان ۾ ٿيندڙ وقت بوقت ڪيترن ئي تاريخي ۽ سياسي واقعن متعلق قيمتي ڄاڻ مهيا ڪري ٿو ۽ انهن واقعن تي سٺي ۽ ڀرپور روشني وجهي ٿو. پروفيسر عبدالله مگسي اهڙن واقعن کي تاريخوار پنهنجي ڊائري ۾ نوٽ به ڪندو ويو آهي ۽ پنهنجي طرفان ان تي پنهنجا خيال ۽ رايا به لکندو رهيوآهي. مثال خاطر ڊائري مان ورتل چند واقعا هيٺ ڏجن ٿا.

۴. اپريل ۱۹۷۹ع- "مسٽر ڀٽي کي سندس بروٽس جي هٿان شهيد ٿيڻو پيو، (اڄ ڪيس ڦاسي ڏني وئي) ڪيس رات جو ٻين بجي ڦاسي ڏني وئي."

۳۱. آڪٽوبر ۱۹۸۴ع- "نواب شاهه کان رائيوند ڏانهن تبليغي جماعت وارن سان گڏ اسپيشل بوگي ( ٽرين) وسيلي پانڌي خان، مان ۽ رشيد ڏاهري گڏجي وياسون."

ڪتاب جو هي حصو به قيمتي ۽ اهم آهي. سنڌ ۽ پاڪستان جي جديد تاريخ لکڻ ۽ پروفيسر عبدالله مگسي جي سوانح متعلق هن ۾ ڪافي مواد موجود آهي. هن حصي مان پروفيسر عبدالله مگسي جي سياسي ۽ مذهبي لاڙن متعلق معلومات حاصل ٿي سگهي ٿي.

ڪتاب جي آخري صفحن تي مگسي قوم جا چار شجرا شامل ڪيا ويا آهن، جن جو تعلق پروفيسر عبدالله مگسي جي خاندان سان آهي. اهي شجرا سنڌ جي سماجي تاريخ لکڻ مهل ڪافي ڄاڻ ڏيئي سگهن ٿا.

هي ڪتاب به ٻين ڪتابن وانگر پروفن جي غلطين سان ڀريو پيو آهي. اميد ته ڪتاب جي ٻئي ايڊيشن ۾ انهن کي سڌاريو ويندو. - **محمد پنهل ڏهر**

●

# ڪينجهر - (٦)

گذريل ڪجھ سالن کان سنڌيونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي پاران تحقيقي جرنل "ڪينجهر" نڪرندو رهي ٿو، جنهن جا اڪثر ليکڪ سنڌي شعبي جا استاد هوندا آهن. هميشھ جيان هن سال بہ "ڪينجهر" (٦) ٩٥-١٩٩٤ع پڌرو ٿيو آهي. هي تحقيقي جرنل سنڌي شعبي جي سرواڻ پروفيسر ڊاڪٽر قاضي خادم جي سربراهيءَ ۾ نڪتل آهي، جڏهن تہ ڊاڪٽر هدايت پريم "ڪينجهر" جو ايڊيٽر آهي ۽ ميمبرن ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ۽ ڊاڪٽر غلام حسين پُنهل شامل آهن.

هن شماري جا سمورا مقالا معياري ۽ تحقيقي نوعيت جا آهن، جن جو تعداد ڏهہ آهي. سڀ کان پهريائين "گذارش" جي عنوان سان ڊاڪٽر قاضي خادم ايڊيٽوريل لکيو آهي. ان کان پوءِ سنڌيونيورسٽيءَ جي اڳوڻي وائيس چانسلر ڊاڪٽر غلام علي الانا جو "پيغام" ڏنل آهي. هن شماري ۾ جن ڏهن ليکڪن جا مقالا شايع ڪيا ويا آهن انهن جي سڃاڻ "ليکڪن جو مختصر تعارف" جي عنوان سان ڪرائي وئي آهي.

پهريون مقالو ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جو "مخدوم صاحب جي سرپرستي هيٺ نڪتل بہ ادبي رسالا" ڏنل آهي، جنهن ۾ مخدوم طالب المولىٰ صاحب جي نگرانيءَ ۾ نڪتل ٻن اهم رسالن "روحِ ادب" ۽ "شاعر" جو تعارف پيش ڪيو ويو آهي. ٻيو مقالو "شاهہ جي ڪلام ۾ روحاني حسن" جي عنوان سان ڊاڪٽر غلام حسين پُنهل جو ، لکيل آهي، جيڪو شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ روحاني حسن کي نمايان ڪرڻ ۾ تحقيقي نوعيت جو لکيل بهترين مقالو آهي. ٽيون مقالو "سنڌي جيون ڪٿائي جو مطالعو" ڊاڪٽر قاضي خادم جو لکيل آهي. هي مقالو بہ اهميت وارو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي چند اهم شخصيتن جي لکيل آتم ۽ جيون ڪٿائين جو ذڪر ڪيل آهي. ان لاءِ ليکڪ جي هن راءِ "هتي ڪن اهڙين آتم ۽ جيون ڪٿائين جو بيان ٿو ڪجي، جن ۾ سنڌ جي تعليمي ۽ سماجي حالات جو نقشو چٽيل آهي" ، مان مقالي جي اهميت نروار ٿئي ٿي. چوٿون مقالو "سُندري اُتمچنداڻي" جي عنوان سان آهي، جيڪو محترمہ نور افروز خواجہ لکيو آهي، جنهن ۾ سُندريءَ جي ناولن ۽ ڪهاڻين جو جائزو پيش ڪيو ويو آهي. پنجون مقالو ڊاڪٽر قاسم ٻگهيي جو لکيل آهي ۽ عنوان اٿس، "لسانيات کان سماجي لسانيات تائين" ، جنهن ۾ هڪ اڀياس پيش ڪيو ويو آهي. ڇهون مقالو ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب جو "ڪڇ ۽ لاڙ جا علمي تعلقات" جي عنوان سان آهي، جنهن ۾ لاڙ ۽ ڪڇ سان واسطو رکندڙ ٻن اهم عالمن عبدالرحمان ڪانپانيءَ ۽ مخدوم عبدالله نرئي واري جي تصنيفن ۽ علمي خدمتن جو تذڪرو ڪيل آهي. ستون مقالو عبدالقيوم صائب جو لکيل "پرمانند ميوارام" آهي، جنهن ۾ پرمانند جي شاندار علمي ۽ ادبي خدمتن کي اجاگر ڪيو ويو آهي. اٺون مقالو "سنڌي ٻوليءَ جو اُترادي لهجو" جي عنوان سان، هدايت پريم صاحب جو لکيل آهي. هن مقالي ۾ ٻرک عالمن ۽ ٻوليءَ جي ماهرن جي حوالن سان، سنڌ جي اتر وارن علائقن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لهجي جو مختصر اڀياس پيش ڪيو ويو آهي. نائون مقالو "خاڪپاڻي مرتضىٰ شهدادخان" جي عنوان سان، ڊاڪٽر قمر جهان ميرزا جو لکيل آهي. جنهن ۾ ٽالپر خاندان جي چشم وچراغ مير شهداد خان جي علمي ۽ شاعرانہ ذوق تي روشني وڌي وئي آهي. آخري ۽ ڏهون نمبر مقالو لکيو آهي محترمہ تهمينہ سڪندر، جنهن جو عنوان آهي "سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ علامت نگاري."

مطلب تہ "ڪينجهر" (٦) جا سڀ مقالا وڏي اهميت ۽ افاديت وارا آهن. هت اها ڳالهہ بہ وضاحت جوڳي آهي تہ هن 'ڪينجهر' (٦) جا ڪجھ مقالا اڳ بہ ڇپيل آهن. ٻئڪ ٽائيٽل تي، سنڌ جي اديبن جي هڪ ناياب تصوير ١٩٥٨ع جي نڪتل ڏني وئي آهي. سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جا سرواڻ ۽ ميمبر مبارڪباد جا مستحق آهن، جيڪي باقاعدگيءَ سان "ڪينجهر" ڪڍندا اچن ٿا. هي تحقيقي جرنل نہ رڳو ادبي ذوق رکڻ وارن لاءِ ڪارگر آهي پر شاگردن لاءِ پڻ اهميت وارو آهي. -- **امام راشدي**

## لفظن جو ماتم:

"درد جو صحرا" ۽ "خوشبوءِ جو زهر" تاج بلوچ جي دردن جو اتهاس آهن جيڪي هن پوڳيا آهن ۽ ان اتهاس ۾ هڪ ٻيو درد "لفظن جو ماتم" جي صورت ۾ شامل ٿيو آهي. درد، جيڪي تاج جي شاعريءَ ۾ مختلف نمونن سان اوتجي اچن ٿا. تاج هڪ حساس دل رکندڙ شاعر آهي. هن پنهنجي شاعري کي غم جانان يا ٻي صورت ۾ داخلي "احساسن تائين محدود نہ رکيو آهي. هو پنهنجي ذات کان ٻاهر ڏسي ٿو. ڪيس پاڻ جهڙا ڪيئي دکي انسان ملن ٿا، جن جي ڏک جي نوعيت تہ مختلف آهي پر ان جي پوڳنا ساڳي آهي، تاج پنهنجي ذات جا رنگ نکيريا آهن ۽ خارجي "Objective" احساسن کي بہ شعرن ۾ سمايو اٿس. سندس هر غزل، نظم، قطعو سندس درد جو عجيب قصو آهي. تاج منهنجي انهن چند پسنديده شاعرن مان آهي، جن وٽ شعر جو انداز، بيان/ لهجو نج آهي. ان تي ڪنهن بہ سهيوڳي شاعر جو اثر حاوي ٿي نہ سگهيو آهي. تاج وٽ اظهار جو ڏانءُ نهايت دلفريب ۽ نرالو آهي.

زندگي گهاريم پنهنجي گمنام تنهنجي شهر ۾،
پوءِ پي سو سو لڳا الزام تنهنجي شهر ۾.

۽ اظهار جو اهو ڏانءُ مون سندس ٿهيءَ جي گهڻ شاعرن ۾ ڏٺو آهي. تاج جا غزل ڪليل اڱڻ، چانڊوڪي رات ۽ ڏکڻ جي هير ۾ پڙهندي من کي ڪيڏي نہ عجيب راحت ملندي آهي. "لفظن جو ماتم" ۾ شامل غزل/ نظم/ قطعا سندس دردن جا سڌيءَ يا اٿسڌيءَ طرح عڪاس آهن.

"لفظن جي ماتم" ۾ شامل غزلن جا ڪجھ بند اوهان لاءِ هتي پيش ڪجن ٿا.

رنگ ۽ خوشبوءِ جا سارا سلسلا تنهنجون گهٽيون،
دل جو پر ويران آهي گام تنهنجي شهر ۾.

•

گهر ڪي ٻاري ڪريو ڏياري تا،
پوءِ ڪهڙي مڪان ۾ رهبو،
ڪو نئون موڙ ڏيو فساني کي،
ڪيترو داستان ۾ رهبو.

•

روح ۾ ساريون لٿيون جي تلخيون،
ڪير موسم جو قصيدو لکندو،
گهر جي ڪنڊڪين ۾ پيو خوف نچي،
ڪهڙو محفوظ ڪو رستو لکندو.

•

تنهنجي منخاني جي ڪڙڪي نه ڪلي،
رند تڙپي ۽ مسري ويا آهن،
رات باقي نه ستارا باقي،
مڌ ۾ منخانا تري ويا آهن.

تاج نظم جو به خوبصورت ڪوي آهي. تاج جاڳي ٿو، عذاب شهر جا رستا جهاڳي ٿو. درد جي سمورن رستن تي روشني پوکي قافلا روان ۽ دوان ٿو ڪري، پر پوءِ به الاني ڇو سندس نظم "جوالا مکي" ۾ مايوسي جو احساس اڀري ٿو اچي:

"اها ٿي اونداهي،
محبتن جون سموريون جي موسمون آيون،
غريب ٻار جيان بي ثمر رهياسين اسين،
فلڪ ۽ پوني جي وچ ۾.
جو درد رشتو هو،
دوام ان ڪي ڏنوسين ۽ پنهنجي قسمت ۾،
رهيون اهيئي اڳوٿيون تمام دربدريون،
ٺري ٺري نه ٺريو سو ڪڏهن جوالا مکي!"

تاج جا نظم آمريت ۽ بربريت واري دور جي پيداوار آهن. تاج جا نظم محبتن ۽ خوشبو ڏانهن ويندڙ رستو آهن، ۽ تاج محبتن ۽ خوشبوءِ جو مسافر آهي. هو ماڻهن جي هجومن ۾ پاڻ کي اڪيلو ٿو ڀانئي، ۽ اڪيلو رهجي وڃڻ جو ڏک ئي ڪانئس ڪرب ڏيندڙ ستون ۽ زندگي جا نوحا لکائي ٿو.

"لفظن جو ماتم" تي سرسري نظر وجهڻ سان اهو معلوم ٿئي ٿو ته تاج غزل جو تخليقي شاعر آهي. غزل ۾ خيالن، منظرن ۽ تشبيهن جا خوبصورت رنگ پرڻ ڪو تاج ڪان سکي. "لفظن جو ماتم" ۾ شامل سموري شاعري حالتن جي ڏک مان سرجي آهي ۽ ڪنهن ڪيڏو نه نيڪ چيو آهي ته شاعري وقت سان Commitment جو نالو آهي ۽ "لفظن جو ماتم" زندگي جي نوحي تي ٿيندو رهي ٿو.

"لفظن جو ماتم" جي نظمن ۾ "سفاڪ آئينا"، "شهر جي جواني"، "نيپالي عوام ڏانهن"، "شعر لکڻ مزدوري آهي" ۽ روح گروي نه رکو" سندس خوبصورت نظم آهن. اوهان تاج بلوچ جي خوبصورت غزلن / نظمن/ قطعن جو مجموعو نه پڙهيو آهي ته منهنجي اوهان کي دوستانه صلاح آهي ته هڪ سو اوٺتيهه صفحن تي ڦهليل، خوبصورت چار رنگي ٽائيٽل ۽ خوبصورت ڇپائي سان سنڌ جي صاحب اسلوب شاعر تاج بلوچ جي نظمن /غزلن/ قطعن جو مجموعو "لفظن جو ماتم" ضرور پڙهي ڏسو. اسٽال تان نه ملڻ جي صورت ۾ ڪلا اڪيڊمي بي- ١٦، اي. ون اپارٽمينٽس-٣، اصفهاني روڊ، گلشن اقبال ڪراچي تان هڪ سو روپين ۾ گهرائي پڙهي سگهجي ٿو.

-جاويد سوز هالائي

●

## ساريان سيئي ڏينهن:

جڳ مشهور ليکڪ ڪرشن چندر جو نالو پڙهندڙن لاءِ ڪو نئون نه آهي. زير تبصره ڪتاب "ساريان سيئي ڏينهن" ڪرشن چندر جي يادگيرين تي مشتمل آهي. ڪرشن چندر جا ڪيترائي ڪتاب، افسانا، ڊراما ۽ ناول سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي چڪا آهن. شايد ئي ٻي ڪنهن ٻوليءَ جي ليکڪ جا ايترا ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجما ٿيا هجن. ان جو هڪ سبب اهو به آهي ته ڪرشن چندر جون لکڻيون سنڌي سماج سان نهڪي اچن ٿيون. ائين پيو محسوس ٿئي ته اهي افسانا ۽ ناول سنڌي سماج جي حالتن جي پس منظر ۾ لکيا ويا آهن. ڪرشن چندر بنيادي طرح طبقاتي ڪشمڪش جو ليکڪ آهي. هو نه رڳو مظلوم طبقي جي حمايت ۾ لکي ٿو پر ان سان گڏ ظالم جي خلاف نهايت دلفريب انداز ۾ پڪاري ٿو. جنهن کي پڙهندڙ چڱيءَ طرح محسوس ڪندو رهي ٿو. زير تبصرو ڪتاب 'ساريان سيئي ڏينهن' منصور اڪيڊميءَ جو ڇپايل آهي. منصور اڪيڊمي جو مقصد نون ليکڪن کي همٿائڻ آهي. ان سلسلي ۾ هن اڪيڊميءَ ڪيترائي نوان لکندڙ متعارف ڪرايا آهن، جن جي نالن جي لسٽ هتي ڏيڻ جي ضرورت نه آهي. صرف سندن ڇپيل ڪتابن جي لسٽ مان ئي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته منصور اڪيڊمي حيدرآباد سنڌ نه رڳو نون لکندڙن کي همٿايو آهي پر ڪن مستحق ليکڪن جا ڪتاب ڇپائڻ ۾ پڻ پيش پيش رهيو آهي.

هن ڪتاب جو مترجم لطيف اياز پنهور نئين ٽهيءَ جو نوجوان شاعر ۽ ليکڪ آهي، جنهن ۾ اڳتي وڌڻ جون سيئي صلاحيتون موجود آهن. اميد آهي ته هو پنهنجي مطالعي ۽ مشاهدي کي اڃا به وڌائيندو ۽ سنڌي سڄڻن کي پڙهڻ لاءِ بهترين ڪتاب ڏيندو رهندو.

هي ڪتاب 'ساريان سيئي ڏينهن' پنهنجي جاءِ تي ڪرشن چندر جي آتم ڪهاڻي يا ننڍپڻ جي يادگيرين تي مشتمل آهي، مگر هڪ اهڙو مڪمل ڪتاب آهي جيڪو سنڌي ٻوليءَ ۾ اڳ ڪڏهن به نه ڇپيو آهي. هن ڪتاب ۾ جنهن انداز سان سماجي برائين، ڏارين، مظلومن، چڱن، مٺن، ننڍن وڏن مطلب ته اوچ نيچ، طبقاتي سوچ رکندڙ توڙي پس پرده رهي ڪم ڪندڙن جو هڪ دستاويز آهي جنهن کي مصنف اهڙي انداز سان پيش ڪيو آهي. جنهن کي پڙهڻ کان پوءِ لکندڙ ۽ مترجم کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي.

هن ڪتاب مان ڪجهه ٽڪرا نموني طور هتي پيش ڪجن ٿا.

".....پر اهو به سچ آهي ته پهاڙيءَ کان هيٺ رهڻ وارن ماڻهن کان سواءِ مٿي رهڻ وارن جو گذارو ٿي نٿي سگهيو. اسان جا ملازم به اتان ئي ٿي آيا. اردلي، بورچي، چوڪيدار، مالهي، خدمتگذار، ڪڪڙيون ۽ بيضا وڪڻڻ وارا، ڪپڙا وڪڻڻ ۽ ڌوئڻ وارا، حجام، موچي، سونارا، لوهار، ڪانير... اهو سچ آهي ته جيڪڏهن پهاڙ کان هيٺ رهڻ وارا ماڻهو نه هجن ته اسان جي گهرن جي چلهه به نه ٻري. پر اها هڪ خطرناڪ حقيقت هئي، جنهن کي سموري علائقي ۾ ڪوبه تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نه هو. اسان سمجهيو ٿي ۽ اسان کي سمجهايو ويندو هو ته اسان جي دنيا بلنديءَ تي قائم آهي، پر انهيءَ بلنديءَ ۾ ڪيڏي نه پستي هئي، انهيءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪير به تيار نه هو....(ص ٧٠-٧١)

"هلي وڃ!" امان ڪاوڙ مان رڙ ڪندي چيو.

"نه، نه! ڪاڪي جي ماءُ!" بابا پريشان ٿيندي چيو، پر امان يڪدم چيو: "تون چپ رهه" پوءِ خانم ڏانهن مڙي هڪڙي آگر ڪڻندي چيائين "سنڌي ٿي هتان هلي وڃ، نه ته هينئر ئي ٿي پوليس کي سڏايان."

"بس هڪ پيرو مون کي ڏسڻ ڏيو." خانم آهستگيءَ سان التجا ڪندي چيو.

"هاڻ هن کي ڏسي ڇا ڪنديءَ؟" امان پڇيو.

"هن سان ڪجهه ڳالهيون ڪرڻ چاهيان ٿي؟" خانم ڏاڍي سادگيءَ سان چيو.

"چري ٿي آهين! مُردن سان ڪير ٿو ڳالهائي سگهي؟"

"آءٌ ڳالهائيندس! خانم ڪامل يقين سان چيو: "مون کي هو هڪ پيرو ڏيکاريو، بس هڪ پيرو."

امان رڙندي پريل آواز سان چيو: "وڃ اياڻي، هلي وڃ، مُردا جيڪڏهن ٻڌي سگهن ها، ته اڄ ڪابه عورت بيوه نه هجي ها؟ ڪوبه ٻار يتيم نه ٿئي ها! پر مُردا ٻڌي نٿا سگهن!"

خانم دير تائين مات رهي. سندس نگاهه ڪڏهن امان تي ۽ ڪڏهن بابا جي چهري تي هئي. آخر هن روح رنجائيندڙ لهجي ۾ چيو: "ٺيڪ آهي، مردا نٿا ٻڌي سگهن، شايد انهيءَ ڪري تون به نٿي ٻڌي سگهين. ڊاڪٽر به نٿو ٻڌي سگهي! هتي ڪوبه ڪنهن جي نٿو ٻڌي. ڇا هتي سڀ مردا رهن ٿا!"

خانم ڏاڍي حقارت مان چيو ۽ سندس گهرين ڪارين اکين مان شعلا ڀڙڪڻ لڳا. پوءِ هوءَ وڏيڪ ڪجهه چوڻ کان سواءِ منهن موڙي وراڻدي مان ٻاهر نڪري ويئي. (ص ١١٥)

هيءُ ڪتاب "ساريان سيني ڏينهن" هڪ نهايت دلچسپ ترجمو آهي جنهن جهڙا ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ اڳ گهٽ ڇپيا آهن. هڪ اهڙو ڪتاب جنهن کي کڻڻ کان پوءِ پڙهي پورو ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. هر پنڊ ۾، هر پيج تي هن ڪتاب ۾ اهي جملا ڏٺل آهن جيڪي نشتر جيان چڀن ٿا ۽ سماج جي سيني اندر ۽ پڙهندڙ جي ذهن کي سوچڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا.

هي ڪتاب ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيل آهي. بهترين ڇپائي، چار رنگي بهترين ٽائيٽل. بئڪ ٽائيٽل تي سنڌ جي مشهور دانشور محترم محمد ابراهيم جويي جو لطيف اياز پنهور بابت تعارف به پڙهڻ جهڙو آهي.

هن ڪتاب جي مترجم پنهنجي قلم مان جيڪو مدلل بحث ڪيو آهي اهو ويچار جوڳو آهي.

- رفيق جمالي

# "صوفي لا ڪوفي" جي پڌرائي

## ادبي خبرنامو

سنڌ جي وزير اعليٰ سيد عبدالله شاهه صاحب ٦-ڊسمبر ١٩٩٥ع تي، ڪتاب "صوفي لا ڪوفي" جي پڌرائي ڪئي، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ تازو شايع ڪيو آهي. علامه آءِ. آءِ. قاضي جو مشهور انگريزي ڪتاب "Casual peeps at Sophia" بورڊ ئي شايع ڪيو هو، جنهن جو سنڌي ترجمو جناب عبدالغفار سومري نهايت جامعيت ۽ محنت سان ڪيو آهي. ·

تقريب ۾ پهچڻ تي بورڊ جي چيئرمن سينيٽر حسين شاهه راشدي، وزير اعليٰ ۽ مهمانن جي آجيان ڪئي. جلسي ۾ اديبن ۽ شاعرن، دانشورن ۽ تعليمي خدمتگذارن، اعليٰ عملدارن ۽ صحافين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

مهمانن کي ڀليڪار ڏيندي مرحباني تقرير ۾ راشدي صاحب بورڊ جي علمي خدمتن جو مختصر تعارف ڏنو ۽ پنهنجي ترجيحات ۽ آئنده جي پروگرامن جو ذڪر ڪيو. "صوفي لا ڪوفي" لاءِ راشدي صاحب چيو ته فلسفي جهڙي عميق موضوع کي اسان جي سومري صاحب نهايت سليس ۽ عام فهم ٻوليءَ ۾ ڪامياب ترجمو ڪيو آهي. راشدي صاحب بورڊ جي مسئلن جي به اپٽار ڪئي، جنهن ۾ ملازمن جي رهائشي ڪالوني لاءِ پلاٽ جي منظوري، تعمير ۽ بورڊ جي سالانه گرانٽ وڌائڻ جي گهُر ڪيل هئي.

ان کان پوءِ وزير اعليٰ، ڪتاب جي پڌرائي ڪئي ۽ خطاب ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ پنهنجي آمد کي عزت افزائي قرار ڏنو. هن صاحب، جناب عبدالغفار سومري جي ڪيل محنت کي ساراهيندي کيس شاباس ڏني ۽ چيو ته سومرو صاحب هڪ ذميوار سرڪاري ملازم هوندي به وقت ڪڍي، شاندار علمي خدمت ڏني. سنڌ وارن تي ٿورو ڪيو آهي. هن صاحب افسوس ظاهر ڪيو ته ڪن سياسي ڦيرن سبب تاريخي ماڳن جا نالا تبديل ڪيا ويا آهن ۽ انهن کي اسلامي بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي، جا سني روايت ڪانه آهي. هن صاحب، هندو باغ نالي تاريخي شهر کي مسلم باغ قرار ڏيڻ جي حوالي سان ان کي "دانشورائي بدديانتي" ڪوٺيو. شاهه صاحب دلسوزي مان صلاح ڏني ته تاريخ کي مسخ ڪرڻ جي ڪوشش ترڪ ڪرڻ گهرجي، ڇو ته سچ ڪان منهن موڙڻ ڪا صحتمند روايت ڪانه آهي. ان ڏس ۾ هُن صاحب ليکڪن کي اپيل ڪئي ته اهي نئين نسل کي ٻڌائين ته سچ ڇا آهي؟

وزير اعليٰ، بورڊ جي گرانٽ وڌائي ڏيڍ ڪروڙ رپيا سالانه ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ ٻڌايو ته ايندڙ بجيٽ ۾ ان جي مستقل گنجائش رکي ويندي، جيئن بورڊ کي هر هر گهرڻ جي ضرورت نه پوي ۽ هي ادارو خود ڪفيل ٿي پنهنجن پيرن تي بيهي. هن صاحب ملازمن جي هائوسنگ سوسائٽيءَ لاءِ ويهن ايڪڙن جي پلاٽ تي رهائشي ڪالوني نهرائي ڏيڻ جو پڻ اعلان ڪندي چيو ته بورڊ ۽ ان جي ملازمن جي بهتري لاءِ سنڌ سرڪار ڪڏهن به پوئتي ڪانه پوندي. هن صاحب سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ کي به هدايت ڪئي ته پنهنجا ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پريس مان ڇپرائين، جيئن بورڊ جي مالي حالت مستحڪم ٿئي. هن صاحب، مرزا قليچ بيگ جي ڪتابن جي ڇپائيءَ لاءِ بورڊ کي ڏهه لک رپيا ڏيڻ جو به اعلان ڪيو.

ان کان اڳ "صوفي لا ڪوفي" جي مترجم جناب عبدالغفار سومري پنهنجي تقرير ۾ ٻڌايو ته هي ڪتاب فقط لفظي ترجمو ناهي، پر ان ۾ اصل ڪتاب جي تشريح ۽ سمجهاڻي به ڏنل آهي. ترجمي جي ضرورت جو پس منظر بيان ڪندي سومري صاحب ٻڌايو ته هن ڪتاب ۾ ڪي اهڙا ته سنجيده نوعيت جا حوالا آهن، جي بذات خود مڪمل موضوع آهن. هن صاحب ٻڌايو ته سنڌيءَ ۾ انهن اهم موضوعن تي مواد جي اڻاٺ هُجڻ ڪري هن مناسب ڄاتو ته سنڌ

وارن کي انهن جي ڄاڻ ڏجي. "..... جيتوڻيڪ اهو مواد انهن موضوعن جو مڪمل احاطو ڪونه ٿو ڪري ۽ نه وري ڪو اهو مقصد هو. بلڪ مقصد هيءُ هو ته انهن نون ۽ اڻ ڄاتل موضوعن تي بنيادي قسم جي معلومات مهيا ڪئي وڃي. جيئن پڙهندڙ جي آڏو ان جو پس منظر اچي وڃي ۽ منجهس ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو اتساهه پيدا ٿئي....."

سومري صاحب علامه آءِ. آءِ. قاضي صاحب جي فڪر ۽ پيغام تي تحسين پيش ڪندي چيو ته واقعي هُو هڪ عارف شخص هو. سومري صاحب گذارش ڪئي ته نون نون ادارن ناهڻ بجاءِ پُراڻن ادارن کي مالي طرح مضبوط ڪيو وڃي، جيئن قومي وجود جي تحفظ ۽ تشخص جي ضمانت بنجي سگهن. هن صاحب مختلف همعصر علمي ادارن جي حوالي سان انهن کي وڌيڪ فعال بنائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو.

ان موقعي تي سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جي چيئرمن ڊاڪٽر نبي بخش قاضي ۽ بيورو آف ڪريڪيولم جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر حبيب الله صديقي صاحب پڻ خطاب ڪيو. قاضي صاحب "ذڪر ۽ فڪر" جي فلسفي تي، قرآن حڪيم جي روشنيءَ ۾ عالمانه بحث ڪيو ۽ علامه قاضي صاحب جي علمي مرتبي جي مؤثر انداز ۾ اپٽار ڪئي. ڊاڪٽر صديقي "صوفي لا ڪوفي" تي فاضلانه تبصرو پيش ڪيو ۽ سومري صاحب کي ڪامياب ترجمي ڪرڻ تي مبارڪ ڏني.

سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري جناب مراد علي مرزا، وزير اعليٰ سنڌ ۽ آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا.

بورڊ جي ميمبر ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيي دل کي ڇُهندڙ انداز سان هن باوقار علمي تقريب جي ڪمپيئرنگ ڪئي. (اداره مهراڻ)



سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمن سينيٽر حسين شاهه راشدي سنڌ جي وزير اعليٰ سيد عبدالله شاهه جي آجيان ڪري رهيو آهي.




جناب سيد عبدالله شاهه، وزير اعليٰ سنڌ.




سينيٽر حسين شاهه راشدي، چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ.




جناب ڊاڪٽر نبي بخش قاضي، چيئرمن سنڌي لئنگويج اٿارٽي.




جناب عبدالغفار سومرو، ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن.




جناب حبيب الله صديقي، ڊائريڪٽر بيورو آف ڪريڪيولم



جناب مراد علي مرزا، سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ



جناب ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو، ميمبر، سنڌي ادبي بورڊ.



ساڄي کان: پروفيسر تنوير جوڻيجو، رضيہ قاسم، خديجہ انصاري، پروفيسر عزيزه چنا، پروفيسر ممتاز ڀٽو، پروفيسر سحر امداد، ڊاڪٽر شمس محسن عباسي.
پويان: محمود مغل، امداد حسيني ۽ ولي رام وليہ نمايان آهن.



ساجي ڪان: ڊاڪٽر نبي بخش قاضي، قاضي محمد اعظم، مرزا عاشق علي بيگ، حاجي محمد صديق شورو ايم. پي. اي، پير امجد حسين شاھ جيلاني صوبائي وزير، سيد محسن شاھ بخاري صوبائي وزير.



ساجي ڪان: ڊاڪٽر صاحب خان چنا، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، الاهي بخش قائمخاني مشير وزير اعليٰ سنڌ، حبيب الله صديقي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر نذير احمد سغل، پويان: شڪيل فاروقي، ڊاڪٽر الياس عشقي ۽ ٻيا

# ادبي خط

## محترم ايڊيٽر "مهراڻ"

سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب کي ڌارين اڳيان گروي رکڻ جي ڪوشش ڪا نئين ناهي، بلڪ صديون اڳ اها ڪوشش عربن، ايرانين، ارغونن وغيره پنهنجي ڪئي آهي؛ پر موجوده ڪمپيوٽرائيزڊ دؤر ۾ اها گهڻي ڪانه ٿي آهي، اجا پئي وڌي. موجوده سائنسي دؤر ۾ سنڌي تهذيب ۽ سنڌي سماج کي مختلف ازم ۽ ازمس ڏانهن ڌڪڻ جي فڪري قيادت چند فردن طرفان پئي ٿي آهي. ڌرتي ڌڻين پنهنجي صاف دليءَ سبب اهڙن فردن کي سمجهيو ئي ڪين آهي، جن سنڌ جي تاريخ، تهذيب، نسل، ثقافت ۽ سماج کي عربن، ايرانين، ڪابلين، قنڌارين، هندستانين ۽ يورپين اڳيان گروي ڪري، انهن عجمين جي مرهون منت پيش پئي ڪيو آهي. اهڙن محققن جي چنڊڇاڻ وقت جي سائنسي تقاضا ۽ تاريخ جي بي رحم ڌارا وقت گذرڻ سان اختلاف راءِ جي صورت ۾ ڪري رهي آهي.

تاريخ ۽ تحقيق ۾ اختلاف راءِ جو حق بنيادي حيثيت رکي ٿو. اهڙو ئي اختلافي حق اسان کي مهراڻ ٽماهي جي نمبر ۱۹۹۵/۲ع ۾ ڊاڪٽر محمد لائق زرداري جي ڇپيل مقالي "بلاول فقير زرداري" تي آهي، تنهن ڪري ان جي اختلافي نڪتن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ، ايندڙ وقت جي تاريخ جو رڪارڊ درست ڪرڻ برابر آهي.

(۱) فاضل مضمون نگار پنهنجي اصل موضوع کي ڊيگهه ڏيندي هڪ بزرگ جي سوانح حيات کي شجرن ڏانهن ڪٺي ويو آهي، جڏهن ته اهو هڪ جدا موضوع آهي، جنهن سان اهڙن الله لوڪ بزرگن جو ڪو تعلق ڪونهي.

(۲) مضمون نگار سنڌ ۾ چار مکيه قبيلا سڪونت پذير ڄاڻايا آهن، جن مان جَت ۽ سماٽ کي جدا ڪري پيش ڪيو اٿس. جيتوڻيڪ جت کي قبيلو نه پر اڳتي هلي هڪ ڌنڌو تسليم ڪري ٿو، ته ڪو به قبيلو اهو پيشو اختيار ڪري سگهي ٿو. باوجود سندس انهيءَ ڳالهه جي، هُو جَت لفظ کي بلوچن ڏانهن منسوب ڪري ٿو. جيڪڏهن ائين ئي صاحب موصوف کي ڪرڻو هو ته پوءِ ان کي جدا ڄاڻائي سنڌ ۾ چوٿين مکيه قبيلي جي واڌاري ڪرڻ جو ڪهڙو جواز هو: مکيه ٽي قبيلا ڪري ها، نه کي چار.

(۳) هاڻي اچون ٿا ته جَت لفظ بلوچ قبيلن تي دلالت ڪري ٿو يا سنڌي سماٽ قبيلن ڏانهن. جت ڪو جدا قبيلو ڪونهي، بلڪ اهو هڪ ڌنڌو ۽ اُل آهي، جيڪا اڪثر سنڌي سماٽ قبيلن ڏانهن منسوب ڪئي ويندي آهي ۽ خود اها اُل ۽ نالو بلوچن قديم سنڌين ڏانهن پنهنجي زبان ۽ مخصوص انداز بيان طور منسوب ڪئي آهي. ان لاءِ ڊاڪٽر داد محمد "خادم" بروهي پنهنجي ڪتاب "سبي جي ٻولي" ۾ لکي ٿو ته: "جيئن ته هن خطي جي جتن توڙي بين "سنڌي سماٽ" قبيلن کي جغدالي، جت، جاٽ، جٽ، جٽ يا ناڙيوال چيو وڃي ٿو، ان ڪري انهن جي ٻوليءَ کي به انهن جي نالن جي نسبت سان نالا ڏنا ويا آهن. اهو ئي سبب آهي جو هن علائقي جي سنڌي ٻوليءَ کي عرف عام ۾ جغدالي، جتڪي، جٽڪي يا ناڙيوالڪي ٻولي چيو وڃي ٿو." ("سبيءَ جي ٻولي" صفحه نمبر ۲۶.)

(۴) ٻئي هنڌ اجا به چٽائيءَ سان بيان ڪري ٿو ته بلوچستان جي اڪثر علائقن جا ماڻهو سنڌي ٻوليءَ کي جدگالي (جغدالي) چوندا آهن. بلوچ قبيلا سنڌي ڳالهائيندڙن کي مجموعي طرح جت/جٽ چوندا آهن. گال جو مطلب آهي ٻولي. جدگالي معنيٰ (جد/جت) جتن يا جٽن واري ٻولي. جٽڪي توڙي جدگالي، ٻنهي جو مطلب ساڳيو آهي. (صفحه ۲۷).

(۵) ان لاءِ سنڌ جو اسڪالر سائين سراج پنهنجي ڪالم "رتيءَ جي رهاڻ" ۾ چئي ٿو ته: "سنڌ جي تاريخ جي

# ڀٽ شاهه تي لطيفي مطالعي لاءِ تحقيقي مرڪز جو قيام

## [رٽا جي سربراهه جناب عبدالغفار سومرو، ڪمشنر حيدرآباد ۽ چيئرمين ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز طرفان تعاون جو سڏ]

سنڌ جي سداحيات شاعر، ولي ۽ عارف حضرت شاهه عبداللطيف جي عظمت کي اجارڻ ۽ سندس نيڪ ناليءَ کي ملڪي توڙي بين الاقوامي سطح تي ڀرپور انداز ۾ روشناس ڪرڻ لاءِ وزيراعظم محترمه بينظير ڀُٽو هڪ جامع رٿا منظور ڪئي آهي ۽ پڻ ان جي پهرئين مرحلي جي تڪميل لاءِ پنجاهه لک رپيا ڏنا آهن. هن وقت سنڌ جي گورنر جي نگرانيءَ هيٺ انهيءَ رٿا تي عمل ٿي رهيو آهي. حضرت شاهه صاحب جي آخري آرامگاهه ڀٽ شاهه کي صاف سٿرو بنائڻ، سنڌ جي ثقافتي هنرن ۽ صنعت کي فروغ ڏيڻ لاءِ هنرمندن ۽ ڪاريگرن جي سکيا لاءِ امتيازي ادارو (Centre of Excellence) قائم ڪرڻ، شاهه جي راڳ کي وڌائڻ ۽ قائم دائم رکڻ خاطر راڳي فقيرن لاءِ اعليٰ تربيتي مرڪز (Training Institute) قائم ڪرڻ، خاص طرح شاهه صاحب جي فڪر ۽ پيغام کي سمجهڻ ۽ ان کي ملڪي توڙي بين الاقوامي سطح تائين پهچائڻ لاءِ لطيفي مطالعي جو تحقيقي مرڪز (Research Centre) قائم ڪرڻ ان جامع رٿا ۾ شامل آهن.

گورنر سنڌ جي نگراني ۽ ڪمشنر حيدرآباد جي سربراهيءَ هيٺ لطيفي مطالعي جي تحقيقي مرڪز قائم ڪرڻ لاءِ ڀرپور بنيادي ڪم پورو ٿي چڪو آهي. جو درگاهه جي صحن سان لڳولڳ اتر طرف چاليهن لکن ۾ هڪ نمبل جڙيل وڏي عمارت خريد ڪئي وئي آهي ۽ هن سهڻي ڪشادي عمارت ۾ تحقيقي مرڪز قائم ڪرڻ لاءِ هينيان عملي قدم کنيا پيا وڃن. عمارت کي اندران سنوارڻ، سينگارڻ، تحقيقي شعبن لاءِ جدا جدا ڪمرا ۽ ڀاڱا مقرر ڪرڻ، گهربل فرنيچر ۽ سامان مهيا ڪرڻ ۽ خاص طرح شاهه صاحب جي فڪر ۽ پيغام تي تحقيق لاءِ بنيادي قسم جو مواد گڏ ڪرڻ ۽ ان ۾ شاهه صاحب جي زندگي بابت نوادرات (Relics) گڏ ڪرڻ پڻ شامل آهي.

اميد ته تحقيقي مرڪز جا گهڻا سڀ ڪم هلندڙ سال ١٩٩٥ جي آخر تائين مڪمل ٿي ويندا ۽ ١٩٩٦ ۾ شاهه صاحب جي ايندڙ عرس ۽ ميلي جي موقعي تي مرڪز جو افتتاح ٿيندو. البت انهيءَ مرڪز ۾ تحقيقي ڪم لاءِ گهربل مواد تڏهن گڏ ٿيندو جڏهن حضرت شاهه صاحب سان محبت رکندڙ سڀ سڄڻ دل کولي مدد ڪندا.

ان سلسلي ۾ هر اهو ڪتاب ۽ هر اهو پنو پرزو، جنهن ۾ شاهه صاحب بابت ڪو ذڪر هجي، سو گڏ ڪرڻو آهي. ان ۾ شاهه جا رسالا، شاهه صاحب بابت لکيل ڪتاب، رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيل مضمون، ريڊيو ۽ ٽي. وي تي ڪيل تقريرون، ادبي جلسن ۽ محفلن ۾ پڙهيل مقالا اچي وڃن ٿا. سڀني سڄڻن کي سڏ آهي ته ريسرچ سينٽر لاءِ اهڙي مواد گڏ ڪرڻ ۾ مدد ڪن.

(الف) اهي سڄڻ جيڪي ڪو رسالو ڪو ڪتاب يا ڪو ڪاغذ پرزو لطيفي مرڪز لاءِ هديه طور ڏيندا ته يادگار طور اُهو مواد سندن نالي سان رکيو ويندو.

(ب) جن اديبن ۽ عالمن جي پنهنجن ذاتي ڪتبخانن ۾ اهڙو مواد هوندو ته سندن تعاون ۽ اجازت سان ۽ پڻ سندن پنهنجي نظرداريءَ هيٺ، اهڙي مواد جا صاف سٺا فوٽو ڪڍائي، سندن ڪتبخانن جي حوالن سان اهي سنڀالي رکيا ويندا.

هن مرحلي تي خاص استدعا اها آهي ته ضروري رهنمائي ڪئي وڃي ته ڪهڙين جاين تي ۽ ڪهڙن صاحبن وٽ رسالا، ڪتاب يا ٻيو گهربل مواد موجود آهي. جو انهن سان رابطو قائم ڪيو وڃي. اهڙو اطلاع هيٺين ائڊريسن تي ڏنو وڃي.


نظر محمد لغاري
اسسٽنٽ ڪمشنر جنرل
شهباز بلڊنگ حيدرآباد سنڌ
فون نمبر: 780285-780422

در محمد ڪمال سولنگي
ڊائريڪٽر انفرميشن شهباز بلڊنگ حيدرآباد سنڌ
فون نمبر: 781635

# Shah Abdul Latif Research Centre Bhitshah

# شاهہ عبداللطيف تحقيقي مرڪز، ڀٽ شاهہ

مهرباني فرمائي هيٺ ڏنل ڪالم ڀريندا ۽ تفصيل سان ڄاڻ ڏيندا تہ جيئن خط و ڪتابت ۾ آساني ٿئي (ادارو)

منهن جي ڪتابي ذخيري ۾ / اسان جي قائم ڪيل لئبرري ۾ شاهہ عبداللطيف متعلق هيٺيون مواد موجود آهي .

١. ڪتاب :-

٢. رسالا وغيره :-

٣. اخباري ضميمہ :-

۴. منهن جو شايع ٿيل مقالو / شعر وغيره :-

۵. منهن جو اڻ شايع ٿيل مقالو / شعر وغيره :-

پنهنجي پوري ائڊريس

موڪليندڙ.

انچارج شاهہ لطيف ريسرچ سينٽر متصل ڪمشنر آفيس
شهباز بلڊنگ حيدرآباد سنڌ.

عارضي پتو:- شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي مطالعي جو تحقيقي مرڪز، متصل ڪمشنر آفيس، شهباز بلڊنگ حيدرآباد سنڌ

# ذميواريون نباهڻ لاءِ اڳتي اچڻو پوندو

سنڌ جو هڪ ٻيو ڏات ڌڻي موهن پڳت ٻه ڪجهه ڏينهن اڳ اسان کان وڇڙي ويو. اجان ڪجهه ڏينهن اڳ عيد واري ڏينهن تي اسان جي هڪ پياري شاعر واجد کي مٽي ماءُ جي حوالي ڪيو ويو هو. اجان اُن جي وڇوڙي جو ڏک ني گهٽ نه ٿيو هو ته وري موهن پڳت ڏورانهين ڏيهه راهي ٿي ويو. سمجهه ۾ نٿو اچي ته آخر ڪيستائين اسين پنهنجن ڏات ڌڻين جي موت تي ڳوڙها ڳاڙيندا رهنداسين. ڇا اسان ۾ اهتري سگهه به ناهي جو اسين پنهنجن ڏات ڌڻين جي زندگي بچائڻ لاءِ ڪجهه ڪري سگهون!" ؟ موهن پڳت سميت ٻين ڪيترن ئي ڏات ڌڻين جي موت جي ذميوار رڳو حڪومت يا ثقافت کاتو نه پر اسين سڀئي آهيون.ان سلسلي ۾ اسين پاڻ کي ذميوارين کان آجو نه ٿا ڪري سگهون. ٺيڪ آهي جيڪڏهن حڪومت يا ثقافت کاتي ڪجهه به نه ڪيو ته اسان ڪجهه ڇو نه ڪيو! اسين سڀئي گڏجي پنهنجن فنڪارن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ڪجهه ڪري سگهون ٿا. جيڪڏهن عمران خان ڪينسر هاسپيٽل لاءِ هيڏو وڏو فنڊ گڏ ڪري سگهي ٿو ته اسين پنهنجن فنڪارن لاءِ ڪجهه ڇو نٿا ڪري سگهون. آءٌ انهن هرگز ڪونه ٿو چوان ته اديبن، شاعرن ۽ فنڪارن جي سهائتا ڪرڻ حڪومت جي فرض ۾ شامل ڪونهي، پر جيڪڏهن حڪومت انهن فرضن جو پورائو نه ڪري ته اسين به ڪجهه نه ڪيون؟ زور رڳو مطالبن، اپيلن ۽ پريس رليزون شايع ڪرائڻ تي هجي. وري جڏهن ڪوئي اديب، شاعر يا فنڪار گذاري وڃي ته تعزيتي بيان شايع ڪرائيندا وتون! گهٽ ۾ گهٽ هاڻي ته اسان کي پنهنجا قدر بدلائڻ گهُرجن، هاڻي ته پنهنجن فرضن ۽ ذميوارين کي محسوس ڪرڻ گهرجي.

ڪجهه ڏينهن اڳ جڏهن سنڌ جي وڏي وزير سيد عبدالله شاهه واجد جو سرڪاري خرچ تي علاج ڪرائڻ جو اعلان ڪيو هو ته هن صاحب اها ڳالهه به ڪئي هئي ته سنڌي اديبن جو ڪوئي فورم پنهنجون تجويزون موڪلي ته جيئن ڏات ڌڻين جي سهائتا لاءِ مستقل بنيادن تي ڪي اُپاءَ وٺي سگهجن. يقينن وڏي وزير جي اها رٿ ساراهه جوڳي آهي، ان سلسلي ۾ ڪنهن به اديب ڪائي تجويز نه موڪلي ۽ نه ئي وري سنڌي ادبي سنگت اڳتي وڌي. سڀ کان اول ته سنڌي ادبي سنگت جو اهو فرض هو ته سينيئر ۽ نوجوان اديبن تي مشتمل ڪائي ڪاميٽي جوڙي ها، جيڪا نه صرف تجويزون ۽ سفارشون جوڙي ها، پر ان سلسلي ۾ وڏي وزير سان هڪڙي گڏجاڻي رکي ڪيس سنڌ جي ڏات ڌڻين جي مسئلن کان آگاهي ڏني ها. ان سلسلي ۾ نه رڳو سنڌي ادبي سنگت تي ذميواريون عائد ٿيون ٿين پر اسان مڙني باشعور ماڻهن، ليکڪن، دانشورن، صحافين توڙي سياستدانن تي به وڏيون ذميواريون آهن. ان سلسلي ۾ اسان مان ڪنهن پنهنجون ذميواريون‌نباهيون‌آهن؟ ڇا ڪنهن وٽ ڪوئي جواب آهي؟

سنڌ جي ڏات ڌڻين جي سهائتا لاءِ مستقل حل ڪڍڻ لاءِ مون هن کان اڳ به عرض ڪيو هو ۽ هينئر به اهو عرض وري دهرائي رهيو آهيان ته انهيءَ مقصد لاءِ سنڌ حڪومت کي گهرجي ته پنج ملين روپين جي رقم انڊوومينٽ اڪائونٽ ۾ رکي. ان رقم تي سال ۾ اٽڪل اٺ لک روپيه مارڪ اپ ملندو، جنهن مان ڏات ڌڻين جي مالي مدد يا سندن علاج وغيره تي خرچ ڪجي. انهن پئسا به محفوظ رهندا ۽ ڏات ڌڻين جي سهائتا جو مستقل بنيادن تي بندوبست به ٿي ويندو. منهنجي خيال ۾ اها تجويز تمام مناسب ۽ بهتر آهي.

اسا جا ڪيترائي پلوڙ ۽ پيارا ڏات ڌڻي اسان جي بي توجهي ۽ بي حسي جي ڪري اسان کان وڇڙي چُڪا آهن، گهٽ ۾ گهٽ هاڻي اسان کي اک پٽڻ گهرجي، جيئن آئينده اهڙو ڪوئي مثال نه دُهرائجي. جيڪڏهن ان سلسلي

۾ حڪومت اسان جي ڪائي مدد نہ ٿي ڪري تہ اسان کي پنھنجي طور تي ڪجھہ ڪرڻ گھرجي. ان سلسلي ۾ سنڌ جي نوجوان ڏات ڌڻين کي اڳتي اچڻ گھرجي. پنج ملين روپيا اسين بہ گڏ ڪري سگھون ٿا. انھن پئسن کي انڊوومينٽ اڪائونٽ ۾ جمع ڪرائي، ان جي مارڪ اپ مان ڏات ڌڻين جي مدد ڪري سگھون ٿا. ان سلسلي ۾ اسان ڪجھہ دوستن جي گڏيل رٿ يا تجويز آھي تہ ڪوئي اھڙو فورم ناھيون، جيڪو ان مقصد لاءِ ڪم ڪري. ان فورم يا ٽرسٽ جو بورڊ آف گورنرس بہ مقرر ٿئي جيڪو مڙني فيصلن توڙي ڪم لاءِ ذميوار ھجي. فنڊ گڏ ڪرڻ لاءِ مختلف قسم جا فنڪشن، ويرائٽي پروگرام ۽ ٻيو گھڻو ڪجھہ ڪري سگھجي ٿو.

اسان جا ڪيترائي اديب، شاعر، سياستدان، آفيسر توڙي ٻيا اھڙا سرنديءَ وارا ماڻھو بہ موجود آھن، جيڪي اُن مقصد لاءِ فنڊ ڏئي سگھن ٿا. اھڙيءَ طرح اسين پنھنجن گڏيل ڪوشش سان پنھنجن پيارن پيارن ۽ سھڻن ڏات ڌڻين کي بي وسيءَ جي موت مرڻ کان بچائي سگھون ٿا. ضرورت رڳو ان ڳالھہ جي آھي تہ اسين ڳالھيون ڪرڻ بجاءِ عملي طور تي ڪجھہ ڪريون. اھو سوچڻ ڇڏي ڏيون تہ ٻيو ڪوئي ڪجھہ ڪري يا ڪندو، پر اھو سوچڻ گھرجي تہ اھو اسان جو پنھنجو ڪم آھي ۽ اھو اسان کي ئي ڪرڻو آھي.

ڪجھہ وقت اڳ اسان جا ڪجھہ اديب وڏي وزير سيد عبدالله شاھہ سان مليا ھئا. ۽ ساڻس مختلف معاملن تي ڳالھيون ڪيون ھئائون. ان موقعي تي جيڪڏھن اديبن، شاعرن توڙي فنڪارن جي سھائتا لاءِ ڪوئي مستقل حل ڪڍيو وڃي ھا تہ بھتر ھو. منھنجو خيال آھي تہ جيڪڏھن مسئلي تي سنجيدگيءَ سان سوچيو وڃي ھا ۽ سنڌ حڪومت کي ڪائي اسڪيم يا پروگرام ناھي ڏنو وڃي ھا تہ مان نٿو سمجھان تہ سنڌ حڪومت اسان جي مدد نہ ڪري ھا. ھينئر بہ وقت ويو ناھي، ھينئر بہ ان مسئلي کي اڳتي وڌ ئي سگھجي ٿو. جيڪڏھن ڪجھہ مدد حڪومت ڪندي ۽ ڪجھہ اسين پاڻ پنھنجي مدد لاءِ اڳتي وڌنداسين تہ يقيني گھڻو ڪجھہ ڪري سگھنداسين. ھن سلسلي ۾ سچائيءَ جي تمام گھڻي ضرورت آھي. سچائيءَ سان اسان گھڻو ڪجھہ ڪري سگھون ٿا. اھا ڳالھہ تہ نئيڙي ڳالھہ آھي.

آءٌ سنڌ جي مڙني اديبن، شاعرن، دانشورن، سياستدانن توڙي باشعور ۽ پڙھيل لکيل ماڻھن کي اپيل ٿو ڪريان تہ ھن سلسلي ۾ اڳتي اچن ۽ پنھنجون ذميواريون نڀائيندي اسان جي مدد ڪن تہ جيئن انھي مسئلي کي مستقل بنيادن تي حل ڪري سگھجي. رڳو بيان جاري ڪرڻ ۽ ڳوڙھا ڳاڙڻ مان ڪجھہ بہ ورڻو ناھي. سنڌ جي ڏات ڌڻين جو اسان سيني تي قرض آھي. انھن جو قرض اسان نہ لاھينداسين تہ ٻيو ڪير لاھيندو. سنڌ جي ڏات ڌڻين جون شعور جي قملاءَ توڙي علم، ادب ۽ فن جي واڌاري لاءِ تمام وڏيون خدمتون آھن. اسين انھن خدمتن جي عيوض ڪجھہ بہ نہ ڏئي سگھيا آھيون، سواءِ ڪوڙن آسرن ۽ ھمدردين جي. اھا اسان جي وڏي ۾ وڏي بدقسمتي آھي جو اسان پنھنجن فنڪارن کي اُھا مڃتا ڏيڻ ۾ بہ ناڪام رھيا آھيون، جنھن جا ھو حقدار آھن. ۽ جھڙا فنڪار ۽ ڏات ڌڻي اسان وٽ آھن اھڙا ڏات ڌڻي ٻين قومن وٽ ھُجن تہ انھن جو وڏو قدر ۽ مڃتا ٿئي. پر اسين ان سلسلي ۾ ڏاڍا غريب ۽ بدنصيب آھيون.

ڏات ڌڻين جي سھائتا جي حوالي سان جتي آءٌ سنڌ جي مڙني باشعور ماڻھن کي پنھنجون ذميواريون نڀاھڻ جي اپيل ڪريان ٿو اتي اِھا نمائي گذارش بہ ڪندس تہ ھن سلسلي ۾ پنھنجون تجويزون ۽ صلاحون ڏياري موڪلين تہ جيئن انھن صلاحن ۽ تجويزن جي روشنيءَ ۾ ڪوئي بھتر پروگرام جوڙي ڪجھہ ڪري سگھجي.

- مرتضيٰ سيال

# مهربان لکندڙن لاءِ ڪجهہ گذارشون

(١) پنهنجون تخليقون موڪلڻ وقت "مهراڻ" جي معيار ۽ روايتن کي خيال ۾ رکڻ ڪيو ۽ اهو ڄاڻائڻ لازمي آهي تہ اهي اڻڇپيل آهن ۽ ڇپجڻ لاءِ ڪنهن اخبار يا رسالي کي نہ موڪليل آهن.

(٢) ترجمي جي صورت ۾، جنهن مواد ترجمو ڪيو وڃي، ان اصل جي صاف فوٽو ڪاپي ساڻ موڪلڻ بيحد ضروري آهي. ان طرح ضروري حوالا پڻ ڇنڊڇاڻ سان ڄاڻائڻ لازم آهن، جي آخر ۾ اچن.

(٣) مواد ۾ پيش ڪيل رايون، تجويزن، نتيجن ۽ علمي ۽ فڪري زاوين جي سموري ذميواري مانوارن ليکڪن جي هوندي. سندن راين کي "سنڌي ادبي بورڊ" جي راءِ نہ سمجهڻ ڪجي.

(٤) اهو ضروري ڪونهي تہ ڪوبہ مواد بروقت شايع ٿي وڃي يا ضرور ڇپجي. اشاعت جي باري ۾ ايڊيٽر جو فيصلو آخري سمجهيو ويندو. نہ ڇپجڻ جي حالت ۾، سبب ڄاڻائڻ لاءِ ايڊيٽر پابند نہ رهندو.

(٥) ايڊيٽر کي مواد ۾ درستين ۽ ڦيرڦار ڪرڻ جو اختيار آهي. البت ان ڳالهہ جو خيال رکيو ويندو تہ جيئن مواد جو اصل مفهوم قائم رهي.

(٦) فوٽو اسٽيٽ صورت ۾ مواد ڪنهن بہ صورت ۾ قبول ڪونہ ڪيو ويندو. ان طرح ڪاغذ جي ٻنهي پاسن تي لکت پسند ڪانہ ڪئي ويندي.

(٧) مواد، صاف سُٺن اکرن ۾، مس سان، فل اسڪيپ ڪاغذ تي لکيل هئڻ گهرجي. آخر ۾ پنهنجي ائڊريس ڄاڻائڻ نہ وسارجي، فون نمبر هجي تہ اهو بہ لکجي.

(٨) پنهنجي مواد جو نقل پاڻ وٽ ضرور رکڻ ڪيو. ادارو آيل مواد موٽائڻ لاءِ پابند نہ رهندو.

(٩) ٽڙ ٽڪڙ ۾ رَهيل موڪليل مواد جي ڪري هڪ طرف غلطين جو امڪان رهي ٿو تہ ٻئي طرف درستين لاءِ ڪافي وقت ڏيڻو پوي ٿو. جيتري قدر ٿي سگهي، اطمينان ڪجي تہ مواد آخري طرح صاف ۽ واضح، مڪمل ۽ صحيح آهي. -- ادارو

Quarterly Mehran (Regd. No. NS-20)

*Attention*

Habib Bank
**Account Holders**
**You can now draw cash**
**24 Hours a Day**
**365 Days of the Year**




Habib Bank has installed ATMs to provide round the clock Self Service Banking to more and more account holders.

ATMs are presently operating at Karachi, Lahore, Islamabad, Rawalpindi, Peshawar and Faisalabad.

Our ATM network will soon cover other important commercial centres throughout Pakistan.

**Contact your Branch Manager today for your ATM Card.**

A Tradition of Better Service

Habib Bank Limited

PID(I)